# مهراڻ

ABC
CERTIFIED

نمبر 3/ 2010ع



سنڌي ادبي بورڊ




پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

## رياست فطرت جي هڪ تخليق آهي

انهيءَ وقت کان جڏهن انسان زندگيءَ کي وڌيڪ وڻندڙ بڻائڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجون ڇُرون ڇڏي ٻاهر نڪتو، تڏهن کان هو پنهنجي همجنس سان مقابلي ۾ ئي رهيو آهي ۽ سيپئي ساٿين ئي قوتن جي اثر هيٺ تحريڪ ۾ آيا ۽ سيني ساٿين يا ملندڙ جلندڙ مقصدن لاءِ ڊوڙ ڊڪ پئي ڪئي آهي. تهذيب جي اوسر سان وجود جي بقا لاءِ جدوجهد جو وڌي ۾ وڌو اظهار ملڪن جي تعلقات ۾ ملي ٿو. ارسطو ان نتيجي تي پهتو ته ”اهو ظاهر آهي ته رياست فطرت جي هڪ تخليق آهي ۽ ماڻهو فطري طور تي سياسي جانور آهي ۽ هر اهو شخص جيڪو فطري طور ۽ نه فقط ڪنهن حادثي جي ڪري ڪنهن به ملڪ سان متعلق نه آهي هو يا ته انسانيت جي در جي کان مٿي آهي يا ان کان هيٺ.“ تمدن ۽ علوم جي واڌاري پٺيان اهائي انساني خواهش موجود آهي، جنهن جو اظهار رياست جي ذريعي ٿئي ٿو، تان ته اتي زندگيءَ کي هڪڙي گڏيل وحدت اندر وڌيڪ آسائتو ڪجي. مختلف گروهن ۾ پنهنجي فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي جهڳڙا پيدا ٿين ٿا، اهي تاريخ جا جزا آهن. اعليٰ شڪل ۾ منظم گروهه يعني قومي رياست نهايت ئي جابر آهي. ڇاڪاڻ جو اهي فرد جيڪي گڏجي اها رياست ٺاهين ٿا، انهن لاءِ اُها نهايت ئي تڪليفده آهي.

ذوالفقار علي ڀٽو

ذوالفقار علي ڀٽو
ڪراچي. نومبر 1967ع

ڪتاب. ناليءَ ماتر آزادي". ص- 7
ڇپائيندڙ. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. 1989ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 60 جولاءِ — سيپٽمبر 2010ع نمبر-3


سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

وزير بين الصوبائي تعاون، سنڌ

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران اعليٰ

**شيخ عزيز**

وائيس چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر

**طارق عالم ابڙو**

اسسٽنٽ ايڊيٽر

**دين محمد ڪلهوڙو**


## جادو لائي ويم جيءَ ۾.....!

(علامه قاسمي صاحب جون ڪجهه يادگيريون)



علامه غلام مصطفيٰ قاسمي


**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ


ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي



# ٽماهي مهراڻ

(Regd No. NS-20)

سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ.

The "**Mehran**", Quarterly
Vol: 60 , No 3/2010
(Established in 1955)

* An ageold leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan and abroad.

* Contemporary creative writings, history, civilization, education, music, folklore, archaeology, lexicography, General culture of Sindh and translations from world literature are the main topics of material usually published in this periodical.

* Published by *SINDHI ADABI BOARD* for the promotion of Sindhi literature with the financial assistance of *PAKISTAN ACADEMY OF LETTERS* Islamabad.

• Publication contact:
Editor, Mehran Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro
Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
022-9213425
Fax: 022-9213422
(E.mail: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com
www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tialk Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ
ساليانو چندو: ٽي سؤ روپيا    فون نمبر: 2633679.    في پرچو: پنجهتر روپيا

Printed and Published by Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh, Pakistan.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

كُوڙ جي منهن ۾ ڏوڙ پوٽي آ،
سچ سوريءَ تي پڻ چوڻ گهُرجي.
(مخدوم جميل الزمان "جميل")



# مخدوم جميل الزمان

منهنجو خاندان اٽڪل نون سؤ سالن کان سنڌ ۾ رهي ٿو، اسان جي مادري ٻولي سنڌي آهي. آءٌ سنڌ جي قديم باشندي هئڻ جي ناتي سان اها خواهش ٿو رکان ته سنڌي زبان جي عزت ۽ شان ۾ روزانو واڌارو ٿئي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻوليءَ جو درجو ملي. انهيءَ سان دنيا ۾ پاڪستان جي عزت وڌندي ڇو ته ملڪ ۾ ڳالهائجندڙ علائقائي ٻولين مان سنڌي اها واحد ٻولي آهي جيڪا رسول الله ﷺ جن جي مجلس ۾ ڳالهائي وئي

چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جامشورو
وزير بين الصوبائي رابطه

گذارش

# درياهہ توتي دانهن......

ڪي ورهيہ ٿيا جو ’شينهن درياهہ‘ ڪي وقت جي حاڪمن، پنهنجي حرفتن سان ڏاوڻ وجهي، سندس وجود ۾ هميشہ موجزن سرمستيءَ ڪي نبل بڻائي ڇڏيو، ۽ سموري سنڌ جي پُلين هيٺان پاٽي گهٽ ۽ واريءَ جي وهڪرن وڏيڪ وهي، هر ٻني، باغ، ساوڪ ۽ سرسبزي ڪي ساڙي ويران ڪري ڇڏيو.

پر آگسٽ جي ڏينهن ۾، خلقيندڙ جي من ۾ خبر ناهي ڇا سمائي، جو هر طرف بادِ باران شروع ٿي وئي ۽ انساني حرفت خدا جي مرضيءَ آڏو بي وس ٿي پئي. سنڌو درياهہ پنهنجي ماضيءَ جا سمورا جوش ۽ جولان ڪٺي جواٿليو تہ حاڪمن جي حرفتن جا رسا سندن هٿن مان ائين ڪسڪي ويا، جيئن هزارين فوٽ اونچي پهاڙ جي چوٽيءَ تي بيٺل بادشاهہ جو پير، ٿڙڪي وڃي ۽ هو هوائن ۾ بولاٽيون کائي هيٺاهين ڏي ڪرڻ لڳي، ۽ درياهہ بادشاهہ ڪنهن فيل مست وانگي پهاڙن ڪي پاسا هٽندو، پنهنجي آڏو ايندڙ هر شيءِ ڪي ڪک پن ڪري ڌوڪيندو رهيو. وهڪرا ڏينهون ڏينهن زور ٿيندا رهيا، لڪين ماروئڙا لهرن جي لپيٽ ۾ اچي بي گهر ٿي ويا، سوين ٻار، ٻڍا ۽ جوان پنهنجا ساهہ پلي مالڪ در پهچي ويا. غريب مالوندن جو مال، لهرن جو ازدها ڳڙڪائي ويو، سموري سنڌ ڏاهڳڻ جي اجاڙ سينڌ بڻجي وئي، ملڪ جي اليڪٽرانڪ ميڊيا، هنياوَ ڦاڙ منظر ڏيکاريندي رهي، سڄي سنڌ مرثيو ٿي پئي. مارو ماڻهن پنهنجن اجهن ۽ آکيرن ڪي پنهنجين اکين آڏو لس ليٽ ٿيندي ڏٺو، ۽ مائرون، بندن جي ڪنارن سان اپين ڪٽن جي ڇانوَ ۾ پنهنجن گلابن جهڙن ٻچڙن ڪي تتهڻ اُس کان بچائڻ جي جستجو ۾ ڪوشان رهيون، ڇا جوان، ڇا ٻار، ۽ ڇا ٻُڍا... ڪيمپن ۾ موذي مرضن وگهي مرندا رهيا...

چوندا آهن تہ بُکَ ٻچڙو ٽول داناء ديوانا ڪري، سو هڪڙي روح روڙيندڙ سانحي، هٽي مسڪين ماروئڙن جي سوچ جا سڀ در بند ڪري ڇڏيا هئا، مٿان بُک جي بي دردي! ڳالهہ فقط پنهنجي ذات تائين محدود هجي تہ ڪٿي بُکَ جا ڪانَ سهي وڃجن، پر مسئلو جڏهن ٻچڙن جو هجي تہ انسان تہ انسان، هر جاندار مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. سو اُنَ انتهائي توائي دور ۾ ڪئمپن ۾ غير يقيني زندگي گهاريندڙ مارو، جن ڪڏهن ڪنهن اڳيان هٿ نہ ٽنگيو، سي پنهنجو صبر وڃائي امدادي گاڏين تي حملا ڪرڻ لڳا، جنهن جا نتيجا پڻ اُگرا نڪتا، ۽ ڪيترائي جوان ۽ ٻڍا پنهنجون حياتيون وڃائي ويٺا. ان جيءَ جهوريندڙ گهڙين ۾ سنڌ جي سجاڳ ضمير اديبن انهيءَ سيلابي تاريخ ڪي، پنهنجي دل ۾ قلم ٻوڙي رقم ڪيو. جيڪو خود سنڌي ادب جو هڪ نہ وسرندڙ باب آهي.

چوندا آهن، وقت سڀ کان وڏي مرهم آهي، سو- وقت هو، ڏکيو سکيو گذري ويو. هوريان هوريان هر ساسي پاڻ تي گذري ويل ڪي ڪو ڀيانڪ خواب سمجهي، پنهنجي پنهنجي اجهي ڏانهن ورڻ لڳو آهي تعمير جي نئين جذبي سان. روڊن رستن جي ڪنارن ۽ ميدانن تي لڳل خيما ويڙهجي رهيا آهن.

ان موقعي تي اسان سنڌ جي سمورن قلم ڌڻين طرفان اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي حڪومت ڪي هٽ ادب جا ٻڌي گذارش ٿا ڪريون تہ: خدارا! هي سنڌ جا شهر، جيڪي درياهہ شاهہ لوڙهي ويو، ۽ ان سان گڏ سنڌ جي هر ننڍي، وڏي وسنديءَ ڪي، نہ فقط سمورين بنيادي سهوليتن سميت ٻيهر جوڙي حقدارن جي حوالي ڪيو وڃي، پر ان سان گڏ سندن مالي سهائتا بہ ڪئي وڃي ۽ سندن ٿيل نقصان جا صحيح تفصيل وٺي ڪين هر طرح جي مدد ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏجي، تہ جيئن چڪيل چاڪ پرجي سگهن، زخمي روحن ڪي ڪا آٿت نصيب ٿئي.

## لَکَ لَکَ واڌايون

هر سال جيئن هن سال بہ 14- آگسٽ تي اسلامي جمهوريہ پاڪستان طرفان پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مهارت ۽ نانءُ رکندڙ ملڪ جي نامور شخصيتن ڪي تمغن ۽ ايوارڊن ڏيڻ جو اعلان ٿيو، ادب ۾ جن نامور اديبن ڪي سندن قلمي پورهئي جي صلي ۾ تمغا ڏنا ويا، انهن ۾:






**جناب سراج الحق ميمڻ** (ستاره امتياز)، **جناب عبدالغفار سومرو** (ستاره امتياز)، **جناب الطاف شيخ** (تمغہ امتياز) **جناب ادل سومرو** (تمغہ امتياز)

جا نالا سرفهرست آهن. سنڌي ادبي بورڊ، خاص طور تي ادارو ’مهراڻ‘ پنهنجي قابلِ احترام اديبن ڪي سندن ڪارڪردگيءَ جي صلي ۾ ملندڙ تمغن تي نہ فقط مبارڪ باد پيش ڪري ٿو، پر ان سان گڏوگڏ بجا طور تي فخر محسوس ڪري ٿو.

# هوندا سي حيات



**حليم بروهي**

ولادت — 5- آگسٽ 1935ع

وفات — 28 — جولاءِ 2010ع



**احمد خان مدهوش**

ولادت — 05- اپريل 1931ع

وفات — 26 — جون 2010ع



**حامد علي خانائي**

ولادت 6- جنوري 1934ع

وفات — 15- مارچ 2010ع

سَرتن سانگَ سُکن جو، منکي رويو رهائين؛
آءٌ تي هلان هوت ڏي، هو تيون واريو وهارين؛

سيد علي ثاني

# وڪرسو وهاءُ

# سيد علي ثاني

سيد علي ثاني جيد عالم، اديب ۽ وڏو اهل دل بزرگ هو. ارغون ۽ ترخاني دور ۾ نہ فقط عوام سندس معتقد هو، بلڪ حڪمران طبقو بہ ساڻس اخلاص ۽ محبت رکندو هو. مرزا شاهہ حسن ارغون جو 962هہ ۾ انتقال ٿيو: ڪجهہ وقت لاءِ سندس لاش ٺٽي ۾ امانت طور رکي، پوءِ سيد صاحب ان ـي مڪي معظمه ڪٽي ويو، جتي شاهہ بيگ واري مقبري ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو. مرزا باقي بي انتها ظالم ۽ مخبوط الحواس حاڪم هو: هن پاڻ ڪي ۽ پنهنجي شخصي حڪومت ڪي قائم رکڻ لاءِ انتهائي مظالم ڪيا، پنهنجي خاندان جي گهڻو ڪري سڀني افرادن کي ڪهائي ڇڏيو: ڪن سان ابتدا ۾ هن مڪاري ڪري صلح ڪيو ۽ آخر ۾ انهن کي ڏوکو ڏيئي، شهيد ڪرائي ڇڏيو: مرزا عيسيٰ اول جي پٽ يعني پنهنجي ياءُ جان بابا ۽ ٻئي هڪ امير، يادگار مسڪين مرزا سان ابتدا ۾ سيد عليءَ جي ذريعي مصحف شريف وچ ۾ وجهي هن صلح ڪيو: جڏهن هنن اچڻ وڃڻ شروع ڪيو، تڏهن اوچتو هڪ ڏينهن پاڻ وٽ گهرائي، ڪين پنهنجي ٻن جلادن، هوتي ۽ نوتي، جي ذريعي قتل ڪرائي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح سيد علي ثانيءَ کي ان دور ۾ درويشيءَ ۽ بزرگيءَ سبب وڏي اهميت حاصل هئي. ملڪي خواهہ مذهبي معاملن ۾ هميشہ ڏانهس رجوع ڪيو ويندو هو.

سيد علي فارسي، عربي ۽ سنڌي زبان جو عالم ۽ وڏو اديب هو، سنڌي شعر بہ چوندو هو. سندس هڪ ڏوهيڙو "معارف الانوار" جي مصنف پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو آهي:

سَرتن سانگُ سُکن جو، منکي رويو رهائين؛
آءٌ تي هلان هوت ڏي، هو ٿيون واريو وِهارين؛
وريتيون وَرَن سين، وينيون گهر گهارين؛
گُهندا ٿيون ڪارين، ڪانہ هلندي هوت ڏي.

مٿئين ڏوهيڙي کي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ وڏي اهميت آهي. قاضي قاضن جي ئي دور جو اهو ڏوهيڙو آهي. هن وقت تائين، ارغوني دور ۾، اسان کي فقط قاضي قاضن جا ستَ ڏوهيڙا مليا هئا، ليڪن مٿئين شعر ۽ نثر جي ٽڪري مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ دور ۾ قاضي صاحب مرحوم کان سواءِ ٻيا بہ سنڌيءَ جا شاعر هئا.

**- پير حسام الدين راشدي**

ٽماهي "مهراڻ" 1956/4ع



# مولوي حاجي احمد ملاح

[ولادت:11- فيبروري 1877ع، وفات: 19- جولاءِ 1969ع]

## ڪلام

دم ڪو آهيون، خواب آهي يا خيال،
هي بزرگيون بادشاهيون خواب آهي يا خيال.

خاڪ ٿيندا خاڪ ۾ خاقان توڙي خان سڀ،
هي خوشيون هي خانگاهيون خواب آهي يا خيال.

هي حڪم هي حڪمتون هي حرف توڙي حرفتون،
شغل شاديون شوق شاهيون خواب آهي يا خيال.

هي سڳا ۽ سڳر ۽ هي صاحبيون ۽ صحبتون،
هي صبوحيون هي صراحيون خواب آهي يا خيال.

آهي احمد چئي، امن جو آسرو الله وٽ،
ٻيا پنارا ۽ پناهيون، خواب آهي يا خيال.



# محمد صديق "مسافر"

[ولادت: 1- اپريل 1879 ع، وفات: 24- سيپٽمبر 1961 ع]

## ڪلام

اها هستي ڦٽي ڪر آٽي دل تي تون عدم پنهنجو،
هوا بازي هوس ۾ ڪيم ڪر برباد دم پنهنجو.

اٿئي در خاڪ سان هر دم ٽيئن آتش فشان چالءِ،
قدم پاسي نظر ڪان ڪيم ڪر تون ڪنهن بہ دم پنهنجو.

پلي ڪن يا وه گوئي يا وه گوڏين گوش چو تن ڪي،
عمل مَراد ڪراما آه اعليٰ ۽ اتم پنهنجو.

مسافر ماٺ موچاريءَ سندا اسلح اٿئي سهڻا،
عدون لءِ تکي تلوار ڪافي ٿيو قلم پنهنجو.

◘



# ڪشنچند ”بيوس“

[جنم: 25- فيبروري 1885 ع، ديهانت: 23- سيپٽمبر 1947 ع]

## ڪلام

آسماني اَڄ سان اڄ گُل ٽِڙيا گُلزار ۾، — بُوند باراني وسي، پر مغز ٿئي هُبڪار ۾.
اڄ مڙي، بادل ڪِڙي آيا، ٽِڙي ٽانگر بہ خوب، — رعد رڙڪا، گوڙ گڙڪا خوب ڪڙڪا ٿو ڪري،
پڻ چڙي، ٽاري ٽِڙي گهر ۾ گهڙي ٽڏڪار ۾. — پڻ تنبورا، ساز سُرندا، سارنگين جي تار ۾.
مينهن جي مانداڻ ڪان، سارا چمن چانداڻ ٿيا، — ڦوهہ ۾ گُل ڦل ڦُٽي پيڙا ڪُلي هر ٽار ۾.
پي پَپيهو خوبُ پاڙِي، ڏوَ منجهان ڏاپيو گهمي، — بُلبلون چيها، چَتون آهن لڳا للڪار ۾.
روح کي راحت رسي، اڄ تازگي چوڏس ڏسي، — هير دل کي هر گهڙيءَ خوش ٿي ڪري خنڪار ۾.
هِيج مان هارين جي دل ۾ آهہ ”بيوس“ آسرو، — هنج پري ٻيجن ٻجن جا، ويا ٻَنيءَ ۾ ٻار ۾.

⊡



# رئيس ضياالدين ”ضيا“ بلبل

[ولادت: 15- ڊسمبر 1910ع، وفات: 14- سيپٽمبر 1966ع]

## ڪلام

حرص و هوس جي واءُ نہ دل جي وساءِ شمع،
ڪاري آ ڪاڪ ڀر نہ گذارو سواءِ شمع.

ساقي تي مي سبُو تي نظر هُئي سين جي پر،
پرواني ٿي ڏٺو نہ ٻيو ڪجھ سواءِ شمع.

وڃڻدي وجي ٿي رات، تہ ٻڏندي وجي ٿي دل،
آيو نہ شمع رُو تہ مگر تون نپاءِ شمع.

تو ڪان ”ضيا“ ملي هي زماني کي روشني،
رهندو جگر جو داغ ٿي روشن بجاءِ شمع.



# مولانا غلام محمد "گرامي"

[ولادت: 30- ڊسمبر 1920ع، وفات: 15- سيپٽمبر 1976ع]

## ڪلام

آهه ڪٿ اهلِ نظر، ذوقِ نظر، حسنِ نظر،
جو ڪري شعبده حسنِ گريزان تي نظر.

آهي ڪعبي ۽ ڪلسا ڏي يڪي راهِ گذر،
تو ۾ اي اهلِ نظر، خام ٿيو اندازِ نظر.

تنهنجي هر نيم نظر تي ڪري دل روشن تر،
ڪٿي محروم نظر، هي ڏس اندازِ نظر.

ڪڻ قدم سوچي ۽ سمجهي، اي خداوند خيال،
ايندو هر نڪتہِ موهوم بہ اندازِ نظر.



# رشيد احمد لاشاري

[ولادت: 18- اپريل 1922ع، وفات: 19- سيپٽمبر 1970ع]

## ڪلام

عشق ڪي اختيار ڇو نہ ڪجي،
آ سبب ڪهڙو دوستو نہ ڪجي.

حسن فاني ڪي جي بقا گهرجي،
سلسلو عشق جو ڏرو نہ ڪجي.

درد پنهنجو ٿو، پنهنجو ئي. ڄاڻي،
دوست! دلبر کو اوپرو نہ ڪجي.

شمع وانگر ٻري وسامي ٿي،
زندگي تي ڪو ڀروسو نہ ڪجي.

آهہ تنهنجو ڀلو انهيءَ ۾ ”رشيد“
ڪنهن جي حق ۾ ڪڏهن برو نہ ڪجي.

◙



# عرفان مهدي

[ولادت: 31- جولاءِ 1966ع، وفات: 4- آگسٽ 1991ع]

## ڪلام

هو جي مون سان ملندو ڪونہ،
پوءِ بہ وسري سگهندو ڪونہ.

هن لاءِ جيڪر مري وڃان تہ بہ،
پڪ اٿم هو رئندو ڪونہ.

ڪين نهي ٿو مون سان ليڪن،
بئي سان ڏسندو سهندو ڪونہ.

شام سمي مون ڏانهن اچي جي،
سورج مون لاءِ لهندو ڪونہ.

قاتل منهنجي ڊائري ڪي هو،
هاڻي ڪولي پڙهندو ڪونہ.

هن جون يادون جيون شڪتي،
"عرفي" هاڻي مرندو ڪونہ.



# يوڏتي شاعري

P-47581
1.12.10



**طبقاتي نظام جان، درياهہ جو دستور،**

**ٻوڙي ٿو مزدور، ڳڙڪائي ٿو جھوپڙيون.**

**(ا.س)**

## ادل سومرو

# سکر جو سُڌڪو، پهتو ڪاري ڇانوَ ۾

(بيت)



لٽا درياهه شاهه جا، هر هنڌ جلَ- جٿا،
نئين درد- ڪٿا، شاعرن لکي سنڌ جي.

پاڻيءَ ٻوڙي آ ڇڏي، پُونجي ۽ ميڙي،
اڪيلي ٻيڙي، ماڻهن کي ڳولي پئي.

ٻُڏي ويل ڳوٺ سان، ڪيئي خواب ٻُڏا،
ٿي وئي ڪا وڌوا، ڪنهن کان پريتم دور ٿيو.

آيو اُن جي آجيان لئہ، مندر مان ڀڳوان،
سنڌو ٿيو مهمان، آهي ساڌوءَ ٻيلي ۾.

ڪچن ٿانون سان ٻڌو، پوڙهو ڪالهه ڪنيار،
ڪارو ڪارونيار، ڇانئيو هُن جي ڪُرم تي.

ٻڏي ويل وڻ تي، پکي ويٺا ها،
اُنهن جا ٻچا، آکيري ۾ ننڊ هئا.

ڳوڙها پنبڙين ۾ هئا، ڏنڌلو پسمنظر،
دري نہ ڪوئي در، سارو گهر ٻڏي ويو.

لاکن جي دڙي جيان، منهنجي بستي ٿي،
هر شيءِ وئي اُجڙي، ٺِڪر، پتر ئي بچيا.

طبقاتي نظام جان، درياهه جو دستور،
ٻوڙي ٿو مزدور، ڳرڪائي ٿو جهوپڙيون.

ڦاٽل چادر سان، ڌرتيءَ تي ويهي،
پورن ۾ پيهي، پوڙهيءَ درد ڳٽيا پئي.



تاري ٿو سنڌو ۾، ڪڏهن ٿو ٻوڙي،
جوڙي ۽ ٽوڙي، آهي جو محبوب هو.

□

درياهه ڪان ڊرتيءَ ڪي، مليل ڏسي گهاءَ،
پنهنجا مون سوداءَ، پاسي تي رکي ڇڏيا.

□

ڏسي ماڻهو ڪئمپ ۾، روئي ٿو رمضان[1]،
بي وسو اِنسان، ٿيو آ پنهنجي ديس ۾.

□

ڳوٺ مٿان ڪاپٽر[2] ڪي، ڏسي ٻوڙيا ٻار،
امداد آڌار، ٻہ ٽي ڪِريون ڳوٿريون.

□

ڪالهه منهنجي پاڻيءَ جو، روڪيو جنهن رستو،
اُنهيءَ جو لهجو، اڄ نماڻو ٿو لڳي.

□

رانديون ڪڏڻ گهٽيءَ ۾، اڄن ٻار ڪٿان،
ٻڏل ڳوٺ مٿان، چنڊُ ڏڪارو ٿو لڳي.

□

ماڻهن جا ڳوڙها ۽ سنڌوءَ جو پاڻي،
نئين آڪاڻي، لکجي پئي اتهاس ۾.

□

امدادي ڪئمپ ۾، ڏسي گهر ڀاتي،
خنجر ۽ ڇاتي، ٻئي ملي ويا پاڻ ۾.

□

بکر ۾ بيهي گهري، بيدل[3] ڪالهه دعا،
هن سان گڏ هئا، ٻوڏ ستايل ٻارڙا.

□

سيني ديس ڏٽين جو، ساڳيو آ اُلڪو،
سکر جو سڏڪو، پهتو ڪاري چاڻ ۾

(1) رمضان شريف

(2) هيلي ڪاپٽر

(3) بيدل مسرور

سکر جو سڏکو، پهتو ڪاري چاڙهه ۾.

❑

سُڏڪن سان سحري ڪئي، ڳوڙهن سان افطار،
روئندا ڏسي ٻار، رمضان ٻي روئي ڏنو.

❑

امدادي ڪئمپ ۾، آئو ڏئي وزير،
پوڙهيءَ سان تصوير، ڇپرائي اخبار ۾.

❑

ڪسجي ويا اوچتو، ڌرتيءَ اُجالا،
وسريا جمالا، سکر واريءَ پُل جا.

❑

مٽيءَ جي انسان جو، ڪيئہ ڪونہ خيال،
ڌرتيءَ جو جمالُ، اچي اُجاڙيئہ اوچتو.

❑

ڪارو ڪامڻ، گيسٽرو، بيماريون ڪيئي،
ٻوڏ وئي ڏيئي، ڌرتيءَ جي انسان کي.

❑

ڏڪيو سڪيو ڏيهہ مان، گذري ويندو ڏؤر،
ڪونہ ٿيندا ڪمزور، ماڻهو منهنجي ديس جا.





# ادل سومرو

## غزل



ڏور کان ڏسندي رهي هڪ جهوپڙي سيلاب ۾،
موت سان وڙهندي ڏٺي مون زندگي سيلاب ۾.

ٻارڙيءَ جو ڪو پتو ناهي ته هوءَ ڪاڏي وئي،
هيڪلي ترندي رهي هُن جي گُڏي سيلاب ۾.

جنم ڏينهن تي تو، ڏني جا پيار مان مون کي هئي،
دل منهنجي سان گڏ ٻُڏي سا سوکڙي سيلاب ۾.

هڪڙي ٻيڙي ٻار ۽ ٻُڍڙا کڻي ويئي پئي،
روئندو تن کي ڏسن ٿا ڪي پکي سيلاب ۾.

ديس کان وڌ ڪاٻه مون لئه دلبري ناهي رهي،
مرڪ سان گڏ وئي لڙهي آ هر خوشي سيلاب ۾.

آسرن جا چانورا پي دور ٿيندا پئي ويا،
درد ۾ وهنتل هئي جڻ هر گهڙي سيلاب ۾.

هر ڏکيءَ جو ٿي پئي آواز آهي جڻ اُها،
دانهن ٿي منهنجي ڪري پئي شاعري سيلاب ۾.

هي سدائين حالتون رهنديون نه اي منهنجا پرين!
ترندي ٻيهر جي ٻڏي وئي عاشقي سيلاب ۾.

# ادل سومرو



## ترائيل

ننڍ جي شهر ۾ رُليا ٿي ماڻهو،
ڳوٺ، درياهہ جنهن سمي ٻوڙيو هو،
واءُ وانگر ڇڙ تہ گهليا ٿي ماڻهو،
ننڍ جي شهر ۾ رُليا ٿي ماڻهو.

گهر جا رستا بہ ٿي ڀُليا ماڻهو،
ساهہ، زندگيءَ ڏانهن ڊوڙيو هو،
ننڍ جي شهر ۾ رُليا ٿي ماڻهو،
ڳوٺ، درياهہ جنهن سمي ٻوڙيو هو.

## ترائيل

حوصلو ٻڏو تہ هار ٿي ويندي،
گهر ٻڏو تہ ٻيهر ٺاهي وٺبو،
واٽ هرڪا ترار ٿي ويندي،
حوصلو ٻڏو تہ هار ٿي ويندي.

ديد دلدار جي ميار ٿي ويندي،
قرض هوندو تہ وري لاهي وٺبو،
حوصلو ٻڏو تہ هار ٿي ويندي،
گهر ٻڏو تہ ٻيهر ٺاهي وٺبو.

## ترائيل

در در تي درياهہ آ پهتو،
اخبارن ۾ بيان ٿا ڇپجن،
ماڻهن مٿ ۾ ساهہ آ پهتو،
در در تي درياهہ آ پهتو.

هر هنڌ تي الله آ پهتو،
پاڻيءَ سان ڳوڙها ٿا گڏجن،
در در تي درياهہ آ پهتو،
اخبارن ۾ بيان ٿا ڇپجن.

# اياز گُل

## دردَ ـ ڪَٿا

سنڌُ جي سُهڻي بَدن تان
سُکَ واري،
پَرت پريلَ قميصَ
لاهي وئي،
ٻوڏ آئي
۽ خوابَ ڊاهي وئي!!

◙

## مؤلا! پنهنجا پاڻ سنڀال



سنڌ ۾ هي روپُ ڇڻ آهي، اکين ۾ وَحشتُن وانگي
اَڙي سِنڌو! اسان سان ڪَر چڱائي دوستن وانگي

❑

سڄي سنڌُ شاد، رڪُ آباد، ڦِٽل ڪو ڀاڱُ ڇو ٿو ٿئين!؟
مِٺا مهراڻَ! تي محبوبُ، دِلين جو داڳُ ڇو ٿو ٿئين!؟

❑

هيڏو هي ايذاءُ اکيُن ۾، مسڪينُن جو ڪهڙو حال؟
تو جيان تن ڪي ڪيرُ سنڀالي، مؤلا! پنهنجا پاڻَ سنڀال.

❑

جيونَ — ريڪائون ڊاهيندو، وڏي پيو درياهه
سنڌ ۾ ڪي ساڃَهه ڏي تون، هِيڻُن جا الله!

◙

# اياز گُل

## حوصلو زندگي حوصلو



ڪيترو پيو ڪٽي جي هجي مسئلو
نيٺ ٿيندو ختم هي ڏُکيو مرحلو
حوصلو زندگي حوصلو!

ڪوئي ناهي سهارو ته ڇا ٿي پيو؟
هُوئي ساٿي، سڄڻ، رَبُ ئي پَرجهلو
حوصلو زندگي حوصلو!

مان مڃان ٿو وئينءَ تون گهڻو وِڪرجي
پوءِ پيو رُڪٿو ته ناهي پلا قافلو؟
حوصلو زندگي حوصلو!

دردُ مهمان بيشڪ ٿيو ديسَ ۾
ڪيس پنهنجو ڪٽي ڪو ڏِيو حوصلو؟
حوصلو زندگي حوصلو!

ڪيس ساگرَ جا زنجيرَ پوندا ضرور
ڪيترو پيو هي درياهه هجي دادلو
حوصلو زندگي حوصلو!!
حوصلو زندگي حوصلو!!



روبينه ابڙو

# منهنجو ڳوٺ هولوڪو

"لاڙڪاڻي" کان اڳتي....
"ڳيريلي" کان پي پُنتي...
"باقراڻي" جي پَرِ ۾.....

منهنجو ڳوٺ هولوڪو

ڳوٺ ۾ گهر پي هيو.........
گهرَ ۾ آڳر پي هيو..........
ڪاٺ جو دَر پي هُيو.....

هاءِ لوڪو.....

"نئين ديري" کان اڳتي....
"ڏوڪريءَ" کان پي پنتي....
۽ "بادِهه" جي پَرِ ۾........

منهنجو ڳوٺ هولوڪو

ڳوٺ ۾ ڏڻ پي هيو......
۽ پپل جو وَڻ پي هيو.....
ڏڏ، مَڪڻ پي هيو.....

هاءِ لوڪو

"خيرپور" کان اڳتي.......
۽ "سکر" کان پي پنتي....
"روهڙي" جي پَرِ ۾.......

منهنجو ڳوٺ هولوڪو

ڳوٺ ۾ ماڙي هُئي....
اَبَ جي جاڙي هُئي....
ڪَپَ تي واڙي هُئي....

هاءِ لوڪو

"شڪارپور" کان اڳتي....
"پير ڳوٺ" کان پنتي....
۽ "ميهڙ" جي پَرِ ۾....

منهنجو ڳوٺ هولوڪو

ڳوٺ ۾ "پير" بہ هو....
صوفي فقير بہ هو....
گنبذ ۽ ڪير بہ هو....

هاءِ لوڪو

"راڻيپور" کان اڳتي....
"سوپي ديري" کان پنتي....



روبينہ ابڙو

# چوآهہ دربدريءَ جو ڏک...

درياهہ جي دهشت ڏسي،
هي هنيانءُ ٿو ھڏندو وڃي،
ٿي "فيل مَست" آهي سِنڌو،
برباد پئي سيڪجهہ ڪري.

ڪوئي لُڙهي لهرن اندر،
۽ ڪوئي پياسو پيو مَري،
هيءَ بُک آ بڇڙي بَلا،
داناءَ ديوانا ڪري.

بُک جو نہ آهي دين ڪو،
ڏک جو نہ ڪو ايمان آ،
هر دور جي انسان ۾،
لِڪيل ڪوئي حيوان آ.

هن ديس جي بازار ۾،
ٿو موت بي مُلهو ملي،

عزت جو سوڙهو پيچرو،
ٿو ڏنگ ذلت تي ڪري.

سک آ ڪوئي سپنو جيئن،
نيڻن جي ندين ۾ ٽري،
سک آ وسيهر ڪان وڏو،
وَر وَر ڪري مون تي وَري.

چو لَبَ ۾ جيون پري،
هي تَپَ ٽا ترندا وڃن،
ساهن ڪي جي گرمائجي،
احساسَ ٽا مرندا وڃن.
چو چيڙهہ چيڙهہ آهن چَڳون،
چو لِيڙ لِيڙ آهن لَٽا،
هِن دور جي انسان ڪي،
نہ آجپو نہ ڪِي آجها.

ڪي ڪيتَ خوابن وانگيان،
يادن جي ڏرتيءَ تان مِٽيا،
ڪي ميتَ گيتن وانگيان،
ساهن جي ڏوريءَ مان ڇِڳا.

ڪا ناوَ آ نہ ناڪئو،
هَر سو پڪارون هِن رڳو،
لڙهندا ڏسي خوابن گهَڙا،
بي وَس نهارون هن رڳو.

سؤ سؤ لڙهن سهٽيون پيون،
ڪيڏا مٺا ميهارهِن،
دانهين ٽيا درياهہ تي،
اورار ۽ پَرارهِن.

بس بندُ ئي ناهي پڳو،
هر پرم ٿي پورا ويو،

چڻ روح کي روڙي لڳي،
چڻ ساھ ۾ گھارو پيو.

اُڄ پي لھوءَ ۾ لال آهي،
”امن“ جو زخمي پَرندو،
واڳھ نک پنھنجا کُپائي،
ڏاڍ جو وحشي درندو.

صدين جي هن تهذيب ۾،
بس ڏاڍ جي تاريخ آ،
آقا سدا ٻوڙا، انڌا،
ڇا تن ٻڌي ڪا چيخ آ؟

ڇا تن ڏٺو ڪشڪول آ؟
ڇا تن ڏٺو سو، جھول آ؟
جنھن ۾ سوين سؤ راز ھِن،
ڇا ھي قضا جو قول آ؟

ٿو چنڊ ڦاهيءَ تي چڙھي،
هر رات ڪي سڏڪا ٻڌي،
ٿو ڪير ٻالڪ رات ساري،
ڪير لئہ روئي رَڙي.

ڇو آ گدامن ڪي ڪَڙو،
ڇو پيٽ ۾ داڻو نہ آ؟
هن ڏيھ جو ”ڏاڍو“ مگر،
اُڄ پي لڳي ساڻو نہ آ.

ڪوئي ٻڏو بي آسري،
ڪوئي ٽڳيو الله ريءَ،
هن سور جي سنسار ۾،
ڪوئي جيئي ٿو ساھ ريءَ.

ڇو آھ دربدريءَ جو ڏک،

اي ديس تنھنجي ڀاڳَ ۾؟
واڪا ڪري ٿي سنڌڙي،
ڪوئي مَري ٿو ماڳ ۾.

اڄ پي اُميدن تي اَڏيل،
هن ديس جي تقدير آ،
تون مان ئي آهيون پارڪو،
نہ راھبر نہ پير آ.





ڪُن فيَڪُونُ، شاعر، موسيقار، مصور،
سڀ ۾ ساڳيو جوش جنون.

شيخ اياز




نامياري چترڪار محمد علي پٺي ۽ جو جوڙيل هڪ شاهڪار



# شاعري

شاعر جي منصب ۽ پَدَ سان ڪنهن جي بہ ريس يا برابري ڪانهي. الله تعاليٰ جي هن ڪائنات ۾ جيڪي بہ وهي واپري ٿو، تنهن جي جيتري سَڌ ٻُڌ شاعر کي آهي، تيتري ٻئي ڪنهن کي بہ ڪانہ ٿي سگهندي. عالم ۽ فاضل ماڻهو ڪتابي علم سان ڀرپور آهن، پر شاعر جي دل اندرينءَ روشنيءَ جو ڀنڊار آهي. شاعر ٻين جي ٻُڌ سُڌ تي ڪونہ ٿو هلي، يا شين ۽ زندگيءَ بابت ٻين جا تجربا نٿو پلٽي. هن جو ڪم آهي جڳت جي سونهن پَسڻ، ۽ ان سونهن جو مزو ٻين کي چکائڻ. اهو حسن عام ماڻهن جي پَسڻ ۽ پرکڻ کان مٿي آهي. ان سونهن جي ڪَٿَ، انساني وَتن ۽ ڪسوٽين سان ٿيڻ مشڪل آهي.



## عنايت بلوچ

# غـزل

ڏسندي، پسندي، مُرڪندي توساڻ چاهت ٿي وئي،
ڪجھ قلم اڳتي وڌيا، توسان محبت ٿي وئي.

ڪي گهڙيون گڏجي گذارڻ ۾ بہ آٿت ويو اچي،
دل کي، سيني کي، اکين کي، روح راحت ٿي وئي.

مَن گهُريا تنهنجا سڀئي، مون کي پرين پيارا لڳا،
تنهنجي دشمن ساڻ پر مون کي عداوت ٿي وئي.

منهنجي سامهون ويھ، نظرون ڪڻ مٿي، مون ڏي نهار،
توکي گهُوريندو رهڻ ئي منهنجي عادت ٿي وئي.

روز تنهنجي سونهن سوڀيا جا، نوان نکرن گلاب،
حسن جي هيڪار تي هرهنڌ حيرت ٿي وئي.

تنهنجي نازن، تنهنجي نخرن، تنهنجي قربن جو قسم،
چوٽ تي چاهت چڙهي، توسان عقيدت ٿي وئي.

ڏينهن گذريا تنهنجي درشن لاءِ ٿي ديدون سِڪيون،
شڪر ٿيو ديدار جي مون تي عنايت ٿي وئي.

## پروفيسر محبوب ’سروري‘

# غزل

بي خودي وٽ خودي وڪامي ٿي،
عظمتِ- آدمي وڪامي ٿي!
ڏس! غريبن جي گهر ۾ اوندهه آ،
سڄ جي روشني وڪامي ٿي.
بوالهوس جوئي بول بالا آهه،
اڄ سچي عاشقي وڪامي ٿي!
تنگدستي ۾ درد و غم آهن،
پئسي تي هر خوشي وڪامي ٿي.
قدر اهلِ وفا جو ڪونهي ڪو،
هاءِ اڄ دوستي وڪامي ٿي!
اڄ نه نيڪي جا قدردان ويا!
بي تحاشا بدي وڪامي ٿي.
”ڪاري ڏنڌي“ جو ياءُ ”ڪالا باغ“!
منهنجي سنڌونديءَ وڪامي ٿي!
”سهڻي“، ”مومل“، ”سسئي“ جو خير گهُرو!
ملڪ جي ”مارئي“ وڪامي ٿي!
ڇا نه آ شاعرن جو ذهن و ضمير!
سستي اڄ شاعري وڪامي ٿي!
هاڻ جئڻ جو قدر ڪونه رهيو،
موت وٽ زندگي وڪامي ٿي!
غير جي در تي هاءِ ڙي دنيا!
”سروري“ جي سِسي وڪامي ٿي!



# يوسف شاهين

## بيت

ڳوڙها ڳل تي، وسيو تا وسن،
سي ڪيئن بس ڪن، پرچائن ري پرينءَ جي.

ڳوڙها ڳل تي، چم چم ڏِيَنِ چالَ،
ري پرين، ري وصالَ، هي ڪيئن بس ڪن.

اُهي راتيون، ڪنڌ ڪاتيون، اُهو انتظارُ،
ري جانبَ جيءَ کي، آيو تان نہ قرارُ،
وو! روئندي زاروزار، صديون گذاريم ساعتَ ۾.

اُهي راتيون، جيءَ جهاتيون، اُها رس رهاڻ،
مور نہ وسري مون، سا صورت ۽ سُرهاڻ،
هئہ هئہ ڪيان هاڻ، سي سنياري ساعتون.

اُهي راتيون، اُهي رنگ، اُهي قرب قرارَ،
آهن ياد يوسفَ کي، جي ڪيا تو اِقرار،
تہ سيوئي ڄمار، جانئون جدا ڪيم ٿيون.

◙



## بشير سيتائي

### غـزل

هلي به آءُ اسان جي وري پرين! پاڙي،
متان ڇڏيون پنهنجي آهُن سان پنهنجو گهر ساڙي.

هي هِجر ڪيڏو نه سفاڪ چيتو آ جاني!
ڇڏيندو نيٺ اسان کي به چيري ۽ ڦاڙي.

هي دوستن جا رويا ته خار زار جيان،
اسان جي گل جا به چولا ڇڏيندا چيهاڙي.

ڦِريل چوڦير آ لوڙهو، نه جنهن ۾ ڪو لوگهو،
اسان کي وقت ويو آهي واڙ ۾ واڙي.

نه پنهنجو خيرُ، نه دِلِ جوئي هاڻ خيرُ آهي،
ڪٿي ڇڏيندو الائي هي درد ڏونڊاڙي.

"بشير" آهيون انهيءَ جا شڪار اڳ يا پوءِ،
ڪمين گاهه[۱] ۾ هُو موت ٿو لڪي تاڙي.

### غـزل

تو سوا ٿي جا زندگي گذري،
سچ پڇين ڏاڍي ٿي ڏکي گذري.

تو پُڇيو: "جاني! ڪيئن ٿي گذري"،
مون چيو: "پُڇ نه بس، پئي گذري".

حالتن جي حصار ۾ آ حيات،
جيئن گذاريان ٿُو تيئن نه ٿي گذري.

چيچڙي جان حيات ٿي ياسي،
عضوو عضوو ٿي اڄُ ڀڄي گذري.

ذهن دوزخ کان گهٽ نه آ اڄ جو،
جنهن کي هر ماڻهو ٿو ڪٽي گذري.

سوچ سوناري جي ٻٽي آهي،
شاعري جنهن مان ٿي پڄي گذري.

ڪيڏو سفاڪ آ سماج "بشير"،
جنهن ۾ ٿو سچ به سر ڏئي گذري.

(۱) ڪمين گاهه: اهڙي لڪل جاءِ جنهن جي آڙ وٺي شڪار ڦاسايو ويندو آهي يا ڪنهن دشمن تي حملو ڪيو ويندو آهي.

# محبوب پيتي

## غزل

اميد ياس حسرت ۽ ارمان زندگي،
هڪ ٻن سٽن جي کيل جو عنوان زندگي.

ڪجهه ساعتن جي آهه هي مهمان زندگي،
ٿيندي نه ڪڏهن موت تي دربان زندگي.

لالچ، طمع ۽ لوڀ جو سامان زندگي،
چو ٿا ڪريو اي دوست پريشان زندگي.

جنهن جي طلب خسيس ۽ محدود ٿي رهي،
گذري ٿي ان جي موج ۾ آسان زندگي.

مون کي نه ڪڏهن موت کان ڊيڄار خدارا،
ڪر مون تي ايڏو هاڻ ڪو احسان زندگي.

ڪجهه زندگيءَ کان دور به سوچو مسافرو،
هر درد جي نئي ٿئي درمان زندگي.

بيشڪ تون کهڙي ڪوٽ ۾ محفوظ ٿي وڃين،
ٿيندي نه ڪڏهن تنهنجي نگهبان زندگي.

اي دوست شاعري کي اسان عمر ڏئي ڇڏي،
هر پل غزل جو شعر ۽ ديوان زندگي.

”محبوب“ توکي سوچ وڏي دير سان آئي،
ساحل اگر آ موت ته طوفان زندگي.



## ادل سومرو

# امير خسرو جي مزار تي



دهليءَ ۾ عظيم شاعر
امير خُسروءَ جي مزار تي
حاضري ڀريندي
سندس تُربت وٽ
مان نهايت عقيدت سان ويٺو رهيس.
اوچتو مون کي،
علاءُ الدين خلجيءَ جي شانَ ۾ لکيل
سندس قصيدي جون
هي سِٽون ياد آيون:
”هُن جي تلوار
ڪڏهن به مياڻ ۾ اُجايل نٿي رهي
پر ڪوپڙين جي پيالن سان
سيراب ٿيندي رهي ٿي
تون سدائين تخت تي ويٺو رَهُ
مان توکي دائمي بقا لاءِ
مخصوص ڪيان ٿو.“
۽ منهنجن ڪنن ۾
رُوپا ماڙيءَ جي راڻين جون
رڙيون گونجڻ لڳيون
۽ دُعا لاءِ کڄندڙ هٿ
پنهنجو پاڻ رُڪجي ويا.



# ذوالفقار سيال

## غزل

نہ احساس، جذبا پٽر دوستو،
ڪي ماٺهو ائين جيئن ٺڪر دوستو.

انهيءَ ويل سرهاڻ محسوس ٿئي،
اوهان جا ٿين جي ذڪر، دوستو.

سڄي سنڌ صحرا ۾ رُج ٿي وئي،
جڏهن ڪان ڇڏي ويو، هو گهر دوستو.

اِهي نير، بي پير، بس ئي نہ ڪن،
جدائيءَ جو آهي اثر دوستو.

انسان پنهنجي ڏن ۾ ڪٺيون وقت ٿا،
اوهان جو رهيو پر فڪر دوستو.

پلي ذلف در تون ڪري بند ڇڏ،
سڄو ڏيهہ آ باخبر دوستو.

## غزل

ڪوئي نہ آس پاس هو، تنهنجي ئي سوچ هئي،
هي شهر چو اُداس هو، تنهنجي ئي سوچ هئي.

توکان سواءِ اڏورو، هرڪو وجود هو،
جسمن تي چم ۾ ماس هو، تنهنجي ئي سوچ هئي.

آٽت ڏئي هليو ويو، ہہ لفظ هُو چئي،
ڪنهن ڪي نہ ڪو احساس هو، تنهنجي ئي سوچ هئي.

مون نينهن ڪي نباهيو، ڏاڍي اُڪير مان،
رچي ٿيو نہ راس هو، تنهنجي ئي سوچ هئي.

منهنجو پلي نہ ڪو ہيو، هڪڙوئي ڪوڙ آ،
هڪ ذلف پنهنجو خاص هو، تنهنجي ئي سوچ هئي.

# ماڻڪ ملاح

## غزل

پرينءَ جو پيارُ اوتڻ لئه، هينئين جي آرسي رکجي،
گلابن سان وضو ساري، چپن تي آرتي رکجي!

اسان کي يار ماري ٿي، يتيمي يار ياريءَ جي،
اڪيلائي اُليڙي ٿي، کهڙي ڳنڌارڪي رکجي!

هيلوڪي رُتِ پن ڇڻ ۾، پنن جيان پاڻ پي ٿي پَٽون،
اها چاهت چري ٿي ٿئي، جيڪا ڪجهه ڏار تي رکجي!

ڪراچي دل سنڌين جي، سنڌين لئه اوپري ڇو ٿئي،
ڏُکئي هن وقت ۾ سنڌ جي، مڃي ڪا وارثي رکجي!

نهاريون روز وِڇُڙن مان، وجودن جون وِٿيون ڏُوريون،
پنهنجي گهر کان تنهنجي گهر کان، دري ڪا تاڙڪي رکجي!

اکين ۾ آرزو اوتي، چوي ٿي دل جي ڏک ڏک پي،
سجڻ جي سار سورڻ لئه، سيني ۾ سارنگي رکجي!

ڪري ڪيڏي ڪو پنهنجائي، مگر حالات کي ڏسجي،
سجڻ لئه توڙي دشمن لئه، نظر جي تارچي رکجي!

چاهين جيڪر ”ماڻڪ!“ چَپَ تي، گُلابي گيت ڪو رکجي،
پنهنجي دل جو پيو نالو، ”گووَرڌن ڀارتي“* رکجي!

---

* گووردن ڀارتي: سنڌي گيت جو وڏو شاعر گووردن محبوباڻي ”ڀارتي“.

## ستار پيرزادو

### گيت

ديد دونالي دلبر تاڻي،
شوق شهادت مون آ ماڻي،
قتل ڪيائين چاڻي واڻي،
راهه اسان جي هلي هلي.

دلڙي اسان جي جلي جلي،
روح کي راحت رلي رلي.

ڳالهه قريبن ڪالهه جو ڳرهي،
دلڙي ٽي وئي سرهي سرهي،
مٺي ڪوڙ جي ساري ڦرهي،
مون پرت ۾ دل آ پلي پلي.

اک ڪٽي جئن سُورج ايري،
ٻولي وانگي نينهن ٿو نسري،
ٻول نہ ڪوئي دل تان وسري،
شام عمر جي ڍلي ڍلي.

تاڻي تيغ تہ تڙپي تن ٿو،
ايندڙ ويندڙ موهي من ٿو،
هرڪو هن ڪان هٽي ڪن ٿو،
قدم ڪٽي ٿو جهلي جهلي.

روح ۾ رانجهن ايئن وسي،
دُوران وينو دلڙيون ڪسي،
قرب مان ڪاتيون هٽي ڪسي،
جا ڳالهه ڪري سا ٻلي ٻلي.

دلڙي اسان جي جلي جلي،
روح کي راحت رلي رلي.

## بشير احمد شاد

### حياتي پاٽيءَ جو ڦوٽو

حياتي ڪُهنبي جو چٽڪو،
حياتي ڪَٽڪو ئي ڪَٽڪو.

حياتي پاڇو ۽ پڙلاءُ،
حياتي گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ.

حياتي مُرجهايل گلاب،
حياتي هاءِ گهڙيءَ جو خواب.

حياتي سختيون ۽ سوداءُ،
حياتي غلطيون ۽ پڇتاءُ.

حياتي واريءَ سندوڪوٽ،
حياتي چوٽ مٿان آ چوٽ.

حياتي پاٽيءَ جو ڦوٽو،
حياتي ٽوٽو ئي ٽوٽو.

حياتي غربت ۽ افلاس،
حياتي ڏکڙن جو چوماس.

حياتي ڪائي جهڙو ڪَچُ،
حياتي مصيبتن جو مَچ.

حياتي سيني ۾ طوفان،
حياتي اٿپورو ارمان.



## روبينہ ابڙو

## غزل

ٿون سَئن تي سَئن نہ هَڻُ جوڳي.....
هينئن منهنجو چَئِنُ نہ ڳڻُ جوڳي...
ڇا لئہ تون راهَہ نِهارِين پيو،
اڄ ٿيندو ڪِينَ اچڻُ جوڳي....
جڻ ڳُلَ تي تازا ماڪَ ڦڙا،
اهڙو تنهنجو مُرڪڻُ جوڳي....
ڇو مُون کان وسري ڪينَ سگهيو،
تنهنجو خاموش ڏِسڻُ جوڳي....
ڇا منهنجو موهُ نہ ٿو سَمجهين؟
ايڏو اُلجهڻ نہ بَڻُ جوڳي...
منهنجي نہ سَهي سُڻُ مَنَ جي ئي،
اِيئن پٿرُ ٿي نہ پهَڻُ جوڳي....
ڇا ڇا نہ اچي ويو يادِ وَري،
جو گُهليو ڪالهہ ڏڪڻُ جوڳي...
ڪيئن توڪان آخر وِسري وئي،
منهنجي پازيب وَڄَڻُ جوڳي....
ٽڪجي پونديِن تون ڳَٽي ڳَٽي،
مُون وَٽِ دَردنِ جو ڏڻُ جوڳي...
ڳَلهہ رسَتا ڏاروُن ڏار ڪيا،
اڄ ٻيهر اِئين نہ وَڻُ جوڳي....
تولاءِ تڪيندمَ راهَہ سَدا،
پَلِ وِسرين هيلَ وَرڻُ جوڳي.....

## غزل

عشِق جو ايئن اختصار نہ ڪَر.....
شرم ڪي پي تہ شرم سار نہ ڪَر...
دِلِ آ هڪڙي تہ عُمر پي هڪڙي،
حَسرتُن ڪي پرين هَزار نہ ڪَر....
جي خوشيون هِن خريديون ڳَڏجي
دَردَ ڪي پي تہ ڏار ڏار نہ ڪَر...
مون رڳو ڳالهہ ڪيئي جَنمن جي،
ڪنهن ڇيئي منهنجو انتظارُ نہ ڪَر.....؟
ڪونهي ڪوئي ٻَرار تي پاڇو،
دَرد دَرياهہ ڪي تون پار نہ ڪَر....
ٻي جي واعدن تي ڀَروسو ڪهڙو،
پنهنجي دِل تي پي اعتبارُ نہ ڪَر....
سارَ جي تيزُ وهڪرن ۾ لُڙهي،
پنهنجي اکڙين ڪي آبشارُ نہ ڪَر.....
سوُنهن ساڃاهَ ڪي نہ هَڻ ڳولي،
سوچَ ۽ سُرت سنگسارُ نہ ڪَر.....
پنهنجي دُوريءَ سندو ڪو دَشتُ ڏئي،
لمَحي لمَحي ڪي ڪوهسارُ نہ ڪَر.....
تون نئون ڪو جهانُ جوڙي ڇَڏِ،
منهنجون ناڪاميون شمارُ نہ ڪَر.....

# خادم حسين علوي 'همدم' سروري

## غــزل

چاهه جو اڄ ذهن تي ير وار ٿيندو ٿو وڃي،
دوستو! ڇڻ تير دل مان پار ٿيندو ٿو وڃي.

دلربا جي اچڻ تي دل شاد آ بلڪل گهڻي،
دوستو ڇڻ هُو هينئين جو هار ٿيندو ٿو وڃي.

ڇا ڇوان هُن کان سِوا گهارڻ گهڻو مشڪل لڳي،
ڪو ٻُڌائي ڇو پلا هُو ڏار ٿيندو ٿو وڃي.

دلربا کي ٿو خدا ڄاڻي تہ غيرن ڇا چيو،
مان ڏسان ٿو هُو تہ جهڙو ٻار ٿيندو ٿو وڃي.

هرڪنهين کي بيوفا لئہ ڇا ٻُڌايان دوستو،
"ڇو الاجي ڏور مون کان يار ٿيندو ٿو وڃي."

اڄ اچانڪ يار تي منهنجي نظر پئجي وئي،
هُو تہ منهنجي اکين جو ڇڻ ٺار ٿيندو ٿو وڃي.

هر حقيقت بي اثر ٿيندي وڃي ٿي سڀ چون،
ء چون ٿا هي زمانو دار ٿيندو ٿو وڃي.

زندگي همدم اڌوري ٿي بسر ٿي ڇا ڪيان،
هي وڇوڙو ذهن تي ڇڻ بار ٿيندو ٿو وڃي.

# خليل عارف سومرو

## غــزل

آڏو پيو آ ڪاغذ ڪورو،
ڪاش لکان ها اڄ مان ٿورو.

منهنجي دل تنهنجي پيرن ۾،
منهنجو تو وٽ ساهه سڳورو.

منهنجي هوندي ٻئي کي پائين،
اِهو ته آهي ظلم نسورو.

نيٺ ته تنهنجو پيار به ملندو،
نيٺ ته ايندو ڏينهن سدورو.

مَن کي تولڻ هورا ڪورا،
جيءُ کي تولڻ هر پل جهورو.

ڪيئن‌ءُ ڪيان مان، ڪيئن‌ءُ وڃان مان،
هُن سان منهنجو نينهن نِڪورو.

سڀ جي ڳالهين منجهه اچان ٿو،
شايد ’عارف‘ آهيان پورو.

## وائـي

پاڻهي ايندا پتنگ،
ڪو ڏيئو ٻاري ڏسي.

مِٽيءَ ۾ آ روشني،
جيئڻ جو هي ڍنگ،
ڪو ڏيئو ٻاري ڏسي.

گهرائي ڳڳهه ۾ نه ڪو،
ننگي تي آ ننگ،
ڪو ڏيئو ٻاري ڏسي.

ملي ويندس موت ۾،
سُرهاڻين ۾ سنگ،
ڪو ڏيئو ٻاري ڏسي.

سچ جي پاسي جو ٿيو،
جوڙي تنهن جڻ جنگ،
ڪو ڏيئو ٻاري ڏسي.

چاهت جا پوندا چُري،
چئني پاسي چَنگ،
ڪو ڏيئو ٻاري ڏسي.

چمڙن کي آ سوجهرو،
ڏاڍا هٽندو ڏنگ،
ڪو ڏيئو ٻاري ڏسي.

عارف اونداهيءَ ۾،
رچي ويندا رنگ،
ڪو ڏيئو ٻاري ڏسي.



## ابرار ابڙو

### غزل

زماني کان پري ٿي پيار جي ويجهو وڃڻ چاهيم،
حقيقت ۾ مان پنهنجي يار جي ويجهو وڃڻ چاهيم.

ڇڏي هر شور دنيا جو ڪٿي مان پاڻُ نڪري پيس،
خُدا جي سونهن ۽ سنسار جي ويجهو وڃڻ چاهيم.

اکين ۾ عشق ۾اريو مون، نہ پو پُٽ تي نهاريو مون،
سدا سهڻيءَ جان، ميهار جي ويجهو وڃڻ چاهيم.

جواني روشنيءَ جي پنڌ سان اڳتي ڪٿي ويس مان،
سموري زندگي مان سار جي ويجهو وڃڻ چاهيم.

جبل جا پنڌ جانيءَ جي وطن جي مهڪ ميڙي وئي،
جڏهن نڪتس تہ اُن جي پار جي ويجهو وڃڻ چاهيم.

◘

### غزل

وڏو ڳُجهہ وقت جو آخر کُليو خاموش جذبن مان،
سُتل آواز جي جاڳيو تہ جاڳيو بند ڇپڙن مان.

زماني جي حدن ۾ هُنَ حياتي چُپ گذاري پر،
ڪئين آواز ٿي گونجيا سدائين هُن جي شعرن مان.

اُجارا نيڻ، تاسارا رکيل ها چَپ ٽيبل تي،
الئہ ڪيڏا تہ اوسيئڙا اُڏيا ٿي روز نيڻن مان.

اندر جو عشق شعلا ٿيو، جواني باهہ ٿي ڀڙڪي،
مِلڻ جي مُند ۾ جاڳيا هزارين رنگ رستن مان.

◘

# سيف الحق "سيف"

## غـزل

حَسين رُتِ جا حَسين سپنا، اکين ۾ آهن اجا به زنده،
پيا ٽا ٽمڪن "اميد- جُگنو" دلين ۾ آهن اجا به زنده.
سُتا نه آهيون سفر وساري، وکون وکن ۾ اجا به اڳتي،
ڏسي ڪشالا مُيون نه همتون، لڱن ۾ آهن اجا به اڳتي.
اجا به سالم ته جامَ آهن ۽ رند مرڪي ٽا مئڪشي ڪن،
نشان قدمن جا مئڪدي جي، گهٽين ۾ آهن اجا به زنده.
نه پوُنر چوسي سگهيا سچي رس، جوان مکڙيون جوان ساڳيون،
حسن جا احساس ڪي ڪُنوارا، ڪلين ۾ آهن اجا به زنده.
حسين چهرو پرين جو ساڳيو، حسين هو اڳ جيان ئي آهي،
لڳن ٽا سهڻا اُهي سندس چُگهه، ڳٽن ۾ آهن اجا به زنده.
چُڳن ٽا داڻو هِتان هُتان ڪان، پريت ۾ خوش حيات گهارن،
پيار جا ۽ خوشي جا جذبا، پکين ۾ آهن اجا به زنده.
نه سيف هُن سان ملي سگهيا هون، نه هوءَ اسان سان ملي سگهي آ،
فراق وارا سنگين لمحا، وٽين ۾ آهن اجا به زنده.

## غـزل

ڳاءِ ميان! تون ڳاءِ اجان!
غافل ڪري جاڳاءِ اجان!
سوز سمائي سُرن ۾ ڪي،
سُرَ سُرَ سان تڙپاءِ اجان!
منهنجا سُرها ساهه ٿين،
ايڏو من مهڪاءِ اجان!
پٽڪان ٿو ۽ سڏڪان ٿو،
هُن لئه پنهنجي ساءِ اجان!
منهنجي ٿيندي آخر هوءَ،
دل کي آ دلجاءِ اجان!
ابدي آرام ڪيان ڪٿ؟
پاتي ناهي جاءِ اجان!
سِڪ 'سيف' لئي ناهي،
تون سيني سان لاءِ اجان!

◙

# پريم پتافي

## غزل

پير تُنهنجا چُمي موٽي وَئي،
لهر جهومي نچي موٽي وَئي.

تنهنجو سارو بدن آ ڳوٽ جڻ،
دِيد منهنجي گهُمي موٽي وئي.

چاندني چنڊ کان ٽيندي اچي،
تنهنجا ڳلڙا ڇُهي موٽي وئي.

تُنهنجي ڪوري بدن جي او پرين!
هِيرَ خوشبو ڏئي موٽي وئي.

ڪنهنجي تُربت تي لڙڪ لاڙي ڪي،
ڇوڪري گل رکي موٽي وئي.

## گيت

تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي!
تنهنجون ڳالهيون گيت ڳهيلي
راڳي لاءِ سنگيت ڳهيلي
جڻ ڪنهن جي لئه جيت ڳهيلي
تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي

تنهنجون ڳالهيون نُور ڳهيلي
سينڌ ۾ جڻ سيندور ڳهيلي
گهايو تنهنجيءَ گهور ڳهيلي
سڀ ڪنهن تنهنجا پور ڳهيلي
تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي!

تنهنجون ڳالهيون ناز ڳهيلي
جڻ تہ سريلو ساز ڳهيلي
پاڳيءَ جو آواز ڳهيلي
ڪهڙو آ، هي راز ڳهيلي
تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي!

تنهنجون ڳالهيون سنڌو جَل جڻ
تنهنجون ڳالهيون گيت غزل جڻ
تنهنجون ڳالهيون موهن مثل جڻ
تنهنجون ڳالهيون باک مهل جڻ
تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي!
تنهنجون ڳالهيون هاءِ ڳهيلي!

# بخشل باغي

## چؤسٽا

## ”ورسٽي جي نانءِ“

رُناسين، ڪلياسين چگو الوداع،
وڇوڙي جي آخر اچي وئي گهڙي،
خوابن جيان چار ئي سال گذريا،
ڪري ياد ”ڪئمپس“ کي هيءُ دل رڙي.

هاڻ توسان ڪڏهن نہ ملبو ائين،
جيئن گهارياسين چار سال ”مِٽي“!
موڪلائي ڪيو وڃون پيا اڄ،
پنهنجو رکجانءِ تون خيال ”مِٽي“!

تنهنجي رستن تي رهندي رونق پر،
پاڻ توسان نہ هونداسين ”ڪئمپس“!
تنهنجي ”ڪاريڊور“ ۽ ڪلاسن ۾،
هاڻ پيهر نہ ايندس ”ڪئمپس“.

هڪ ٻئي جي پاڪُرن ۾، روئي وَئون اڇو!
”ڪئمپس“ کي لڙڪ ياد جا، پيئا ڪري هَلون،
اي دوستو! شڪوا، شڪايتون مِٽائي سڀ،
اڄ ڏار ٿيندي آخري پيرو اچو مِلون.

رات هاسٽل جي آخري، ڳوڙها،
هاءِ! وِڪريل سامان ويڙهيان پيو،
لُڙڪ ۽ ٿهڪ، رُساما پاڪر،
سَرد آهُن ۾ سڀ سهيڙيان پيو.

◘

## فراق هاليپوٽو

# نثري نظم
# دل کي اُلجهائيندڙ زندگي

زندگي اهڙي موڙ تي پهتي آهي
جو سڀ خواهشون پاڻ ۾ الجهي
بنا پردي نڪري پيون آهن
هاڻ مون کي پاڻ سنڀالڻ لاءِ
زوال کي تلاشڻ جي ضرورت نٿي محسوس ٿئي
۽ پاڻ کي تبديل ڪرڻ لاءِ به
مون وٽ ڪو شعور ناهي بچيو
مون کي ڪو انهن روايتن مان آزاد ڪرائي
جن منهنجي اظهار تي پابندي مڙهي
مون کي پاڻ تائين محدود نہ ڪري ڇڏيو آهي
پر حيرت جي هر عنصر کي
پڄاڻي تائين ناهي پهچايو
تڏهن نہ مون پنهنجون رمزون بي ساختہ انداز ۾
زندگيءَ کان پري ڪيون آهن
۽ سليقي سان سانديل پنهنجين خواهشن کي
آزاد ڪري ڇڏيو آهي
۽ انهن حقيقتن تي پڻ منڊيئڙو ڦيريو اٿر
جيڪي منطقي نتيجي تي پهچي
منهنجن تلخ تجربن سان انوکو ئي سهي
ربط ڳنڍي ويون آهن.

## راهول هاليپوٽو

# تارڪ الدنيا

هي پوپٽ
کهڙي قسم جا آهن؟
جيڪي باغيچو ڇڏي
صحرا طرف ٿا اُڏامن،
جتي نہ ڪي قول ̄ ن،
نہ ڪا خوشبو آهي.

# وڇوڙي کان پوءِ

تنهنجو چهرو
مون کي ياد ناهي،
تنهنجا چپ ڪيئن هئا،
ياد ناهن،
ها، تن چپن جي مُرڪ مون کي
ياد آهي.
تنهنجون اکيون ڪيئن هيون،
ياد ناهن،
بس انهن جي گهرائي ياد اٿر.
تنهنجو روپ رنگ،
تنهنجو انگ انگ،
مون کان وسري ويو آهي،
بس انهن جا احساس ۽ ڇهاءَ
ياد رهجي ويا آهن.

## مُرلي ڏر

### بُت

جبل جهڙا ماڻهو ڀهندي ڏٺاسون،
پنهنجي ئي نظرن مان ڪِرندي ڏٺاسون،
بُت جي گهڙياسون اندر ۾ اُنهن جا،
لحظي ۾ ڀُرندي ۽ ڀَڄندي ڏٺاسون.

### بي چرخي گاڏي

پيار ۾
ڪَرمي
نہ رهي
اِهو
ائين آهي
ڄڻڪ
زندگي جي
بي چرخي
گاڏي جو
هڪ چرخو
ٽُٽي پوي!

### ٻہ پتڪڙا هٿ

صبح سوير
جڏهن منهنجا ٻار
تيل ڦُليل ڪري
صاف ڪپڙا پهري
ڪتابن جو ٿيلهو
ڪلهي تي رکي
اسڪول ويندا آهن
پريان ڪان
ٻہ پتڪڙا هٿ
”ٻُکيو آهيان“
جي صدا هڻندا
اڳتي وڌندا آهن.

## پُشپا ولڀ

### پارس پٿر

مان ميداس آهيان
جنهن شيءِ کي هٿ لايان
سونُ ٿِي پوي،
سونُ لاءِ منهنجو انتو شوق!
هاڻي منهنجي گهر جي هر شيءِ
سونُ جي آهي
منهنجو پلنگ، منهنجي ڪرسي
ڊريسنگ، ڪاٺ جي ٽيبل
۽ ڪاڏي جا چمچا!

۽ منهنجي محبت
غلطيءَ وچان ان کي ٻہ ڇهي ويٺس
ان کي ٻہ مون هٿ لائي
سونُ جو بنائي رکيو آهي
خوبصورت ۽ چمڪندڙ
مان ڇهي تہ سگهان ٿي
پر ان جو نرم ڇهاءُ محسوس نٿي ڪري سگهان
پوڄا تہ ڪري سگهان ٿي
پر پنهنجي ڳالهہ ٻڌائي نٿي سگهان
نہ هن جي ڳالهہ سمجهي سگهان ٿي
هوءَ منهنجي گهر جي پوتر ڪُنڊ ۾
اکين تي ڪاري پٽي ٻڌي
ويٺي آهي!



## رياضت ٻرڙو

### وائي

پکي ساڳيا پار ڪان،
موٽيا ناهن مُند تي.
پاڙهيرِي پَر سال تو، فئرَ ڪيا ڪاٿان!
پکي ساڳيا پار ڪان،
موٽيا ناهن مند تي.
روح جهنجهوڙي جا چڏي، ٻولي ڪِينَ ٻڌان!
پکي ساڳيا پار ڪان،
موٽيا ناهن مند تي.
هِن جيوَن ۾ چارُ ڪو، ڪڏهين ڪينَ اُٿان!
پکي ساڳيا پار ڪان،
موٽيا ناهن مند تي.
تنهائيءَ جي تاءَ ۾، ڪنهن ڪي آءٌ چوان:
پکي ساڳيا پار ڪان،
موٽيا ناهن مند تي.
اديون! 'رياضت' جا ويا، لفظ دعائن مان!
پکي ساڳيا پار ڪان،
موٽيا ناهن مند تي.
موٽيا ناهن مند تي.

## فراخ جانوري

### غزل

ديپ آهيان رات سان لڙندس پيو،
ڪوڙ جي ڪائنات سان لڙندس پيو.

سِرُ سلامت آهي جيسين سائيو،
ڏاڍ جي هر ڪات سان لڙندس پيو.

رب زبان آواز لئه آهي ڏني،
چُپ نه رهندس، بات سان لڙندس پيو.

ڪونه جُهڪندس، مرد ٿي آئون سدا،
دوستو ظلمات سان لڙندس پيو.

محبتون مون سان ڪَئي آهن سڄڻ،
نفرتن جي ذات سان لڙندس پيو.

ڪٽ ڪٽي هٿيار لڙندس ۽ ڪٽي،
هن قلم جي ڪات سان لڙندس پيو.

پنهنجو حق حاصل ڪرڻ تائين فراخ،
وقت سان حالات سان لڙندس پيو.

# سنڌيا شاهه

## جائي جم ڪان

هر طاقت جي لٺ ڪي
ٻه مٿا
ٿيندا آهن
هر هيٺي ڪي
هڪڙو ئي مٿو
ٿيندو آهي
پر هٿ ٻه
ٿيندا آهن
جن ڪان هُو
جائي جم ڪان ئي
بي خبر
هوندو آهي!......

## بينر

سچ جي
علمبرداريءَ جو بينر
چوواٽن تي
ٽنگيو ويو آهي
انسانيت جي
اجتماعي قتلام ڪان
تهذيبن جي
لتاڙ تائين
سچ جي
جهه ڪٽيل آهي
جا چوواٽن تي
ٽنگي وئي آهي
چهرا ڪيندو
بينر جيان!.....

## هڪڙو سچ!

چاڻ جي ڪاڻ مان
هٿ ئي نه
منهن به
ڪارا آهن،
وقت جي آئيني ۾
سامهون ٿيڻ لاءِ
ڪوئي به راضي ڪونهي
ٻڪڙو سچ ڳالهائڻ لاءِ.

## آءُ ئي جاٽان

تنهنجي خاموش
نهار ڪان
پُرسڪون
مرڪ تائين
پيڙا ۽ پوڳنا جو
ڊگهو سفر
جو مون ڪٽيو آ
سو آءٌ
ئي جاٽان!...

## علي اظهار

### غزل

دير تائين ڏکي اڃهامي ويو،
جسم سگريٽ هيو وسامي ويو.

هاڻ ڳولين ٿو اُن کي ڇا جي لئه،
هو تہ پنڇي هيو اُڏامي ويو.

ڇوڪري ٿي پئي آ ميڻ بتي،
هُن ڏي جيڪو وڌيو سو ڪامي ويو.

هاڻ ڇا لئه وڃون مسيتن ۾،
عرض تولئه هيو اڳهامي ويو.

### غزل

ٽڙڪي پوندو، آهستي.
دل آ شيشو، آهستي.

تير نظر سان ڪيڏو پل،
پر معشوق، آهستي.

رات سڄي ڪَن واڄهائن،
در جو ڪڙڪو آهستي.

عشق متان رسوا ٿي پئي،
جذبو ڀڙڪو آهستي.

سيني کي ڳڙڪائيندو،
وقت جو ڇرڪو، آهستي.



## تصور ابڙو

### غزل

آ حياتي پلي؟ زندگيءَ کان پڇو،
زندگيءَ جو مزو، خودڪشيءَ کان پڇو.

فيصلو مون ڪيو خودڪشيءَ جو تہ ڇو؟
ڏار جڏهين ٽٽيو، اُن گهڙيءَ کان پڇو.

راز ڪهڙا سلي آرسيءَ سان پئي،
نيٺ آخر تہ ڪجهہ ڇوڪريءَ کان پڇو.

چاڻ موسم ۾ بدلاءُ آيو وري،
انتظاري وڏي، جهوپڙيءَ کان پڇو.

ٽڙ تڪڙ ۾ سفر تي نہ نڪري پئو،
ساٿ ڏيندي ڪٿي، روشنيءَ کان پڇو.

عشق هر واٽ تي لاٽ ٿي ٿو رهي،
ماڳ مان پي پُڇگس، عاشقيءَ کان پڇو.

خود وساري ڪئي شاعري مون پرين،
ڇا! "تصورُ" هيو، شاعريءَ کان پڇو.

## خميسو خان خانوٽي

### ٻاند ٻڪڇيءَ ٻڪل ٻاءِ....

ٻاند ٻڪڇيءَ ٻڪل ٻاءِ، هيٺ جهڪائي نيڻ نمائا.

چنڊ جي هو چانڊاڻ ۾ آهي، شلر جي هو لالاڻ ۾ آهي.
پرهه ڦٽيءَ پرچاءِ، هيٺ جهڪائي نيڻ نمائا.

گلشن جي مهڪار ۾ آهي، ڪويل جي ڪوڪار ۾ آهي،
ڳڻ ته عمر ٻر ڳاءِ، هيٺ جهڪائي نيڻ نمائا.

خوشين جي هر مُرڪ ۾ آهي، هر غم جي هر لڙڪ ۾ آهي،
ٻانهون ٻڌي ٻلاءِ، هيٺ جهڪائي نيڻ نمائا.

هيرَ ڏکڻ ۾ واءُ اُتر ۾، سانوڻ جي هر بوند ڪڪر ۾،
ماڻ سدا هرجاءِ، هيٺ جهڪائي. نيڻ نمائا.

نور سان روشن سارو جهان ڪيو هردم سان گڏ آهي عيان ٿيو.
اسم اهو ورجاءِ، هيٺ جهڪائي نيڻ نمائا.

## ڪوثر هالائي

# سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾...

سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾،
ستارا ڪيترا آهن،
انهيءَ جا پيچرا ۽ رنگ،
سارا ڪيترا آهن.

لهن ٿا لک سنڌس نهجا،
سچي دنيا سڃاڻي ٿي،
ڀنائي! تنهنجي ٻوليءَ مان،
هوا ڪو پن نه ڇاڻي ٿي،
سنڌي ٻوليءَ جا ٻوليندڙ،
پيارا ڪيترا آهن.

زمانن ڪان مڪانن ڪان،
سدا سَر موڙ ٻولي آ،
ڪتا کهڙي ڪجي هن جي،
جُڳن جو جوڙ ٻولي آ،
اگر سمجهڻ جي چاهين ها!
اشارا ڪيترا آهن.

جوڙي جا جيءَ ۾ جايون،
اُها ٻولي اسان جي آ،
جيڪا ٽاندن مٿان ڊوڙي،
اُها ٽولي اسان جي آ،
انهيءَ ٽوليءَ ڏي ڏس نينهن جا،
نظارا ڪيترا آهن.

ٻيلي! ٻاجهاري ٻوليءَ جون،
گڻر گاهون هزارين هِن،
هِتان خطرو، هُتان لوڏو،
ٿيون ڪاهون هزارين هِن،
انهيءَ ٻوليءَ جي لوليءَ لئه،
سهارا ڪيترا آهن؟
سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾،
ستارا ڪيترا آهن.

# علي زاهد



## غزل

چڪور آهه ڪٿي ۽ ڪِلي رهيو آ چنڊ،
اميد پٽ پئي ۽ ڪِلي رهيو آ چنڊ.

سڄاڳ نيڻ ٻئي، در، دريون، اڱڻ جاڳيل،
اسان جي رات وئي ۽ ڪِلي رهيو آ چنڊ.

پسار، چانڊني راتيون ۽ پيار جون راهون،
اجاڙ ياد ڏئي ۽ ڪِلي رهيو آ چنڊ.

پرينءَ جا ٽهڪ ڪري ياد اي- اڪيلائي،
اسان مذاق ڪئي ۽ ڪِلي رهيو آ چنڊ.

پڪو لڪن تي اڏيل، داستانِ تنهائي،
اسان اُداس ٿئي ۽ ڪِلي رهيو آ چنڊ.

اڪيون گگن ۾ ڪُتل، پير پنڌ ۾ زاهد!
ٻٽياسين راهه رَئي ۽ ڪِلي رهيو آ چنڊ.

## غزل

يار ڪاٿي مون کي سڏايو آ!؟
عشق هڻ سان وٺي رُلايو آ.

تنهنجي چنريءَ ۾ ڪئي ستارا هِن،
رات چڻ آسمان سڄايو آ.

تنهنجي هڪڙي مِٺي دوا دارون،
جو مٺي! ويچ تو گهرايو آ.

تنهنجي نيڻن جي لام خالي آ،
پيار جو ڪو پکي نہ آيو آ.

مان تہ گوڙيءَ جي گيان جو ڏيئو،
عشق ٻاريو وري وِسايو آ.

رات ميران جي موهہ ۾ زاهد!
درد جو ساز ڪو وڃايو آ.

## اَمر کُهاوڙ

### وائـــي

گنري وقت نديءَ مان،
ساروڻيون ٽڪجي،
پهتيون آهن ماڳ تي.

طوفانن سان مُنهن ڏئي،
ڏُوريون سڀ گهڻجي،
پهتيون آهن ماڳ تي.

ساپيائن جي ويس ۾،
آشائون ڍَڪجي،
پهتيون آهن ماڳ تي.

ساريون سُندر چاهتون،
شڪ هٿان ڦُنجي،
پهتيون آهن ماڳ تي.

سوچون، لفظ گڏيا جيئن،
ڪَوتائون سَرجي،
پهتيون آهن ماڳ تي.

## مفتون ڪورائي

### ڪـافـي

ڪڏي سينڌ سارنگ، وري ڙي وري ڙي،
وري سانگ ساريا، چري دل چري ڙي.

وري مينهن آيا، نوان نينهن آيا،
نچڻ ۽ ڪُڏڻ جا، عجب ڏينهن آيا،
سنڌم نيڻ نرمل، پيا اڄ ٺري ڙي.

ڪِرڙ گل گلابي، وڏا هار ڳِل ۾،
اُڪن نيرا ڦُليا، ڪٿي پاتا پل ۾،
لَٽا ليار لاٿي، مَٽايا مريڙي.

سيئي مارئي جُون، سرتيون سنگهاريون،
وڏي شان سان اڄ، ڪٿي سر تي ڪاريون،
هليون مُند پيرون جي، ماڻڻ پري ڙي.

ڪِرڙ لام لاڙي، ڪنواريون لُڏن ٿيون،
خوشي منجهه ڪِرڙون ۾ جهومن نچن ٿيون،
هوا آهه چوڏس خوشبو پري ڙي.

ٺي سرسبز مفتون خوشحال ڌرتي،
ڪيا سينڌ سُرمان، وڳا لال سرتي،
وڏي ڳل ۾ ڪنمال ڳنجڙي، ڳري ڙي.

# رحمت سومرو

## بيت

جُڙيل هر ڪنهن جيءَ جي، توسان آهي آس،
پر تون پاڻ ئي پياس، سنڌو ڪيئن بڻجي وئين!!

□

جُڙيل تنهنجي آب سان، سنڌڙي جو هر خواب،
سنڌڙي لاءِ عذاب، آهي ويراني تنهنجي.

□

رهڙي چڏي روح کي، سڏڪي پون ساهه،
ايڏا ڏک الله، ڏنئي ڇو هِن ڏيهه کي.

□

جُڙيل تنهنجي موج سان، هر سنڌي جو ساهه،
آهين تون ويساهه، سنڌو! ساري سنڌ جو.

□

## غـزل

پل پل تڙپي،
هيءُ دل تڙپي

گوڙهن سان گڏ،
ڪاجل تڙپي.

مند خزان جي،
بلبل تڙپي.

پنڌ ڪيل راهي،
منزل تڙپي.

گوري گهر سر،
پايل تڙپي.

پياس پڪاريو،
بادل تڙپي.

## غـزل

هر گهڙي سوچ ۾،
بَندگي سوچ ۾.

سانوري آ رنگ،
عاشقي سوچ ۾.

دوستيءَ ۾ لڪيل،
دشمني سوچ ۾.

پاڻ ساقي اُجو،
مئڪشي سوچ ۾.

روبرو سمنڊ ۾،
تِشنگي سوچ ۾.

عڪس ميرا سپئي،
آرسي سوچ ۾.

رات جي سانت ۾،
شاعري سوچ ۾.



## طارق عالم

### غــزل

جسم ٻڌجي ويو بيجان آ عيسيٰ وانگي،
روح اُڏري پيو آذان سان عيسيٰ وانگي.

تون اچين يا نہ اچين، تنهنجي آ مرضي سائڻ،
چڪيا تنهنجيءَ تي، چڙهيل جان آ عيسيٰ وانگي.

آ زمانو ۽ زماني جو آ، پنهنجو دستور،
مون لئہ دستورُ، نہ عنوان آ عيسيٰ وانگي.

توڙي ڪِلين ۾ ڪتل هٿ ها دعا کان قاصر،
نيڻ آڪاس ڏي نادان ها، عيسيٰ وانگي.

هو منهنجو ڏوهہ، زماني ۾ مسيحا ٻڌجڻ،
جنهنجو تون ئي هئين نگران، مان عيسيٰ وانگي.

ٿيا تماشائي تنهنجي شهر جا صاحب، سالڪ،
ٿو ٻُڌان شور ۾ فرمان، مان عيسيٰ وانگي.

ٿي اچي مهڪ مون کي ٿياس مان، تنهنجي اي دوست،
موت ٻڌجي ويو آسان آ، عيسيٰ وانگي.

### غــزل

محبت مئہ نہ آهي، مئہ ڪشي آ،
چپن جي اوٽ ۾ لڪيل چَسي آ.

خزائن ۾ اڪيلي شام وانگي،
بهارن ۾ گلن جي خودڪشي آ.

هي لڙڪن جي تسلسل جي آ تسبيح،
هي ڦاهي گهاٽ جي ريشم رسي آ.

بہ-ديسي ديس کان پهتل پکين جي،
ٽڪل جسمن ۾ جاڳيل بي وسي آ.

ٿي ڇهُبڪ چيلهہ تي هر لحظو لڙڪي،
ڳتيل وارن ۾ سا قيدڻ سڳي آ.

جا چاڏيءَ ۾، چڪر ڪاٽي، مکڻ لئہ،
سا ٻٽبي ڪير جي بدلي لسي آ.

## منگليش ڊبرال[1]

ترجمو: ولي رام ولڀ

### بابا جي تصوير

بابا جي جوانيءَ جون ننڍيون ننڍيون ڪوڙ ساريون
تصويرون آهن
اُهي سموري گهر ۾ وکريل آهن
سندس اکين ۾ ڪابہ پري ڪان ڏسڻ ۾ ايندڙ شيءِ
صاف چمڪندي نظر ايندي آهي
اها شايد چڱائي آهي يا ساهس آهي يا اُميد
تصوير ۾ بابا ڪنگهندو ناهي
بي صبرو نہ ٿيندو آهي
سندس هٿن پيرن ۾ سُور نہ ٿيندو آهي
هُو جهڪندو ناهي، ناهہ ڪندو آهي.

هڪ ڏينهن بابا پنهنجي تصوير جي پرسان
بيهي رهندو آهي ۽ سمجهائڻ لڳندو آهي
جيئن اُستاد ٻارن کي
هڪ نقشي جي باري ۾ ٻڌائيندو آهي
بابا چوندو آهي آءٌ پنهنجي تصوير جهڙو نہ رهيو آهيان
پر مون جيڪي نوان ڪمرا جوڙايا آهن
هِن پراڻي گهر ۾ اِهي تون ڪڻ
منهنجي چڱائي ڪڻ اُنهن بُراين جو مقابلي لاءِ
جيڪي توکي پنهنجي رستي ۾ ملنديون
تون منهنجي ننڊ نہ ڪڻ منهنجا خواب ڪڻ
آءٌ آهيان جو فڪر ڪندو آهيان، بي صبرو ٿيندو آهيان
جهُڪندو آهيان ناهہ ڪندو آهيان
هٿن- پيرن ۾ سُور ڪان ڪنجهندو آهيان
بابا وانگر ڪنگهندو آهيان
ساهس ۽ اُميد جي لاءِ
دير تائين بابا جي تصوير ڏسندو آهيان.

⊡

### ڏاڏي جي تصوير

ڏاڏي کي تصويرون ڪڍائڻ جو شوق نہ هو
يا کين وقت نہ مليو
سندن رڳو هڪ تصوير گندي پُراڻي ڀت تي ٽنگيل
آهي
پاڻ خاموش ۽ سنجيده ٿي ويٺل آهن
پاڻيءَ سان ڀريل بادل وانگر
ڏاڏي جي باري ۾ ايتري ئي خبر آهي
تہ هُو مڱڻن کي خيرات ڏيندو هو.
ننڊ ۾ بيچيني وچان پاسو بدلائيندو هو
۽ صبح جو اُٿي بستري جا گهُنج ٺيڪ ڪندو هو
آءٌ تڏهن تمام ننڍو هئس
مون ڪڏهن سندن ڪاوڙ نہ ڏٺي
تصويرون ڪنهن ماڻهوءَ جي لاچاري نٿيون ڏيکارين
امان چوندي آهي جڏهن اسان
خاموشي، ڊپ ۽ رات جي
عجيب جانورن سان گهيريل سمهيل هوندا آهيون
ڏاڏو هِن تصوير ۾ جاڳندو رهندو آهي.

آءٌ پنهنجي ڏاڏي جيڏو ڊگهو نہ ٿيس
خاموش ۽ سنجيدو نہ ٿيس
پر مون ۾ ڪجهہ آهي ساڻن ڪجهہ ملندڙ جُلندڙ
اهڙي ئي ڪاوڙ آهي اهڙوئي خسيسپڻو
آءٌ بہ لاچار ڪنڌ جُهڪائي هلندو آهيان
جيئان ٿو روز
پاڻ کي هڪ خالي فريم ۾
ويهي ڏسندي.

⊡

---

(1) منگليش ڊبرال: هنديءَ جو مڃيل شاعر، 'وه آدمي گرم کوٽ پهن کر چلا گيا وچارکي طرح' کان سواءِ رچنائون مختلف رسالن ۾ ڇپيل. (ايڊيٽر)

”ڪنهن بہ ’پارٽيءَ‘ جي ’پاليسيءَ‘ يا ’نظريي‘ کي اهو مقام حاصل نہ آهي، جو زندگيءَ يا ادب ۾ ’حقيقت نگاريءَ‘ کي حاصل آهي. جي شخص ائين ٿا لکن جو سندن پارٽيءَ جي پاليسيءَ کي اڳيان رکي، ان جي فقرن مطابق، پلاٽ ۽ ڪردار ترتيب ڏيئي ورتائون- سي نڪي پاليسيءَ کي ٿا سمجهن، نڪي زندگيءَ کي- ۽ اهڙيون لکيتون ڪڏهن بہ ادب جو حصو بنجي نٿيون سگهن.“

-ماؤزي تنگ

جو شوق آهي تہ پوءِ پيو آسمان ۾ بي زمين پيدا ڪرڻي پوندي، جنهن ۾ عشق سمائجي سگهي'..." سهيلي، منهنجي سواليہ نگاهن ۾، پنهنجي لاجواب جوابن جي روشني اوتيندي چيو، "پاڳل! جيڪو ڪجهہ توکي خوشبوءِ وٽان مليو آهي نہ، اهو تہ هزارن لکن مان ڪنهن ڪنهن جي حصي ۾ ايندو آهي... ۽ تون جن بي ثبات خوشين جو روڄو روئين ٿو، انهن جي عشق جي غم آڏو اوقات ئي ڪهڙي آهي... توکي خبر هئڻ گهرجي تہ ڪڏهن ڪڏهن خوشيءَ جو هڪڙو لمحو، سموري حياتيءَ جي ماٺيل ڏکن تي ڀاري پئجي ويندو آهي ۽ ڪڏهن هڪڙي شاهڪار گهڙيءَ جو ماٺيل درد، سڄي زندگي جي ماٺيل بي ثبات لذتن کي بي ذائقہ ڪري ڇڏيندو آهي..."

مون سهيليءَ سان اجايو اختلاف ڪندي چيو هو، "سهيلي! تون ڇا بہ چئين، عورت ذات، ازل کان وٺي مرد کي تباهہ ۽ برباد ڪندڙ رهي آهي... هُو زندگي هڪ سان گذاريندي آهي ۽ خواب ڪنهن جا ڏسندي آهي. منهنجي جذبات پٺي تي سهيليءَ جلترنگ جهڙو ٺهڪ ڏنو هو ۽ چيو هئائين، "مون کي اديب ۽ فلاسافر انهيءَ ڪري تہ نہ وڻندا آهن، اهي ڏاڍا خودغرض هوندا آهن، تون بہ انهن مان آهين. توهان سڀ سڄي جهان کي پنهنجي محرومين ۽ مايوسين جي آئيني ۾ ڏسندا آهيو... سڄي عمر سفيد ڪفن جهڙن ڪاغذن تي پنهنجون محروميون اُتاريندا آهيو، پراوا ڳوڙها ۽ ڏک چورائي، پنهنجي خوابن جا اڪائونٽس ڀريندا رهندا آهيو ۽ عورت، جيڪا اوهان جي انسپائريشن جو سبب هوندي آهي، انهيءَ کي پنهنجي مرضيءَ جو غلام بنائڻ چاهيندا آهيو..." سهيليءَ جي طنز جي تير کي روح تائين لهندي محسوس ڪيم تہ چيم: "سهيلي! گهٽ ۾ گهٽ تون تہ ائين نہ چئہ...؟" گنڀيرتا وچان چيائين، "آءٌ نيڪ پئي چوان... تو رڳو جسمن جي جوالا مُکي ڏٺي آهي... پر منهنجي اها ڳالهہ ياد رکي ڇڏ... جتي جسم جي بُک ختم ٿيندي آهي، اُتان روح جي پياس جو سفر شروع ٿيندو آهي... جڏهن اُهو سفر شروع ڪيئي، تڏهن توتي عورت جا اسرار منڪشف ٿيندا..." مون سهيليءَ جي اکين ۾ اماوس جو روح ڏٺو، ڪجهہ ساعتون سانت، اسان جا ساهہ ڳٽيندي رهي، مون چوٿون سگريٽ دُکايو ۽ وڏو ڪش هڻي ٿڌو ساهہ ڀريندي چيم، "سهيلي! ڏس غربت مون سان ڪيڏا ڪيس ڪيا... جي مان مفلس نہ هجان ها. جي منهنجي ميراث ڪتابن جا ڍير نہ هجي ها. اڄ هتي منهنجي ڀرسان توسان گڏ خوشبو بہ بيٺي هجي ها... پر هوءَ هينئر ڪنهن ٻئي جي آغوش ۾...مون سوچي ڇڏيو آ... مون کي هاڻ امير ٿيڻو آ... خوابن جا اڪائونٽس ڀرڻ بدران، دولت ڳڻي ڪرڻي آهي... انهيءَ لاءِ مون کي ڪجهہ بہ ڪرڻو پوي ڪندس..."

سهيليءَ جي لهجي ۾ سرءُ جي ڇڻيل پنن جي اُداس سرگوشي ڪاهي پئي چيائين، "ڪجهہ بہ..."

"ها ڪجهہ بہ..." منهنجي لهجي ۾ بغاوت جو بارود ڀريل هو. انهيءَ جو مطلب تہ، تون پئسي لاءِ ڪنهن جو خون بہ ڪري سگهين ٿو... ڪنهن جو گهر اُجاڙي سگهين ٿو... منشيات ڪپائي سگهين ٿو...؟؟"

سهيليءَ جي جُملي تي منهنجي اندر ۾ سُتل ٻن سالن جو ٻارڙو، آرس ڀڃي جاڳي پيو... مان سهيليءَ کي جواب ڏيڻ کان قاصر رهجي ويس... تڏهن سهيليءَ منهنجي ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾ پاتل لطيف سرڪار جي ميلي تان خريد ڪيل ڪاري ڪنگڻ کي پنهنجي مخروطي آڱرين سان ڦيرائيندي چيو هو، "تون دولت سان، ڪنهن جي شام، ڪنهن جي رات، ڪنهن جو اوجاڳو، ڪنهن جو جسم تہ خريد ڪري سگهين ٿو، پر افسوس صد افسوس... تون پئسي سان، ڪنهن جي دل، ڪنهن جي ننڊ ۽ ڪنهن جا خواب ڪڏهن بہ خريد نہ ڪري

پاڙيوارن هڪ نوجوان کي قدرت الله ڏانهن موڪليو تہ جيئن اُهو معذور خميسي ڪنڀار کان معلوم ڪري تہ هو صبح کان گهر جي لوڙهي ٻاهران ٻبر هيٺ رلي وڇائي اٻاٽڪو ٿي ڇو ويهي رهيو آهي!!

نوجوان، قدرت الله جي گهر کان ٿورو پرڀرو ئي هو جو هو پاڙي جي مسجد ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ مان ايندي نظر آيو. هن ويجهو وڃي ڪيس سلام ڪيو ۽ معذور خميسي ڪنڀار بابت صورتحال کان آگاهہ ڪيو، اهڙي ڄاڻ ملڻ تي قدرت الله هٿ ۾ جهليل تسبيح کي مُٺ ۾ بند ڪري چپن تي رکي اکين تان ڦيرائي کيسي ۾ رکيو ۽ انهن ئي پيرن تي واپس مُڙي اُن گهٽيءَ ڏانهن وڌيو جيڪا معذور خميسي ڪنڀار جي گهر ٻاهران لوڙهي وٽ آخري چيڙو ڪري ختم ٿي ويندي هئي.

قدرت الله ڏٺو تہ واقعي معذور خميسو ڪنڀار گهر جي لوڙهي ٻاهران ٻبر جي وڻ هيٺ رلي وڇائي ڪنهن ڏک ۾ اٻاٽڪو ويٺل آهي.

هو، سلام ڪري خميسي ڪنڀار سامهون رليءَ تي پلٿي هڻي ويهي رهيو.

قدرت الله ٻئي هٿ گوڏن تي رکي ڪيس دلاسو ڏنو ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪندي ڪانئس پڇيو تہ، ’آخر اها ڪهڙي ڳالهہ آهي جو هو اڪيلائيءَ ۾ گهر ٻاهران رلي وڇائي اٻاٽڪو ٿي ويهي رهيو آهي!‘ خميسي ڪنڀار جي اکين مان لڙڪن جا بند ٽٽي پيا. ٻڏل لفظن ۾ وراڻيائين، ”ڪالهہ شام اُن کي ڪنهن ڪاموري جي گاڏي ٽڪر هڻي ماري ڇڏيو. اهوئي هو جيڪو ڏک سک ۾ اسان کي ڪمائي ڏيندو هو. هاڻي اسين ڄڻ يتيم ٿي ويا آهيون.

قدرت الله ڳالهہ کي سمجهندي چيس، ”خميسا! ڪمال آهي خون جي اها خبر پاڙي وارن تائين تہ نہ پهچائي سگهين پر ڏک جي اُن گهڙيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ مون تائين تہ اهو اطلاع پهچائين ها!“

معذور خميسي ڪنڀار جي نڙيءَ ۾ ٿوهر ڦٽي پيا، گلو پرجي آيس. ڀڳي آواز ۾ ڏک مان وراڻيائين، ”سائين! ڇا ٻڌايان ها- گڏهہ جي مرڻ جو ڏک رڳو مالڪ کي ئي ٿيندو آهي. تڏهن تہ اڪيلائيءَ ۾ رلي وڇائي پٽ تي ويٺو آهيان.“

قدرت الله جو دماغ چڪرائجي ويو. هو ڪاوڙ مان پڙڪو ڪائي معذور خميسي جي پر مان اُٿيو ۽ تڪڙو تڪڙو پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو.

پاڙيوارا قدرت الله کي ڪاوڙ ۾ پريل ڏسي ڪانئس معذور خميسي ڪنڀار جو اڪيلائيءَ ۾ گهر ٻاهران رلي وڇائي اٻاٽڪو ٿي ويهڻ جو سبب پڇي نہ سگهيا، جيڪا ڳالهہ پاڙيوارن لاءِ ويتر اچرج ۾ وجهندڙ هئي!!





ذاڪره جي عمر، جيجي ذاڪره جي ڌيءُ جيترڙي هئي.

خبر ناهي ڇا سبب هو جو جيجي ساران هن پيري جيجي ذاڪره کان مجلس پڙهائڻ بجاءِ ڪراچيءَ مان هڪ نوجوان ذاڪره کي گهرايو هو.

مون ڏٺو، جيجي ذاڪره ان نئين آيل ذاڪره ڏانهن هڪ لمحي جي لاءِ به اک کڻي نه نهاريو. تسبيح هٿ ۾ هئس، الاءِ ته ڪهڙن خيالن ۾ گم هئي.

اوسارن کان پوءِ نئين آيل ذاڪره مجلس پڙهڻ لاءِ اُٿي ڏٺم، سڀ عورتون ڪيس نه فقط غور سان ڏسي پر غور سان ٻڌي به رهيون هيون. نوجوان ذاڪره، تمام سهڻي طريقي سان

شبانه سنڌي

ڪهاڻي

# "فرشِ عزا"

جيجي ساران جي حويليءَ ۾ مجلس هئي. اٺين محرم جو ڏينهن نائينءَ جي رات، وڏي پڙ تان امام قاسم جي سيج به ڪڍڻي هئي. وڏي حويليءَ جي بيبين مرثيو پڙهي پورو ڪيو ته لنجار ۽ مڱڻهار عورتن اوسارا شروع ڪيا.

جيجي ساران ۽ سندس وڏي ننهن جي پر ۾ ڪراچيءَ کان گهرايل ذاڪره ويٺي هئي.

هيءُ پهريون ڀيرو هو جو جيجي ساران ڪراچيءَ مان ذاڪره گهرائي هئي، نه ته سدائين جيجي ساران ئي مجلس پڙهندي هئي. ڪير به ٻاهران ذاڪره نه گهرائيندو هو، جيجي ذاڪره پهرين تاريخ تي پهچي ويندي هئي ۽ چوڏهين محرم تي واپس هلي ويندي هئي. سندس رهائش وڏي حويليءَ وارن وٽ هوندي هئي. نئين آيل

فضائل بيان ڪري رهي هئي. سندس لهجو ڏاڍو پختو ۽ پُرڪشش هو. "سنجها، جيجي ذاڪره ڪي ڏسين پئي؟" اوچتو رقيه منهنجي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيو.

"هون." مون مختصر جواب ڏنو.

ويچاريءَ ڪي لڳي ٿو ڏاڍو ڏک رسيو آهي. جيجي ساران ڪري حد ڇڏي. ڪراچيءَ مان ذاڪره پلي گهرائي هان پر جيجي ذاڪره جيڪا سدائين پڙهندڙ هئي، ان کي به ته چوي هان."

رقيه ماٺ ٿي ته فضه چيو: "امان چوي پئي، وڏي حويليءَ جي سيني بيبين کي اُهو ڏک آهي ته جيجي ساران ، جيجي ذاڪره جي هوندي ٻي ذاڪره کي ڇو گهرايو. هيءُ ويچاري بيواهه سيد زادي آهي، يتيم ٻار اٿس، سالن کان هتي ايندي

ٿي رهي، هاڻ پيرسن ٿي آهي تہ ائين ڪيس ڇڏي ڏينداسين ڇا؟"

زينب ٻڌايو: "جيجي ساران ٺي چوي، جيجي ذاڪره جو هاڻ دماغ نہ رهيو آهي، پوڙهي ٿي وئي آهي، نہ فضائل ٿي چڱيءَ ريت بيان ڪري نہ مصائب."

"ڪيئن بہ زينب، پر جيجي ذاڪره جهڙي مجلس ڪير بہ نہ پڙهي سگهندي. هن جو جيڪو آواز ۽ انداز آهي، هن جي شخصيت ۾ جيڪو رعب آهي، صورت ۾ جا ڪشش آهي، اُها ٻئي ڪنهن ۾ ٿي نٿي سگهي." مون چئي ڏنو.

"ها، اسان اجان ٻار ئي هيون سين، تڏهن کان جيجي ذاڪره کي مجلسون پڙهندي ڏٺوسين. پورو عشرو پڙهندي هئي. ڏينهن ۾ چار چار مجلسون بہ پڙهڻيون پونديون هيس تہ انڪار نہ ڪندي هئي."

پهرين مجلس جيجي ذاڪره، جيجي ساران جي گهر پڙهي هئي. جيجي ذاڪره جي آواز ۾ ايڏو تہ درد هوندو هو جو پٿر دل عورتون بہ پنهنجا لڙڪ روڪي نہ سگهنديون هيون. الاءِ چو مون کي جيجي ذاڪره ڏاڍي وڻندي هئي. سندس اُجڙيل ۽ ويران چهرو مون کان وسرندو ئي ڪونہ هو. هڪ ڏينهن پڇيو هئم پنهنجي امڙ کان "امان، جيجي ذاڪره جو چهرو ايڏو ويران ويران ڇو آهي؟"

امان ٻڌايو: "هڪ تہ هوءَ سيد زادي آهي ، ٻيو جوانيءَ ۾ ئي بيواهہ ٿي وئي هئي. شايد تڏهن سندس چهرو ائين آهي."

مان جيجي ذاڪره جي ويران ويران چهري ڏانهن تڪڻ لڳس. ڏٺم، هينئر بہ هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪيو الاءِ تہ ڪهڙن خيالن ۾ گم هئي.

نئين آيل ذاڪره فضائل بيان ڪندي ڪندي مصائب ڏانهن آئي تہ مون جيجي ذاڪره تان

پنهنجو ڌيان هٽائي مجلس پڙهڻ واري ذاڪره ڏانهن ڪيو. ذاڪره، امام قاسم گهوٽ جا مصائب پڙهي رهي هئي. گهوٽ قاسم جي شهادت، سائڻ ڪبريٰ جي بيواهہ بڻجڻ جو ڏک، بيبي فروا کان سندس پٽ جي جدائيءَ وارو صدمو، مومنياڻين کي روئاري رهيو هو.

هر اک اشڪبار هئي، چوطرف روئڻ جا آواز هئا. ڪنهن کي ڪو هوش نہ هو.

امامن جي يادگيري، بيبين سڳورين تي آيل مصيبتن کي ياد ڪري هر عورت هنجون هاري رهي هئي. ذاڪره مجلس پڄاڻيءَ تي رسائي دُعا لاءِ هٿ بلند ڪيا ۽ پوءِ "ماتم حسين" چئي نوحا خواني شروع ڪرائي وئي.

اوچتو گوڙ مچي ويو، هلندڙ نوحا خواني رڪجي وئي، سڀ عورتون هڪ پاسي ٿي بيهي رهيون. سڀ بيبيون جيجي ذاڪره جي چوڌاري مڙي ويهي رهيون، جيڪي ذاڪره جي هٿن مان تسبيح ڇڏائجي وئي هئي. هوءَ هيٺ ڪري پئي هئي.

"نوران او نوران، جلدي پاڻي کڻي اَچُ"، جيجي ساران جي نُنهن نوڪرياڻيءَ کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيو.

جيجي ساران، منهنجي ئي پرسان بيٺي هئي، خبر ناهي ڇو هوءَ باقي بيبين جيان جيجي ذاڪره جي ويجهو نہ وئي.

جيستائين نوڪرياڻي پاڻي کڻي اچي، هڪ ٻي پيرسن عورت جيڪا جيجي ذاڪره جي ويجهو ويني هئي، اُتان اُٿي اچي جيجي ساران جي پر ۾ بيني، ۽ تمام پڪي واري لهجي ۾ چيائين: "اِناللهِ وَاِنا اِليه راجعون!"

جيجي ساران جي هٿن مان تسبيح ڪري پئي. هوءَ حيرت ۽ ڏک وچان جيجي ذاڪره ڏانهن ڏسندي رهجي وئي.

◙

ڪيس جيڪو ڏڄ نصيب ٿيو هو، سو سندس زندگيءَ جو هڪ يادگار واقعو هو ۽ اڄ به ان جي ياد تازي هئي: ”چيائين اهو ڪاڄ نه ٿو وساري سگهان، تڏهن کان اهڙو ڪاڄ ۽ پيٽ ڀري کائڻ جو موقعو نه مليو اٿم. ڪنواريتن سيني کي پوريون ڪارايون هيون، ننين وڏن سيني پوريون ڪاڏيون ۽ ديسي گيهه جون روغنيون، رائتو ٽن نمونن جا سُڪل ساڳَ، تازيون ڀاڄيون، ڏهي، چٽني، مٺائي، ڇا ٻڌايان ته ان ڪاڄ ۾ ڪيترو سواد هو. ڪا جهل پل نه هئي جيڪا شيءِ کپي سا گهرو ۽ جيتري وٽي کائو. ماڻهن ته ايڏو ڪاڄ جو ڪنهن ڀاڻي به نه پيتو ۽ ميزبان اهڙا مهربان جو گرم گرم گول مهڪندڙ ڪچوريون وجهي پيا ڏين ته کائو. جهليون پيا ته نه ڪپن. پر پوءِ به هو ڏيندا ٿي ويا ۽ جڏهن مهمانن هٿ منهن ڌوتو ته هر هڪ مهمان کي پان به ڏنو ويو. پر مون کي پان وٺڻ جي سُڌ ئي نه هئي، بيهي نه پئي سگهيم، جهٽ پٽ وڃي پنهنجي ڪنبل تي سمهي پيم. اهڙو درياءُ دل هو ناڪر.“

ماڌو انهن ڳالهين جو مزو وٺندي چيو: ”هاڻي اسان کي ڪير اهڙو ڪاڄ ڪارائيندو. هاڻي ڪير ڪارائيندو اُهو جمانو ئي ٻيو هو. هاڻي ته سڀ ڪيٻائيندا آهن. شادي مهاڙي ۾ خرچ نه ڪيو. ڪِريا ڪرم ۾ خرچ نه ڪيو، ڀڇون ته گريبن (غريبن) جو مال ورهائي مرهائي ڪٿي رکندؤ! پر ورهائڻ ۾ گهٽتائي ناهي آئي رڳو خرچ ڪندي پيا ڪيٻائيندا آهن.“

”تون ڏهه ويهه پوريون ڪاڏيون هونديون.“

”ويهن کان وڌيڪ ڪاڏيون هيم.“

”مان ته پنجاهه ڪائي وڃان ها.“

”پنجاهه کان گهٽ مون به نه ڪاڏيون هونديون.“

”سگهارو جوان هوس، تون ته ان جو اڌ به نه آهين.“

ٻنهي ڪائي ٻنهي ڀاڻي پيتو ۽ اُتي ئي باهه جي سامهون پنهنجيون ڌوتيون اوڙهي پير پيٽ تي رکي سمهي پيا هئا. جڻ ٻه وڏا نانگ وڙهجي سيڙهجي سمهي پيا هجن، ويچاري ٻڌيا اڃا تائين ڪِنجهي رهي هئي.

]صبح جو ماڌو ڪوٺڙيءَ ۾ وڃي ڏٺو ته سندس زال مري چڪي هئي. سندس منهن تي مکين جو ميڙ هو، ڦوٽاريل تارا مٿي ٽنگيل هيس، سڄو جسم مٽيءَ ۾ ڀريل هيس. هن جي پيٽ ۾ ٻار مري چڪو هو.

ماڌو ڀڄندو گهيسو وٽ ويو، پوءِ ٻئي زور زور سان هاءِ هاءِ ڪندي سينو ڪُٽڻ لڳا.

پاڙيسرين هنن جو روڄ راڙو ٻڌو ته ڊڪندا آيا ۽ رسم مطابق غم جي مارين سان همدردي ڪندي سائن ڏک جو اظهار ڪرڻ لڳا، پر گهڻو روئڻ پٽڻ جو موقعو نه هو ويچارن کي، ڪفن ۽ ڪاٺين جو بندوبست ڪرڻو هو، سندن گهر ۾ ته هڪ ڪوڏي به ڪانه هئي.

پيءُ پٽ روئيندا ڳوٺ جي زميندار وٽ ويا، اُهي هنن ٻنهي جي صورت کان نفرت ڪندا هئا. ڪيترائي ڀيرا هنن پنهنجن هٿن سان کين مارون ڏنيون هيون. چوري جي سبب، وعدي تي ڪم نه اچڻ جي سبب.

پڇيائون: ”ڇاهي ڙي گهيسا؟ روئين ڇو ٿو؟ اڄڪلهه ته تنهنجي صورت ئي نظر نه ٿي اچي، لڳي ٿو ته تون هن ڳوٺ ۾ رهڻ ئي نٿو چاهين.“

گهيسوءَ زمين تي مٿو رکي، اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي چيو، سرڪار وڏي مشڪل ۾ آهيان، ماڌو جي گهر واري رات گجاري (گذاري) وئي. سڄو ڏينهن تڙپندي رهي سرڪار اڌ رات تائين اسان سندس سيراندي کان وينا رهياسين. دوا دارون جيڪو ڪجهه ٿي سگهيو سڀ ڪيوسون پر هوءَ اسان کي دگا (دغا) ڏئي وئي.

هاڻي اسان کي ڪو ماني ڏيڻ وارو به ناهي رهيو. مالڪ! تباهه ٿي وياسين! گهر اجڙي ويو، توهان جو گلام (غلام) آهيان ۽ هاڻي توهان ڪانسواءِ هن جي مٽي ڪير پار لڳائيندو. اسان وٽ ته جيڪو ڪجهه به هو سڀ دوا دارون ۾ کپي ويو. سرڪار جي ئي ديا ٿيندي ته هن جي مٽي ڪٿي سگهبي. توهان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي دَرَ تي وڃان؟“

زميندار صاحب رحمدل ماڻهو هو، پر گهيسوءَ تي رحم ڪرڻ جڻ ڪاري ڪنبل تي رنگ چاڙهڻ جي برابر هو. دل ۾ خيال آيس ته کيس ڇئي ڏئي ته ”هل ٽري وڃ هتان نياڳا لاش وڃي گهر ۾ رک، هونئن ته تون

سڱڻ سان به ناهي ايندو، اڄ جڏهن ڪم پيو اٿئي ته اچي خوشامد پيو ڪرين. حرام خور ڪتان جو بدمعاش"، پر هي وقت ڪاوڙ يا انتقام جو نه هو. ٻي ڏليءَ سان به رپيا ڪيئي اُڌلائي ڏنائين. پر هن جي پنهنجي واتان ويچاري گهيسو لاءِ ٻه لفظ همدرديءَ جا به نه نڪتا. هن ڏي نهاريائين به نه، جڻ ته هن پنهنجي مٿي جو بارُ لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيو. جڏهن زميندار صاحب به رپيا ڏنا ته ڳوٺ جي چڱن مڙسن کي انڪار جي جرئت ڪيئن ٿئي ها. گهيسو زميندار جي مهربانيءَ جي تعريف ڪندو پئي ويو. ڪنهن ٻه آنا ڏنس، ڪنهن چار آنا، هڪ ئي ڪلاڪ ۾ گهيسو وٽ پنج رپيا گڏ ٿي ويا. ڪنهن اَنُ ڏنو ته ڪنهن ڪاٺيون، منجهند جو گهيسو ۽ ماڌو بازار مان ڪفن وٺڻ ويا ته هوڏانهن ماڻهو بانس وغيره ڪپڻ لڳا. ڳوٺ جون نرم دل عورتون گهرن کان نڪري اچي لاش جي مٿان بيهي، ان جي غربت ۽ مسڪينيءَ تي ٻه ڳوڙها ڳاڙينديون ٿي رهيون. بازار ۾ پهچي گهيسوءَ چيو: "ڪاٺيون ته هن کي ساڙڻ لاءِ مليون ويون آهن، ڪيئن ماڌو!"

ماڌو چيو: "ها ڪاٺيون ته گهٽيون آهن، هاڻي ڪفن (ڪفن) کپي."

"ڪو سادو ڪفن ٿا وٺون."

"ها نيڪ آهي، لاش ڪٽندي رات ٿي ويندي، رات جو ڪفن ڪير ڏسندو." ڪيڏو نه بُرو رواج آهي، جنهن کي جيئري جسم ڍڪڻ لاءِ هڪ ليڙ به نصيب نه ٿئي ان کي مرڻ کان پوءِ نئون ڪفن کپي."

"ڪفن ته لاش سان گڏ سڙي ويندو آهي."

"ها سڀ ڪجهه سڙي ويندو آهي، اِهي پنج رپيا اڳ ملن ها ته ڪا دوا دارون ڪيون هان."

ٻئي هڪ ٻئي جي دل جي ڳالهه دل ئي دل ۾ سمجهي رهيا هئا. بازار ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمندا رهيا، تان جو شام ٿي وئي.

ٻئي اتفاق سان يا ڄاڻي واڻي هڪ شراب خاني وٽ اچي پهتا، جڻ ته ڪنهن طيءِ شده فيصلي مطابق اندر ويا. ۽ ٿوري دير تائين ٻئي سوچ ويچار ۾ بيٺا رهيا. پوءِ گهيسوءَ هڪ هڪ بوتل شراب جي ورتي، ۽ ٻئي وراندي ۾ ويهي پيئڻ لڳا.

ڪيترائي بيگ پيئڻ کان پوءِ ٻئي سرور ۾ اچي ويا. گهيسو چيو: "ڪفن ڏيڻ سان ڇا ملي هان. آخر سڙي وڃي هان." ماڌو آسمان ڏانهن منهن ڪري چيو: جڻ ته فرشتن کي پنهنجي معصوميت جي يقين ڏياري رهيو هجي.

"دنيا جو دستور آهي اِهي ئي ماڻهو ٻانڀڻن کي هزارين رپيا چو ڏيندا آهن، ڪير ٿو ڏسي ته هُن جڳ ۾ ڪجهه ملي ٿو يا نه. وڏن ماڻهن وٽ پيسو آهي، پلي پيا ضايع ڪن، اسان وٽ ضايع ڪرڻ لاءِ ڇا آهي؟"

"پر ماڻهن کي ڇا جواب ڏيندين؟"

ماڻهو پڇندا نه ته ڪفن ڪٿي آهي؟"

گهيسو کليو: "چئي ڇڏيندا سين ته پيسا ڪٿي ڪِري پيا. تمام گهڻو ڳولهياسين پر نه مليا." ماڌو به کليو. ان غير متوقع خوش نصيبي تي قدرت کي اهڙي طرح شڪست ڏيڻ تي چيائين:

"ڏاڍي سٺي هئي ويچاري، مُئي به ته خوب ڪارائي پياري."

اڌ کان وڌيڪ بوتل ختم ٿي وئي، گهيسو به سير پوريون گهرايون، گوشت پاڄي ۽ مصالي دار جيرا، تريل مڇيون، شراب خاني جي سامهون ئي دڪان هو. ماڌو جهٽ پٽ ۾ سموريون شيون وٺي آيو. ڏيڍ رپيو خرچ ٿي ويو.

هينئر ٿورا پئسا وڃي بچيا هئا.

ٻئي اهڙي ته شان سان پوريون کائي رهيا هئا، جيئن جهنگ ۾ ڪو شينهن پنهنجو شڪار کائي رهيو هجي، نه جواب ڏيڻ جو خوف هئن، نه بدناميءَ جي ڳڻتي.

اهي مرحلا هنن جڻ اڳواٽ ئي طيءِ ڪري ڇڏيا هئا، گهيسو فلسفياڻي انداز ۾ چيو: "اسان جي آتما خوش ٿي رهي آهي ته ڇا هن کي خوشي نه ٿيندي."

ماڌوءَ عقيدت وچان تصديق ڪئي، "جرور جرور".

ڀڳوان تون انترجامي (عليم) آهين، هن کي سُرڳ نصيب ڪجانءِ، اسان ٻئي هن کي دل سان دعا ڪري رهيا آهيون." اڄ جهڙو ڪاڌو مليو اهڙو سڄي عمر نه مليو هو. هڪ پَلَ کان پوءِ ماڌوءَ جي دل ۾ هڪ تشويش




كتاب: گلستان سروري
سائيز: ڊيمي
صفحا: 284
ليک: پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحمٰن قريشي
ڇپائيندڙ: طالب المولىٰ اڪيڊمي. هالا

ڪير آهي جيڪو حضرت مخدوم نوح سرور عليہ الرحمت جي بزرگيءَ ۽ علمي حيثيت کان واقف نہ آهي. سندن تذڪرو هڪ علمي ڪم سان گڏ هڪ سعادت بہ آهي. سندن زمانو (911-998هہ/1506- 1590ع) سنڌ ۾ علمي اڪابرن جو زمانو هو. تصوف ۽ تذڪيہ نفس انهن اڪابرن جي خانقاهن ۾ اهڙي طرح موجود هو جو پٽڪيل انسانيت لاءِ شمع فروزان مثل روشن هو. حضرت مخدوم نوح سرور جو اصل نالو لطف الله هو ۽ پاڻ مخدوم نعمت الله جن جي گهر 21 فيبروري 1506ع تي ڳوٺ ٽوڙي هالا ڪنڊيءَ ۾ تولد ٿيا. هي ڳوٺ پراڻن هالن کان اٽڪل ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي. هين پراڻن ڪتابن سان گڏ سيد عبدالقادر جي تحقيق ”حديقة الاولياء“ ۾ سندن احوال آيو آهي. هيءَ علمي تحقيق مخدوم نوح سرور عليہ الرحمت جن جي وصال کان 18 سال پوءِ 1016هہ ۾ لکي ويئي. سندن بيت، ملفوظات ۽ قرآن ڪريم جو فارسي ترجمو موجود آهي. ان سان گڏ سندن قديم ديني خدمتن جو ڪو شمار ۽ ڪاٿو ڪونهي. هڙي رهبر جو احوال جيتوڻيڪ قديم ليکڪن ڏنو تيئن موجوده محققن بہ هيءَ علمي خدمت ۽ سعادت ڄاڻي هن خاندان جي علمي پالوت ڪئي تنهن جو ڪو سنڌو سيڙهو ڪونهي. حضرت مخدوم نوح سرور عليہ الرحمت جن جون ذاتي خدمتون بہ ڳڻپ کان ٻاهر آهن.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

مهاڳ تان ورتل. صفحو نمبر 5

گلستانِ سروري
(سروريہ خاندان جي پنجسو سالہ تاريخ جو مطالعو)
پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحمٰن قريشي

# نوان ڪتاب




ڪتاب: منهاج المعرفت
(شيخ المشائخ شاهه لطف الله قادري)
تحقيق: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو
ڇپائيندڙ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 2009ع
سائيز: ڊيمي
صفحا: 452
قيمت: 350 رپيا




ڪتاب: شذرات - 3
(اردو)
تصنيف: علامه غلام مصطفيٰ قاسمي
ڇپائيندڙ: علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر 2010ع
سائيز: ڊيمي
صفحا: 192
قيمت: 350 رپيا




ڪتاب: ناوَ هلي آ گيت ڪٽي
(شيخ اياز جي گيتن جو ڪليات)
مرتب: اسحاق سميجو
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2009ع
سائيز: ڊيمي
صفحا: 364
قيمت: 350 رپيا




ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

هڪ علمي خط

# ’حديقة الاولياءُ‘ جو سنڌي ترجمو

(ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌيءَ جي مضمون جي وراڻي)

نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اوهان تعميري تنقيد ڏانهن توجهه ڏياريو. ان لاءِ مان دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان. حقيقت ۾ تعميري تنقيد ۽ علمي اصلاح ئي علم ادب جي واڌاري لاءِ اهم پيش رفت آهي.

**پس منظر:** جواب ۾ گذارش ته هر ليکڪ کي هيءُ پس منظر رکڻ گهرجي، مثال طور شاهه عبداللطيف ڀٽائي 12صدي هجري/ 18صدي عيسويءَ ۾ جيڪا شاندار شاعري اُن وقت مروج سهڻي سنڌي سڀاجهيءَ ٻوليءَ ۾ ڪئي، هن وقت ان سنڌي شاعري جي معنيٰ ۽ مطلب پروڙڻ هرماڻهو جي وس ۾ نه آهي.

اهڙي ريت ”حديقة الاولياء“ شاهه لطيف کان تقريباً ٻه سؤ سال اڳ فارسيءَ ۾ لکيل تذڪرو آهي. ان آڳاٽي فارسيءَ کي سمجهڻ ٻه هر ماڻهوءَ جي پهچ کان مشڪل آهي.

ان ڏس ۾ حديقة الاولياء فارسي جي فاضل مرتب فارسيءَ جي ماهر سيد حسام الدين راشديءَ مقدمي ۾ پاڻ ڪتاب جي مشڪل زبان ۽ بيان توڙي قديم ذڪين لفظن بابت وضاحت ڪندي هن ريت لکيو آهي:

”حديقة الاولياء جي صورتحال بلڪل ابتڙ آهي، بيان جو طريقو الجهيل ۽ زبان تمام ڳوڙي يعني عربي لفظن جي ڪثرت ۽ غيرمعروف ۽ غريب لفظن جي گهڻائي سبب منجهيل آهي... نتيجي طور پڙهندڙ کي مطالعو ڪندي گهڻو ڪجهه پوڄڻو پوي ٿو. مثلاً هيٺئين نموني لفظ شروع کان آخر تائين عام جام ملن ٿا:

مطرز، حقد، آن واليق، مطيہ، استنامتي، صحاري، طريق براري (ص 26) مُحط، اتساع عرصہ مملڪت، بلب تجبيل تقبيل، وثاق، تنفير، مجبول، تمساح، اقتناص، اصياد، حجرات (ص 27).

اهي ٻن صفحن ۾ آيل الفاظ آهن، انهي مان زبان جي انداز ۽ بيان جي طرز جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.“

[مقدمہ- حديقة الاولياء، ص 83-84]

فاضل مرتب سيد حسام الدين راشدي جهڙي فارسي جي گوهر کي ڪتاب ۾ قديم فارسي ۽ مشڪل لفظن جو احساس هو. اميد ته ٻئي پس منظر سامهون رکي، ڏسو ته حقيقت سامهون اچي ويندي.

اها خبر ڪانهي ته اصلاح ڪندڙ قابل احترام ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌيءَ کي قديم ۽ جديد فارسيءَ جي مهارت ۽ قابليت لياقت ۽ طاقت ڪيتري آهي؟ تنهن هوندي به ادب احترام ۽ شڪرئي سان حديقة الاولياء جي فارسي ترجمي بابت فاضل اصلاح ڪندڙ جي اُٿاريل چئن نڪتن جو جواب هن ريت آهي:

## پهريون ۽ ٻيو گڏيل سوال

فارسي عبارت شيخ ممون جي احوال ۾ سندس دفن ٿيڻ جي ماڳ بابت:

اصل فارسي عبارت هي آهي:

”خليفہ و مريد شيخ جميل گرناري در موضع دندي مدفن معروف دارد.“
(صفحو 259)

لفظي ترجمو: خليفہ = خليفو، و = ۽. مريد = مريد شيخ = شيخ مرشد. جميل گرناري = جميل گرناري. در = ۾. موضع= جاءِ هنڌ ماڳ. دندي= ڏندي يا ڍنڍي. مدفن = دفن ٿيڻ جي جاءِ هنڌ ماڳ. معروف = مشهور. دارد= رکي.

هن فارسي عبارت جو بامحاوره سليس ترجمو اهوئي ٿيندو، جيڪو ڪتاب ۾ ڏنل آهي:

[هيءُ بزرگ شيخ جميل گرناريءَ جو مريد ۽ خليفو هو، ڏندي (ڍنڍي) شهر ۾ سندس مزار مشهور آهي.]

هر فارسي دان ڄاڻي ٿو تہ اصل فارسي عبارت جو اهو ترجمو بامحاوره سليس ۽ صحيح آهي. انڪري ترجمي جو اعتراض بي سود اجايو شايد اصلاح ڪندڙ جي غلط فهمي آهي.

### ٻيو سوال

ساڳي فارسي عبارت ۾ فارسي صورتخطيءَ ۾ لکيل لفظ ”دندي“ بابت آهي.

فارسي صورتخطي ۾ ”دندي“ لفظ جو ترجمو امڪاني طور ’ڏندي‘ لکيو ويو. دندي لفظ جو ترجمو مشهور تاريخي فارسي ڪتابن چچ نلمو، تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام جي فارسي مترجم مخدوم اميراحمد عباسي تحفة الڪرام ۾ بہ شيخ ممون جي احوال ۾ سندس مدفن ”دندي“ فارسي لفظ جو ترجمو ”ڏندي“ ڪيو آهي.

[حوالو: ”تحفة الڪرام“ سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1957ع، ڇاپو پهريون، صفحو 450]

اسان بہ ان فارسي صورتخطيءَ ۾ آيل لفظ ”دندي“ جي امڪاني پڙهڻي مخدوم امير احمد جي ترجمي تحفة الڪرام واري رکي آهي.

اصل ۾ حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌي ماڻهن ۽ ماڳن مڪانن جي فارسي ۽ عربي صورتخطيءَ ۾ لکيل لفظن جي صحيح ۽ اصلي پڙهڻي ۽ ترجمو نهايت مشڪل آهي. اهوئي سبب آهي جو مخدوم اميراحمد بہ تحفة الڪرام جي ترجمي ۾ لفظ ”دندي“ ڪي امڪاني پڙهڻي موجب ”ڏندي“ ڪري لکيو آهي.

خود حديقة الاولياء فارسي جي فاضل مرتب سيد حسام الدين راشدي بہ فارسي متن جي حاشيي ۾ سنڌي ماڻهن ۽ ماڳن مڪانن جون پنهنجي ليکي ۽ تحفة الڪرام جي سنڌي ترجمي موجب هڪ بہ نہ، پر ڪيتريون امڪاني پڙهڻيون ڏنيون آهن. انهن امڪاني پڙهڻين جا الف- ب وار مثال هي آهن:

اوتہ = اوٺو ذات، ص 193
بتي = ٻٽي
برڪيہ ڪاتيار = پرڪيو ڪاتيار، بسندي پرڪيو، ص 175
بکيہ = ٻگهيو، ص 209
پنيہ = پڃو، پنيو، ص 195
تنيہ = ٽيبو ذات، ص 203
تيهيم = ٿهيم، ص 206
جام جونو= ڄام جوڻو، ص 53
چتہ = ڇتو، ص 145
ديتہ = ڏنو، ڏتو، وسيو، ص 175
دوري هنگوره = ڍوري هگورو، ص 206
ديوره = ديولي، ص 258
راجه = راڄو، ص 165
رائدن = رائدن، لنداڻ، لنڊ بلوچ ذات، ص 173
ساهر = ساهڙ لنجار، ص 121
سعته = سهتو، ص 201
لاکه = لاکو، ص 101
لار = لاڙ، ص 187
لده = لٽو، ص 143
ناريجه = ناريجو، ص 197
ننلهو = ننيو، ص 209

نوهريه = نوهڙيو، ص 147

وهيره = وهيرو، ونهيرو، واهيرو، ص 216

(حديقة الاولياء فارسي)

هن مان ظاهر آهي ته چار سؤ سال اڳ ۾ ماڻهن ۽ ماڳن مڪانن ۾ تبديلي اچڻ ممڪن آهي. بهرحال تنهن هوندي ايتري وقت گذرڻ کان پوءِ به "ڍنڍي" ماڳ لاڙ ۾ موجود آهي، ته اسان مخدوم امير احمد واري امڪاني پڙهڻي کي ڇڏي، خلوص دل سان قابل قدر ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي جي پڙهڻي کي درست تسليم ڪيون ٿا، ته حديقة الاولياء جي ٻي ڇاپي ۾ ڏنڌي جي بجاءِ "ڍنڍي" لکيو وڃي.

**ٽيون سوال**

شيخ پرڪيو ڪاتيار جي احوال ۾ سندس وفات جو سال حاشيي ۾ اچي ها ۽ پڻ ڪاتيار سان ڏنگين ۾ (ملا) جو لفظ غلط فهمي ۾ زياده اچي ويو آهي. انڪري پلي اصلاح ڪندڙ جي صلاح موجب حديقة الاولياء ص 162 تي ايندڙ ڇاپي ۾ ملا جو لفظ ڪڍي ڇڏجي ۽ پرڪيي ڪاتيار جي وفات جو سال هيٺ حاشيي ۾ آڻجي.

**چوٿون سوال**

پروف جي چُڪن جيئن: ساهه لطيف (شاهه لطيف) ۽ شيراي (شيرازي) ۽ معياري لهجي جو سوال آهي، ته پروف جون چُڪون ايندڙ ڇاپي ۾ درست ڪري سگهجن ٿيون.

باقي لاڙ جو ته پنهنجو لهجو آهي. تعليمي ماهرن طرفان سنڌي ٻوليءَ ۽ تعليمي نصاب جي حوالي سان معياري لهجو وچولي سنڌ [ساهتي پرڳڻو (ڪنڊيارو، نوشهروفيروز ۽ نوابشاهه ۽ حيدرآباد] جو تسليم ٿيل آهي، اهو لهجو پنهنجي جاءِ تي معياري ۽ تعليمي ماهرن طرفان مڃيل آهي. انڪري ان ۾ ڦيرگهير مناسب نه آهي.

اميد ته عزت مآب ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي جواب جي پس منظر ۽ ٽنهي نڪتن کي اصلاحي نظر سان پڙهي مطمئن ٿيندا. وري به آءٌ قابل احترام ڊاڪٽر سنڌيءَ جو احسانمند آهيان، جن علمي ادبي اصلاح ڪري رهنمائي ڪئي آهي. الله تعاليٰ کين شاد آباد رکي!

## نئون ڪتاب




ڪتاب: خط (ع.ق. شيخ جا دوستن ڏانهن)

سائيز: ڊيمي

صفحا: 270

ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

سال: 2010ع

قيمت: 185 رپيا

.................

حيدرآباد سنڌ

20/3/1954

محترم جويه صاحب!

تازو خبر پئي اٿر ته اوهين ناچاڪ آهيو. ان ڪري انتظار ٿي بينو آهي. مهرباني ڪري پنهنجي خير خيريت جو احوال جلد ڏيندا ته تسلي ٿئي.

تازو اوهان کي جذباتي هڪ خط درخواست سميت موڪليو هوم، ان جو خيال نه ڪندا- نهيو. روپاٽي صاحب جا هينئر پير پختا ٿا ڏسجن.

رات هت ڪاليج جو ڊرامو "ليلان چنيسر" ٿي گذريو. سڀني دوستن هت توهان کي ڏاڍو ياد ڪيو. پنهنجي تندرستيءَ جو احوال ڏيندا.

ع. ق. شيخ



مدد علي سنڌي

# ڪاڪِ ڇَڏِيائُون ڪُنڊَ تي، پاڙان وِيا پَري

## (سنڌ جي داستان گو اديب جو قصو)

**شروعات**

قصو چاڪاڻ تہ هڪ داستان گو اديب جو آهي. ان ڪري قصي کي ڪٿون تا ڏٽيءَ جي نالي سان، جيئن پراڻن قصن، ۽ آکاڻين جو آغاز پالڻهار جي نالي سان ٿيندو هو.

هڪ قديم مناجات سان ٿا ڪريون هن داستان جي شروعات:

سڀ حمد و ثنا جو حقدار هُو آهي،
جو اڪين سان ڏسڻ کان سواءِ اسين هن کي ڄاڻون (مڃيون) ٿا،
هوئي سمورن جهانن جو خالق آهي- مالڪ آهي.
هُو ان مهل کان دائم ۽ قائم آهي.
جڏهن نہ هو اڀ ۽ نہ ڪي تارا.
نہ اونداهي رات هئي،
نہ هيءُ سمنڊ، نہ هي وايو منڊل،
هو سيني جو خلقيندڙ آهي،
مالڪ آهي- وارث آهي!
۽ اسان سيني جو معبود آهي،
سيني جو رازق آهي،
هي چنڊ. هي سج هُن جي طلب ۾ روان آهن،
هو ويجهن کي ڏور،
۽ هر نئين ۽ جديد کي جُهور ڪري ٿو.
خداوند تعاليٰ،
سيني رازدارن جي رازن مان واقف آهي،
چڱيءَ ريت باخبر آهي.
هو تازي ٿاريءَ تي ڦٽندڙ پن جي احوال،
۽ پنڪڙين جي غلافن
۽ واري جي صحرائن جي ذرن،
بيابانن ۾ اڏامندڙ واچوڙن، هوائن جي جهڪن،
هوائن جي جهڪن ۾ اڏامندڙ ماڪ ڦڙن،
وسندڙ برسات،
ڦڙو ڦڙو جنهن هنڌ تي پئجي رهيو آهي-
سڀ هن جي نظر ۾ آهي.
اڀ سان ڳالهيون ڪندڙ جبل،
اوچا جبل ۽ چوٽيون،
هرهڪ آهستي آهستي هر آواز،
هڪ هڪ نشان، قدم،
هرهڪ صدا، هي سخن نفس جو هر ارادو،
هرهڪ لفظ جو پڙاڏو،
چپن مان نڪرندڙ هر آواز،
هرهڪ شيءِ جي چرپر،
هرهڪ زنده مخلوق جو ساهہ،
جيڪو هن ڌرتي تي آهي،
يا پاڻيءَ جي پاتال ۾، جيڪا دريائن جي لهرن تي ٿي پلجي،
۽ جنهن کي رات جي اونداهي تي لڪائي ڇڏي.
۽ پرهہ ڦٽيءَ جي روشني ٻيهر ڏيکاري ٿي.
هُو سيني جو رمز ۽ آشنا آهي.

۽ سموري واڪاڻ ۽ تعريف بہ انهيءَ جي لاءِ آهي.
(حضرت علي ڪرم الله وجه)

* * * * *

هر نئين سوچ رکندڙ اديب، شروع شروع ۾ تبديلي چاهيندو آهي. ترقي پسند سوچ رکندڙ اديبن جا اصل ۾ خيالات اهي ئي هئا تہ دنيا کي ڪيئن بدلائجي؟ سندن نگاهون، هر ايرندڙ نئين سج تي هيون. زندگيءَ کي سدا بهار رنگ ۾ جاري رکڻ، وقت ۽ ويجهڻ سندن نصب العين هو، پر هو نئين بهار، هر نئين بسنت رُت ۾ ڦٽندڙ سرنهن جي گلن وانگر زندگيءَ کي ڏسڻ لاءِ، فقط نگاهہ رکڻ وڏي ڳالهہ نہ هوندي آهي. انهيءَ لاءِ جاکوڙڻ جي ضرورت هوندي آهي. ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند سوچ رکندڙ اديبن دنيا کي بدلائڻ جا خواب اکين ۾ رکي، هڪ وڏي جدوجهد بہ ڪئي.

1947ع ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب لاءِ ڏاڍا ڏکيا ڏينهن اچي ويا. سنڌي ٻوليءَ جا وڏا اديب لالچند امر ڏنومل، ڀيرومل مهر چند، دادا چيتمل پرسرام، امر لعل هگوراڻي، تيرٿ بسنت، ليکراج ڪشنچند عزيز، منگهارام ملڪاڻي، رام پنجواڻي، ڄڳت آڏواڻي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي وغيره سنڌ ڇڏي ڀارت لڏي ويا. سنڌي پريسون ۽ پبلشنگ ادارا، جيڪي ڏينهن رات سنڌي ڪتاب ڇپيا ڇپيندا هئا، بند ٿي ويا. هر پاسي کان مايوسي پکڙيل هئي. اهڙي وايو منڊل ۾ سائين جي. ايم. سيد جي ڪوشش سان سنڌي ادبي بورڊ کي جيئاريو ويو. سال 1951ع جو سال سنڌ جي ادبي تاريخ جو اهم سال آهي. انهيءَ سال جولاءِ 1951ع ۾، سائين جي.ايم.سيد محمد ابراهيم جويي کي سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ڪرايو. تڏهن سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ تي واقع اين. جي. وي. هاءِ اسڪول جي عمارت ۾ هوندي هئي.

1955ع ۾ جويو صاحب مهراڻ جو اجراء ڪيو. ٽماهي "مهراڻ" جي شروعات ڄڻ نئين سنڌي ادب جي شروعات هئي. جويو صاحب، سراج الحق ميمڻ، غلام رباني ۽ شمشيرالحيدري جهڙي جفاڪش اديبن کي بورڊ ۾ وٺي آيو. ان وقت رباني، ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ نئين زندگي ۾ ايڊيٽر مولوي عبدالواحد سنڌي جي هٿ هيٺ ڪم ڪندو هو. جويو صاحب، آڪٽوبر 1957ع ۾ ربانيءَ کي بورڊ ۾ وٺي آٿي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي عهدي تي مقرر ڪرايو. ان وقت اسسٽنٽ سيڪريٽري سراج الحق ميمڻ هو. جيڪو مئي 1955ع کان وٺي سيپٽمبر 1957ع تائين ڪم ڪندو رهيو هو. اهو وقت ون يونٽ جي نهڻ کان ستت پوءِ جو آهي.

سنڌ ون يونٽ جي ڪوٺ ڪڙن ۾ قيد هئي، سنڌي قوم جا سمورا حق ڦٻايا ويا هئا. تڏهن هڪڙو هو سائين جي.ايم.سيد، ۽ ٻيا هئا سنڌي اديب، جن سنڌ سنڌ پئي ڪئي. هنن سمجهيو پئي تہ سياسي محاذن تي شڪست کائڻ کان پوءِ هاڻ جنگ ۽ جدوجهد جو واحد وسيلو فقط ۽ فقط سنڌي ٻولي آهي، ۽ ان جي وسيلي ئي قومي حقن جي حفاظت ڪري سگهجي ٿي.

1955ع کان ٽماهي "مهراڻ" ۾ جن اديبن جون ڪهاڻيون شايع ٿيڻ شروع ٿيون، تن ۾ شيخ اياز، جمال ابڙو، غلام رباني، سراج الحق ميمڻ، حفيظ شيخ، ع. ق. شيخ، شامل آهن.

۽ جديد سنڌي ادب جي اها ئي شروعات هئي، جيڪا ٽماهي مهراڻ مخزن، کان شروع ٿي.

* * * * *

غلام رباني جي پهرئين ڪهاڻي "آتر ڏاهي ان جا" ٽماهي "مهراڻ" ۾ شايع ٿي. اهو سال 1955ع جو هو. 55 ورهيہ اڳ، مهراڻ سيارو 1955ع ۾ سندس ڪهاڻي شايع ٿي. ساڳئي پرچي ۾ جمال ابڙي جي "شاهہ جو ڦر"، ۽ حفيظ شيخ جي "امان مان اسڪول ڪونہ ويندس." بہ شامل هيون. مهراڻ لونهارو 1955ع ۾ رباني جي "شيلو ڏاڙيل" ۽ سرء 1955ع واري مهراڻ ۾ سندس شاهڪار ڪهاڻي "ٻري هن پنيور ۾" شايع ٿي. آءٌ سمجهان ٿو اها ڪهاڻي سنڌي ادب جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي.

* * * * *

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ چيڙ ۽ رسائي هڪ ناسور هوندو هو. جاگيرداري سماج ۾ 19 صدي جي سنڌ ڪهڙي هئي تہ ان جو چٽو پٽو عڪس اوهان کي پير علي محمد راشديءَ جي ڪتاب "اهي ڏينهن، اهي شينهن" ۾ موجود ملندو. جيتوڻيڪ سال 1917ع ۾، سنڌ جي مشهور سياسي رهبر رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، بمبئي

هئي، پر بعد ۾ جڏهن آمريڪي، ۽ چيني قونصل خانن مان مون کي ليٽر اچڻ شروع ٿي ويا، ته مان ڏاڍو خوش ٿيس. ان وقت سنڌي ڪهاڻين جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو وڏي ڳالهه هئي.“

1960ع ۾ رباني صاحب جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ”آب حيات“ شايع ٿيو. حيدرآباد مان زندگي پبليڪيشن پاران حميد سنڌي، ڪتاب جو پبلشر هو. ڪتاب جي مهاڳ لاءِ 15 جون 1960ع تي غلام رباني ڪراچيءَ ۾ ويهي هن ريت پنهنجي سوچ کي بيان ڪري ٿو:

”سوال آهي ته دنيا جا ماڻهو، سچ کي پري ڪري ڪوڙ کي پاڻ وٽ ڇو ٿا رهائين؟ ڇا انسان، فطرتاً ڪوڙ پسند آهي؟ ڪوڙ ته بدي آهي! ڇا انسان، واقعي بد آهي؟

”منهنجو جواب انڪار ۾ آهي. آءٌ اها ڳالهه قبول ڪرڻ کان انڪار ڪريان ٿو ته انسان فطرتاً بد آهي. ڪوڙ کي پسند ڪري ٿو، ڇو ته سچ نيڪي آهي. منهنجي خيال ۾ ايامن کان وٺي، دنيا جي هر مخلص فنڪار ۽ فيلسوف جي اهائي ڪوشش رهي آهي، ته هو ڪوڙ جو فريبي لباس لاهي، ڪيس پنهنجي اصلي روپ ۾ نروار ڪري، ته جيئن سچ کي پنهنجي حقيقي جاءِ ملي. ان مقصد جي حاصلات لاءِ ئي سياڻي سقراط زهر جو پيالو چپن تي چاڙهيو هو.

”مون پنهنجي ننڍيءَ ڄمار ۾ جيڪي واقعا ڏٺا ۽ ٻڌا آهن، تن مان ڪن کي ڪهاڻين جو ويس ڍڪائي عام ماڻهن آڏو پيش ڪيو اٿم. منهنجي ڪوشش، بهر صورت، اهائي رهي آهي، ته ڪوڙ کي سنڌس اصلي روپ ۾ نروار ڪريان. منهنجي لکڻ جو مقصد اهو ئي آهي. حاصلات ڇا ٿيندي؟ تنهن باري ۾ ايترو چوندس ته جيئن ڪاريءَ رات جي پوپان چمڪندڙ صبح جو اچڻ لازمي آهي، تيئن مون کي يقين آهي ته هڪ اهڙو ڏينهن ضرور ايندو، جڏهن نيڪيءَ جي پري گهر گهر ايندي، پوءِ دلين تي خوف جو نه، پيار جو راڄ هوندو، پوءِ سموري انسان ذات، هڪ ڪٽنب وانگر، گڏجي پورهيو ڪندي، انهن مقصدن جي حاصلات لاءِ ته دنيا مان بک، بيماري، ۽ گناهه ختم ٿين. چوڌس، سونهن، خوشي ۽ پيار پکڙجي، آدم جو اولاد هر ڌرتيءَ تي، وڄايل جنت وري حاصل ڪري.“

رباني جا خيال، ۽ نظريا، اڳتي هلي اهي ئي هئا، جيڪي شروع شروع ۾ ترقي پسند سوچ سان لاڳاپيل اپرنڌڙ اديب جا هوندا آهن.

* * * * *

پير حسام الدين راشدي 1956ع ڌاري پنهنجي هڪ دوست کي خط ۾ لکي ٿو، ”سنڌي ادب جي دنيا ۾، اڳتي هلي، اسان جو غلام رباني هڪ درخشان ستارو ٿيندو!“

پير حسام الدين ۽ پير علي محمد راشديءَ سان سنڌس دلي تعلق 1955ع کان وٺي آخري دم تائين قائم رهيو. پير حسام الدين راشدي، 1958ع ۾ بيماري، سبب پنهنجي ڀاءُ پير علي محمد راشديءَ ڏانهن فلپائن هليو ويو. منيلا ۾ رهندي، پير صاحب پنهنجي حالت ۽ رباني جي لکيل خطن جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

”منيلا ۾ پاڪستان مان جڏهن اخبارون اينديون هيون، ته ڪولينڊي هٿ ڏڪندا هئا: يا الاهي خير! اوڙي پاڙي جو خير! هندو، مسلمان جو خير! اهڙي گنڀير وايو منڊل ۾ منهنجي دل کي ڇڙو ربانيءَ جا دلچسپ خط ٿڌو ڇنڊو هڻندا هئا. منهنجي دل کي وندرائڻ لاءِ هو طرحين طرحين تجربا ۽ ٽوڻڪا لکي مون کي خوش ڪندو رهندو هو. خدا سنڌس ڀلو ڪري، منهنجي بيمار روح کي اهڙا خط لکي پيو وندرائيندو هو.

”هڪ دفعي لکيائين: مهراڻ موڪلجي ٿو. هونءَ ته سڄو ئي سون آهي. پر ڪهاڻي ”ڪِني اَگر“ ضرور پڙهجو!“

پير حسام الدين، ۽ رباني جي ان وقت جيڪا خط و ڪتابت هئي، ان ۾ راشدي صاحب به رباني کي ڊگها ڊگها خط لکندو هو. بقول رباني جي، ته هڪ هڪ خط پير صاحب جو 30،30 صفحن جو هوندو هو. مون جڏهن ڪانئس پڇيو ته اهي خط اوهان وٽ محفوظ آهن؟ چيائين، ”گهرن بدلائڻ سبب ڪيترن ماڻهن جا خط ۽ ٻيا ڪاغذ ضايع ٿي ويا!“

ڪاش اهي خط محفوظ هجن ها، ته هوند سنڌ جي تاريخ جو املهه باب محفوظ ٿي وڃي ها.

ها البت پير حسام الدين راشدي ڏي لکيل اديبن، ۽ مشاهيرن جي خطن جو هڪ وڏو تعداد موجود آهي. انهن خطن جي سلسلي ۾ هڪ دلچسپ قصو بيان ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو:

پير حسام الدين راشديءَ جي وفات کان پوءِ مون ربانيءَ صاحب جي آڏو حسين شاهه راشديءَ کي صلاح ڏني، ته پير صاحب ڏي عالمن جي لکيل خطن جو مجموعو اچڻ گهرجي! حسين شاهه کي اها ڳالهه ڏاڍي وڻي. فوري طور تي حسين شاهه خطن جي مجموعي جو پهريون جلد شايع ڪرڻ لاءِ پريس ڪاپي ٺهرائي. پر پوءِ اهو ڪم خود حسين شاهه روڪي ڇڏيو. ڪجهه وقت کان پوءِ رباني صاحب مون کي مليو. مون کانئس پڇيو، "پير صاحب جي خطن جي ڇپائيءَ جو ڪم ڪٿي پهتو؟" منهنجي ڳالهه تي ربانيءَ کان کل نڪري ويئي، چوڻ لڳو، "يار، حسين شاهه فون ڪئي هئي، چيائين پئي، ته مدد علي خطرناڪ ماڻهو آهي پير صاحب جي خطن جي ڇپائڻ جي ڳالهه ڪري مورڳو مون کي ئي ٻوڙي ۾ وڌائين. مون پڇيس ته ان ۾ وري ڪهڙي خطرناڪ ڳالهه ئي، ته چوڻ لڳو، "ادا، مون ته خط سڀ پڙهيا ئي ڪونه هئا. پير صاحب ڏي لکيل خطن ۾ ڪيترا خط ملڪ رام جا به هئا. اهي جو پڙهي ڏسان ته مورڳو انهن ۾ بلبي (پير علي محمد راشدي) جي خلاف زهر پريو پيو هو، ان ڪري خطن کي پڙهڻ کان سواءِ انهن جي اشاعت ناممڪن آهي! وري به خير ٿيو، جو اهي خط شايع نه ٿيا!" رباني ڳالهه ڪري پوري ڪئي، ته مون چيو، "ملڪ رام آخر ڇو پير علي محمد راشديءَ تي ڪاوڙيو؟"

چيائين، "اها ڳالهه به حسين شاهه ڪئي، ته جڏهن بلبو ۽ چاچو مصر ويا هئا، ته پير حسام الدين، هڪ عالم هئڻ جي ناتي ملڪ رام سان ملاقاتون ڪيون، جيڪو ان وقت مصر ۾ ڀارت جو سفير هو. ملڪ رام پاڻ فارسيءَ جو وڏو ڄاڻو هو، مرزا غالب جي حياتيءَ تي وڏو ڪم ڪيو هئائين. پير علي محمد راشدي، اتي قاهره ۾ رهندي ملڪ رام کان ڪجهه پيسا اوڌر ورتا، ته موٽي اچي ڪيس واپس ڪيا ويندا. جڏهن هو ڪراچي موٽي آيا، ته پير علي محمد راشديءَ کان پيسن جي واپسيءَ واري ڳالهه وسري ويئي. هوڏانهن ملڪ رام کي اوڌر نه واپس ٿي، ته هن پير حسام الدين راشديءَ کي خطن لکڻ جو سلسلو شروع ڪري ڏنو. آخرڪار پير صاحب، وڏي ڀاءُ جي اوڌر پاڻ لاٿي، تڏهن پير صاحب جي جند ڇٽي- سو ادا، اهو اٿئي اصل قصو."

* * * * *

مشهور جرمن عالم، ڊاڪٽر ائنميري شمل سان غلام ربانيءَ جو دلي رستو قائم هو. ڊاڪٽر شمل سان سندس تعلق لڳي ٿو پير حسام الدين راشديءَ جي ڪري ٿيو. ڊاڪٽر شمل سنڌ ۾ پهريون ڀيرو مارچ 1961ع ۾ آئي. هن گهڻو وقت ڪراچيءَ، حيدرآباد، ۽ شڪارپور ۾ گذاريو. پير حسام الدين راشدي سڄو وقت ساڻس گڏ هو. هوءَ ٺٽي به ويئي ۽ مڪليءَ جو شاندار قبرستان ۽ قديم آثار ڏسي عجب ۾ پئجي ويئي.

ڊاڪٽر شمل، 13 مارچ 1961ع تي سومر ڏينهن ڳڙهي ياسين ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي يوم ولادت تقريب ۾ شرڪت ڪئي. پير صاحب جي دل گهريي دوست ۽ علم دوست انسان آغا بدرالدين دراني اها محفل منعقد ڪرائي هئي. تقريب ۾ ڊاڪٽر شمل، پير حسام الدين راشدي، ۽ آغا بدرالدين درانيءَ سان گڏجي شرڪت ڪئي. شاهه جي رسالي، سنڌي گرامر ۽ سنڌي رسم الخط جوڙڻ ۾ عظيم اوائلي ڪارنامو ڊاڪٽر ٽرمپ ئي سرانجام ڏنو هو. سنڌ ۾ پهريون ڀيرو سنڌس ورسي، ۽ ان ۾ ڊاڪٽر شمل جي شرڪت سنڌ لاءِ وڏو اعزاز هئي. ان وقت ڳڙهي ياسين اسڪول جو هيڊماستر مشهور اديب سيد شاهه محمد شاهه هو، جيڪو بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري به مقرر ٿيو.

ساڳئي ڏينهن يعني 13 مارچ 1961ع تي شام جو آغا بدرالدين درانيءَ جي زرعي فارم تي هڪ شاندار دعوت ڊاڪٽر ٽرمپ جي سالگره جي سلسلي ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ ڊاڪٽر شمل کان سواءِ سکر ۽ شڪارپور جي اديبن شرڪت ڪئي. اها سموري محفل پير حسام الدين راشديءَ جي جي محنت سان رچايل هئي.

* * * * *

رباني سان ٽيل ڪچهريون، سدائين علم ۽ ڄاڻ سان ٽمٽار هونديون هيون. ان جو ڪارڻ هڪ اهو به هو، ته رباني صاحب، جن عظيم شخصيتن سان، پنهنجا شب و روز گذاريا، اهي ننڍي کنڊ جا عظيم ماڻهو هئا. مثال طور سائين جي. ايم. سيد، جيڪو پاڻ هڪ درسگاهه، ۽ سن ۾ سياسي يونيورسٽيءَ وانگر هو. ان وقت ڪراچيءَ ۾ سائينءَ جي ڪچهرين ۾ ويهڻ وارا هوندا هئا: پير حسام الدين شاهه راشدي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، شيخ اياز، پير علي محمد راشدي، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، عثمان علي

انصاري، سيد ميران محمد شاهه ۽ ٻيا ڪيترا ڳاڻ ڳڻيا قومي ڪارڪن، اديب ۽ ڏاها، ڪنهن جا نالا ڪٿي ڪنهن جا ڪٿجن.

اهوئي ڪارڻ آهي، جو رباني‌ءَ سان علمي ڪچهري ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. هڪ لڳا مون سندس ڪتاب ”بر، بحر ۽ پهاڙ“ بابت ساڻس ڪچهري پئي ڪئي. ڪتاب ۾ حضرت قلندر لال شهباز جي احوال ۾ هن ايران جي شاعره قرة العين طاهره جو ذڪر ڏاڍيءَ محبت سان ڪيو آهي. قرة العين طاهره جو ذڪر نڪتو ته چيم: ”رباني صاحب قرة العين طاهره تي اڙدو ۾ جميلا هاشمي ”چهره به چهره روبرو“ ڏاڍو سٺو ناول لکيو آهي.“

رباني جي ياداشت به غضب جي هوندي هئي يڪدم چوڻ لڳو: ”ياد اٿئي، اسلام آباد ۾ تنهنجي ملاقات جميلا هاشميءَ سان ڪرائي هيم؟“

مون کي ياد آيو. اهو سال خدا نه ڀلائي 1986ع جو هوندو. اسلام آباد ۾ ملڪ جي چئني صوبن جي اديبن جي ڪا ڪانفرنس هئي. سنڌ مان رشيد ڀٽي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، نياز همايوني، فتاح ملڪ، علي احمد بروهي، حسين شاهه راشدي سميت سنڌ جا ڪيترائي اديب آيل هئا. اڙدو جا مشهور ليکڪ احمد نديم قاسمي، ممتاز مفتي، پروين شاڪر، جميلا هاشمي، انتظار حسين وغيره به موجود هئا. مون کي جميلا هاشميءَ سان ”چهره به چهره روبرو“ جي حوالي سان ملاقات ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو. رباني صاحب سان ذڪر ڪيم. هو فوري طور تي مون کي جميلا هاشميءَ وٽ وٺي هليو، جيڪا اتي ئي اسلام آباد هوٽل ۾ ترسيل هئي. تڏهن جميلا هاشمي لکڻ پڙهڻ ڇڏي ڏنو هو. ڪچهري هلندي ڏاڍي ڏک سان چوڻ لڳي: ”نه ڏسي سگهان ٿي، نه پڙهي سگهان ٿي. هاڻ ته سڀ ڪجهه خواب بڻجي ويو آهي!“ ان مهل سندس اکين تي هڪ تمام ٿلهن شيشن واري عينڪ لڳل هئي. هن جي پير ۾ سندس ڌيءُ عائشه وينل هئي. جڏهن اسان اٿي وڃڻ لڳاسين، سندس ڌيءُ عائشه هن کي ٻانهن کان وٺي اڳتي وڌي هئي. ان مهل منهنجي اکين ۾ ڳوڙها وهي آيا هئا. ننڍي کنڊ جي مشهور ليکڪا قرة العين حيدر جي ويجهي ساهيڙي، بيحد ذهين، حساس ليکڪا جميلا هاشمي انڌي ٿي چڪي هئي ۽ سندس چوگرد اڪيلائيءَ جو انڌيرو ڇانئجي ويو هو.

”ها سائين جميلا هاشميءَ سان ٿيل ڪچهري اڃا ياد اٿم.“ ڪيس وراڻي ڏنم.

چوڻ لڳو: ”تو قرة العين طاهره جو ذڪر ڪيو، ته قرة العين طاهره جي شاعري فارسيءَ جي تمام خوبصورت شاعري آهي. مان مٿس گهڻو ڪجهه جدا ڪتاب ۾ لکڻ ٿي گهريو. ۾ وري به ڇڱو ذڪر ڪيو اٿمانس. توکي خبر آهي ته قرة العين طاهره پنهنجي وقت جي وڏي مقرر به هئي. هوءَ جڏهن واعظ ڪندي هئي ته پٽڻ وارا پنڊپهڻ ٿي ويندا هئا. سندس سونهن سوپيا وانگر سندس آواز به حُسن دار هو. وڏي عالم هئي. سندس شاعري محبت جي شاعري آهي. سندس هڪڙو فارسيءَ جو شعر توکي ٻڌايان ٿو:

”من زير تونيم هر ني زڪر دزبيش هر،
چون بتو متصل شدم بي حدو انتها منم!

اهو شعر مون کان وسري ويو. بعد ۾ مون کيس فون ڪري ساڳيو شعر پڇيو، ته وڏي آواز، ۽ وڏي شد ۽ مد سان مون کي فون تي مڪمل هِجي سان لکرايائين. شعر لکرائي چوڻ لڳو: ”قرة العين تي ڪجهه لکين ته مون کي ضرور ٻڌائجانءِ، هوءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ چوي ٿي: ”جڏهن مان پنهنجي دل جي ڪتاب جو هڪ هڪ صفحو کوليان ٿي، ڏسان ٿي ته اتي تنهنجي عشق کان سواءِ مون کي ڪجهه نظرئي نٿو اچي. منهنجي غمزده دل، تنهنجي عشق جي اٽٽ ۾ اٽجي چڪي آهي. تنهنجي مٿان هزارين عاشقن کي غم جي مصيبت جي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي، ته جيئن هو تنهنجي طلب ۾ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏين. مان نه رڳو تنهنجي عشق جي رستي ۾ هر مصيبت کي سهڻ جي سگهه رکان ٿي، بلڪ انهيءَ ڏک ۽ تڪليف کي ڏسڻ جي خواهشمند به آهيان، جيڪي تنهنجي رستي ۾ مون کي برداشت ڪرڻيون پئجي وڃن. ڪڏهن ته توکي احساس ٿيندو، ته تنهنجي راهه ۾ ڇا نه قربان ڪرڻ وارن لاءِ ڪيڏو نه دلپسند مرحلو آهي!“

ڪيس واپس ڊرائنگ روم ۾ وڻي آيس. ڪجھ گھڙين کان پوءِ رباني ڊرائنگ روم ۾ اندر آيو، ته تنوير چيس، "رباني، اجا سترين ڪونه ٿو؟"

رباني کلي يڪدم چيس، "هاڻ ستري ته ويو آهيان!" ۽ پوءِ چوڻ لڳو، "ادا هاڻي ماني ته لڳراءِ، تنوير دير سان وينو پيئندو، اسان سان ته ڪو ڪرم ڪر!"

مون کان رباني جا اهي لفظ ته "ستري ويو آهيان،" اجا تائين نٿا وسرن. مقصد ته هو مذهب ڏي نه ڇڙو موڙي آيو هو، بلڪ نبي ڪريم ﷺ سان سندس ڏاڍي محبت هوندي هئي. هڪ ڀيرو مون وٽ هلال پاڪستان ڪراچيءَ جي شيخ سلطان ٽرسٽ واري بلڊنگ ۾ وينو هو. اوچتو بانگ آئي. پاڻ "اشهد ان محمد رسول الله" تي عينڪ لاهي ٻئي آڱريون چمي ڪٽي اکين تي رکيائين. بانگ پوري ٿي، ته مون ڪيس چيو، "رباني صاحب، ماڻهو آخر مذهب ڏانهن موڙي ٿو اچي. ڇا اها مذهب اسلام جي ڪشش آهي يا ماڻهو بنيادي طور تي ڇاڪاڻ ڏاڍو ڪمزور آهي، انڪري پڇاڙيءَ ۾ ڪيس ڪو ٽپ ٿو وڪوڙي وڃي؟"

چيائين، "نه ائين ڪونهي ماڻهو سگھارو آهي، هيٺو ٻنھ ڪونهي. البرٽ آئنسٽائين چوي ٿو ته: "هيءَ دنيا سبب ۽ نتيجي جو جهان آهي. جيڪڏهن سبب ۽ نتيجي جي اصول کي رد ڪنداسين، ته هڪ ڳالھ ميچٽي پوندي ته اتفاق ۽ حادثي جي ڪري ائين ٿيو. پر اتفاق ۽ حادثن تي دنيا جو ڪاروبار ڪيئن هلي سگھندو؟" هڪڙي ڳالھ ياد ڪري ڇڏ رب پاڪ سبب الاسباب آهي. ڪيڏيءَ مهل ۽ ڪٿي ٿو انسان تي راضي ٿئي، ان جي خبر نٿي پوي. تون پاڻ ڏس! هي پنج ئي وقت دنيا جي لکين مسجدن ۾، "اشهد ان لا اله الا الله، اشهد ان محمد رسول الله،" بانگون ٿيون اچن. دنيا جو ڪوبه مذهب اهڙو ڪونهي، جنهن ۾ الله ۽ ان جي پيغمبر جو نالو ايترا ڀيرا ٿو پڪاريو وڃي. نبي ڪريم ﷺ کان سواءِ ڪنهن به ٻئي پيغمبر کي سراج منير ڪري نه سڏيو ويو آهي. قرآن شريف ۾ هڪ هنڌ آيل آهي: "۽ اسان تنهنجي لاءِ تنهنجو ذڪر بلند ڪيو." بانگ ۾، تڪبير ۾، تشهد ۾، منبرن تي، خطبن ۾، درود سلام ۾، ٻين ڪيترن درس ۽ تدريس ۽ گفتگو ۾ الله پاڪ کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ رسول ڪريم ﷺ جن جو ذڪر ٿئي ٿو!"

* * * * *

مون کي ياد اچي ٿو. شيخ اياز جي وفات کان ستت پوءِ، ڀٽ شاھ پهتاسين. اياز جي مزار اجا ڪچي هئي. اتان ئي ڀٽائي جي درگاھ تي حاضري ڀرڻ وياسين. لطيف سرڪار جي مزار تي حاضري ڏيئي، جڏهن شاھ جي مسجد ۾ داخل ٿياسين، چوڻ لڳو: "ادا، ڪو وقت ٿيو ته ڀٽ شاھ آيس. اوچتو خبرناهي ڪھڙو خيال آيو، ٻه نفل نماز جا پڙهي ڇڏيم. ان وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، ڪنهن بزرگ جي مزار تي ويندو آهيان ته ٻه ٻه نفل نماز جا ضرور پڙهندو آهيان. تون ٻه گھڙيون ويھ ته آءٌ ٻه نفل نماز جا پڙهي وٺان." ائين چئي، پاڻ اتي ٻه نفل نماز جا پڙهي، دعا گھري مون وٽ موڙي آيو ۽ اسان ٻاهر صحن ۾ هزهائينس مير عبدالحسين سانگي جي قبر تي فاتحہ پڙهي ويھي رهياسين. ڪا دير مير صاحب ۽ سندس اهليہ جي مزار تي ويٺا رهياسين ۽ پوءِ اڳتي وڃي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي قبر تي ويٺاسين. چوڻ لڳو ته يار ڊاڪٽر صاحب تي ته مون مضمون لکي مٿس عقيدت جا گل نڇاور ڪيا، پر ڏاڍي خواهش اٿم ته: "مير عبدالحسين سانگي تي به ڪجھ لکان."

چيم، "واقعي مير صاحب جي حياتيءَ تي اجا تائين تفصيلي طور تي ڪنهن نه لکيو آهي، خاص طور تي مير صاحب جي ذاتي زندگي، ۽ سندس حياتيءَ جو پڇاڙڪو احوال."

* * * * *

مون ڪيس ڪڏهن به دلگير نه ڏٺو. شيخ اياز جي وفات کان ستت پوءِ، شيخ اياز فائونڊيشن قائم ڪرڻ کان وٺي، اياز جي مرقد کي پڪو ڪرائڻ ۾ هو اسان سان گڏ هو، هر سال سندس ورسي ملهائڻ لاءِ اسان کي اتساھ ڏيارڻ، ۽ اياز جي آتم ڪٿا جو آخري ڀاڱو، اياز جي پونيرن کان حاصل ڪرڻ وارن سمورن ڪمن ۾

آئينو پور پور ڪري وڌائين. اُها مذاق ۾ هئي، ايذاء رساني جي جذبي سان هئي يا ابروباد ۾ پرواز سبب هئي جو هن کي موجوده آسودي نوڪريءَ ڏنو آهي. مان چئي نٿو سگهان، ۽ نہ مان ان ڳالهہ جي تفصيل ۾ ٿو وڃي سگهان. ان کان ڪافي وقت پوءِ جڏهن ڪراچيءَ ۾ منهنجي گهر آيو هو تہ مون هن کي گهايل اکين سان ڏسي ميار ڏني هئي!“

* * * * *

جڏهن رباني، سنڌي ادبي بورڊ ۾ پير پاتو. ان وقت سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ جي چمڪندڙ ستارن سان جهنجهل هو. جهڙوڪ شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، سيد ميران محمد شاهہ، علامہ آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، عثمان علي انصاري، پير علي محمد راشدي، آغا تاج محمد، آغا بدرالدين دراني، الله بخش سرشار عقيلي، مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ، بورڊ ۾ شامل هئا. خود ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو پاڻ جنوري 1953ع کان ڊسمبر 1955ع تائين، ٽماهي مهراڻ جو ايڊيٽر هو. اهڙي وايومنڊل ۾ هڪ نوجوان اديب کي سکڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ هو.

هن شروع شروع ۾ سنڌي جي سڀ کان پراڻي اخبار الوحيد ۾ بہ ڪم ڪيو. الوحيد 1920ع ۾ نڪتي، 1955ع ۾ ون يونٽ ٺهڻ وقت زبردستي بند ڪري ان جو نيلام ڪيو ويو. الوحيد ۾ هن ڪراچيءَ ۾ رهڻ دوران ڪم ڪيو. ان کان پوءِ سائين جي.ايم.سيد جي اخبار، ”نئين سنڌ“، ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيو. نئين سنڌ اخبار، ڪراچي جي ميڪلوڊ روڊ (هاڻوڪو آءِ آءِ چندريگر روڊ) ابراهيم منزل مان نڪرندي هئي. جنگ اخبار جو موجوده دفتر پوءِ اُتي آندو ويو. سهنجي خيال ۾ اجا تائين نئين سنڌ اخبار واري آفيس جي ٻنل بلڊنگ موجود آهي. سوڀوگيانچنداڻي، نئين سنڌ جو ايڊيٽر هوندو هو. تنهن کان سواءِ نواءِ سنڌ اخبار ڪراچي ۾ بہ ڪم ڪيائين. انهن ٽنهي اخبارن جا ان دور جا احوال جڏهن بيان ڪندو هو، تہ ڏندين آڱريون اچي وينديون هيون. مثال طور نئين سنڌ اخبار جو ذڪر ڪندي ٻڌايائين، تہ ڪيترا پيرا نئين سنڌ اخبار ۾ ايڊيٽوريل اخبار جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر يعني سائين جي. ايم. سيد جي سياست خلاف لکيو ويو. شام جو ڪچهري ۽ مانيءَ تي ايڊيٽر بہ موجود. رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي جي طبعيت ۾ مذاق جو عنصر سدائين شامل هوندو هو. پريل محفل ۾ ڏاڍي شد مد سان رئيس پرڳڙي نئين سنڌ اخبار جي ايڊيٽوريل جو ذڪر ڪندو هو- پر مجال آهي جو هڪ پل لاءِ بہ سائين جي. ايم. سيد جي منهن تي ڪاوڙ جي يا ڪا ڏک جي ريکا ظاهر ٿئي. سڀ هوندا کل ۾ اوندا، پر رئيس پيو کلندو. رباني جي اخباري آزمودي جو اولڙو، سندس ڪهاڻي ”اخبار“ (هڪ ڏينهن جي ڳالهہ) ۾ آيل آهي، جيڪا ٽماهي مهراڻ 1956ع واري پرچي ۾ ڇپيل آهي.

* * * * *

پير حسام الدين راشدي، جڏهن پنهنجي تاريخي لائبريري وڪڻي رهيو هو، تہ سڀ کان پهريون پير صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ کي اهو نادر ڪتب خانو، وڪڻڻ جي آڇ ڪئي. پرپوءِ خبرناهي ڇا ٿيو پير صاحب ڪنهن ڳالهہ تان سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌالاجي وارن کان ناراض ٿي، اهو املهہ خزانو اسلام آباد يونيورسٽيءَ کي وڪڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو. مون کي ان ڳالهہ جو ڏاڍو ڏک هو. تڏهن سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام علي الانا هو. ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وي. سي سائين غلام مصطفيٰ شاهہ هو. مون غلام رباني آڳري سان اظهار ڪيو تہ سنڌ جو اهو تاريخي خزانو، سنڌ ۾ ئي رهڻ گهرجي. پير صاحب وٽ جيڪي ڪتاب آهن، انهن تي سنڌ جو پهريون حق آهي. مون رباني کي چيو تہ ان سلسلي ۾ هڪ بيان لکي، ان تي سنڌي اديبن کان صحيحون وٺي، پير صاحب کي اپيل ڪجي تہ اهو ڪتب خانو سنڌ ۾ رهڻ گهرجي. رباني مون کي جهليو، تہ تڪڙ نہ ڪجانءِ. اجا پير صاحب جون ڳالهيون سنڌ يونيورسٽيءَ سان هلي رهيون آهن، رکو الله تي، مڙيئي ڪو سولو رستو نڪري ايندو، ۽ سنڌ جو اهو خزانو، سنڌ ۾ ئي رهندو!

قدرت خدا جي، پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيو، جو پير صاحب پنهنجي لائبريري سنڌالاجي بدران اسلام آباد يونيورسٽي کي 5 لک رپين ۾ وڪڻي ڇڏي. ان فيصلي جي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پير صاحب

چائينز هوٽل ڪانا خزانا کليو آهي. ڏاڍي واڪاڻ ٻڌي اٿم. ڪجهه دير ۾ تو وٽ اچان ٿو، هلي ٿا ڪانا خزانا ۾ ڊنر ڪريون!“ منهنجي ڪيسي ۾ 100 رپيا پيا هجن، ڏاڍو گهٻرائجي ويس. فوري طور ايم.سي.بي ڪينٽ جي اي ٽي ايم مشين ڏي ڀڳس. اتان پنج سو رپيا ڪڍائي واپس آفيس آيس، ته آفيس جي هيٺان سندس پجيرو بيٺي هئي. ڊرائيور ٻڌايو، رباني صاحب مٿي اوهان جي آفيس ويٺو آهي! مان مٿي ڏاڪڻ چڙهي آفيس پهتس. ڏسان، پاڻ منهنجي ڪمري ۾، ويٺو اخبار پڙهي. مون کي ڏسي ڀاڪر پائي چوڻ لڳو، ”يار تون ڪيڏانهن ويو هئين؟ هل ته هلون.“ مان ساڻس گڏ آٽويان روڊ تي واقع هوٽل ڪانا خزانا پهتس. پاڻ شايد هڪ ڀيرو اڳي ان هوٽل مان ماني کائي ويو هو. آرڊر به پاڻ ڏنائين. هوٽل نئون نئون کُليو هو. ان ڪري واقعي چائينز ماني لاجواب هئي. سوپ، چڪن چليز، ۽ نوڊلز گهرايائين. جڏهن ماني جو بل آيو، اهو مون ڏيڻ چاهيو. يڪدم چوڻ لڳو، ”ادا منهنجا، آءٌ تنهنجو وڏو ياءُ آهيان. بل آءٌ ڀريندس.“ مون ڏاڍو زور ڀريو ته مان بل ڀريان، پر پاڻ زبردستي بل ڀري ڇڏيائون.

ماني کائڻ کان پوءِ ڪچهري ڪندي چوڻ لڳو، ”اخبار جا ڪهڙا حال آهن؟ اشتهار ملن ٿا يا نه؟“ ڪيس ٻڌايم ته 8 مهينن کان وٺي اشتهار بند آهن.

مون کي ڊپريس ڏسي آهستي آهستي چوڻ لڳو. ”ادا، دل نه لاهه، مهلون مڙسن تي اينديون آهن، ۽ وري گذري به وينديون آهن. وقت سدائين ساڳيو نٿو رهي. جڏهن قدرت ڪرم ڪندي آهي، ته پهريائين اسباب پيدا ڪندي آهي، ۽ پوءِ پاڻمرادو مسئلا به حل ٿي ويندا آهن. پر ماڻهوءَ کي هٿ پير ضرور هلائڻ گهرجي. ڏکن جا ڏينهن، ۽ ڪاريون راتيون ڪيڏيون به ڊگهيون ڇو نه هجن، دل ڪڏهن به نه لاهجي، زمانو سدائين هڪ حال تي قائم نه رهندو! ياد اٿئي، سائين جي. ايم. سيد شاهه لطيف جو هيءُ بيت پڙهندو هو:

هَڙَ ۾ ڪِينَ هُئونِ، هُنئين هُن نه چاڙهيا.
سارو ڏينهن سمنڊَ تي لِهِي سِڄُ وِيا.
جڏهين سائينءَ سببُ ڪَيونِ، تڏهين سُتڙِ ٿيا سيد چئي.

بيت ٻڌي، مون کي ياد آيو، سائين جي.ايم.سيد شاهه جو اهو شعر ٻڌائي پوءِ چوندو هو، ”ڪجهه جوڳي ۽ سامي، درياءَ جي پتڻ تي پهتا. وٽن پيسو ڪونه هو. ملاحن کي چيائون، ”اسان کي درياءَ جي پرينءَ ڪنڌي تي ٻيڙيءَ ۾ وٺي هلو.“ ملاحن ڪائن ڀاڙو گهريو. پر پيسا وٽن هئا ئي ڪونه. سو چوڻ لڳا: ”اسين فقير ماڻهو آهيون. اسان وٽ ته ڪوڏي به ڪونهي، ان ڪري اسان کي الله جي نالي هن پار پهچائي اچو.“ پر ملاحن کين مفت وٺي وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ۽ هو فقيراتي درياءَ جي ڪناري ويهي رهيا. قدرت خدا جي، جو اهو سڄو ڏينهن ڪو ماڻهو پتڻ تي ڪونه آيو، جو ملاح انهن کي وٺي ٻئي پار پهچائي ڏوڪڙ ڪمائين. تان جو جڏهن سج لٿو ۽ اونداهه ٿي، ته ملاحن فقيرن کي چيو، ”هاڻ اچو! اسان کي ائين ئي پار وڃڻو آهي. توهان کي وٺي ٿا هلون!“ سو ائين سبب پيدا ٿيڻ جي ڪري فقير به وڃي پار پهتا. سائين جي.ايم.سيد چوندو هو، ”انساني زندگيءَ ۾ آسرو، ۽ اميد زندگيءَ جي علامت آهي! ان ڪري ماڻهوءَ کي ڪڏهن به آسرو ۽ اميد نه لاهڻ گهرجي!“

مون کي اونهي سوچ ۾ ڏسي، رباني صاحب چوڻ لڳو، ”ڪهڙي سوچ ۾ هليو وئين؟“ مان خيالن جي دنيا مان موٽي آيس، چيم، ”بس ائين سوچي رهيو هوس ته ماڻهو، سڄي حياتي، سُک جي ڳولا ۾ رهي ٿو. ڪيڏي نه جاکوڙ ٿو ڪري. سڄي ڄمار جدوجهد ڪندي سندس عمر ڳريو وڃي. پڇاڙيءَ ۾ خبر اها ٿي پوي ته هن جي سڄي جاکوڙ اجائي هئي. منهنجي نظر ۾، ڪامياب ماڻهو اُهي آهن، جيڪي صحيح وقت تي صحيح فيصلو ڪن ٿا، ۽ زندگي هڪ سٽاءَ ۽ رٿابنديءَ سان ٿا گذارين.“

چوڻ لڳو، ”نه ائين هروڀرو به ڪونهي. هر ماڻهوءَ جو مزاج جداگانه آهي. دراصل هڪڙا ماڻهو آهن، جن وٽ فڪر جي اونهي سوچ ڪونهي، انهن کي هروڀرو ڪو مسئلو نٿو پيش اچي. پر ٻيا اهي جيڪي گهڻو سوچين ٿا، اهي ضرور ڏک ڀرائين ٿا. انسان جي ابتدا ۽ انتها نامعلوم آهن. زندگيءَ جي مقصد ۽ منزل جو پتو معلوم ڪونهي. اسين سڀ نه

پر ڪي ڪي ماڻهو جيڪي سدائين خوابن ۾ رهن ٿا، جڻ سڄي ڄمار جڻ خوابن ۾ پنڌ ڪندا ٿا وڃن."

۽ پوءِ هو چپ ٿي ڪنهن اونهي ويچار ۾ هليو ويو. مون ڪيس ڏٺو، هن جا گولائي نيڻ، عينڪ جي شيشي مان ٻاهر رستي تي وينڊر گاڏين کي ڏسندي خبر ناهي ڪهڙي سوچ ۾ هليا ويا هئا.

*****

رباني صاحب تي سندس حياتيءَ ۾ ٻن اديبن خاڪا لکيا:

هڪڙو شيخ عبدالرزاق راز ۽ ٻيو چيني اديب مسٽر چومنگ. اهي ٻئي خاڪا منهنجي آڏو آهن.

شيخ عبدالرزاق "راز"، اصل سکر جو هو. ورهاڱي کان اڳ ترقي پسند اديبن ۽ شيخ اياز، نارائڻ شام جو ذاتي دوست. البت 1965 ڌاري ساڄي ڌر سان لاڳاپيل. بنيادي طور تي شاعر- پر شيخ اياز جي خلاف مضمونن لکڻ ۾ اڳ کان اڳرو. 1973ع ۾ هن ڪيترن اديبن تي لکيل خاڪن جو ڪتاب "سانگي جي ساريام" جي نالي سان هڪ ڪتاب شايع ڪرايو. ان ۾ هن شيخ اياز تي ڏاڍو سنو خاڪو لکيو هو. اياز به پنهنجي آتم ڪٿا ۾ به ڪيس ياد ڪيو آهي. اياز لکي ٿو ته "جڏهن شيخ عبد الرزاق راز تي پڇاڙيءَ ۾ اڌ رنگ جو حملو ٿيو ته مان ڪيس پڇڻ ويس. ان مهل هو ڪجهه گهڙيءَ لاءِ هوش ۾ آيو هو، ۽ مون کي ڏسي چوڻ لڳو، "اياز هيءُ ته سچو نڳيءَ جو ناهه آهي!" ۽ پوءِ هو بيهوش ٿي ويو. مون ڪانئس پڇڻ ٿي گهريو، ته اهو ڪهڙو نڳيءَ جو ناهه آهي، پر ٻئي ڏينهن شيخ عبدالرزاق راز گذاري ويو.

شيخ عبدالرزاق راز جو تعلق رباني صاحب سان ڏسجي ٿو، ته 1956ع واري دور ۾ ٿيو. هو پنهنجي لکيل خاڪي ۾ رباني صاحب سان ڪراچيءَ ۾ نورالدين سرڪيءَ وٽ 1956ع ۾ ٿيل ملاقات کي هن ريت ٿو ياد ڪري: "ڳالهائڻ جو ڏاڍو منڙو، ڇٻي چٽي ڳالهائڻ وارو، اخلاق جي اعتبار کان نهايت قربائتو ٿي ڏسڻ ۾ آيو. انهن خوبين جي ڪري هو پنهنجي سنگت ۾ بيحد مقبول هو. هن ۾ بحث ڪرڻ جي قوت سان گڏ هڪ انوکو ڍنگ به هو. سندس ڳالهين ۾ جوش ۽ ولولو هوندو هو، جنهن جي ڪري هو هڪ وڏي اديب جي ڏِک ڏيندو هو. انهيءَ دعوت ۾ به هو ڪٿو پورو نه هو. خاطر تواضع ڪرڻ ۾ نهايت اوچو نظر آيو. مڙني خوبين ڪري هو پسند اچڻ جهڙو جوان هو، جنهن ڪري مون کي به وڻڻ لڳو. پر ٻت ۾ ٻريل، مُنهن جو سڪل، پر رنگ جو اڇو. هو مجموعي طور هڏين جو پڃرو ٿي لڳو. سمجهيم ته سکر جي ڏکڻ واري طوفاني هوا تي جيڪر لغڙ وانگر اڏامي وڃي.

"هڪ ڀيري هن منهنجي مان ۾ ماني ڪئي. چڱو چوکو اهتمام ڪيائين. ٻيا به اديب دوست ڪٺا ڪيا هئائين ۽ ڍؤ ڪري ماني کاڌي سين ۽ دل کولي بحث ڪيوسين. انهن مڙني خوبين مون کي هن نوجوان ڏانهن مائل ڪيو هو. مون منجهس خلوص جو جذبو ڏٺو، هو به مينارام هاسٽل ۾ رهندو هو. هو افسانا لکندو هو. مون سندس ڪيترائي افسانا ٻڌا، جي فني اعتبار کان معياري نظر آيا. اهڙي قسم جي لڳاتار ملاقاتن ۽ ادبي ڪچهرين اسان کي هڪٻئي جي ويجهو آندو. ادبي مجلسن کان سواءِ اسان ٻنهي جون نجي ڪچهريون ٿينديون هيون. هو مون وٽ ايندو هو ۽ مان هن وٽ ويندو هوس. ڪڏهن گانڌي گارڊن، ۾ ڪڏهن فريئر هال تي گهمندا هئاسين. هو سؤ سيڪڙو ڪهاڻيڪار هو، منجهس طنز، ظرافت ۽ مزاح جون گوناگون ڪيفيتون موجود هيون. مون اندازو لڳايو ۽ اڳتي هلي هو سنڌي افساني جو سرواڻ بڻيو. پر ڏٺو ويو ته سندس شوق جو اهو وقتي جذبو هو، سو ٿوري وقت ۾ ڍرو ٿي ويو.... جڏهن هن جي مالي حالت سڌري ته هن افسانو لکڻ ڇڏي ڏنو، ۽ ٻين فروغي معاملن ۾ وچڙجي ويو. شايد ان ڪري اسان جي دوستيءَ ۾ هڪ وڏو گهاءُ پئجي ويو. دوستي وڃي رسمي ملاقات جي حد تي پهتي. ان هوندي به ڪراچي ويندو هوس ته سائنس ملاقات ڪرڻ منهنجو دوستاڻو فرض ٿي چڪو هو. هو به سکر اچي نڪرندو هو، جتي پڻ روح جي وروونهن ٿيندي هئي. ڏينهن اڌ سکر رهندو هو. سندس افسانن جي مجموعي "آب حيات" جي تقريب پڻ سکر ۾ منهنجي اوطاق تي ٿي، تنوير عباسي به اتي موجود هو.

"منهنجي سنگتين جي وڏي فهرست ۾ رباني اهو پهريون ساٿي هو، جنهن وڏي چاهه ۽ شوق مان مون سان گڏجي هروقت سبز چانهه ٿي پيتي. مان منڍ کان وٺي ماني ۽ چانهه جو عادي آهيان. جڏهن مان ڪراچيءَ ۾ وٽس ويندو هوس ته هو پهريان ئي اها خوشخبري ٻڌائيندو هو ته ڪراچيءَ ۾ ڪهڙي هوٽل تي دلپسند سبز چانهه پي سگهبي. اها وڏي ڳالهه هئي جو هو منهنجي پسنديده چيز لاءِ جاکوڙ ڪندو رهي. سندس اهو انداز ڪيترو نه پيارو هو. چاڪاڻ ته منهنجي ڪنهن به دوست سبز چانهه جي معاملي ۾ مون ۾ اهڙي دلچسپي ڪڏهن ڪانه ورتي هئي. سبز چانهه پيئڻ جي عادت ته رباني ۾ به ڪانه هئي. پر آءٌ سندس ذوق جي تعريف ڪرڻ کان به رهي نه ٿو سگهان، جو هن کي سچ پچ سبز چانهه جي ڪوالٽي پرکڻ جي تميز هئي. هن مون کي صدر جي چيني ريسٽورنٽ ۾ بهترين سبز چانهه پيئاري. هڪ ڀيري مسجد خضريٰ جي پرواري ريسٽوران ۾ سبزچانهه پيئاريائين، جا سچ پچ ڏاڍي ذائقيدار هئي."

1960ع کان پوءِ هو شيخ اياز جي ويجهو آيو هو. سکر ايندو هو ته گهڻو وقت اياز سان گذاريندو هو. مون کي فقط فون تي اطلاع ڏيندو هو ۽ باوجود وعدي جي هو ڪنهن وقت به مون وٽ نه آيو. ان جي برعڪس جيڪڏهن مان حيدرآباد ويندو هوس، ته ساڻس ضرور ملندو هوس. 1963ع کان پوءِ هن مون سان فون تي به ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو جو انهيءَ لڏي مون سان بائيڪاٽ ڪيو هو. غالباً 1969ع ۾ ريڊيو پاڪستان جي پروگرام جي سلسلي ۾ حيدرآباد ويل هوس. ٻيا به چار دوست وينل هئا. اتي هڪ ٻولاٽي شڪل صورت وارو جوان اچي پهتو، جنهن کي اکين تي ڪارو چشمو چڙهيل هو. ڪپڙين لٽين وڏو آفيسر ٿي ڏٺو. منهن پريل ۽ گول هئس. رنگ اڇو، ڏاڙهي مڇون ڪوڙيل. سيني اٿي بيهي سندس آڌرڀاءُ ڪيو. تنهن ڪري منهنجو اندازو وڌيڪ پختو ٿيو ته ضرور ڪوئي جنگ عملدار آهي. مان الياس عشقي صاحب جي سڄي پاسي کان ننڍي ڪرسيءَ تي وينو رهيس. هو وڃي الياس صاحب جي کاٻي پاسي واري آرام ڪرسي تي ليٽي پيو. هن ڳالهائڻ شروع ڪيو. مون ان جي لهجي ۽ آواز تي ڪن ڪڙا ڪيا. وري هو ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. ٺهڪ جو آواز به ڪجهه واقف ٿي لڳو. جيئن ته عشقي صاحب وچ ۾ هو. تنهن ڪري سندس پوري شبيهه جو اندازو لڳائي نه سگهيس. پر ذهن تي زور ڏيڻ ضرور لڳس. ايتري ۾ عشقي صاحب کي شايد ياد اچي ويو. هن کي ڪجهه بيڪ گرائونڊ جي خبر هئي. ٻيو ته منهنجي عشقي صاحب سان ڏيٺ ويٺ تنوير عباسي ۽ ربانيءَ جي معرفت ٿي هئي. عشقيءَ فوراً ان نووارد کي چيو، "راز صاحب سان نه ملئين ڇا؟" هن جي شفقت جي نظر ڪارن شيشن مان نڪري مون تي پئي. مرڪندڙ چهري سان ڪرسيءَ تان ٿورو چريو ۽ هٿ ڊگهو ڪيائين. مان ڪرسي تان اٿي هٿ وڌايو. تڏهن وڃي منهنجو هٿ هن جي هٿ سان ميل ڪاڏو. عشقي صاحب چيو: "رباني صاحب بورڊ جو سيڪريٽري اٿئي. اڄ ڪنهن ميٽنگ ۾ هوائي جهاز رستي پنڊي وڃي رهيو آهي." مون مرڪي چيو، "ماشاء الله!"......

* * * * *

رباني صاحب، سنڌي ادبي بورڊ ۾ حياتيءَ جو هڪ وڏو وقت گذاري ڇڏيو. بورڊ ۾ ڪنهن وقت الله بخش (مرحوم) نالي هڪ نائب قاصد ڪم ڪندو هو. اصل حيدرآباد جو رهواسي، ميراثي خاندان سان سندس تعلق هو. خدا شال جنت ۾ جايون ڏئيس. هو کل مک، ۽ جفاڪش شخص هو. رباني صاحب سان سندس تعلق مرڻ گهڙي تائين قائم رهيو. الله بخش، بورڊ مان رٽائر ٿيو، رباني صاحب اڪيڊمي آف ليٽرز جي اداري ۾ اسلام آباد هليو ويو. پر جڏهن به اڪيڊمي آف ليٽرز جي ڪراچيءَ ۾ ڪا دعوت ٿئي، تقريب هجي، يا رباني صاحب ڪراچي اچي ته الله بخش ڪم ڪار لاءِ اڳواڻ هڪيو تڪيو موجود هوندو. الله بخش ڏاڍو غريب ماڻهو هو. حيدرآباد جي گهٽين ۾ ڪيس اڪثر پنڌ هلندي ڏسبو هو. ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ سنڌ نيوز جي آفيس ۾ ايندو هو. سخت گهرجاؤ ماڻهو هو. ڪيس ست ٻار هئا، ۽ زال اڳي ئي گذاري وئي هئس. ڀلا هڪ غريب پٽيوالو، ايڏي وڏي عيال سان ڪيئن ٿو زندگي گهاري سگهي،

ان ڪري ڪجهه پئسن جي خاطر ڪراچي، ۽ اسلام آباد تائين به هليو ويندو هو، رباني صاحب به سندس ضرورتون پوريون ڪري ڇڏيندو هو.

مون کي ياد آهي 1986ع جي اپريل مهيني ۾ چيني اديبن جو وفد پاڪستان جي دوري تي پئي آيو. رباني صاحب مون کي به 10- اپريل 1986ع تي ڪراچي اچڻ جي دعوت ڏني. مون کيس ٻڌايو ته 10 اپريل تي مان محترمہ بينظير ڀٽو جي لاهور آمد جي سلسلي ۾ ڪوريج لاءِ اخباري ڪم سان لاهور ويندس، واپس اچي توهان سان ملاقات ڪندس.

10 اپريل 1986ع تي چيني اديبن جو وفد بيجنگ کان ڪراچي پهتو. غلام رباني آگري، ڊائريڪٽر جنرل اڪيڊمي آف ليٽرز جي حيثيت ۾، سندن آجيان ڪئي. چيني اديب پرل ڪانٽيننٽل هوٽل ڪراچيءَ ۾ ترسيل هجن. مان 12 اپريل تي لاهور کان واپس ڪراچي آيس. رباني صاحب کي پي.سي ۾ فون ڪيم. چوڻ لڳو، ”اچ ته چيني اديبن سان ملاقات ڪرايانءِ!“ پي. سي هوٽل پهتس، ته ڏسان الله بخش مرحوم لائونج ۾ پيو گهمي. مون کي ڏسي چوڻ لڳو، ”رباني صاحب، توهان جو انتظار پيو ڪري.“ پوءِ مون کي رباني صاحب جي ڪمري ڏي وٺي هليو. لفٽ ۾ خبرون چارون پيو ڪري، چي: ”سائين چيني اديب ڏاڍا سنا ماڻهو آهن. مون کي ته ڏاڍو ڏا پائين، هيڪر دل چوي ٿي ته، هليو وڃان چين انهن سان گڏ. پوءِ اتان پيو، ٻارن کي پيسا اماڻيندس. هاڻ پينشن مان ته ٻنهه گذارو ڪونه ٿو ٿئي!“

پوءِ خبر پئي، ته رباني صاحب ڪم ڪار لاءِ الله بخش کي به حيدرآباد مان گهرايو هو. جيڪو پوءِ گهڻو ٽڪو سڄي سفر ۾ چيني اديبن سان خدمت لاءِ گڏ رهيو.

جڏهن اهي چيني اديب حيدرآباد آيا، ۽ اتان سکر ۽ پوءِ ڪوئيٽا ويا، ته به الله بخش ساڻن گڏ ئي گڏ.

چيني اديبن، وطن واپس پهچي، جدا جدا تاثر لکيا. ڪنهن لاهور تي، ڪنهن شاهراهہ ريشم ۽ پشاور تي، ته وري ڪنهن ڪراچي، ۽ ٻين شهرن تي. جن چئن شخصيتن تي چيني اديبن خاڪا لکيا. انهن ۾ پروفيسر پريشان خٽڪ، شوڪت صديقي، غلام رباني آگرو، جميلا زيدي ۽ مرحوم الله بخش شامل هئا.

الله بخش تي خاڪو لکندڙ چيني اديب جو نالو هو ”مسٽر يوان ينگ.“ هن پنهنجي خاڪي ۾ مرحوم الله بخش کي، ”العباس“ جي نالي سان ياد ڪيو آهي. وڏي ڳالهہ ته رباني صاحب چيني اديبن سان الله بخش جو تعارف پنهنجي هڪ پراڻي دوست جي حيثيت سان ڪرايو. اها ڳالهہ هن چيني ليکڪ پنهنجي تاثراتي مضمون ۾ لکي آهي. اچو ته چيني اديب ”يوان ينگ“ جي ان پروفائيل ”هڪ سنو ماڻهو- العباس“ ۾ جهاتي پايون:

”منهنجي دوست چومنگ صاحب، پاڪستان جي دوري کان موٽڻ بعد هڪ مضمون لکيو، جنهن جو عنوان هو: ”غلام رباني آگرو صاحب“- مان به ساڳئي موضوع تي مضمون لکڻ ٿي گهريو، پر جڏهن قلم کنيو، ته هڪ مرڪندڙ ۽ ڪلندڙ روپ منهنجي آڏو آيو. ان لاءِ منهنجو ارادو بدلجي ويو. مان العباس (الله بخش) بابت لکڻ لڳس. العباس ڪير آهي؟ هو آگري صاحب جو ساٿي آهي، پراڻو دوست به آهي. انهيءَ ڪري هو اسان جو به دوست ٿي ويو. آگرو صاحب ور ور ڏيئي چوندو هو، العباس تمام سنو ماڻهو آهي.

”اسين پنج ماڻهو هئاسين، ڪنهن کي به ياد ڪونهي ته هو اسان سان ڪڏهن مليو، ان ڏينهن جڏهن اسين ڪراچي پهتاسين ان ڏينهن يا اسان جڏهن حيدرآباد پئي وياسين؟ ڪجهه به ياد ڪونهي، مختصر اهو ته هو ڪراچيءَ کان اسان سان گڏ هو. اديبن سان ملاقات ڪرڻ، يا تقريب مهل هو ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو هو. پر جيئن ئي اسين ڪنهن تقريب مان موٽي اچون ته هو هوٽل ۾ اڳواٽ موجود ملندو. آگرو صاحب کيس سڏ ڏيندو، ته پوءِ ڪيڏو به پري چو نه هجي، ڀڄڻ سان هڪدم اچي حاضر ٿيندو هو. هو بدن جو پريل، ننڍي قد وارو شخص هڪ پل ۾ کلندو، مُرڪندو، اچي اسان جي آڏو بيهندو، پوءِ آگري صاحب جي حڪم موجب ڪم ڪري ايندو.

”هن جو روپ، پنجاهہ ورهين جي ڄمار کان به وڌو ٿي نظر آيو. حياتي جي هڙ هٿان سبب هن جي منهن تي گهنج نظر ايندا. هن جا وار پورا ۽ ڳاڙها ٿي

روشنيءَ ۾ ائين جرڪي رهيا هئا، جو انهن جي آڏو چنڊ ۽ سج جي روشني بہ گهٽ ٿي لڳي. نغارن، دهلن، شرنائين، ڳائڻين، ۽ ڳائڻن جا آواز، مٿان آتشبازي ايڏي جو هڪڙي آسمان جي هيٺان، هڪ ٻيو آسمان پئي ڏسڻ ۾ آيو. بادشاهہ سلامت شاهجان، نڪاح جو وقت، هندو جوتش کان ڪڍايو هو. ٻنپهري مهل جڏهن اها شڀ گهڙي آئي، تہ بادشاهہ سلامت، قاضي القضاة محمد اسلم کي سڏائي دارا ۽ نادره جو نڪاح پڙهايو. نڪاح ڪانپوءِ ان دور جي مشهور شاعر ابوطالب ڪليم، شاديءَ جي تاريخ ڪڍي هيٺيون شعر پڙهي، وڏو انعام حاصل ڪيو هو:

ازين دل کشا جشن وافر سرور ،
همہ عيد شد سر بسر ماه و سال،
زمان را گرفت امتداد فرح،
چو تارے کہ پنہ شود در لال۔
دوسعد اختر برج شاهنشی،
بہ برج شرف يافتد اتصال۔
ز آميزش زهره و مشتری،
سعادت گرفت است اوج کمال۔
خرد بهر تاريخ اين سور گفت،
قرآن کرده سعدين برج جلال۔

(3) دارا شڪوه جي دربار هندو ۽ مسلمان شاعرن سان ڀريل هئي. پر انهن مان ڪجهہ شاعرن ۾ مکيہ شاعر هو- چندرڀان "برهمڻ". اصل ۾ برهمڻ سندس لقب هو ۽ لاهور جو رهواسي هو. فارسيءَ ۾ شعر لکندو هو. جڏهن دهليءَ ۾ دارا کي قتل ڪيو ويو، تہ اورنگزيب جي خوف کان هن بنارس ۾ اچي پناهہ ورتي. بنارس ۾ هيءُ ڪوي سنہ 1037هجري ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس شاعريءَ جو ديوان اڃا تائين موجود آهي. راڻو ٻهارامل وري دارا جو ديوان هو.

* * * * *

(4) دارشڪوهہ، 20- مارچ 1615ع بمطابق 29 صفر 1024هجري، ۾ اجميـ ويجهو، شاهجهان جي راڻي ممتاز بيگم کي ڄائو. اُن وقت شاهجهان، اجمير تلاءَ وٽ ترسيل هو. سندس ڀيرئين ڏيءُ جهان آرا، دارا کان هڪ سال وڏي هئي، پٽ جي ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ شاهجهان اتي هڪ وڏو جشن برپا ڪيو، جنهن ۾ بادشاهہ سلامت جهانگير بہ اچي شرڪت ڪئي، بادشاهہ هڪ هزار اشرفين جو نذرانو ڏيئي، نئين ڄاول ٻار جو نالو "دارا شڪوه" رکيو. درٻاري شاعر "ابوطالب ڪليم" هڪ قصيدو لکي دارا جي "تاريخ ولادت" هن سٽ مان ڪڍي:

گُلِ اولين گلستانِ شاهي.

دارا، ننڍڙي هوندي کان ڏاڍو ڏاهو هوندو هو، سال 1635ع ۾ هو سخت بيمار ٿي پيو، ڪيس لاهور ۾ حضرت ميان مير وٽ وٺي آيا، ۽ هو ميان مير صاحب جي دعا سان صحتياب ٿيو. اها حضرت ميان مير سان دارا جي پهرئين ملاقات هئي، ۽ عقيدت جو سلسلو مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهيو. سال 1640ع ۾ هو ڪشمير هو. اتي هن جي ڪشميري پنڊتن سان ڪچهري ٿي، جن ڪيس اپنشدن مان واقف ڪيو. بعد ۾ دارا، بنارس مان اپنشدن جا ڄاڻو پنڊت دهليءَ ۾ گهرايا، ۽ ڪانئن سنسڪرت جي تعليم حاصل ڪئي.

دارا، بنيادي طور تي صوفي هو. هڪ ئي وقت تصوف، ۽ ويدانت جو وڏو ڄاڻو. هن اسلامي تصوف ۽ هندو ويدانت کي گڏ هلائڻ پئي گهريو، سندس لکيل ڪتاب "مجمع البحرين" (1655ع) يعني 'ٻہ بحر'، ان سوچ جو اولڙو آهي، اهو ڪتاب فرينچ ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. سال 1656ع ۾ هن اپنشدن کي سڌو سنسڪرت مان فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو اصلي شڪل ۾، لنڊن جي برٽش لائبريري (انڊيا آفيس لائبريري) ۾ رکيل آهي، هو هڪ ئي وقت مسلمانن، هندن، عيسائين، سکن ۽ يهودين سان محبت ڪندو هو. حضرت ميان مير، مُلا شاهہ بدخشي، ۽ سکن جي 7 گرو "هر رائي راڄ" سان هُن جو محبت ۽ عقيدت جو رستو هو.

دارا کي فائن آرٽ، موسيقي، ڪلاسيڪل ناچ، ڪتابن سان ڏاڍو عشق هوندو هو. دهليءَ ۾ سندس هڪ شاندار ڪتبخانو موجود هو. ان ڪتبخاني جي لاءِ هن هڪڙي عمارت بہ جوڙائي هئي، جيڪا 1857ع جي غدر ۾ تباهہ ٿي ويئي، هن وقت ان جو ڪجهہ حصو دهليءَ ۾ قائم آهي.

(5) دارا ۽ سندس ڀاءُ اورنگزيب جي وچ ۾ ساموڳڙهه واري لڙائي، 29- مئي 1658ع تي ٿي. ساموڳڙهه، آگري کان فقط 13 ميل پري واقع آهي. ساموڳڙهه جي جنگ ۾ دارا هاٿيءَ تي چڙهيل هو، قدرت خدا جي، دارا اها جنگ کٽي ورتي هئي، پر آخر ۾ هڪ نمڪ حرام ساٿي "جي سنگهه" جي صلاح سان هاٿيءَ تان لهي گهوڙي تي وڃي سوار ٿيو، دارا جو هاٿيءَ تان لهڻ چڻ دارا جي بربادي جو آغاز ٿيو. سندس لشڪر سمجهيو، تہ دارا مارجي ويو. نتيجي ۾ سندس لشڪر ۾ اچي ڀاڄ متي، دارا جنگ هارائي، انهيءَ ئي بدنصيب گهوڙي تي سوار ٿي اچي آگري پهتو. پر چند ڪلاڪن اندر دهلي هليو ويو. اتان لاهور، ملتان، اُچ شريف کان ٿيندو، سنڌوندي جي ساڄي ڪپ کان سنڌ جي بکر قلعي وٽ پهتو. اها 13- آڪٽوبر 1658ع جي تاريخ هئي، دارا بکر جي قلعي تي قبضو ڪري، اتي پنهنجن وفادار ساٿي بسنت خواجہ سرا، فرينچ توبچي "نڪولائي منوچيءَ" ۽ سپاهين کي ڇڏي اڳتي لوئر سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. اتان هن قندار طرف وڃڻ جو ارادو ڪيو، پر سندس ساٿين هلڻ کان انڪار ڪيو. لاچار ٿي هن سيوهڻ جو رخ رکيو. دارا 30- آڪٽوبر 1658ع تي سيوهڻ ويجهو پهتو، سندس پويان اورنگزيب جو ڪمانڊر صف شڪن خان شاهي لشڪر وٺيو ڊوڪيندا ٿي آيو. صف شڪن خان، سيوهڻ جي صوبيدار صالح ترخان کي خط لکي موڪليو تہ ڪيئن بہ ڪري دارا کي درياءَ پار ڪرڻ نہ ڏنو وڃي. پر صالح ترخان، دارا جي راهہ نہ روڪي ۽ دارا 1- نومبر 1658ع تي صبح جو سيوهڻ وٽان سنڌودرياءَ کي ٽپي هليو ويو. اتان دارا، ٺٽي پهتو. جتان هو بدين کان ٿيندو ڪڇ جو رڻ پار ڪري وڃي احمدآباد ۾ اورنگزيب عالمگير جي سهري شاهنواز خان وٽ مهمان ٿيو، شاهنواز خان اورنگزيب جي خلاف هو، جنهن کيس ڏهہ لک رپيا ڪڍي ڏنا. انهن مان دارا 11 هزار لشڪر ڀرتي ڪري اجمير جو رخ رکيو. هوڏانهن اورنگزيب بہ ساڻس مقابلو ڪرڻ لاءِ اجمير ڏي ڪاهي آيو. اتي 11- مارچ 1659ع تي ٻنهي ڀائرن جي لشڪرن وچ ۾ زبردست ويڙهہ ٿي، اها جنگ ٽي ڏينهن هلي، پر اتي بہ دارا جي قسمت سندس ساٿ نہ ڏنو. دارا 14- مارچ 1659ع تي اورنگزيب هٿان هار کاڌي. سندس سمورو لشڪر تباهہ ٿي ويو ۽ دارا بي سرو سامانيءَ جي حالت ۾ ميدان ڇڏي ٻيهر سنڌ جو رُخ ڪيو. هو احمدآباد کان ٻيهر ڪڇ رڻ پار ڪري بدين پهتو. اتان هن سيوهڻ جو رستو اختيار ڪيو، ۽ سنڌ مان ٿيندو هو وڃي سبي پهتو. سبيءَ جي علائقي ۾ دارا اتان جي هڪ سردار ملڪ جيوڻ خان وٽ پناهہ ورتي. اصل ۾ جيوڻ خان تي دارا جو وڏو احسان هو، جو هن هڪ ڀيري شاهجهان کان جيوڻ خان جي جان بخش ڪرائي هئي. کيس يقين هو تہ جيوڻ خان انهيءَ احسان جو بدلو ضرور چڪائيندو، اتي 6- جون 1659ع تي دارا جي زال نادره بيگم وفات ڪري ويئي، ان مهل نادره بيگم وٽ فقط سندس ٻہ ڌيئر موجود هيون، اهو حادثو دارا لاءِ وڏو واقعو هو، هن پنهنجي زال جو لاش حضرت ميان مير جي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ لاءِ لاهور روانو ڪيو، اڃا دارا پنهنجي زال جي وفات جي ڏک ۾ وڪوڙيل هو، تہ 10- جون 1659ع تي ملڪ جيوڻ، غداري ڪري دارا کي گرفتار ڪري ورتو ۽ اهڙو اطلاع اورنگزيب جي ڪمانڊر بهادر خان کي ڏياري موڪليو، جيڪو دارا جي ڪڍ اچي بکر تائين پهتو هو، دارا جي گرفتاريءَ جي خبر ٻڌي بهادر خان کي پهريون يقين ئي ڪونہ آيو، پر پوءِ جڏهن اکين سان دارا کي وڃي ڏٺائين تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دارا کي سخت پهري ۾ بکر وٺي آيو، جتي بکر جي قلعي ۾ خواجہ بسنت قبضو ڪيو ويٺو هو، اتي بهادر خان مٿان بسنت جا ماڻهو بکر قلعي مان توبن جا گولا وسائي رهيا هئا، پر دارا کان بهادر خان زوري هڪ خط بسنت خواجہ لاءِ لکرائي ورتو، تہ قلعو هاڻ توهين خالي ڪري هليا وڃو. دارا، گرفتاريءَ جي حالت ۾ 28- جون 1659ع تي، بکر، سکر جي اُڀرندي مٿان سنڌو درياءَ پار ڪري، اڳتي روانو ٿيو، 15- جولاءِ 1659ع تي اورنگزيب دارا جي گرفتاريءَ جو باقاعده اعلان دهليءَ ۾ ڍڙهو گهمائي ڪري ڇڏيو. 23- آگسٽ 1659ع تي داراشڪوهہ قيديءَ جي حالت ۾ دهلي پهتو. ڪجهہ ڏينهن کيس قيد ۾ رکي، 29- آگسٽ 1659ع تي، کيس هڪ گدلي هاٿيءَ تي سوار ڪري، لشڪر سان گڏ دهلي شهر ۾ گشت ڪرايو ويو، ان مهل کيس بيحد ميرا ڪپڙا پهريل هئا، البت ڪلهي تي هڪ شال پيل هئس، اهو جلوس دهليءَ جي لاهوري دروازي کان شهر

۾ داخل ٿيو، چانڊني چوڪ وٽان ٿيندو، خضرآباد پهتو، جتي دارا جي "خواص پور" محل ۾ ڪيس سخت پهري هيٺ قيد رکيو ويو.

بعد ۾ اورنگزيب پنهنجي خاص معتمد درٻارين هرهڪ: شائسته خان، محمد امين خان، بهادر خان، ۽ حڪيم دائود جي صلاح سان دارا لاءِ موت جي سزا جو حڪنامو جاري ڪيو. دارا جي ننڍي ڀيڻ روشن آرا پنهنجي وڏي ڀاءُ جي قتل جي زبردست تائيد ڪئي.

(4) دارا کي 22 ذوالحج 1069هجري، يعني 30- آگسٽ 1659ع تي خضرآباد جي قيدخاني ۾ قتل ڪيو ويو.

جنهن رات دارا کي قتل ڪيو، اها رات بيحد اونداهي رات هئي ۽ دهليءَ ۾ سخت بارش پئجي رهي هئي. دارا کي قتل ڪرڻ جي هام شاهجهان جي هڪ خدمتگار "نذر بيگ" ڀري، جنهن کي شاهجهان، پاڻ تعليم ڏياري هئي، اهو نذر، پاڻ سان ٽي سپاهي وٺي خضرآباد جي قيدخاني ۾ داخل ٿيو، ان مهل دارا پنهنجي 15ورهين جي پٽ سپر شڪوه سان گڏ پنهنجي کاڌي لاءِ دال رڌي رهيو هو، جو ڪيس ڊپ هو ته سندس ڀاءُ اورنگزيب زهر ڏئي نه مارائي ڇڏي. پهريدارن کي اندر داخل ٿيندي دارا ڏٺو ۽ پنهنجي پٽ کي چيو ته هي مون کي مارڻ لاءِ آيا آهن، دارا وٽ هر وقت هڪ ڇري هوندي هئي، جو پاڻ سدائين قيد ۾ به چوندو هو ته هڪ بهادر شهزادو بنا جنگ لڙڻ جي نٿو مري سگهي، دارا ان ڇريءَ سان تلوار بردار سپاهين سان مقابلو ڪيو، پر نذر ۽ هن جي ساٿين دارا جي سسي تلوار سان وڍي، اها سسي ڪٽي اورنگزيب وٽ پهتا، اورنگزيب وڏي ڀاءُ جو رت سان ڀريل منهن ڏسي فقط ايترو چيو ته "او بدبخت او بدبخت." ۽ پوءِ پهريدارن کي حڪم ڪيائين ته دارا کي همايون جي مقبري ۾ دفن ڪيو وڃي. سپاهين دارا کي انهيءَ ئي لباس ۾، جيڪو ڪيس قتل ٿيڻ مهل پهريل هو، همايون جي مقبري ۾ دفن ڪري ڇڏيو.

(6) دارا 25 ورهين جي ڄمار ۾ "سفينة الاولياء" ۽ ٽن ورهين کان پوءِ "سڪينة الاولياء" جهڙا ڪتاب فارسي ۾ لکيا، تنهن کانسواءِ "حق نما"، "حسنات العارفين" مجمع البحرين ۽ سير اڪبر (اپنشدن جو ترجمو) سندس لکيل ڪتاب آهي. دارا شاعر به هو، سندس ڪيترا فارسي شعر موجود آهن.

(7) دارا جي زال نادره بيگم جنهن ٻاڊر ۾ وفات ڪئي هئي، تنهن بابت هڪ روايت آهي ته هن هيرو کائي پنهنجو انت آندو هو. سندس قبر لاهور ۾ حضرت ميان مير جي مقبري کان پرڀرو واقع آهي ۽ دارا، دهليءَ ۾ همايون جي مقبري وٽ ابدي ننڊ ستل آهي، نه داراشڪوه هن دنيا ۾ آهي، نه اورنگزيب جنهن بادشاهت لاءِ هيڏيون لڙايون ڪيون، هزارين ماڻهن جو رت وهيو، اهي باقي نه رهيون. البت داراشڪوهه جي سر تي عظمت جو تاج اڄ به موجود آهي. سندس لکيل ڪتابن تي اڄ به دنيا عقيدت جا گل نڇاور ڪري ٿي. افسوس ته جنهن دارا کي ڪافر قرار ڏيندي ڪيس قتل ڪيو. ان جي فقط هڪ لکيل ڪتاب "سفينة الاولياء" جي شروعات رسول ڪريم ﷺ جن جي احوال سان شروع ٿي ٿئي، پاڻ پنهنجي ڪتاب جي مقدمي ۾ لکي ٿو: "هي احقر به انهن جي توقع ۽ اميد رکي ٿو ته الله تعاليٰ، هنن اوليائن جي برڪت سان دنيا ۽ آخرت ۾ نيڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي ۽ آخرت ۾ ان جي بدولت نجات نصيب فرمائي، ۽ پنهنجي دوستن مان هڪ ادنيٰ خادم قبول ڪري ۽ انهن جي گروهه ۾ اتاري، ۽ انهن جي توجهه سان ايمان جي دولت نصيب ڪري.

از عمل خويش ندارم اميد،
برڪرم تست مرا اعتماد.

(يعني: مون کي پنهنجي اعمال مان ڪابه اميد ۽ توقع ڪونهي، مان ته فقط تنهنجي ڪرم تي ڀروسو رکان ٿو!"

- فقير حقير محمد دارا شڪوه، حنفي قادري

8- داراشڪوه جا چند شعر:

*هرخم و پيچي ڪه شد از تاب زلفِ يار شد،*
*دام شد، زنجير شد، تسبيح شد، زنار شد.*

خاطرِ نقاش درِ تصویرِ حسنش جمع بود،
چون بہ زلفِ او رسید آخر پریشانی کشید۔

---

تا دوست رسیدیم چو از خویش گزشتیم،
از خویش گزشتن چہ مبارک سفرے بود۔

---

سلطنت سہل است خود را آشنائے فقرکن،
قطرہ تا دریا تواند شد چرا گوہر شود!

* * * *

آگري صاحب کي وڏين شخصيتن سان ملاقات ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. سنڌ جي ڪيترين ئي جڳ مشهور شخصيتن سان گڏ رهيو. انهن مان گهڻو لاڀ به پرايائين. سندن شخصيتن بابت شخصي خاڪا به لکيائين. جڏهن اسلام آباد ۾ رهيو، ته به اهو شوق جاري رکيائين. هڪ لڳا مون کي ٻڌايائين، ”اڪيڊمي آف ليٽرز جي ڪتابن جي ڇپائي دوران راولپنڊيءَ ۾ مشهور فرم پيڪيجز سان واسطو پيو. ان فرم جا مالڪ به پائر هئا، تن مان هڪڙو هو سيد امجد علي!“

سيد امجد علي، جيڪو غالباً پاڪستان جو وزير خزانا به ٿي رهيو؟ مون سوال ڪيو.

ها اهو ساڳيو. ٻنهي جهور هو، جڏهن مان ملاقات ڪئي مانس، ته ذري گهٽ ڪُبو ٿي چڪو هو. سائنس ڪيترين ئي ڪچهريون ٿيون. پاڪستان جي سياست، ۽ خاص طور تي ورهاڱي کان اڳ جي ڪيترين ئي ڳالهين جو اکين ڏٺو شاهد هو. سر ظفر الله خان، جيڪو بعد ۾ پاڪستان جو پهريون پرڏيهي وزير ٿيو، تنهن وٽ به سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيو هئائين. سنڌ جي حوالي سان مون کي ٻڌايائين، ته ”لنڊن ۾ ترسيل هجڻ، جو اتي برٽش پارليامينٽ جي ميٽنگ ٿيڻي هئي، جناح صاحب سر آغا خان، سر ظفر الله چوڌري، ڊاڪٽر سر شفاعت احمد خان به اتي موجود هئا، برٽش پارليامينٽ جي سليڪٽ ڪميٽيءَ ۾ هندستان اندر آئيني سڌارن بابت فيصلو ڪرڻو هو. ڪميٽيءَ کي سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ بابت به رايا ٻڌڻا هجن، سنڌ جو ڪيس پيش ڪرڻ لاءِ خانبهادر محمد ايوب کهڙو ۽ ان جي مخالفت ۾ پروفيسر چبلاڻي سنڌ کان آيل هجن. ڪميٽيءَ جو اجلاس ٿيو، اسين به ويٺا هجون. خانبهادر ايوب کهڙي سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ بابت پنهنجا ويچار ڏنا حسب حال کهڙي صاحب تياري ڪري آيو هو، ۽ پنهنجي وس آهر هن ويچاري سٺو ڳالهايو، پر بعد ۾ مخالفت ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ جڏهن پروفيسر چبلاڻي آيو، ته هن پنهنجي بهترين انگريزيءَ ۾، انگ اکر پيش ڪري، سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ واري ڪيس کي غلط ثابت ڪري ڇڏيو. چبلاڻي چاڻاڻ ته اقتصاديات جو ماهر هو. وٽس بيشمار انگ اکر موجود هئا، جن مان هن ثابت ڪيو ته سنڌ کي پنهنجي حڪومت هلائڻ لاءِ ڪي به وسيلا موجود ڪونهن، انڪري هر طرح سان سنڌ بمبئيءَ سان ڳنڍيل رهي، ته ان ۾ سنڌ جو سراسري فائدو ٿيندو!

”چبلاڻي جي تقرير هٽي وڃي هنڌ ڪيو. برٽش پارليامينٽ جي ميمبرن تي هن جي تقرير جو وڏو اثر پيو، پر اسان مسلمانن جا مُنهن لهي ويا. اهو ڏينهن مون تي ڏاڍو ڳرو گذريو. شام جو آءٌ ڏاڍو مايوس ويٺو هجان، ته ”سنڌي مسلمانن جو ڪيس ذري گهٽ ختم ٿي ويو جو انگريز انگن اکرن جا ماهر، هاڻ ته سنڌ بمبئيءَ کان آزاد ٿي نه سگهندي، ۽ سنڌي مسلمان ويچارا وري پوئتي پئجي ويندا.“ سو آءٌ انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ غلطان هجان، ته ايتري ۾ سر ظفر الله مون وٽ آيو. منهنجو منهن لٿل ۽ مون کي پريشان ڏسي چوڻ لڳو، امجد علي ايڏو غمگين چو ويٺو آهين، خيريت آهي؟ مون چيس سائين خير وري ڇا جو، اڄ اسان مسلمانن پنهنجو ڪيس هارائي ڇڏيو. سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ بابت ڪميٽيءَ ۾ جيڪي تقريرون ٿيون، اهي اوهان پاڻ ٻڌيون. چبلاڻي قهر ڪري ڇڏيو. کهڙي جي جواب ۾ هن سنڌ جي ڪيس جا ته تختائي اُڏائي ڇڏيا. هاڻ ٿيندو ڇا؟“

ان تي سر ظفر الله چيو، ”صبر ڪر ۽ هل ته آءٌ توکي ٻاهر ڪنهن ڪيفي ۾ ٿو وٺي هلان.“ پوءِ هو مون کي وٺي آيو، هڪ ڪيفي ۾. اتي مون لاءِ چانهه پيسٽريون گهرايون. جڏهن چانهه آئي، ته مُرڪي مون کي چوڻ لڳو. گهٻراءِ نه. سڀ سٽائي ٿي ويندي، تون

هروڀرو دل نہ لاهہ. توکي اڄ هڪڙي اندر جي ڳالهہ ٿو ٻڌائي ڇڏيان، پر رکجانءِ پاڻ تائين. برٽش سرڪار سنڌ کي بمبئيءَ کان علحده ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ ضرور بمبئيءَ کان آزاد ٿيندي. انگريز، مسلمانن کي هڪ جدا رياست ناهي ڏيندا، جنهن لاءِ سنڌ جو بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ لازمي آهي!“ ظفر الله خان جي ڳالهہ ٻڌي، مون ۾ جهڙوڪر ساهہ پئجي ويو. ۽ پوءِ ڪجهہ سالن اندر سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪيو ويو ۽ سنڌ، پنجاب، بلوچستان، بنگال، ۽ سرحد صوبن تي مشتمل ملڪ پاڪستان ٺهي ويو.“

رباني صاحب ڳالهہ پوري ڪري چپ ٿي ويو. گهڙي کن کان پوءِ چيائين، ”اصل ۾ سنڌ جي سياست ۽ تاريخ تي ڪنهن بہ تفصيلي طرح لکيو ڪونهي، جڏهن بہ لکيو ويو تہ گهٽيون اصل حقيقتون ظاهر ٿي پونديون!“

مون چيو، ”واقعي اوهان سچ ٿا چئو. لنڊن جي جنهن ڪانفرنس جو اوهان ذڪر ڪيو، اها ميٽنگ 20 جولاءِ 1933ع تي لنڊن ۾ ٿي هئي. ان ميٽنگ ۾ شرڪت لاءِ خانبهادر ايوب کهڙو 5 جولاءِ 1933ع تي ڪراچيءَ مان لنڊن لاءِ هوائي جهاز ۾ روانو ٿيو هو، پر جهاز واٽ تي ايران وٽ ڪري پيو. خوشقسمتيءَ سان ايوب کهڙو زندهہ بچي ويو، ۽ ڪيترا ميل پيرين پنڌ ڪري وڃي، ڪنهن ويجهي شهر ۾ پهچي، اتان ٻي فلائيٽ وٺي لنڊن پهتو.

* * * * *

جن ماڻهن سان هن کي محبت هوندي هئي، انهن ۾ حسين شاهہ راشدي بہ شامل هو. هڪ ڀيرو پاڻ ڪراچي آيل هو. مون سان ملندي شرط چوڻ لڳو، ”ادا اڄ حسين شاهہ ڏي هلڻو آهي!“ شهيد ملت روڊ تي واقع الحمرا سوسائٽيءَ ۾ حسين شاهہ پنهنجي بنگلي ۾ ڏاڍي قرب سان مليو. اسان کي ڊرائينگ روم ۾ هلي ويهارئين. جڏهن چانهہ آئي تہ رباني صاحب چوڻ لڳو، ”حسين شاهہ! مدد عليءَ کي توکان شڪايت آهي.“

حسين شاهہ يڪدم هڪوٻڪو ٿي، مون کي چوڻ لڳو: ”ادا خير.“

مون چيو، ”ٻيو تہ ڪجهہ بہ ڪونهي، پر پير حسام الدين راشديءَ جي حوالي سان رباني صاحب سان ذڪر ڪيم، تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ ٺٽي ويو هوس. پير صاحب جي مزار تي فاتحہ لاءِ ويس، تہ اتي پير صاحب جي قبر تي ڪتبو لڳل ڪونہ هو ۽ قبر تي پٿر جو ڪم اڌ ۾ رهيل هو. اهو ڪجهہ ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو، اهو ڪم مڪمل ٿيڻ گهرجي. پير صاحب جي قبر تي ڪو ڪتبو لڳڻ گهرجي. ٻيو تہ پير صاحب جي وصيعت هئي تہ سندس باقي رهيل ڪتابہ ۽ خصوصي طور تصويرن جو اٽلپ خزانو سنڌالاجيءَ کي ڏنو ويندو. سندن اها خواهش بہ اڃا مڪمل نہ ٿي سگهي آهي.“

حسين شاهہ اهو ٻڌي ٿورڙيون ڪجهہ ڪاوڙجي پيو، ۽ پوءِ چوڻ لڳو، ”آءٌ ڇا ڪريان. پير صاحب جي خواهش هئي، تہ سندس قبر تي سڄو پٿر چنساليءَ وارو لڳڻ گهرجي. ڪاريگر وڏي مشڪل سان هٿ ڪري اتي ويهاريم. ڪجهہ ڏير هن اتي ڪم ڪيو، ۽ پوءِ ڪم اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو، انڪري ڪتبو بہ نہ لڳي سگهيو آهي. تنهنجي شڪايت بجا، پر ڪنهن ٻئي اداري بہ تہ پير صاحب جي قبر جي سار سنڀال نہ لڌي. اڄ تون بہ اها شڪايت ٿو ڪرين!“

”ادا فرض تہ اسان سڀني جو آهي. مڃان ٿو تہ ادبي ادارن ان ڏس ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو پر ماڻهن جون نظرون تہ اوهان ڏي ئي کڄنديون نہ؟“ مون چيو.

ان وچ ۾ رباني صاحب چوڻ لڳو، ”حسين شاهہ ڳالهہ تہ مدد صحيح ڪئي آهي، منهنجي خيال ۾ قبر جو ڪم توکي مڪمل ڪرائڻ گهرجي!“

حسين شاهہ چيو، ”مان جلد ڪو ڪاريگر هٿ ڪري اهو ڪم مڪمل ڪرائيندس!“

مون چيو، ”ان کان سواءِ سائين حسين شاهہ! هڪ ٻيو بہ عرض آهي، تہ پير حسام الدين شاهہ مشاهيرن ڏي خط لکيا آهن، يا پير صاحب ڏانهن جن ماڻهن جا لکيل خط موجود آهن، اهي ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿيڻ گهرجن! اوهين پاڻ سمورا خط پڙهي پوءِ اهو ڪتاب ترتيب ڏيئي سگهو ٿا!“

"ادا منهنجا اها رٿ تمام سٺي آهي. رباني کي ٻه ان ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ گهرجي، اهو ڪتاب ضرور شايع ٿيندو!"

ان وچ ۾ منهنجي نظر سامهون هڪ ٽيبل تي وڃي پئي. برماٽيگ جي ٺهيل اها ميز ڏاڍي سهڻي هئي ۽ لڳو ٿي ته گهڻو وقت پراڻي آهي. مان اتي ان ٽيبل کي ڏسڻ لڳس. مون حسين شاهه کي چيو، "شاهه صاحب ڏاڍي سهڻي ميز آهي؟ اوهان جي ٽيسٽ تمام سٺي آهي."

حسين شاهه راشدي، پنهنجي واکاڻ ٻڌي، ٺري پيو. يڪدم اتي اچي ٽيبل وٽ بيٺو ۽ چوڻ لڳو، "ادا منهنجا، اها ٽيبل ڏاڏو پير شاهه بمبئيءَ مان وٺي آيو هو. هن ميز کي گهٽ ۾ گهٽ 80 ورهين کان مٿي جو عرصو گذري ويو آهي!" ائين چئي، اندران وڃي پير علي محمد شاهه راشدي جي ڏاڏي سيد پير شاهه جي تصوير کڻي آيو ۽ اچي اسان کي ڏيکاريائين.

حسين راشدي ۽ رباني صاحب جي پاڻ ۾ محبت هوندي هئي، اصل ڪنهن وقت ته ٻيگ مٽ يار لڳندا هئا. ٻر پڇاڙيءَ ۾ سندن اها محبت قائم نه رهي سگهي، خبر ناهي ڇو؟ اها ٻي ڳالهه آهي ته رباني صاحب، حسين شاهه جو ڏاڍو خيال ڪندو هو. پير حسام الدين راشدي جي وفات کان پوءِ، رباني اڪيڊمي آف ليٽرس جو ڊئريڪٽر ٿيو، اهو جنرل ضياءالحق جو دور هو، رباني صاحب، وڏي جاکوڙ کان پوءِ پير حسام الدين راشدي لاءِ "لائيف اچيومينٽ ايوارڊ" منظور ڪرايو. اسلام آباد ۾ هڪ وڏي تقريب ٿي، حسين شاهه راشدي پنهنجي پٽ علي رضا کي ڪڇ ۾ کڻي اچي جنرل ضياءالحق کان هڪ لک رپين جو چيڪ ۽ ايوارڊ وصول ڪيو، تنهن مهل رباني صاحب ڏاڍو خوش نظر اچي رهيو هو. ان جو سبب اهو به ٿي سگهي ٿو، جو پير حسام الدين راشدي، وفات کان گهڻو اڳ ربانيءَ کان سخت ناراض هو. ان بابت هڪ يادگيري دل تي تري اچي ٿي:

"سال 1980ع جي 27- آڪٽوبر تي منهنجو وڏو ڀاءُ ممتاز علي قريشي لاڏاڻو ڪري ويو، پير حسام الدين راشدي، فون ڪري مون سان ڏک ونڊيو ۽ جلد روبرو اچڻ جي به ڳالهه ڪيائين. ستت پوءِ حيدرآباد ۾ دادا گرداس وڌواڻي جي ڪتاب جي مهورت لاءِ حيدرآباد آيو، فنڪشن 9- نومبر 1980ع تي نيشنل سينٽر ۾ رکيل هو، اتي من کي ڏسندي شرط چيائين، "سياڻي تو وٽ تعزيت لاءِ ايندس."

مون چيو، "سائين پوءِ ڀلا ربانيءَ کي وٺي اچجو، متان توهان کي گهر ڳولڻ ۾ تڪليف پيش اچي؟" چوڻ لڳو، "ڇو، مانکي تنهنجو گهر ڪو وسري ويو آهي ڇا، جو رباني کي وٺي اچان؟ مان صبح جو پاڻهي اچي ويندس."

10- نومبر 1980ع (ٻئي ڏينهن) 11 وڳي پير صاحب ڊرائيور سان گڏ اچي منهنجي گهر پهتو. مون ڪيس پنهنجي هينئين گهر ۾ هلي ويهاريو. پاڻ دعا گهري ڊرائينگ روم تي نهار وجهي چوڻ لڳو: "هي تنهنجو گهر ته ڪونهي اتي ته ڏاڪڻ هئي، جيڪا مٿي چڙهي وڃبي هئي. اڳي آيو هوس ته رباني به مون سان گڏ هو!"

ڪيس ٻڌايم، اهو گهر اجا آهي، هيءُ اسان جو پراڻو گهر آهي، ادا مرحوم هن ڊرائيننگ روم کي وڏي شوق سان نهرايو هو!"

پوءِ ٿڌو شوڪارو ڀري پير صاحب چيو، "يار، سڀ ڪجهه هتي رهجي وڃي ٿو. مان کي خبر آهي ته تنهنجو ڀاءُ ڪيڏو نه ڀلو ماڻهو هو. هڪ ڀيري رباني ۽ مان فاران هوٽل ۾ ماني کائڻ وياسين ته ممتاز مرحوم اڳي ئي اتي ويٺو هجي، پوءِ ته زوري اسان کي ماني کارايائين، ۽ اسان کي بل به نه ڀرڻ ڏنائين. سائين جي.ايم.سيد سان، ادا وڏي علي محمد راشديءَ سان، شيخ اياز ۽ مون سان ڪيس وڏي محبت هئي، سدائين پنهنجي آبرو ۽ عزت سان پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري هليو."

مون ڪيس عرض ڪيو، "مهرباني ڪري اوهان ماني کائي پوءِ وڃجو. جويي صاحب ۽ ربانيءَ کي به ته گهرائي وٺون!"

چوڻ لڳو، "نه نه، ربانيءَ کي اصل نه سڏائجانءِ... ماني کائي نٿو سگهان... صحت اطمينان بخش نه آهي، دل کي سخت بيزاري وڪوڙي ويئي اٿر، ڇا ٿيندو، ڪا خبر نه ٿي پوي...!

گهر واپسي، ۽ شام جو ڪتابن سان وندر وروونهن. گهر ۾ ويهي پنهنجو لکڻ ۽ پڙهڻ جو مشغلو جاري رکيائين. البت سندس دلي رستو ان وچ ۾ سنڌ جي علم و ادب سان چاهه رکندڙ پائرن سيد امير علي شاهه جاموٽ ۽ سيد آفتاب شاهه جاموٽ سان وڌي ويو. شايد غالب چواڻي:

جب توقع ہی اٹھ گئی غالب،
کیوں کسی کا گلا کرے کوئی۔

هڪ ڀيري، ٽنڊي جهانيان سول لائين حيدرآباد واري منهنجي گهر مان نڪتاسين. جڏهن علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي بنگلي نمبر 37 تي پهتاسين، ته ڊرائيور کي چيائين: گاڏي روڪ، سامهون اسان جي ڪابي پاسي علامه صاحب جو پراڻو بنگلو موجود هو. بنگلي تي نظر پوندي هڪ ٿڌو ساهه کنيائين پوءِ چوڻ لڳو: ”تو علامه صاحب ڏٺو هو؟“

”ها، ڪيترا ڀيرا پر ان مهل سمجهه ڪونه هوندي هئي. بلبو مرحوم هر آچر تي ڪراچيءَ مان حيدرآباد ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو علامه صاحب وٽ هلندو هو، ته اسان ٽنهي ڀائرن کي به پاڻ سان گڏ نيندو هو. وڪٽوريا گاڏي، سامهون در تي هلي بيهندي هئي. علامه صاحب کي سندس نوڪر اطلاع ڪندو هو. ڊرائينگ روم ۾ موڙها پيل هوندا هئا. ان تي ويهندا هئاسين. علامه صاحب ايندو هو، ته اسان سڀ اٿي بيهندا هئاسين. علامه صاحب، بابا سائين کي سدائين ميان الله بخش ڪري سڏيندو هو. ڏاڍي قرب سان بابي سان ڳالهيون ڪندو هو. اصل ۾ علامه صاحب جو فقير جي پڙ وارو پراڻو گهر، جنهن ۾ علامه صاحب پيدا ٿيو، بابي وارن جي گهر جي ويجهو هوندو هو. اهو جهونو تعلق، ۽ ڪراچيءَ ۾ رهڻ دوران علامه صاحب وٽ گهڻو وڃڻ انهن ملاقاتن جو سبب هوندو هو. حيدرآباد جو اصل ماڻهو هو ۽ حيدرآباد شهر سنڌ جي تاريخ ۽ تمدن جو آخري نشان رهي چڪو آهي.“

منهنجي ڳالهه ٻڌي چوڻ لڳو، ”علامه صاحب پنهنجي وقت جو تمام وڏو ماڻهو هو. علامه صاحب جي خدمت ۾ آءٌ به گهڻو ويندو هوس. جڏهن وڻائنس ڪچهري ڪري موٽندو هوس، ته ڏڪن جا سمورا ڪڪر ٽڙي پکڙي ويندا هئا، ۽ ايمان تازو ٿي ويندو هو. ڇا ته ڳالهائيندو هو. ڇا ڳالهائڻ ۾ سندس اکرن جي چونڊ هوندي هئي. ماکيءَ جهڙا مٺا لفظ ۽ ڳالهائڻ جو انداز، ۽ خيالن جي اوچي پرواز، ٻئڻ جهڙي هوندي هئي، سندس ڳالهيون ٻڌي بس ماڻهو پنڊپهڻ ٿي ويندو هو!“

ڪڏهن ڪڏهن، وڏي ياءُ جي گهران موٽندي جڏهن علامه صاحب جي بنگلي تي نظر پوندي اٿم، ته رباني‌ءَ صاحب جي ياد اچي ويندي آهي:

”سامونڊي سنيورا، منهنجا ويراڳي ويا،
نڪا راهه بندر تي، نڪي ڏسجن ڏيئا.
جاني جنهن جهاز ۾، سي بيڙائي ٻيا

* * * * *

10 جنوري 2010ع

آءٌ محتسب اعليٰ حيدرآباد جي آفيس ۾ فون ڪريان ٿو:

- غلام رباني صاحب سان ڳالهائڻو آهي؟

آپريٽر نالو پڇي، يڪدم سائنس ڳالهرائي ٿو.

”ادا، ڪهڙو حال آهي؟ دلبر صفا وساري ڇڏيو اٿئي؟“ يڪدم رباني صاحب وڏي آواز ۾ چوي ٿو.

”سائين، معاف ڪجو، منهنجو موبائيل فون گم ٿي ويو هو، جنهن ۾ اوهان جا سڀ نمبر هئا. مهرباني ڪري ڀيريون پنهنجو موبائيل نمبر لکرايو؟“

”ها ادا لک: زيرو، ٿري، ڊبل زيرو، ٿري زيرو، ون، زيرو، ون، زيرو، ڊبل فور، زيرو. ادا، هاڻ گهر جو نمبر به لک: ٽو، سڪس، فائيو، سڪس، فائيو، نائين، فائيو. ۽ ادا گهر اچين، ته گهرجي ايڊرس به لک: هائوس نمبر- ون، زيرو، سيون، بي، نسيم نگر فيز- ٽو، قاسم آباد. ادا لکيئي؟“

”ها سائين، مان ايندس اوهان جي گهر. ڪچهري ڪاڻ ٿي آهي. اصل سڪ لڳي آهي. ملاقات ضرور ٿيڻ گهرجي.“

مان سائنس موڪلائي، فون بند ڪري ٿو ڇڏيان.

* * * * *

ڪي وٺي اچي ٿو. ڊاڪٽر ڪيس تپاسڻ کان پوءِ، پٽن کي ٻڌائي ٿو، "سائين کي ٻه دل جا اٽيڪ ٿي چڪا آهن. فوري طور تي ڪيس اسپتال وٺي وڃو!"

وري ٻه رباني صاحب ضد ڪري ٿو، ڪراچي وڃڻ لاءِ. پر ڊاڪٽر ٻڌائي ٿو ته اٽيڪ لڳاتار پئجي چڪا آهن، ڪراچي وڃڻ خطري کان خالي ڪونهي. ڪيس حيدرآباد ۾ ئي داخل ڪرايو.

18 جنوري تي صبح جو ٻئي پٽ، ۽ الطاف ڪيس پنائي اسپتال لطيف آباد وٺي وڃڻ لاءِ ضد ڪن ٿا. اوچتو چوي ٿو، "زوري ٿا اسپتال وٺي هلو. ها پر هلندس ته جيئرو موٽندس ڪونه"...... ۽ پوءِ ڪيس عزيز، مجيب ۽ الطاف صبح جو 10 وڳي لطيف آباد جي هلال احمر اسپتال جي ڪارڊيالاجي وارڊ ۾ وٺي وڃن ٿا. هو پاڻ پنهنجي پيرن سان هلي ڪار ۾ ويهي ٿو. اسپتال ۾ اندر ٻه پنڌ ڪري وڃي ٿو. اسپتال ۾ ڪيس ڊاڪٽر ٽريٽمينٽ ڏين ٿا. وڏو ڊاڪٽر اچي ڪيس تپاسي ساڳي ڳالهه ڪري ٿو، "رات جو ڇو ڪونه آيا؟ هاڻ دير ٿي وئي آهي!" ڪجهه دير ۾ ڊاڪٽر ڪيس ٽرنڪولائيزرز ڏين ٿا. گهڙي کن ۾ هن جي اک لڳي وڃي ٿي ۽ هو هڪ گهري ۽ ڪڏهن به نه سجاڳ ٿيندڙ ننڊ ۾ ٿو هليو وڃي (اهو وقت ساڍي 11 وڳي جو آهي)

ماءُ! ڪاهوڙي هَليا، ڏکائي ڏونهان،
ڇِپَرَ جا سُونهان، ڏوٿِيُن ڏٺ ڇيتاريو.
(شاهه)

ايتري ۾ مجيب ۽ عزيز اٿي اندر وڃن ٿا. ۽ پوءِ الطاف اڱري کي سڏ ڪن ٿا. گهڙي کن ۾ وري موٽي اچن ٿا. الطاف مون کي چوي ٿو، "سائين، اسان جو خيال آهي ته جنازي نماز وڃي ڪنڊياري ۾ پڙهون. هونئن به اڃا تائين ماڻهو ڪونه آيا آهن. مان سامهون وال ڪلاڪ ۾ ڏسان ٿو. وال ڪلاڪ ۾ صبح جا پوڻا 10 پيا ٿين. چوان ٿو، بهتر به ائين ٿيندو.

ڪجهه گهڙين کان پوءِ اسان کي ٻاهر پنڊال ۾ هلي ويهڻ لاءِ چون ٿا. ٻاهر پنڊال خالي آهي. نوجوان جاکوڙي اديب ۽ صحافي پروفيسر مومن ٻلو، نفيس احمد ناشاد، ناز سهتو به اچي پهچن ٿا. حفيظ قريشي جونيئر به ٻوڙندو ٻوڙندو اچي اسان سان شامل ٿئي ٿو.

سامهون ايمبولينس بيٺي آهي. اسين اتي ئي بيٺا آهيون جو هڪ ڪار اچي ٿي. ان ۾ مرحوم حسين شاهه راشديءَ جي اهليه، سندس پٽ علي رضا، ۽ اياز راشدي لهن ٿا. علي رضا ۽ اياز راشدي مون سان ملن ٿا. ادي مسز راشدي اندر وڃي ٿي. علي رضا ٻڌائي ٿو، "سائين صبح جو سويل نڪتا آهيون." گهڙي کن ۾ رباني صاحب جو جنازو ٻاهر آندو ٿو وڃي. اسين سڀ ڏکويل نيڻن سان سندس آخري پيرو منهن ٿا ڏسون. مرڪندڙ اکيون پوريل، انهن مٿان ٻه گلاب جا گل رکيل، چهرو اهوئي ساڳيو، پر پرسڪون، ڪنهن گهري ننڊ ۾ سُتل.... مان هن ڏي نهار وجهان ٿو. لڳي ٿو، ڄڻ هو وڏي آواز ۾ چوندو هجي:

وسائي ڇڏيو هيءُ ستارن جو جهرمٽ،
نه روشن ڪريو چنڊ جو هيءُ فانوس،
تصور جي موجزن جهرٽي کي،
انڌيري کي غائب ڪريو،
جنهن جي روشني، منهنجي اکين کي ڪيرو نه ڪري،
مون کي ننڊ ٿي اچي.
(اياز)

مان آلين اکين سان سندس آخري ديدار ڪريان ٿو.... ۽ پوءِ ايمبولينس آهستي آهستي هلڻ شروع ٿي ٿئي، ۽ مون کي ياد اچي ٿو، سندس ئي ڪتاب ۾ لکيل بنگال جي صوفي شاعر والڻ شاهه جي گيت جا ٻول:

Take me to other side of the river.

"مون کي درياهه جي هُن پار وٺي هل!"

زندگي بحر بي ڪنار آهي ۽ دنيا جا غمزا عجيب آهن. ڪنهن تي ويچار ڪري، ڪنهن تي ويچار ڪجي؟ زندگي، هڪ خواب وانگر منهنجي سامهون اداس، سنسان، ۽ صبح پنهنجا تيزيءَ سان پر پکيڙي رهيو آهي، ۽ منهنجي دل تي تري ٿو اچي هيءُ شعر:

"ايسي سوني تو کبھی شام غریباں بھی نہ تھی،
دل بجھے جاتے ہیں، اے تیرگی صبح وطن۔
(زیدی)



به حيدرآباد روانو ٿيس. مدرسه جي قانون مطابق مدرسه جو داخلا فارم ڀري مدرسه ۾ داخل ٿيس ۽ دوري حديث جي سبقن ۾ شامل ٿيس. ان وقت ۾ دوري حديث جا استاد مولانا عبدالرؤف صاحب، مولانا جان محمد صاحب ۽ مولانا شمس الدين صاحب جن هئا. اسان انهن جي راهبريءَ ۾ دوري حديث جو درس پورو ڪيو، ۽ 8- فيبروري 1991ع تي سائٽ ايريا واري مدرسي ۾ دستاربندي ڪئي سون. هن تقريب ۾ هڪ بزرگ ڪراچيءَ کان اچٿو هو (مولانا صاحب جو نالو ياد نه آهي). جنهن جي وفات ٿي وئي، تنهن ڪري سجاول واري مولانا اسان کي آخري حديثون پڙهائي تقريب جي شروعات ڪرائي ۽ مولانا علي شير حيدري تقرير

ممتاز علي ڏنگراچ

شخصيت

# جادو لائي ويم جيءَ ۾...

## (علامه قاسمي صاحب جون ڪجهه يادگيريون)

1989ع واري دور ۾ مان ۽ مولوي انس راڄپر مدرسه شمس العلوم ڪرڙاهه واري مدرسي ۾ پڙهندا هئاسين. مدرسي جي ساليانی موڪل ٿي، اسان ٻئي پنهنجي پنهنجي ڳوٺ هليا ويا سين. رمضان شريف پورو ٿيو ته موڪل ختم ٿي ۽ صلاح ڪئي سون ته ڪرڙاهه واري مدرسه جي بجاءِ مدرسه مفتاح العلوم حيدرآباد پڙهڻ هلون. اتي هلڻ مان هيءُ فائدو ٿيندو ته مدرسه مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي وڏي عالم علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب وٽ پڙهڻ جو موقعو ملي ويندو. اهو سوچي اُن تي عمل ڪيو سون. مولوي محمد انس صاحب جو ڀريان ئي واسطو استاد جان محمد راڄپر (شيخ الحديث مدرسه مفتاح العلوم) سان هو. هو ان سان رابطو ڪري حيدر آباد روانو ٿيو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مان ڪئي. سائٽ ايريا واري مدرسه ۾ ٿيرئين دستاربنديءَ جي تقريب اسان جي ٿي.

24- فيبروري 1991ع تي علامه قاسمي صاحب جن وٽ پڙهڻ لاءِ شاهه ولي الله اڪيڊميءَ ۾ داخلا لاءِ وياسين. اسان جي ذهن ۾ هو ته شاهه ولي الله اڪيڊميءَ ۾ داخلا لاءِ ڪو فارم ڀرڻو پوندو ۽ ڪي منٿون ميڙون ۽ آزيون نيزاريون ڪرڻيون پونديون. دوستن سان ملڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته هيءُ علامه قاسمي صاحب جو ادارو شاهه ولي الله اڪيڊمي انهن سيني شين کان آجو آهي. هيءُ علم جو درياءُ آهي، هن مان هرڪو، اڃ اُجهائي سگهي ٿو خير؛ دوستن ٻڌايو ته سائين اڃڻ وارا آهن. سڀ دوست انتظار ڪري رهيا هئا، پر هر ڪنهن جي انتظار جو انداز پنهنجو پنهنجو هو. پراڻا شاگرد، مولوي بدرالدين انڙ، شفيع

محمد سميجو، مولوي محمد اسماعيل هاليپوٽو، عبدالستار سهتو، مولوي علي گل، حافظ احمد انڍڙ ۽ ٻيا شاگرد آفيس وارن ڪمرن ۾، ڪي چڪر لڳائي رهيا هئا ته ڪي وري اندر ويٺا هئا. مان ۽ مولوي انس صاحب نوان هئاسين سو اڪيڊميءَ واري ڇت تي ٻيهي رمضان جي چنڊ جيان سائينءَ جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئاسين ۽ بار بار صدر واري رستي ڏي واجهائي رهيا هئاسين. رستي لاءِ دوستن ٻڌايو هو، ٿوري دير بعد هڪ اڇي رنگ جي ڪار جامع مسجد صدر جي دروازي تي اچي بيٺي. سفيد ڪار مان سائين جن لٿا، سندن هٿ ۾ سنڌي ٽوپي هئي. شاگردن مان ڪنهن دوست هيٺ ڏسي چيو: "سائين جن اچي ويا آهن." ايتري ۾ سائين اڪيڊميءَ جي ڏاڪڻ ڏانهن پهچي ويا ۽ وڏي خبرداريءَ سان ڏاڪي تي پير رکي جوانن وانگر ڏاڪڻ چڙهي پنهنجي ڪمري ۾ اچي ويٺا. ٿوري دير بعد مولوي بدرالدين انڍڙ جي اڳواٽيءَ ۾ سڀ دوست گڏجي سائينءَ واري ڪمري ڏي هليا ۽ انهن سان گڏ اسان به ڪمري ۾ داخل ٿيا سين. مولوي بدرالدين انڍڙ اسان جو تعارف ڪرايو. سائين مُرڪي نهاريندي چيو: ڪٿان جا فارغ آهيو؟" مون چيو ته: "سائين مفتاح العلوم جا فارغ آهيون." پاڻ وري به مُرڪي سبق شروع ڪيائون. هيءُ سلسلو 1993ع تائين جاري رهيو ۽ 1993ع جي آخر تائين سائين هوريان هوريان اچڻ گهٽ ڪري ڇڏيائون ۽ سلسلو منقطع ٿي ويو.

سائين پنهنجي مرضيءَ سان ڪتاب پڙهائيندا هئا، يا وري مولوي بدر چيٽو پوريندو هو ۽ مولوي علي گل ان ڳالهه تي زور ڏيندو هو ته اهو ڪتاب شروع ٿي ويندو هو. ايترو ضرور ٿيندو هو جو ڪتاب شروع ڪندي سائين جن علي گل ۽ بدرالدين ڏي ڏسي کلندا هئا. بهرحال سائين وٽ اسان سلم العلوم، شرح جامي، مقامات حريري، بخاري، مسلم، سطعات، حجة الله البالغہ ۽ ڪجهه ٻيا ڪتاب به پڙهيا. سائين رمضان شريف ۾ قرآن شريف جو ترجمو پڙهائيندا هئا ۽ اسان به سائين جن وٽ سورت يوسف، محمد ۽ ڪجهه ٻيون سورتون پڙهيون. وحدة الوجود جو مسئلو جڏهن به سبقن ۾ زير بحث ايندو هو ته سائين جن هي شعر وڏي چاهه سان پڙهندا هئا:

"وڏيل ٿي وايون ڪري ڪنل ڪوڪاري.
هن پن پنهنجا سارِيا، هوءِ هنجون هڏن لئہ هاري."

24- سيپٽمبر 1993ع تي گهران فون آئي ته توهان کي عربي ٽيچريءَ جو آرڊر مليو آهي، تنهڪري ڳوٺ اچو ۽ اچي سرڪاري نوڪري ڪريو. اهڙيءَ طرح حيدرآباد کي الوداع ڪري 13 سالن کان پوءِ نوشهروفيروز ۾ اچي وري ساڳي سنگت سان گذارڻ لڳس. سائينءَ سان هرروز جي ملاقاتون مهينن ۽ سالن ۾ بدلجي ويون ۽ پوءِ هميشہ جي وڇوڙي ۾ بدلجي ويون، ۽ مني صديءَ جي تاريخ هن دنيا مان هميشہ لاءِ رخصت ٿي وئي.

هاڻي سال ۾ هڪ به دفعا سائينءَ جن جي مزار تي وڃڻ ضرور ٿيندو آهي. جڏهن سائينءَ جن جي مزار جي پيرانديءَ کان ٻيهي چار قل پڙهندو آهيان ۽ دعا گهرندو آهيان ته سائينءَ جن جي ماضي وارا ڏينهن ياد ايندا آهن جڏهن هو وحدة الوجود تي بحث ڪندا هئا. محسوس ٿيندو آهي ته سائين جن سيرانديءَ کان ڪنڌ مٿي ڪري هينئر به هي بيت پڙهي رهيا آهن:

"وڏيل ٿي وايون ڪري ڪنل ڪوڪاري."

**ڪجهہ يادون:**

سائين قاسمي صاحب جن 27 ڊسمبر 1991ع تي انڊيا جي علمي ادارن جي دعوت تي ڀارت ويا هئا ۽ 4- جنوري 1992ع تي انڊيا کان واپس آيا. پاڻ ٻڌايائون ته مان انجمن ترقي اردو

ڪانفرنس جي صدارتي تقرير ڪئي ۽ غالب اڪيڊمي ۾ به صدارتي تقرير ڪيم.

★★★

"ڪل ذي علم عليم" تي تفصيلي گفتگو ڪندي چيائون ته: مولانا قاسم نانوتوي پنهنجي ڪتاب 'هداية الشيعہ' ۾ لکيو آهي ته: جيڪڏهن ان جملي جو مطلب "هر ڄاڻو کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو" ونجي ته تسلسل ٿي پوندو ۽ منطق ۾ تسلسل باطل آهي، تنهنڪري اهو مطلب به غلط آهي. پوءِ لکن ٿا ته: عالم جي معنيٰ آهي: عارضي علم ۽ عليم جي معنيٰ آهي: ذاتي علم وارو. تنهنڪري معنيٰ ٿي ته عارضي علم واري مٿان ذاتي علم وارو (الله) آهي.

★★★

يمن جي شهر صنعا وارن جو اصول هو ته ڪنهن به اجنبي کي ٽن ڏينهن کان مٿي رهڻ نه ڏيندا هئا، ان ڪري ته ٽن ڏينهن کان زياده رهي ڪري هو سندن ٻولي خراب ڪندو. پر علامہ عابد سنڌيءَ لاءِ سندن اهو اصول لاڳو نه هو.

صنعا ۾ حضرت نوح عليه السلام جو پٽ صام اچي رهيو ۽ هيءُ علائقو سندن نالي سان منسوب ٿيو.

★★★

ننڍي کنڊ جو هاڪارو عالم مولانا حسين احمد مدني سنڌين کي تمام گهڻو پائيندو هو ۽ پاڻ ديوبند مان جڏهن به ٻارن سميت ڳوٺ ويندو هو ته گهرجي سنيال لاءِ مون کي ڇڏي ويندو هو. مولانا ابراهيم صاحب سنڌين جو خيال ڪندو هو. مولانا اعزاز علي طبيعت جو شوخ ۽ پربڌڙو هو.

★★★

"مولانا اسماعيل گهوٽڪيءَ وارو مون وٽ ديوبند آيو. مولانا اعزاز علي جي سبق ۾ ويهاريو مانس، سبق ٻڌي چيائين: اهڙو اتي مان پڙهائيندو آهيان. وري مولانا ابراهيم جي سبق ۾ گڏ ويهاريو مانس چيائين: هي سلو عام آهي. وري مولانا حسين احمد جي سبق ۾ ويهاريو مانس ته چيائين: هي شيخ ڊگهي تقرير ڪري ٿو، شيخ جو شيخ مختصر تقرير ڪندو هو. مون چيو: اڳي ٿورا طالب هئا، هاڻي گهڻا طالب آهن تنهنڪري ڊگهي تقرير ڪري ٿو. مولانا عبدالوهاب ڪولاچي پوليس کان ايترو ڊڄندو هو جو جيڪڏهن ڪو پوليس جو نالو ڪٽي ته تڏي ۾ گهڙي ويندو هو."

★★★

"مون وٽ هڪ طالب پڙهندو هو، ان ملڪ خلاف تقرير ڪئي سو ان کي پوليس گرفتار ڪري جيل موڪليو. جيل مان ڇٽي آيو. ته وري به مون وٽ پڙهڻ آيو. هڪ دفعي ڪنڌ هيٺ ڪري سبق ۾ ويٺو هو، مون پڇيو مانس ڪهڙي فڪر ۾ آهين؟ چيائين: سائين دل ٿي گهري ته وري جيل وڃان، مدرسي جي دال کان ته جيل جي دال ڀلي هئي."

★★★

"گوري پهوڙ ۾ پڙهندا هئاسين ته مولانا عبيدالله سنڌي جي خدمت لاءِ شيخ عبدالمجيد سنڌي مقرر ٿيو، مولانا ان کي چيو ته: "دال چاڙهه، ان ۾ ٽن ڏينهن جي پاروٽي لسي وجهه." هن ائين ڪيو. خادم مولانا کي ٻڌايو ته سائين دال تيار ٿيڻ واري آهي. مولانا چيس: "ٿوري دال ڪٽي اچ." هو سڄي ديڳڙي کڻي مولانا وٽ اچي نڪتو، مولانا جڏهن دال ڏٺي ته ڪراهت محسوس ڪيائين.ان کان پوءِ مولانا جي خدمت لاءِ يوسف ڪوسي کي مقرر ڪيو ويو."

★★★

1992ع ۾ مولوي محمد يوسف لُنڊ موري واري سائين قاسمي صاحب جن کي گهڻين منٿن سان راضي ڪيو ته، سندس جلسي ۾ شرڪت ڪن، سائين راضي ٿيا. سائين چين: "ابا مان دل

جو مريض آهيان ۽ بلغم به زياده آهي، تنهنڪري گاڏي اي-سي واري هجي ۽ ڪمرو به ايئرڪنڊيشنڊ وارو هجي.“ مولوي يوسف هائو ڪئي. جلسي واري ڏينهن سائين کي ڊبل ڪيبن گاڏي ڪٺڻ آئي، مولوي بدرالدين انڍڙ مون کي چيو ته تون سائينءَ جن سان گڏ وڃ، اسان شاگردن مان هڪ جو هجڻ ضروري آهي. سائين جن حضور شرم ماڻهو آهن. پاڻ تڪليف برداشت ڪندا پر گهر ڏٽي کي نه چوندا. سائين جن گاڏيءَ جي اڳئين سيٽ تي ويٺا ۽ مان پوئين سيٽ تي ويٺس. خير سان سفر شروع ٿيو. پير جهنڊي کان گذرندي سائين جن مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي متعلق ڪا ڳالهه ڪئي جيڪا سمجهه ۾ نه آئي. آخر ڪار جلسي ۾ پهتاسين، گرميءَ جا ڏينهن هئا. سائينءَ جن چيو ته: ”مان گهڙي ڪن ننڊ ڪندس.“ مولوي محمد يوسف اسان کي هڪ ڪمري ۾ وٺي هليو، ويهاري پاڻ دروازو بند ڪري هليو ويو. سائين ڪمري ۾ نهاري چيو: ابا ايئر ڪنڊيشنڊ واري ڪمري جي گهر مولوين پوڳ سمجهي. مون کي سعيد (سائين جو وڏو پٽ ڊاڪٽر سعيد) جهليو پئي ته توهان نڪرڻ جهڙا نه آهيو، پر هنن عالمن جي ميڙ کان سواءِ منهنجي به نه ٿي سري. هاڻي هوشيار رهجان، مون کي گرميءَ جي ڪري دل ۾ سُور پئجي سگهي ٿو. متان مون کي ننڊ اچي ۽ دل ۾ سُور پوي، هيءَ گوري هٿ ۾ جهلي ويهه ۽ تون آرام نه ڪجان، متان هنن ملن وانگر ماري وجهين (مرڪي پوڳ واري انداز ۾). چيائون ته: ”جي سور پوي ته بغير ڪنهن احترام جي زوري منهنجو وات کولي هيءَ گوري منهنجي زبان هيٺان رکجانءِ.“ هڪ گرمي ٻيو نان ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو، ٽيون ٻري ڪمري ۾ بيڊ! سائين جن بيڊ تي سُتا ۽ مان سائينءَ جن جي جُتيءَ واري جڳهه سان گڏ هيٺ ويهي رهيس.

اڌ ڪلاڪ به مس گذريو ته سائين وڏي رڙ ڪري اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مون ڏي منهن ڪيو. مان سندن حڪم مطابق انتهائي جلديءَ ۾ گوري سندن زبان هيٺ رکي ۽ سيڪنڊن ۾ سائينءَ جن جي تڪليف گهٽجي وئي ۽ ڪجهه منٽن ۾ سائين جن ٺيڪ ٿي ويا. ڪجهه دير کان پوءِ منهنجو استاد مفتي غلام قادر ميمڻ نيڙهي وارو اسان جي ڪمري ۾ آيو ۽ سائينءَ جن سان مخاطب ٿي ڪري چيائين: ”ٻڌم ته توهان به آيا آهيو سو ڪمري ڏي هليو آيس.“ مفتي صاحب کي معمول مطابق هٿ ۾ ناس جي دٻلي هئي. سائينءَ جن ڏي هٿ وڌائي چيائين: ”ناس ڏيو.“ سائين مسڪرائي چيو: ”هي دافع آهي يا نافع آهي.“ مفتي صاحب چيو: نافع آهي. ”دافع نه آهي.“ سائين چيو: ”نافع آهي ته مان نه ڏيندس.“ ان کان پوءِ ٻنهين جي وچ ۾ علمي ڪچهري ٿي. جلسي ۾ سائين جي تقرير جو اعلان ٿيو. مفتي صاحب، سائين ۽ مان گڏ نڪتاسين. سائينءَ جن منهنجي هٿ ۾ پنهنجو هٿ ملايو ۽ جلسي گاهه ۾ پهتاسين. ڪاٺ جي صندلن جي اسٽيج ٺهيل هئي. سائين منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي ان اسٽيج تي مٿي چڙهي ويا ۽ پوءِ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌين متعلق تقرير ڪيائون. علمائن جي ميڙاڪي ۾ سائين جن جيترو خوش نظر آيا اهڙو سائين جن کي مون اڳ ڪڏهن به خوش نه ڏٺو هو. تقرير کان پوءِ سيني کان موڪلائي حيدرآباد روانا ٿياسين ۽ ٽن پهرن واري نماز سعيد آباد شهر واري مسجد ۾ پڙهي سون جيڪا اندرئين روڊ تي آهي ۽ شام ڌاري حيدرآباد پهتاسين.

***

سائينءَ چيو ته: ”منهنجي ننڍي پٽ جي عادت آهي ته، اڌ رات ماءُ سان يا الڳ سمهندو آهي ۽ رات جي پوئين حصي ۾ اچي مون سان

سمهندو آهي. ڪلهه رات معمول مطابق اٿي اچي مون سان ستو. هو به ٿلهو آهي ۽ مان به ٿلهو آهيان (مُرڪندي)، سو ڪٽ جي ٻانهين ڀڄي پئي، ٻنهي وجي هيٺ ڌهڪو ڪيو. مون کي ڪلهي ۾ ڏڪ لڳي ويو، ان ڪري ڪلهه اڪيڊمي نه اچي سگهيس.“

★★★

سائينءَ ٻڌايو: ”منهنجي مٿي جا وار اچا ٿيڻ شروع ٿيا، گهرواريءَ کي چيم ته اهي چونڊي ڇڏ. چيائين: اچا وار چونڊڻ سان زيادهه ٿيندا آهن نه چونڊبراءِ. مون کلي چيو ته، پلا ڪارا وار چونڊ ته زيادهه ٿين. ڪاوڙ مان چيائين: توهان وٽ ته هر ڳالهه جو جواب موجود آهي!“

★★★

سائينءَ ٻڌايو ته: پنجاب ضلعي جهنگ ۾ هڪ ڪانفرنس ٿي، مون اتي مقالو پڙهيو. ان پروگرام ۾ فوجي آفيسر به هئا، جن ۾ ضياءُ الحق به هو. سندس ڊيوٽي ٻاهرين گيٽ تي هئي. مان مقالو پڙهي ٻاهر نڪتس ته گيٽ وٽ جنرل ضياءالحق ادب سان جهڪي اچي مليو ۽ منهنجا هٿ وٺي چميائين. ڪافي وقت گذري ويو جنرل ضياءُ ملڪ جو سربراهه بنجي ويو، ان دور ۾ مان سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين هئس. ضياءُ الحق کي ڪنهن مولوي ٻڌايو ته: غلام مصطفي قاسمي سنڌي ادبي بورڊ جا پيسا کائي ، پينگ ڪري ڇڏي، سڀ ڪجهه هڙپ ڪري ويو آهي، توهان ذاتي طور تي ڪوشش ڪريو. ضياءالحق جو ڪراچيءَ اچڻ ٿيو سو هن مون کي گهرايائين. مان ان ڏينهن ڪراچي کان واپس حيدرآباد پهتو هئس ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ويٺي ڪو ڪتاب پئي پڙهيم. حيدرآباد جي ڪمشنر آفيس وارن مون کي ڳولي هٿ ڪيو، مون کي ٻڌايائون ته صدر پاڪستان توهان کي ڪراچي گهرايو آهي. مون هنن کي ٻڌايو ته مان هاڻي هاڻي ڪراچيءَ کان پهتو آهيان. سنڌي ادبي بورڊ جي گاڏي تمام پراڻي آهي ۽ هڪ وقت حيدرآباد ڪراچي اپ ڊائون نه ٿي ڪري سگهي. مان هينئر وري ڪراچي ڪيئن هلان؟ حيدرآباد جي آفيسرن مون کي گاڏي مهيا ڪئي. منهنجي ڊرائيور عبدالرحيم مگريي گاڏي هلائي ۽ چيڪ ڪئي. اسان ان موٽر تي چڙهي ڪراچي پهتاسين. مون کي گاڏيءَ جا ڪپڙا ڀهريل هئا، قميص به ڪف کان ڦاٽل هئي. ضياءُ الحق ملندي ئي چيو ته "میں نے جو بات سنی وہ جھوٹ ہے۔ اور مولانا میں نے آپ کو کسی پروگرام میں قریب سے دیکھا ہے". مون چيو: "صدر صاحب! آپ نے میرے ہاتھ بھی چومے ہیں۔" صدر صاحب چيو: "مجھے یاد نہیں ہے" سائينءَ چيو: ”آپ تو ہم سے جوان ہیں آپ کو یاد آجائے گا"۔ "نہیں حضرت جی". (صدر صاحب چيو. هن ليٽ سان پهچڻ جو سبب پڇيو، مون صدر صاحب کي مذڪوره گاڏيءَ جو سبب ٻڌايو. صدر صاحب هڪدم پنهنجي سيڪريٽريءَ کي چيو ته: "مولانا صاحب کے نام پر ایک گاڑی بھیجو"۔ مون صدر صاحب کي چيو ته "بورڈ کے نام پر گاڑی بھیجو، تاکہ میرے بعد آنے والے اس گاڑی کو استعمال کریں"۔ ۽ واقعي اها حقيقت به آهي ته علامه قاسمي صاحب ان وقت جي صدر طرفان ڪيس ”ذاتي“ طرح موڪليل ڪار پنهنجي نالي ڪرائڻ بجاءِ ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي نالي ڪرائي ڇڏي ۽ 1988ع ۾ بورڊ ڇڏڻ وقت علامه صاحب اها ڪار نئين چيئرمين جي حوالي ڪري ڇڏي.



امرجليل جي ڪهاڻين جو خام مواد سياسي، مذهبي، سماجي، طبقاتي ۽ معاشي حالتن کان ورتل آهي. جيئن ته ادب جو ٻين مضمونن سان واسطو آهي، تيئن سياست سان به آهي. سياست ادب تي گهرا اثر مرتب ڪيا آهن. ان جي نتيجي ۾ ڪيتريون اهم تحريرون سامهون آيون ۽ ان ڪري ئي افساني جي افاديت ۽ اسڪوپ کي تسليم ڪيو ويو آهي.

”افسانو بهرحال انسان ۽ ان جي معاشري تي باهمي، غلط توڙي صحيح تعلقات کي ظاهر ڪندڙ فن آهي، جنهن جي افاديت جو وسيع اثر، مذهب جي آڙ ۾ پيدا ٿيل غلط روايتن کان ويندي رياست ۽ سياست تائين حاوي آهي. انسان جي سماجي زندگي جي هر پهلوءَ جي ترجماني،

ڊاڪٽر تهمينه مفتي　　　　مضمون

# امر جليل جي ڪهاڻين جا ڪردار

## (فن جي روشنيءَ ۾ سگهارن احساسن جو اڀياس)

امر جليل سنڌ جو ناليوارو ۽ سگهارو ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻين کي سنڌي ادب ۾ تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي. هن جون ڪهاڻيون سنڌ جي تاريخي الميي، سماجي، سياسي طبقاتي ۽ معاشي حالتن جي چِڪيءَ ۾ پيڙهيل سماج جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪري، روان حالتن ۽ مستقبل کي بيان ڪن ٿيون. امرجليل جون ڪهاڻيون، سماجي ۽ سياسي پيش منظرنامي کي پيش ڪندي، انفرادي ۽ اجتماعي زندگي، فرد ۽ فردن جي تڪليف ۽ بيزاري کي بيان ڪن ٿيون. هن جي ڪهاڻين جا ڪردار ۽ احساس وجود جي هجڻ واري احساس جو اظهار ڪن ٿا. هي ڪهاڻيون اظهار جي طريقيڪار کي بيان ڪن ٿيون ۽ اهو طريقيڪار، فن، ڪردار ۽ احساس تي ٻڌل آهي. اهو طريقيڪار سندس سمورين تحريرن ۾ موجود آهي. هتي ٻڌائڻ اهو ضروري آهي ته

جيتريقدر افساني ۾ ٿي سگهي آهي، اوتري نه شعر و شاعري ۾ ٿي آهي ۽ نه تاريخ ۾. افسانو انسان جي ڪنهن نه ڪنهن جذباتي عمل ۽ ردعمل جي اهڙي ته سادي، مؤثر، دلنشين ۽ هوبهو تصوير پيش ٿو ڪري، جنهن کان پڙهندڙ جو ذهن هر حال ۾ متاثر ٿئي ٿو(1).“

امرجليل پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي نه ختم ٿيندڙ ڪرب ۽ مسئلن کي سگهارن احساسن جي ذريعي تخليق ڪيو آهي. اُهي احساس رياست جي جبر، مذهبي آڙ، سياست جي منفي استعمال، انسانن جي هڪٻئي سان تعلق ۽ رويي، مذهب جي پردي ۾ طبقاتي ورهاڱي، ناانصافيءَ، بک ۽ بيروزگاريءَ جي ڪري جنم وٺن ٿا. هي ڪهاڻيون نراسائيءَ ۾ ورتل، اونداهي ۾ ٿاڦوڙا ڪائيندڙ فردن جون ڪهاڻيون آهن. هي ڪهاڻيون بينل پاڻيءَ ۾ چنڊ جي عڪس کي ڏسڻ

جون حلون ٽيپي ويندو آهي ۽ معياري افسانويت تخيل کان سواءِ تخليق ٿي نٿي سگهي(4).“

امرجليل جي ڪهاڻين جي ابتدا

هڪ خط ۾ امرجليل لکي ٿو ”1955ع ۾ مون ”ادا“ رسالي لاءِ ”اندرا“ افسانو لکيو هو. سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ڪچيون ڦڪيون ڪهاڻيون پڙهڻ 1958ع ۾ لاڪاليج ۾ ڪهاڻي جو شايع ٿيڻ. اها ٻي ڳالهه آهي ته 1955ع کان 1961ع تائين مان وڌيڪ ڇپجي نه سگهيو هوس. اٺ ڏهه ڪهاڻيون هفتيوار ”آزاد“ ۾ شايع ٿيون. ان عرصي ۾ عذاب سٺا، ناڪامين جو منهن ڏٺم. هڪ ٻئي جي پنيان ڪهاڻيون رجيڪٽ ٿي موٽنديون رهيون. ان آزمائش مان مون حاصل ڪيو آهي. وڃايو ڪجهه به نه اٿم(5).“ سنڌس پهريون ڪهاڻيون اندرا، ڪاغذ جا گل، جليل پريمي جي نالي سان منظر عام تي آيون. نسيم کرل لکي ٿو، ”سال 1958ع يا 1959ع جي پوياڙي جڏهن ايس.ايم ڪاليج ۾ امرجليل بي.اي جي آخري سال ۾ هو. مون فرصت ۾ سندس ڪهاڻيون پڙهيون جهڙو دت پارتي، جهڙو ڪرشن گوپال ڪوبه فرق نه هو. هو اهڙائي پلاٽ، اهڙي ئي ڪردار نگاري. مون سندس ٻه ڪهاڻيون ”پير جا پن“ ۽ ”ڪشمڪش“ ٿوري گهڻي مٽ سٽ ڪري چونديون ۽ انهن ۾ انتي ڪاٽي ردوبدل ڪري ميگزين ۾ ڇاپي ڇڏيون(6).“ امرجليل پنهنجي ادبي تحريرن ۽ ان ماحول بابت لکي ٿو:

”ايوب ۽ يحيٰ جي دور ۾ روح رهاڻ 1968ع واري سالنامي ۾ ”هڪ لاش“، ”راتين جا رولاڪ“ شايع ٿي ۽ حڪمران ٽولي روح رهاڻ تي پابندي وڌي. 1971ع ۾ ”جڏهن مان نه هوندس“ انگريزي ترجمو ڪري فوجي ٽولي کي ڏني وئي ته هي بغاوت جي باهه ڀڙڪائي رهيو آهي. انڪوائري شروع ٿي جو آمريت جو تختو اونڌو ٿيو. عوامي جمهوريت جو دور آيو ”سرد لاش جو سفر“ ڇپي ۽ ڪجهه ڪامورن کي ڳالهه نه وڻي. DPR تحت گرفتاري جو حڪم ٿيو. نه انڪوائري نه پڇا ڳاڇا! بس سائين پولڙن جي هٿ ۾ لٺ اچي وئي آهي، پيا ڦيرائين... ادب کي سمجهڻ سنڌن وس کان ٻاهر جو ڪم آهي. جيڪڏهن ڪا تحرير سنڌن سمجهه کان ٻاهر آهي يا ڪين پسند نه آهي ته پوءِ هنبوڇيون هڻڻ ۽ وارنٽ ڪڍائڻ بدران قانوني رستو اختيار ڪن، ڪين ياد رکڻ گهرجي ته سنڌن هڪ هڪ حرڪت ادبي تاريخ ۾ سياهه حاشيي سان لکي ويندي، اقتدار اچڻو وڃڻو آهي. ادب رهيو آهي ۽ ادب کي رهڻو آهي(7).“

ڪهاڻين جا موضوع، ڪردار ۽ احساس

امرجليل جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو دل جي دنيا، گهڻو مشهور ٿيو ۽ هنن ڪهاڻين ۾ هيٺئين طبقي جي مسئلن غربت، انهن جي جذبن، احساسن جي تصوير ڪشي ٿيل آهي. دل جي دنيا، تمنائن ۽ آسرن ۽ اميدن جي دنيا پيش ڪندي، ڪردار حالتن هٿان شڪست کائن ٿا. ڪهاڻيءَ ۾ بيوسي جو اظهار به آهي. ”چريٽ ۽ هڪ نرس“ کان علاوه ”بارنيس اسٽريٽ جو غنڊو“ جا اهم موضوع آهن. جنهن ۾ شهري زندگيءَ روڊن ۽ رستن تي ٿيندڙ وارداتن ۽ زيادتين کي بيان ڪيو آهي. سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي ڪوڙي ڪساري متضاد زندگيءَ جو عڪس چٽيل آهي. ”جڏهن مان نه هوندس“ قومپرستي ۽ وطن جي لاءِ سر ڏيڻ واري جذبي ۽ احساس تي ٻڌل ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ آمريت جي خلاف هڪ ڪردار جدوجهد ڪندي ڏيکاريو ويو آهي، جنهن کي ڦاسي جي سزا مليل آهي. هي ڪردار ڪٿي به ڪمزور نه ٿو لڳي، پنهنجي سوچ ۾ آزاد ۽ مضبوط آهي. هو قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي. امرجليل جو (Vision) نهايت ئي گهرو ۽ پري پري تائين ملڪي حالتن، ماحول جي اوڻاين کي جهٽي ٿو، چن ته ايندڙ وقت جي آگاهي ڏيئي ٿو. جيتوڻيڪ امرجليل هن ڪهاڻي بابت ترديد ڪندي واضح ڪيو آهي ته هي ڪهاڻيءَ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي بابت ناهي، هيءُ ڪهاڻي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت کان پهرين جي لکيل آهي. 1971ع ۾ جڏهن مان نه هوندس، ڪهاڻي مارشل لاءِ واري وقت ۾ منظرعام تي آئي.

امرجليل جون ڪهاڻيون، تخيل، حقيقت پسندي، افسانويت ۽ فنڪارانه ڇهاءُ رکن ٿيون. سنڌس ڪهاڻين ۾ مزاح ۽ طنز آهي، جنهن کي مڪالمن ۽ ڪردارن وسيلي تخليق ڪيو ويو آهي. روحانيت، پراسراريت،

نہ ڪيو اٿس، اعتبار ۽ اعتقادن جو ڪنبر، سندس وجود ۾ موجود رهندو جنهن جي تمنا ڪندي لکي ٿو، ”مولا مون کان احساس موٽائي نہ وٺجان ۽ مان احساس جي عيوض وجود ۾ اعتماد ۽ اعتقادن جا ڪنبر قبول ڪريان ٿو. مون کي درد ڏي، مان توکان دوا نہ گهرندس(12).“

هنن ڪهاڻين ۾ اونداهہ، وصال، قربت، محبت، انياءَ، ڏکن ۽ سکن کي سنڌ جي تاريخ جي پس منظر ۾ نهايت ئي فنڪارانہ اسلوب ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ڪٿي ڪٿي ”سنتو منهنجي ساهہ ۾“ کي پڙهڻ سان، سنتو هڪ نوجوان عورت جي حيثيت ۾ بہ نروار ٿئي ٿي. خاص طرح نشان ۽ ”تشخص“ ۾ ڪٿي ڪٿي تحرير جي اسلوب ۾ مايوسي ۽ بهادري ۽ سهپ نظر اچي ٿي. ”اسان جي ڳالهين جي نہ ابتدا هوندي آهي ۽ نہ انتها، ڪڏهن تہ پهرن جا پهر ڳالهائيندا آهيون زندگيءَ جي باري ۾، موت جي باري ۾، خوشين جي باري ۾، ڪمن جي باري ۾، خوابن جي باري ۾، ۽ ڪڏهن وري ڪلاڪن جا ڪلاڪ خاموش رهندا آهيون. ويران رستن تي اداسُ وڻن جي هينان! اهڙي حياتي، جنهنجو وڏو حصو پنهنجي وجود جي منتشر حصن کي سهيڙيندي ۽ ان ڪوشش ۾ ناڪام ٿيندي گذاري ڇڏيو آهي ۽ باقي حصو اُهو جيڪو محدود ۽ مختصر آهي، ان ڪوشش ۾ گذري ويندو...

ڪالهہ اسين ڪلفٽن تائين پنڌ ويا هئاسين ۽ پوءِ سمنڊ جي ڪنارن تي قدمن جا نشان ڇڏي موٽي آيا هئاسين، واٽ تي خاموشي کي ٽوڙيندي سنتوءَ سان هڪ جملو ڳالهايو هو، هن چيو هو ”وقت جي وير اسان جي قدمن کي لٽي ڇڏيندي(13).“

”سنتو منهنجي ساهہ ۾“ مڪالمن ۾ لکيل تحرير آهي، جنهن ۾ حسناڪيءَ، اداسيءَ، ديوانگيءَ جي حد تائين چاهت کي بيان ڪيو ويو آهي. جنهن جي ڪا حد ناهي، اها محبت زمان ۽ مڪان کان ٽپي لامحدوديت ڏانهن داخل ٿيندي نظر اچي ٿي. هن اسٽيج تي امرجليل سونهن، احساس ۽ حسناڪي کي تخليق ڪري جائي. ”دل جي دنيا“ ۽ ”ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو“ ۾ پيش ڪيل ڪردارن کي مختلف ”جڏهن مان نہ هوندس“ جي هڪ باغي جو ڪردار جيڪو مڱ ٿر جي ديس جو آهي. ”علامت“ طور ۽ ”منهنجو ڏس آسمان کان پڇو“ ۾ نهايت ئي رومانوي انداز اختيار ڪيو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ احساسن جو واڇوڙو، سڀ ڪجهہ اڏائي ويندڙ طور ڏسجي ٿو. ڪهاڻي ”مهدي منهنجو پٽ“ ۾ ڇپجندڙ ۽ بي حِس ڪندڙ رويو ملي ٿو، جيڪو ڪردار جي ذريعي پڙهندڙ محسوس ڪري ٿو. ”مان برف ۾ توسان ملندس“ ون يونٽ جي تحريڪ جي حوالي سان آهي ۽ ڪهاڻي ”عشق“ ۾ صنم جو ڪردار ۽ محبتن جو اظهار آهي. هي ڪردار سچائي ۽ حقيقت جو اظهار آهي. هي ڪهاڻي سندس پسنديده ڪهاڻي آهي.

”عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا آهن“ ڪهاڻي منصور جي فڪر، روحانيت، پراسراريت، عشق ۽ شهادت واري فڪر جي پسمنظر ۾ آهي. هن ڪهاڻي ۾، عجيب تاثر ملي ٿو. جڏهن ليکڪ بنا سسي جي ڪردار جي ڳالهہ ڪري ٿو. ان جي ڪردار بابت ڳالهائي ٿو، محرم علي جي شخصيت بابت ان جي سوچ، فڪر ۽ تدبر بابت ٻڌائي ۽ واقفيت ڪرائي ٿو، جيڪو بنا سسي جي دفن ٿي چڪو آهي ۽ جڏهن ان جي واپسي ٿئي ٿي، پڙهندڙ جي پنهنجي دل جي هڪي جر آواز ٻڌي ٿو ۽ بيگناهہ انسانن جي خون تي ماتم ڪده پڻ ٿئي ٿو.

”ٻاهريون در واضح نموني کڙڪي پيو، مان اٿي ويهي رهيس، ٻاهريون در ورانڊي کان پري نہ هو، وڪ ڪن تي هو. مان در وٽ وڃي بيهي رهيس. ڪائنات جي رنجش جا آواز ٻڌندو رهيس. پيهر در کڙڪيو، سرٻاٽن جو آواز آيو. مون ڪڙو لاهي ڇڏيو. ٻاهريون در اسان اڳ بہ کوليو هو پر، هن لمحي ٻاهر در کوليندي مون محسوس ڪيو تہ ڄڻ تاريخ جو اڻ لکيل باب کُلي پيو هو. اوندهہ ۽ مينهن ۾ مان ٻاهر نڪري بيٺس. اوچتو وِڄ چمڪاٽ ڪيو، مون پنهنجي سامهون اڇي چادر ۾ ويڙهيل ڪنهن شخص جو اولڙو ڏٺو. تعجب ٿير پڇيم ”ڪير آهين؟“

اوچتو هرڪو آواز بند ٿي ويو. ان شخص جو آواز آيو، چيائين، ”مان محرم علي آهيان.“ تاريخ جي لکيل باب مان منهن ورائي مون ماٺڻ ۽ دوستن کي چيو محرم علي موٽي آيو آهي(14).“

تاثر اهو ٿو قائم ٿئي ته جنهن ڏينهن احساسن کي موت آيو تنهن ڏينهن هن ڌرتيءَ تي ڪجهه به نه رهندو.

”دل جي دنيا، جڏهن مان نه هوندس“، ڪانسٽيٽيوشن اوينيو تي موت، سنتو منهنجي ساهه ۾، عاشق ۽ شهيد موٽي ايندا آهن، ٽيون وجود، گهاءُ، پنجين موسم جا ڪردار، احساس جي روشني سان اونداهين کي دور ڪندا نظر اچن ٿا. اُهي پاڻ ڪامبابي ماڻين ٿا يا نه، اهو هڪ الڳ بحث آهي. امرجليل جي ڪهاڻين ۾ افسانويت ۽ حقيقت جو سنگم نظر اچي ٿو. تنهن ڪري سندس تحرير، تخليق ۽ تخيل ۾ منفرد آهي. ڪهاڻين جا موضوع اثرائتا، ڏيان ڇڪائيندڙ ۽ فطري آهن.

امرجليل جي ڪهاڻين ۾:

1- احساس جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي.
2- ڪردار زندگيءَ جي تلخ ۽ متضاد پهلوئن جي نمائندگي ڪن ٿا.
3- امرجليل جون ڪهڻيون افسانويت ۽ حقيقت نگاريءَ جو بهترين مثال آهن.
4- ڪردارن ۽ موضوعن جي ذريعي احساس کي اجاگر ڪيو ويو آهي.
5- هي ڪهاڻيون حساسيت (Sensitivity) حقيقت ۽ تخيل جي تاڃي پيٽي ۾ اُڻيل آهن.
6- ڪهاڻين ۾ مزاح، الميو ۽ ٽريجڊي، اهڙو ماحول پيش ڪن ٿيون، جيڪو انساني فطرت (Nature) جي ويجهو آهي.
7- ڪهاڻين جا ڪردار حقيقي ۽ تخيلاتي آهن.
8- ڪٿي ڪٿي ڪهاڻي ۾ طوالت ۽ منظرڪشي بوريت پيدا ڪري ٿي.
9- ڪهاڻين جا موضوع سنڌ جي تاريخي الميي، سماجي، سياسي ثقافتي تبديلين، سياسي نظام ۽ صاحب اقتدار طبقي تي گهري ۽ حقيقي تنقيد آهي.
10- لبرل سوچ، قوم پرستي، تعليمي ادارن جو ماحول (ساٿو ساٿو ساهه) ڦاسيون ۽ سزائون، انصاف جي حصول ۽ زندگيءَ جي متضاد روين کي بيان ڪيو ويو آهي.

حوالا


1. ماهوار، سهڻي، ”امرجليل نمبر“، الهندو ڪچو، سهڻي پبلشر، حيدرآباد سنڌ، ص 12، آگسٽ- سيپٽمبر سال 1973ع، نمبر 9-8.
2. ساڳيو، ص 12.
3. چانڊيو، جامي، ”ادب، سياست ۽ سنڌي سماج“، مرتب- منير چانڊيو، سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي حيدرآباد، ص، سال اپريل 2008ع
4. ڏسو حوالو، ص 60.
5. ڏسو حوالو1، ص 216.
6. ڏسو حوالو1، ص 120.
7. ڏسو حوالو1، ص 120.
8. امرجليل، ٽيون وجود، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ص 9 ۽ 10، سال 1989ع.
9. ڏسو حوالو 8، ص 10 ۽ 14.
10. ڏسو حوالو1، ص 120.
11. امر، جليل، ”رني ڪوٽ“، ڪهاڻي گهاءُ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو، ولي محمد، حيدرآباد سنڌ، ص 22، سال 1998ع.
12. امر جليل، ”سنتو منهنجي ساهه ۾“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ص 146، سال 1999ع.
13. ڏسو حوالو12، ص 148.
14. امر، جليل، ”منهنجو ڏس آسمان کان پڇو“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ، ص 26، سال 2000ع.
15. امر جليل، ڪانسٽيٽيوشن اُوينيو تي موت، ڪرزما، جلد ڇهون، شمارو چوٿون، آڪٽوبر، ص 49، سال 2005ع.
16. ڏسو حوالو15، ص 52.
17. ڏسو حوالو15، ص 52.
18. ڏسو حوالو15، ص 52.



مضمون

مجاهد حسين سولنگي

# شاهه لطيف جي سرپرياتي ۾ استعاري جو استعمال

استعارن ۽ علامتن سان سينگاريل ادب پرچار جو بهترين وسيلو ثابت ٿيو آهي. ان قسم جي اسلوب سان شاعر يا مصور پنهنجن اعليٰ خيالن ۽ فڪر کي مخفي معنائن جو ويس ڍڪائي ماضيءَ جي تخليقي روايتن، ارتقائي خوبين ۽ هلندڙ قدرن مطابق پڙهندڙن آڏو پيش ڪري سگهي ٿو(1). يعني صنعتون، ادب ۾ بيان، ڳالهه يا لکت جي پُر اثر، وڻندڙ ۽ سهڻو بنائڻ جو ذريعو آهن. انهن جي استعمال سان تخليقڪار، شاعر يا مقرر پنهنجي خيال، ڳالهه يا مقصد کي شاندار انداز سان بيان ڪري سگهي ٿو.

پروفيسر شمس الدين عرساڻي اهڙي انداز جي اظهار کي جڙاوتي ٻولي سڏي ٿو، ۽ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

”جڙاءُ جو مقصد ئي اهو هوندو آهي ته اصل شيءِ جي سٽن يا نقش نگارن کي زياده نمايان ڪري بيهارڻ. جوهري پنهنجي ڳهڻ ۾ موتين، لعلن، نگينن ۽ مينائن سان جڙائون ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح اسين به مطلب کي چٽائيءَ سان ظاهر ڪرڻ يا ڪنهن شيءِ يا امر جي رخ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ جڙائون استعمال ڪندا آهيون. شعر ۽ ادب ۾ اهو فن اجان به گهڻو استعمال ٿيندو آهي(2).“

محقق علامه حبيب الله هاشمي استعاري جي اهميت بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"استعارہ فنون بلاغت کی نہایت ہی عظیم الشان قسم ہے، جس پر علماء علم بیان دل کھول کر خامہ فرسائی کی ہے کہ حتیٰ بعض حضرات نے اس پر منفرد تالیفات بھی فرمائی ہیں(3) ۔"

مطلب ته صنعتون يا جڙائون ڪنهن گل يا وڻ ۾ ماڪ پنل مڪڙين ۽ گل برابر آهن. جيڪي ساوڪ سان گڏ لالاڻ، ڦڪاڻ، نيراڻ، اڇاڻ، ڳاڙهاڻ وسيلي ماڻهن جي من تي اثر وجهي پاڻ ڏانهن مائل ڪري وجهنديون آهن. انهن سان ڏسندڙ انهيءَ سونهن پسڻ ۾ محو ٿي مشتاق ٿي پوندو آهي. ' ڙيءَ طرح صنعتن يا جڙاوتن سان سينگاريل علم ۽ ادب ماڻهن جي دلين تي حڪمراني ڪندڙ هوندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو ساراهه کان رهي نه سگهندو آهي. سنڌي ٻولي ۽ ادب کي اهو پڻ شرف حاصل آهي ته ان جي ابتدائي مواد يعني قاضي قادن جي شاعريءَ کان وٺي اڄ تائين جي ادب ۾ اهڙيون ڪاريگريون ڪم آيل آهن، جن سان سنڌي ٻولي پنهنجي مايه ناز انداز سان ٻين ٻولين جي پيٽ ۾ ڪَرُ ڪنيو بيٺي آهي. شاهه لطيف جو ته سمورو ڪلام فصاحت، بلاغت، جدت، سلاست ۽ تجنيس جي صفتن سان سرشار آهي. ائين ڪٿي چئجي ته شاهه، سنڌي ٻولي ۽ ادب کي سونيون ڪنگڻيون پارائيندڙ

آهي جنهن سان ٻوليءَ جو حسن هيڪاري وڌي ويو آهي.

اسان هتي صرف هڪڙي ڪلامي صنعت استعاري کي شاهه صاحب جي ڪلام مان واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جنهن ڪري هاڻي استعاري جي معنيٰ، وصف، اهميت، معيار ۽ ڪارج جي باري ۾ تفصيلي ذڪر ڪرڻ گهرون ٿا. ڇاڪاڻ ته هر هڪ پهلو ايترو وسيع ۽ جامع آهي جو هڪ ئي هنڌ سڀني جو ذڪر ڪرڻ، معنيٰ ڪو ڪتاب لکڻ جي برابر ٿي ويندو، جڏهن ته اسان کي صرف مقالو ئي لکڻو آهي. ان لحاظ کان اها چونڊ بهتر آهي. هاڻي اچو ته استعاري کي سمجهون.

استعارو عربي ٻولي جي مستعار مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ 'اڌارو وٺڻ' آهي (4)."

"اصطلاحي معنيٰ مطابق ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ بدران اڌاري معنيٰ طور ڪم آڻجي(5)."

تاجل بيوس A concise oxford Dictionary of literary terms جو حوالو ڏيندي وصف ڄاڻائي آهي ته:

"استعارو شعر ۾ هڪ اهم جاءِ والاري ٿو، جنهن ذريعي ڪنهن شيءِ، خيال يا انساني سرگرميءَ سان پيٽيو يا پرکيو وڃي ٿو(6)."

ٻي وصف ڄاڻائيندي وڌيڪ لکي ٿو ته "هڪ اهڙو اظهار، جنهن ۾ ڪو جملو يا ترڪيب ڪنهن اهڙي شيءِ بابت چئي وڃي جنهن تي اهو جملو يا اصطلاح لغوي يا لفظي معنيٰ ۾ مشابهت رکندڙ هجي(7)."

الاهي بخش اختر اعواڻ لکي ٿو ته،

"کسی لفظ کو حقیقی معنوں کی بجائے غیر وضعی معنوں میں استعمال کرنا جبکہ حقیقی ومجازی معنوں میں تشبیہ کا علاقہ پایا جائے (8)."

امر ڪلثوم شاهه پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي ٿيسز ۾ لکي ٿي ته:

"استعارو اها بيانہ علامت آهي جنهن جي ذريعي سونهن ۽ وضاحت پيدا ٿئي ٿي. جنهن شيءِ کي مستعار ڪجي ٿو، ان جي خاصيتن يا خوبين سان اصل شيءِ جي خوبين کي وڌيڪ متور نموني سان نروار ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو سڄو حقيقي معنيٰ ۾ نہ پر مجازي يا غير حقيقي يا تصوراتي معنيٰ سان تعلق رکي ٿو(9)."

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي استعاري جي وصف لکي ٿو ته:

"اصطلاح ۾ جيڪو قرينو يا خاص تعلق حقيقت ۽ مجاز ۾ هوندو آهي سو جيڪڏهن تشبيهہ جهڙو هوندو، مگر تشبيهہ جو ڪو حرف مثال جهڙو، مثل وانگر وغيره منجهس نہ هوندو، تہ استعارو چئبو(10)."

وڪيپيڊيا انسائيڪلو پيڊيا ۾ لکيل آهي، تہ:

"Metaphor is language that directly compare seemingly unrelated things It is figure of speech that compares two or more things not using like or as. In simplest case, thus, the first subject can be economically described because implicit and explicit attributes form the second subject are used to enhance the description of the first. This device is known for usage in literature, especially in poetry, where with few words, emotions and associations form one context are associated with object and entities in a different context(11)."

استعارو جي معنيٰ آهي، تہ جڏهن ٻن نظر ايندڙ مخلتف شين کي هڪٻئي سان تشبيهہ ڏني وڃي، ان ۾ 'وانگر' يا 'جهڙو' جا لفظ استعمال نہ ڪيا ويا هجن. سادي نموني سان ائين چئي سگهون ٿا تہ پهرئين شيءِ کي، ٻوئين شيءِ سان پيٽايو وڃي. اهو صرف ان لاءِ تہ پهرئين شيءِ جي افاديت کي ٻوئين شيءِ جي اندروني يا ٻاهرئين طرح خاصيتن سان پيٽائي ان جي خوبين ۾ اضافو ڪيو وڃي، اها شيءِ خاص طور تي ادب جي شاعري واري حصي سان گهرو تعلق رکي ٿي،

جنهن جو مقصد هڪ شيءِ کي ٿورن لفظن، احساسن ۽ لاڳاپن جي ذريعي ٻڌائڻ آهي.

استعاري جي معنيٰ، وصف ۽ سمجهاڻيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته هڪڙي لفظ جي مدد سان ڪا ٻي ڳجهي معنيٰ رکي ان جي مفهوم ۽ معنيٰ ۾ وسعت پيدا ڪرڻ جي لحاظ سان استعمال ڪيل لفظ هجي ته ان لفظ جي معنيٰ يا مفهوم واري استعمال کي استعارو چئجي ٿو.

مثال:

(1) ٽيپو سلطان شينهن آهي.

مٿئين مثال ۾ ٽيپو سلطان کي "شينهن" ڏيکاريو ويو آهي جيڪو هڪ جانور آهي. دراصل هتي ٽيپو "شينهن" جانور نه پر شينهن وري دليري جي معنيٰ رکندڙ آهي يعني ٽيپو شينهن جهڙو دلير آهي.

اچو ته وليم وردس ورٿ جي هينئين مصرعي کي ڏسون:

"No mate, no comrade lucy knew,
She dwelt on a wide moor,
The sweetest thing[1] that ever grew,
Beside a human door (12)."

اسان کي خبر آهي ته "سئيٽ" لفظ چکڻ جي لحاظ سان استعمال ٿيندو آهي، پر وليم وردس ورٿ اهو لفظ وڻندڙ، پيارو، من مهڻو وغيره جي مطلب سان استعمال ڪيو آهي، جيڪو لاڏاري معنيٰ طور ڪتب آيو آهي، جنهن کي اسان استعاري جي استعمال ۾ سمجهنداسين، ۽ ٿنگ جو لفظ حقيقت ۾ شيءِ لاءِ ڪتب ايندو آهي پر وليم وردس ورٿ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڇوڪريءَ لاءِ استعمال ڪري استعاري جو مثال پيش ڪيو آهي.

پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته، "ڪڏهن ڪڏهن لفظ ۾ معنيٰ جي وسعت پيدا ڪرڻ لاءِ انهن کي استعاري طور ڪم آڻبو آهي(13)." مطلب ته شعر يا نثر ۾ سگهه، اثر، طاقت ۽ وزنائتي لحاظ کان لفظن کي استعاري جي روپ ۾ پيش ڪرڻ، هڪ هنر يا ڏانءُ آهي، جنهن سان شعر يا نثر ۾ بلاغت، فصاحت، سلاست ۽ جدت پيدا ٿئي ٿي. اهڙو ئي شعر عالمي معيار جي حيثيت رکندڙ هوندو آهي، سو سنڌي ادب ۾ اهي سڀ خاصيتون موجود آهن.

مٿئين وضاحت کان پوءِ هاڻي اچو ته، شاهه لطيف جي سر پرڀاتيءَ ۾ استعاري کي ڏسي سندس ذات ۾ سمايل ڏات جي اعليٰ عالميت جي اهڃاڻ کي پهچون. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

اِي نه پائن پير، جئن ڪِينرُ ڪِيريءَ ٿِنگيو،
سُونهاري صُبوحَ سين، وِجهِي وينين وِرُ،
توکي چوندو ڪيرُ، ڪِيرَتِ ڏاران مَڱڻو؟
(پرڀاتي، داستان-1، بيت-1)

شاهه هن بيت ۾ 'پائن' مان مراد انسان، 'ڪينر' مان مراد عبادت يا بندگي، 'ڪيرت' مان مراد عبادت ۽ 'مڱڻو' مان مراد انسان رکي آهي. چاڪاڻ ته اهي لفظ استعاري جي شڪل ۾ پيش ڪري انسانن کي هدايت ڪري ٿو، ۽ انسانن کي نصيحت ڪندي شاهه صاحب چوي ٿو ته اي انسان! اهو انساني(مڱڻي جو) شان يا وڙ نه آهي جو تنهنجو جسم يا روح (سرندو) بنا جهڪڻ يا نوڙڻ (عبادت) جي وقت گذاري سهڻي صبح سان ئي تون وِرُ رکي وينو آهين، اها مهل ته عبادت جي آهي، هاڻي توکي بنا عبادت جي ڪير انسان (مڱڻو) مڃيندو(14).

جَنهين سُک ناهِ ڪو، چَارَڻَ سي چَئجَن،
رُڃُن راهَه پُڇَن، مَٿي ڪُلهن ڪِينرا.
(پرڀاتي، داستان-1، بيت-5)

شاهه لطيف هن بيت ۾ 'چارڻ' مان مراد انسان، 'رڃ' مان مراد تڪليف يا پورهيو، 'راهه' مان مراد عبادت، 'ڪينرا' مان مراد عبادت آهي، جيڪي لفظ استعاري جي صورت ۾ آڻي حقيقيَ انسان جي سڃاڻپ ڪئي آهي ته اهي ئي انسان (چارڻ) آهن جن کي آرام

[1] Sweetest = lovesliest
Thing = Girl



مضمون

## ڊاڪٽر نور افروز خواجه

# سر سلطان محمد شاهه آغا خان (ٽيون)

### (سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ واري تحريڪ جو ڪردار)

سر سلطان محمد شاهه آغا خان ٽئين جو شجرو حضرت علي ڪرم الله وجهه ۽ حضرت محمد ﷺ جن سان ملي ٿو. محقق ڊبليو سمرسيٽ ماهم سنڌس باري ۾ لکي ٿو: ”آغا خان صاحب جن حضرت محمد رسول ﷺ جن جي اولاد مان آهن،جيڪو رسول ڪريم ﷺ جن جي نياڻي حضرت فاطمة الزهره مان ٿيو. ان جو لاڳاپو مصر جي فاطمي خليفن جي نسل سان پڻ هو. پاڻ پنهنجي خاندان تي بجا طور فخر ڪن ٿا. سندن ڏاڏو آغا حسن علي شاهه، جيڪو بہ آغا خان (اول) جي لقب سان مشهور هو، ورثي طور اسماعيلين جو روحاني پيشوا هو ۽ ايران جي هڪ اعليٰ شخصيت هو. هو ايران جي طاقتور بادشاهه فتح علي شاهه جو ناٺي ۽ ڪرمان جو موروثي سردار هو.“ (سمرسيٽ، بحوالہ خود نوشت، 1959ع، ص 7).

سر سلطان محمد شاهه آغا خان، پاڪستان جي سر زمين ڪراچيءَ جي مشهور ٽڪري 'محمد ٽڪريءَ' ۾ 2 نومبر 1877ع تي پيدا ٿيو هو. ”سندس ولادت سان برصغير ۾ عموماً ۽ دنيا ۾ خصوصاً، تاريخ جو هڪ نئون ۽ اهم باب شروع ٿيو، جو 11 جولاءِ 1957ع تي سندس جامي بدلائڻ سان گڏ پورو ٿيو.“ (ڊاڪٽر غلام علي الانا، مهراڻ 2، 1985/1ع، ص 250).

سر سلطان محمد شاهه آغا خان (ٽيون)، ايران جي ڏهوڪي شاهي خاندان سان تعلق رکن ٿا. سندن ڏاڏي آغا حسن علي شاهه (آغا خان اول) جو سنڌ سان گهڻو واسطو رهيو آهي. جڏهن سنڌ تي مير ڪرم علي خان ٽالپر حڪومت ڪندو هو، تڏهن پاڻ ايران مان سنڌ ۾ آيا هئا. مير ڪرم علي خان جا ايران جي شهنشاهه محمد علي شاهه قاچار ۽ ان کانپوءِ ان جي پٽ فتح علي شاهه قاچار سان دوستيءَ جا ناتا هئا. آغا خان (اول)، آغا حسن علي شاهه سنہ 1837-1836ع واري دؤر ۾، محمد علي قاچار جو ناٺي ۽ فتح علي شاهه قاچار جو پيٽوڙيو ۽ محلات پرڳڻي جو گورنر هو.

آغا حسن علي شاهه جڏهن سنڌ ۾ آيا، تہ پاڻ پهرين جهرڪن جي شهر ۾ اچي پنهنجو محلات اڏائي ويٺا، جتي سندن مريدن جو بہ وڏو تعداد ساڻن گڏ رهندو هو. ”اهڙيءَ ريت جهرڪن جو شهر، سڄي اسماعيلي دنيا لاءِ مرڪز بنجي ويو.“

آغا شاهه حسن علي سان گڏ، سندن فرزند آغا علي شاهه (آغا خان [ٻيو] ) بہ ساڻن گڏ جهرڪن شهر ۾ رهندو هو، جتان 1843ع ۾ آغا شاهه حسن علي بمبئي هليا ويا ۽ اتي پنهنجي محلات آغا خان هال نالي سان اڏائي رهڻ لڳا. ليڪن آغا علي شاهه جا سنڌ ۾ ٺٽي جي رضوي سيد خاندان، جي سيدن کان علاوه ڪيترن ئي ٻين پيرن، سجاده نشينن، راڄن جي چڱن مڙسن، رئيسن ۽ وڏيرن سان دوستيءَ جا ناتا هوندا

هئا ۽ پاڻ به اهي واسطا قائم رکندا آيا هئا. ان کان سواءِ شڪار ڪرڻ، پنهنجن مريدن سان ملاقات ڪرڻ ۽ انهن جو خيال رکڻ ۾ سار سنڀال لهڻ لاءِ گهڻو عرصو سنڌ ۾ گذاريندا هئا. جهرڪن جي محلات ڪانپوءِ، پاڻ ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري تي، سونڊن جي ڳوٺ جي سامهون، ٻيءِ پر امير پير جي غار مٿان پڻ هڪ بهترين محلات اڏائي هئائون. ان کان پوءِ ڪراچيءَ جي گارڊن واري ايريا ۾ آغا خان جمخاني ۾ محلات اڏائي اتي رهندا هئا. پوءِ ڪراچيءَ جي ڊفينس فيز-3 جي ٽڪريءَ تي محلات اڏايائون ۽ انهيءَ ٽڪريءَ جو نالو "محمد ٽڪري" رکيائون، جتي سر سلطان محمد شاهه، (آغا خان ٽئين) جو جنم ٿيو، پر سندن ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جو گهڻو حصو بمبئي ۽ پوني ۾ گذريو، جتي آغا خان هال بمبئي ۾ سندن رهائش هئي.سندن تربيت سندن والده ماجده ڪئي، جيڪا هڪ نهايت ئي پڙهيل لکيل ۽ اعليٰ تربيت يافته عورت هئي. بيبي صاحبه فارسي ۽ عربي ٻولين جي ماهر هئي ۽ عربي ۽ فارسيءَ ۾ شاعري پڻ ڪندي هئي. سندن خدمتگار ٻانهيون پڻ قابليت رکندڙ هيون. آغا خان پنهنجي ڪتاب ۾ پڻ انهيءَ جو ذڪر ڪيو آهي ته: "دستر خوان تي ڪاڏي کائڻ وقت، اسان جي گفتگو علم، ادب ۽ شاعريءَ بابت ٿيندي هئي يا وقتي ائين به ٿيندو هو ته طهران جي سفر دوران، وڏي عمر جي عورتن مان ڪا هڪ شاهه ايران جي دربار بابت پنهنجا تجربا بيان ڪندي هئي." (سر آغا خان، 1959ع، ص ذ)

پاڻ پنهنجي والده صاحبه بابت ٻڌائين ٿا ته، امڙ سائڻ اڪثر هڪ قسم جي وجداني ڪيفيت ۾ رومي ۽ حافظ جي ڪيترن شعرن کي پڙهندي رهندي هئي، جن ۾ اعليٰ قسم جون تشبيهون ۽ تمثيلون پيش ڪيل هونديون هيون، جيڪي خداوند تعاليٰ جي بارڪ جلوه جي تصور ۽ دنيوي حسن جي وچ ۾ موجود آهن ۽ جي گلن جي رنگن ۾، رات جي راڳ ۽ حسن ۾، ايران جي پرهه ڦٽيءَ جي، عارضي شان شوڪت ۾ موجود آهن." (آغا خان، 1959ع، ص ذ)

سر سلطان محمد شاهه آغا خان تي پڻ پنهنجي والده محترمه جي تربيت جو گهڻو اثر رهيو. پاڻ به نهايت ئي ذهين ۽ مذهبي انسان هئا. پاڻ هڪ مثالي زندگي گذاريندا هئا. يورپ جهڙي دنيا ۾ رهندي به اسلامي قدرن ۽ اسلامي تهذيب ۽ تمدن جو هميشه خيال رکندا هئا. انهن جو احترام ڪندا هئا. سندن زندگيءَ جو هر لمحو مسلمانن ۽ مسلم دنيا جي بهبود ۽ ڀلائيءَ لاءِ وقف ڪيل هوندو هو ۽ مسلمان به کين پنهنجو ليڊر تسليم ڪندا هئا. انهيءَ جو وڏو ثبوت اهو آهي ته: "جڏهن لاهور ۾ ڪانگريس جي اجلاس ۾ هندو ليڊرن چيو ته: آغا خان مسلمانن جو ليڊر نه آهي پر هو خواجن (اسماعيلين) جو مرشد آهي. ان وقت غلام محمد پرڳڙي، انهيءَ اجلاس ۾ اهو ٺهراءُ پاس ڪرايو ته، اسان يڪراءِ اهو ٺهراءُ پيش ڪريون ٿا ته آغا خان صرف خواجه ڪميونٽي جو نه، پر اسان سڀني مسلمانن جو ليڊر آهي. انهيءَ ٺهراءَ کي محترم سيد الهندي شاهه منظور ڪرايو هو." (محمد هاشم لغاري 2010ع، ص 136).

سر آغا خان هڪ سچي قومپرست اڳواڻ وانگر برصغير جي مسلمانن لاءِ نمايان خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر سلطان محمد شاهه آغا خان جي خدمتن بابت لکي ٿو ته:

"سر سلطان محمد شاهه آغا خان ڪراچيءَ جو رهاڪو آهي ۽ هن وقت بين الاقوامي شهرت جو مالڪ آهي. هن جي پيروي ڪندڙن جو تعداد سٺن ڪروڙن کان به وڌيڪ ٿيندو، جي دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ رهن ٿا. هو برطانيه جو وفادار آهي. پر تنهن هوندي به اسلام، مسلم قوم ۽ ملڪ جي مناسب خدمت ۾ ڪڏهن پٺتي نه رهيو آهي. هو سنڌ کان ٻاهر رهي به ملڪ ۽ قوم جي خدمت ۾ نمايان حصو وٺندو رهي ٿو." (شيخ عبدالمجيد سنڌي، 1936ع، ص 174).

پاڻ ننڍپڻ کان ئي، مسلم دنيا جي عظيم خاندان، فاطمي خاندان جي اولاد جي حيثيت ۾، ڪڏهن به فرقه بندي نه ڪيائون. پاڻ برصغير جي تاريخ توڙي بين الاقوامي تاريخ ۾ عام انسانن جي ۽ خاص طور مسلمانن جي فلاح و بهبود، تعليم و

تربيت، سماجي ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ هميشہ ڪوشان نظر ايندا هئا. ڊاڪٽر غلام علي الانا، سر سلطان محمد شاهہ آغا خان جي عظمت ۽ ڪردار جو ذڪر ڪندي لکن ٿا تہ:

”دراصل اها هستي، جنهن مسلمانن ۾ فرقہ بنديءَ کي ڪڏهن بہ پسند نہ ڪيو. اها هستي، جنهن مسلمانن کي پستيءَ تان ڪڍي سندن قديم ۽ روايتي عظمت، شان ۽ شوڪت واري بلنديءَ تي پهچائڻ جي هميشہ تمنا ۽ خواهش ڪئي. اها هستي، جنهن جي دل ۾ مسلمانن لاءِ هميشہ درد ۽ احساس هو، جنهن برصغير ۾ مسلمان ٻارن جي تعليم لاءِ گهر گهر ۽ گهٽي گهٽي گهمي چندا گڏ ڪيا، جنهن اهو محسوس ڪيو تہ برصغير جا مسلمان محض هڪ فرقو نہ، بلڪ هڪ قوم آهن. اها هستي، جنهن پاڻ اسلام جو نعرو بلند ڪيو، جنهن مسلمانن جي بيداريءَ لاءِ، اتحاد ۽ اتفاق لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ جتن ڪيا. جنهن مسلم ليگ جو بنياد رکي، مسلم قوم لاءِ الڳ وطن لاءِ راهہ هموار ڪئي. جنهن جي دل ۾ پاڪستان جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ هميشہ اونو رهندو هو. اهڙي عظيم شخصيت جو ذڪر ڪرڻ جڻ تہ پنهنجن تاريخي سورمن جي ساراهہ ڪرڻ جي برابر آهي.“ (ڊاڪٽر غلام علي الانا، ص 315)

اهڙيءَ ريت سر سلطان محمد شاهہ آغا خان، پنهنجي فياضيءَ سان سيني قومن کي نوازيندا رهندا هئا. پاڻ انسان ذات کي هر طرح اعليٰ خيالن ۽ نئين سوچ ڏانهن مائل ڪندا رهندا هئا. اسماعيلي ڪميونٽي طرفان سندن ملهايل سلور جوبلي، گولڊن جوبلي ۽ پلاٽينم جوبلين ۾ مليل سون، چاندي ۽ هيرن جواهرن جي رقم، ملڪ جي عوام جي فلاح و بهبود، تعليم و تربيت ۽ صحت تي خرچ ڪيائون. پاڻ اسڪول، ڪاليج فلاحي ادارا، اسپتالون وغيره ٺهرايائون، جن ۾ جديد دؤر جي اعليٰ تعليم ۽ صحت جا جديد مرڪز قائم ڪرايائون. مسٽر ڊبليو سمرسيٽ ماهم، انهيءَ بابت لکي ٿو تہ:

”سر آغا خان نئين سان هندستان ۾ ملهايل جشنن متعلق هڪڙو نازڪ پهلو نمودار ٿيو. اُهو اِهو آهي تہ پاڻ هيرن جي قيمت جيتري رقم، يعني پنجن لکن پائونڊن کان بہ وڌيڪ گڏ ڪيل ناڻو اسماعيلي قوم جي فلاح و بهبود لاءِ ڪتب آندو هو.“ (سر آغا خان، 1959ع، ص 437).

پاڪستان جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سر سلطان محمد شاهہ آغا خان (ٽيون) سڀ کان اهم ۽ باوقار اڳواڻ طور ياد ڪيا وڃن ٿا. چاڪاڻ تہ پاڻ سڄي جدوجهد ۾، سيني کان وڌيڪ ذميدار ۽ سيني کان وڌيڪ خدمت ڪندڙ هئا. پاڻ پنهنجي وسيع ڄاڻ ۽ تجربي ذريعي مسلمانن کي تعليم طرف راغب ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون تہ جيئن مسلمان تعليم حاصل ڪري طاقتور ٿين ۽ ڪاميابي حاصل ڪن. انهيءَ مقصد خاطر پاڻ 1902ع ۾، 25 سالن جي عمر ۾ تعليم لاءِ لڳاتار اڻٿڪ ڪوششون ڪرڻ جي ڪري ڪين وائسراءِ لارڊ ڪرزن، امپيريل ليجسليٽو ڪائونسل (Imperial Legislative Council) جو ميمبر بڻايو.

علي ڳڙهہ کي وجود ۾ آڻڻ ۾ پڻ سندن تمام گهڻي مدد ۽ پنيرائي حاصل هئي. پاڻ 1911ع ۾ علي ڳڙهہ کي مسلم يونيورسٽي بنائڻ جو هڪ اهم ڪم بہ سرانجام ڏنائون. انهيءَ لاءِ چيئرمن فنڊ ڪاميٽي جي حيثيت ۾ ٻين مسلمان ليڊرن سان گڏجي گهر گهر ۽ گهٽي گهٽيءَ مان چندو گڏ ڪندا رهيا. تقريباً ٽي ملين چندو گڏ ڪيائون، جنهن ۾ هڪ لک رپين جي رقم پاڻ بہ ڏنائون. مولانا شبلي ان وقت ئي چيو هو تہ: ”جيڪو ڪم هندستان جا ڇهہ ڪروڙ مسلمان بہ نہ ڪري سگهيا، سو ڪم آغا خان جي هستيءَ اڪيلي سر ڪيو آهي.“ سر آغا خان نئين پاڻ بہ لکيو آهي تہ: ”آءٌ پنهنجو گهڻو وقت، طاقت ۽ دلچسپيون علي ڳڙهہ جي معاملن ۾ صرف ڪندو هوس. آءٌ سمجهان ٿو تہ علي ڳڙهہ کي هڪ عظيم مسلم يونيورسٽيءَ جي صورت ۾ تبديل ڪرڻ جي تجويز جي سلسلي ۾، آءٌ هن ۾ هڪ قسم جو اڪيلو انسان، ”جوش ڏياريندڙ گروهہ“ مثل هوس. انهيءَ عرصي ۾ آهستي آهستي اسان پنهنجي تجويز لاءِ ماڻهن ۾ دلچسپي پيدا ڪئي ۽ ان لاءِ مدد پڻ حاصل

ڪئي. امداد لاءِ منهنجي هر هڪ استدعا، تقرير ۽ تحرير جو بنيادي اصول صرف اهو هو تہ فرزندان علي ڳڙهہ، ”ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آزادانہ تحقيقات، فراخدلي واري تحمل پذيري ۽ خالص اخلاقي اصولن جي تبليغ ڪندا رهن.“ (سر آغا خان 1959ع، ص 209).

برصغير جا مسلمان ليڊر اهو پڻ يقين سان چون ٿا تہ، جيڪڏهن سر آغا خان جي علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ جي وجود لاءِ جدوجهد، سچو جذبو ۽ قرباني شامل نہ هجي ها تہ علي ڳڙهہ مسلمانن جو صرف خواب ئي رهجي وڃي ها، پر سر آغا خان انهيءَ کي حقيقت ثابت ڪري ڏيکاريو.

سر آغا خان پاڻ علي ڳڙهہ جي وجود ۽ بقاءَلاءِ ڪيل جدوجهد بابت پنهنجي ڪتاب ۾، پنهنجا تاثرات هن طرح پيش ڪيا آهن:

”1910ع ۾ ناگپور واري مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس جي موقعي، تي اسين انهيءَ طويل جدوجهد جي انتهائي منزل تائين پهچي ويا هئاسين. ايجنڊا ۾، علي ڳڙهہ جي تجويز کي اهم اسم قرار ڏنو ويو. در حقيقت اها رڳ ڪانفرنس جي ڪاروائين ۾ سڀني کان اهم هئي.“ (سر آغا خان 1959ع، ص 211)

منهنجي سڀني کان وڌيڪ خوش ڪندڙ، تسلي بخش ۽ دل کي تقويت ڏيندڙ خيالن مان هڪڙو خيال اهو آهي تہ مون اهڙي مرڪز قائم ڪرڻ ۾ حصو ورتو. هڪ اهڙي مسلم يونيورسٽي ناهڻ، جنهن ۾ اسلامي عقيدي ۽ تهذيب جو صحيح مرڪز قائم ڪيو وڃي ۽ انهيءَ کي مسلسل جاري رکيو وڃي، جنهن ۾ لئبريريون ۽ ليبارٽريون قائم ڪري، انهن مان پورو فائدو حاصل ڪيو وڃي ۽ ان ۾ اهي سڀ سهوليتون پيدا ڪيون وڃن، جيڪي اسان جي موجوده دنيا ۾، اسان جي وقت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ لاءِ نهايت ئي ضروري آهن ۽ جنهن مرڪز ۾ اسان جي مذهب جا اصول، ان جي عالمگير نوعيت، نئين زماني ۾ ان جي حقيقي جديديت، ان لاءِ لازمي معقوليت، ٻين سان انتهائي تحمل پذيريءَ وارو سلوڪ ۽ ٻين مذهبن کي عزت جي نگاهہ سان ڏسڻ واري فياضي، انهن سڀني کي وضاحت سان سمجهائي ۽ انهن تي عمل ڪرائڻ جي خواهش ڪئي ويئي هئي.“ (سر آغا خان، ص 211).

سر سلطان محمد شاهہ آغا خان (ٽئين) جا برصغير جي مسلمانن تي، سر سيد احمد خان ڪانپوءِ لڪين احسان آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو: ”تاريخدان شاهد آهن تہ، برصغير جي آزاديءَ جي تاريخ، مسلمانن جي تهذيبي ۽ تمدني تاريخ، مسلمانن جي تهذيبي ۽ تمدني تاريخ، آغا خان (ٽئين) جي ذڪر ڪانسواءِ اڌوري آهي. اهڙي طرح سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسي کان آزاديءَ جو مسئلو هجي، مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جو سوال هجي يا مسلم ليگ جي قيام ۽ ڪمال جو داستان هجي، مسلمانن جي جذبي، جولان ۽ جدوجهد جو احوال هجي يا مسلمان جي سماجي، ثقافتي، معاشي ۽ معاشرتي ترقيءَ جو تجزيو هجي، برصغير ۾ خلافت تحريڪ هجي يا سيد احمد بريلوي شهيد جي شيدائن جو بيان هجي. ڪو بہ داستان، ڪوبہ تذڪرو، ڪا بہ تاريخ، ڪو بہ واقعو، هزهائينس سر آغا خان ٽئين جي خدمتن جي بيان کان خالي نہ هوندو.“ (ڊاڪٽر غلام علي الانا، ص 315)

سر سلطان محمد شاهہ آغا خان (ٽيون) 1906ع ۾ مسلم ليگ جي پهرين بانين مان هو. پاڻ شروعات کان وٺي ستن سالن تائين يعني 1906ع کان 1913ع تائين آل انڊيا مسلم ليگ جا صدر پڻ رهيا. پاڻ انهيءَ ئي سال سندن اڳواڻيءَ ۾ هندستان جي گورنر جنرل اڳيان، جداگانہ چونڊن جو مطالبو پيش ڪيو ويو هو، جنهن جي تسليم ٿيڻ سان ئي، مسلمان پنهنجي جداگانہ حيثيت جو آواز بلند ڪري سگهيا. ائين ئي پاڻ هندستان جي مسلمانن کي سياسي طور بيدار ڪندا رهيا. 1928ع ۾ جڏهن بر صغير جي مسلمانن ۾ ڦوٽ پئي، تڏهن انگلنڊ مان اچي انهن کي متحد ڪيائون. 1928ع ۾ برصغير جي مسلمانن سر آغا خان جي صدارت ۾ دهليءَ ۾ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس جو اجلاس سڏايو، جنهن ۾ جيڪي

فيصلا ڪيا ويا، انهن کي سر آغا خان هن ريت بيان ڪيو آهي:

"1928ع جي پڇاڙيءَ ۾ دهليءَ ۾ 'آل انڊيا مسلم ڪانفرنس' سڏائي وجي، جتي مسلمانن طرفان، اهڙي قسم جي راءِ قائم ڪري سگهجي ته هندستان جي آزادي ڪهڙيءَ طرح وجود ۾ اچڻ گهرجي. مون کي انهيءَ ڪانفرنس جي صدارت لاءِ چيو ويو هو. پوري برصغير جي مڪمل ۽ قطعي آزاديءَ جي راهه ۾، جيڪي طويل ۽ مسلسل اجلاس سڏايا ويا، تن لاءِ مان خاطريءَ سان چئي سگهان ٿو ته، اها ڪانفرنس نهايت ئي ڪامياب ويئي هئي. انهيءَ شاهي مجموعي ۾، مسلمانن جي سڀني قسمن جي خيالن ۽ سوچ وارن ماڻهن ۽ ليڊرن شرڪت ڪئي. آءٌ انهيءَ ڪانفرنس جي اهم ۽ جٽا دار، سياسي فيصلن جي باني هئڻ جي، دعويٰ ڪري سگهان ٿو. (سر آغا خان، 1959ع، ص 315)

انهيءَ ڪانفرنس جي يڪجهتي خاص طور تي انهيءَ ڪري به اهميت رکي ٿي جو، مسٽر ايم.اي جناح گهڻي عرصي کان پوءِ پنهنجن مسلمان ساٿين ڏانهن موٽي آيو ۽ سڀني سان اتفاق راءِ ڪيائين. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ، برٽش گورنمينٽ لنڊن ۾ پهرين گول ميز ڪانفرنس منعقد ڪئي. انهيءَ ۾ قائداعظم، سر آغا خان، سر محمد شفيق، مولانا محمد علي، مولانا فضل الحق شامل ٿيا هئا، جنهن ۾ مسلمانن سر آغا خان کي يڪراءِ ليڊر چونڊيو. ان ميٽنگ دوران علامه اقبال مؤدبانه طريقي سان اعلان ڪندي چيو ته: "اسان پنهنجي رهبر سر آغا خان جي ذريعي هي مطالبا پيش ڪريون ٿا، جاڪاڻ ته اسان برصغير جا سڀ مسلم ليڊر ساڻن پيار ڪريون ٿا، سندن عزت ڪريون ٿا ۽ اسان جو اُن ۾ وڏو اعتماد آهي." (صبيحه عيسيٰ خان، نيٽ تان ڪنيل).

اهڙيءَ ريت پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ، سر آغا خان 1930ع واري گول ميز ڪانفرنس ۾ پڻ مسلمانن جي جداگانه حيثيت ۽ سندن حقن جي حفاظت لاءِ ڪوششون ڪيون. 1937ع ۾ پاڻ سڀني ملڪن جي ليڊرن جي اتفاق راءِ سان "ليگ آف نيشنس" جو صدر مقرر ٿيو. اهڙيءَ ريت جڏهن به اسلام جي سالميت ۽ وقار کي چئلينج ڪيو ويو. جڏهن به مسلم اتحاد کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ جڏهن به مسلمانن جي وجود کي خطرو درپيش ايندو هو، سر آغا خان (ٽيون) سينو سپر ڪري ڍال بڻجي مخالفن جي اڳيان بيهي، مقابلو ڪندو رهندو هو. اُن دور ۾، سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ جي تحريڪ به، مسلمانن لاءِ هڪ نهايت ئي مشڪل مسئلو هئي. سر سلطان محمد شاهه آغا خان (ٽيون) سنڌ جي سر زمين سان تمام گهڻو پيار ڪندو هو، انهيءَ ڪري هن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ پڻ اعليٰ خدمتون سرانجام ڏنيون.

ان وقت سنڌ جو صوبو ٻن قسمن جي غلاميءَ ۾ ڦاٿل هو. هڪ طرف مرڪزي فوجن ۽ جنگي قوتن جو شڪار، ته ٻئي طرف وري مٿس بمبئيءَ جي بالادستي. سنڌ جي ماڻهن جي ترقي ۽ آسودگيءَ جو امڪان موجود هوندو هو، ليڪن هر هڪ ترقيءَ کان محروم رهجي ويندو هو. سنڌ تاريخي، جاگرافي، لساني، طبعي، معاشرتي ۽ ثقافتي لحاظ کان توڙي پوشاڪ، خوراڪ، رهڻي ڪهڻيءَ جي ڪري، هڪ جدا صوبي جي حيثيت رکندڙ هو. ليڪن انتظامي ڪمن ۾ بمبئيءَ جو زيردست ۽ ان جي حڪم جو طابع هوندو هو. سنڌ صوبي کي بمبئي حڪومت جي حوالي ڪرڻ جا تفصيل هن ريت بيان ڪيل آهن ته:

سر چارلس نيپيئر، 1843ع ۾، بمبئي جي علائقي جي لشڪر سان، افغانستان مان شڪست کائي موٽندي، سنڌ فتح ڪئي. چار سال سرچارلس نيپيئر، سنڌ صوبي جو گورنر ٿي رهيو. ان کان پوءِ سنڌ کي، بمبئي حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري ان وقت کان وٺي 1900ع تائين، سنڌ جي انتظامي ڪمن ڪارين ۾ تڪليفون پيش اينديون رهيون ٿي. انهيءَ ڪري سنڌ جي پريس، سنڌ جي ڊيلي گزيٽ، سنڌ جي ڪن سياستدانن، سنڌ جي صوبي کي پنجاب سان شامل ڪرڻ جي تحريڪ هلائڻ شروع ڪئي. 1913ع ۾ انڊين نيشنل

ڪانفرنس جو ساليانو اجلاس، ڪراچيءَ ۾ ٿيو، جنهن جو چيئرمين، آنجهاني هرچندر راءِ وشنداس هو. هن پنهنجي رپورٽ ۾ اجلاس کي اهو پڻ ٻڌايو هو تہ، سنڌ بمبئي کان سياسي، سماجي، تاريخي، لساني، طبعي، معاشرتي، ثقافتي، مطلب تہ هر حالت ۾ مختلف آهي. 1917ع ۾، وزير هند مسٽر مانٽيگو هندستان جي طرفان، سنڌ جي علحدگي جو مسئلو پيش ڪيو. سال 1924ع ۾، شيخ عبدالمجيد سنڌي، تنظيمي پروگرام لکندي، خاص طور سنڌ جي علحدگيءَ واري مسئلي کي ان پروگرام ۾ شامل ڪيو، جيڪو اخبارن ۾ ڇپيو هو. 1925ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ علي ڳڙھ واري اجلاس ۾، پهريون دفعو سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جو مطالبو پيش ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت 1926ع ۾، دهلي واري آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾، ۽ مارچ 1927ع ۾، آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جي اجلاس ۾، سنڌ جي علحدگيءَ جو مطالبو پيش ڪيو ويو هو. 17 جولاءِ 1928ع ۾، سنڌ هندو مسلم پيڪٽ ۾ هندن ۾ مسلمانن سنڌ جي علحدگيءَ کي تسليم ڪيو هو. اهڙي طريقي سان مسلم آل پارٽيز ڪانفرنس، هزهائينس سر آغا خان ٽئين جي زير صدارت، سنڌ جي علحدگيءَ جو مطالبو تمام زوردار طريقي سان پيش ڪيو هو. سينٽرل ڪميٽي، سائمن ڪميشن سان شامل ٿي گهٽائيءَ جي ووٽن تي سنڌ جي علحدگيءَ جي سفارش پڻ پيش ڪئي هئي. 1930-31ع ۾، 'پهرين گول ميز ڪانفرنس،' لنڊن ۾ ٿي، جنهن ۾ سنڌ جا نمائندا، سر شاهنواز خان ڀٽو ۽ سر غلام حسين هدايت الله شامل ٿيا ۽ 1933ع ۾، 'سنڌ آزاد ڪانفرنس' جي اجلاس ۾، سنڌ طرفان خانبهادر محمد ايوب کهڙي کي شرڪت ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو، جنهن اتي وڃي سنڌ جي علحدگيءَ واري پنهنجي ناهيل رپورٽ زوردار طريقي سان پيش ڪئي، جنهن ۾ هزهائينس سر آغا خان، محمد علي جناح، سر شاهنواز ڀٽو، سيٺ عبدالله هارون، مير بندہ علي، سيد ميران محمد شاھ، شيخ عبدالمجيد سنڌي، نور محمد وڪيل، مير بنده خان علي. ڊاڪٽر شفاعت احمد خان، ظفر الله خان وغيره سندس گهڻي حمايت ڪئي. جولاءِ 1934ع ۾، ڪراچيءَ ۾ وڏي پئماني تي، ٻي سنڌ آزاد ڪانفرنس، سر غلام حسين هدايت الله جي زير صدارت منعقد ٿي، جنهن ۾ هن سر آغا خان، جنهن سنڌ جي علحدگيءَ لاءِ پاڻ پنهنجي وسيع اثرءَ قومي همت سان ڪوششون ڪيون ٿي، تنهن جو شڪريو ادا ڪيو، ڇاڪاڻ تہ سر سلطان محمد شاھ آغا خان (ٽيون) سنڌ جي آزاديءَ واري تحريڪ جو مکيہ اڳواڻ هو ۽ هن سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ ۾ مثالي جدوجهد ڪئي ۽ گول ميز ڪانفرنس ۾ بر صغير جي هڪ اڳواڻ جي حيثيت ۾ اهڙا مضبوط دليل پيش ڪيا جو نيٺ پهرين اپريل 1936ع ۾ انگريزن سنڌ کي هڪ جدا صوبو قرار ڏنو، جنهن کان پوءِ سنڌ جي آزاديءَ جو دور شروع ٿيو ۽ سنڌين کي پنهنجا حق ملڻ لڳا.

خانبهادر محمد ايوب کهڙو، سر آغا خان ٽئين جي سنڌ لاءِ ڪيل خدمتن کي ساراهيندي لکي ٿو تہ: مان اڪثر هزهائينس رائيٽ آنربل سر آغا خان سان لنڊن ۾ ملندو رهندو هوس. صاحب ممدوح سنڌ جي سوال تي خاص دلچسپي وٺندو هو، تنهن ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ 'هو پاڻ سنڌ کي علحده ڪرائڻ لاءِ، بئريسٽر جو ڪم ڪري رهيو هو.' سنڌ جي علحدگيءَ جي موقعي تي سڀني قومن درد رکندڙ محب وطن صاحبن پنهنجي وس آهر خدمت ۽ ڪوشش ڪئي آهي. سي واقعي مبارڪن جا مستحق آهن. خاص طور تي هزهائينس سر سلطان محمد آغا خان (ٽيون)." (خانبهادر کهڙو، 1936ع، ص 24)

ايوب کهڙي صاحب حيدرآباد ۾، هڪ تقرير ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ بابت، سر آغا خان جي ڪردار ادا ڪرڻ تي ٻڌايو تہ: "جڏهن سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ تي ناهيل رپورٽ جارج پنجين وٽ پهتي تہ هن سنڌ جو هڪ وفد گهرايو. کهڙي صاحب انهيءَ وقت سر آغا خان سان مشورو ڪيو. سر آغا خان هنن کي ٻڌايو تہ، "مون توهان جي لاءِ هوٽل ۾ ڪمرا بڪ ڪرائي ڇڏيا آهن. توهان مون وٽ اچجو،

منهنجي گاڏيءَ ۾ جارج وٽ پهچجو." جڏهن هو آغا خان صاحب جي گاڏيءَ ۾ جارج جي محلات وٽ پهتا تہ ڪين ڪنهن بہ روڪيو ڪون، بلڪ نهايت ئي عزت ۽ احترام سان ويهاريو ويو. ٿوري ئي دير ۾ جارج پنجون، سر آغا خان جو هٿ جهلي، هال اندر وٺي آيو ۽ معمولي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان پوءِ، ٻڌايائين تہ، "آغا خان صاحب مون کي انهيءَ بابت اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي آءٌ سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جو آرڊر پاس ڪريان ٿو." انهيءَ خوشيءَ ۾، آغا خان صاحب اسان کي رات جي مانيءَ جي دعوت پڻ ڪئي." (ڊاڪٽر غلام علي الانا جي زباني.)

سر آغا خان سنڌ جي ماڻهن جي جيڪا بي لوث خدمت ڪئي، انهيءَ بابت سيد غلام مصطفيٰ شاهہ صاحب لکن ٿا تہ، "جڏهن سنڌ کي صوبائي خودمختياري حاصل ٿي، محمد هاشم گزدر آغا خان تي زور پريو تہ "توهان سنڌ جي پهرئين گورنر جي حيثيت ۾ اسان وٽ اچو تہ اسان جي همت افزائي ٿيندي،" جنهن تي سر آغا خان وراڻيو تہ "اي منهنجا دوست، مون کي گورنر ٿيڻ جي ڪا بہ خواهش نہ آهي، چو تہ آءٌ ٻين کي گورنر بنائڻ وارو آهيان."

سنڌ کي بمبئيءَ کان آزادي ملڻ جو فائدو اهو ٿيو، جو سنڌ ۾ رهندڙن کي وڌيڪ حق مليا ۽ سندن سياسي، سماجي ۽ تعليمي ترقيءَ جا دروازا کليا. ائين سکر بئراج جي لاءِ، جيڪو ان وقت برٽش گورنمينٽ کان جيڪو قرض ڪنيو ويو هو، تنهن مان گهڻو حصو هزهائينس سر آغا خان جي ڪوشش جي ڪري معاف ڪيو ويو، جنهن جي ڪري ملڪ جي مالي ۽ اقتصادي حالت گهڻي سترندي رهي.

پاڪستان تحريڪ (جنهن جو بنياد، سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ واري تحريڪ تي رکيل هو) ۽ آغا خان هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. مسلم ليگ جو ذڪر ڪجي يا مسلمانن لاءِ جداگانہ مملڪت جي ڳالهہ ڪجي، علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ جي جدوجهد بيان ڪجي يا مسلمانن جي معاشي ۽ معاشرتي مسئلن کي پيش ڪجي، مسلمانن جي تعليم ۽ ترقيءَ جو احوال بيان ڪجي يا پاڪستان جي قيام ۽ بقاء جو يا سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ جو بيان ڪجي، سڀني ڪوششن ۾ سر سلطان محمد شاهہ آغا خان ٽئين جي خدمتن جو ذڪر ضرور ايندو. اهڙي ريت سر سلطان محمد شاهہ آغا خان (ٽيون) سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم حصو رهيو هو، جنهن جي نالي کان سواءِ برصغير، پاڪستان ۽ سنڌ جو ذڪر نامڪمل نظر ايندو.

## حوالا


1. آغا خان (ٽيون) سر سلطان محمد شاهہ: "خود نوشت،" مترجم: محبوب علي هاشم، اسماعيليہ ائسوسيئيشن، پاڪستان، هئرس روڊ، کارادر، ڪراچي 1959ع.
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سر سلطان محمد شاهہ آغا خان سوم،" ٽماهي مهراڻ، 2-1 1985ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
3. ڊبليو سمر سيٽ ماهم، حوالو نمبر-1.
4. کهڙو، محمد ايوب، خانبهادر: "سنڌ کي آزاد ۽ مستقل صوبو بنائڻ جي تحريڪ جي ابتدا ۽ انتها." سنڌ آزادي نمبر، الوحيد، ڪراچي، 1936ع. ڇاپو ٻيو، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سال 1979ع
(5) شاهہ، ميران محمد، سيد "سنڌ جي علحدگيءَ جي تواريخ،" ايضاً
6. عبدالمجيد شيخ، سنڌي: "بمبئيءَ کان سنڌ جي علحدگي" ايضاً
7. شير، علي ڏنو: "حرفِ آغاز" حوالو نمبر-1.
8. Laghari Mohammad Hashim "Life and Work of Ghulam Mohammad Khan Bhurgari, Sindh Freedom, Fighter of Sub continental" 2010, Sindhica Karachi, P.136
9. Sabiha, Essa khan, Legends, Our Great Knight, (Article) Dawn, November 1, 2009. page no. 15.



ڊاڪٽر نواز علي شوق

مضمون

# ميان صاحب ڏنو فاروقي

ميان صاحب ڏني جو تعلق فاروقي خاندان سان هو. سندن نسب جو سلسلو ستٽيهين پيڙهيءَ ۾ حضرت عمر فاروقؓ سان ملي ٿو. فاروقين جو وڏو ميان شهاب الدين، محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ آيو هو. جڏهن سنڌ عربن هٿان فتح ٿي ته محمد بن قاسم کيس سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو. سندس وفات 9 محرم 95ھ ۾ ٿي. ڪانئس پوءِ ان جو پوٽو محمد تخت نشين ٿيو، جيڪو 124ھ ۾ وفات ڪري ويو. ان کان پوءِ ميان محمد جو پٽ عبداللطيف سيوهڻ جو حاڪم ٿيو، جنهن جي وفات 164ھ ۾ ٿي. جنهن کان پوءِ سندس فرزند اسحاق حڪومت جون واڳون سنڀاليون، جنهن 193ھ ۾ هيءُ مٺيءَ جو ملڪ ڇڏيو. جڏهن سلطان محمود غزنوي سنڌ تي قبضو ڪيو ته اسحاق جي پٽ محمد کي ساليانو وظيفو مقرر ڪري ڏنائين. محمد فاروقي جي وفات 221ھ ۾ ٿي.

محمد فاروقي جي اولاد مان مخدوم نورالدين جا ٻه فرزند مخدوم ابوسعيد ۽ مخدوم بصرالدين سيوهڻ مان لڏي اچي گاگن پرڳڻي (تعلقي گنبٽ) ۾ وينا ۽ مشهور بزرگ شاهه جمار جا مريد ٿيا، جنهن جو مقبرو گڏيجي ۾ آهي. مرشد جي ارشاد موجب هنن ايڏيون ته رياضيتون ڪيون جو انُ ڇڏي ڏٿ تي گذران ڪرڻ لڳا. مشهور بزرگ بهاؤالدين زڪريا ملتاني جڏهن ان علائقي ۾ آيو ته هنن ڀائرن جا مجاهدا ۽ رياضيتون ڏسي کين ڏوٿيڙن جو لقب ڏنائين. ميان صاحب ڏنو، مخدوم ابوسعيد جي نائين پيڙهيءَ ۾ پيدا ٿيو ۽ درگاهه درازا جو بنياد وڌائين.

ميان صاحب ڏني جي ولادت 1101ھ ۾ يعني شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کان هڪ سال اڳ ۾ ٿي ۽ شاهه لطيف جي وفات کان پوءِ به ستاويهه سال هن مٺيءَ جي ملڪ تي رهيو. سندن خانداني نالو محمد حافظ هو، مگر پيار مان کين صاحب ڏنو سڏيندا هئا. سندن لقب موراڳي ۽ سوائي به هئا.

ميان صاحبڏني ان زماني جي رواج موجب عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سرڪاري نوڪري اختيار ڪئي ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ زمين جي ضابطي جي اعليٰ عهدي تي فائز هو. هڪ ڀيري جيئن گهوڙي تي چڙهي نوڪريءَ تي وڃي رهيو هو ته ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڏيوٽيءَ جي ڳوٺ جي وچ تي هڪ مجذوبه عورت سندس گهوڙي جي واڳ جهلي رستو روڪي بيهي رهي ۽ ڪجهه سنڌي بيت پڙهڻ کان پوءِ ميان صاحبڏني کي چيائين ته "خدا توکي ٿو ڳولي، تون ڪنهن جي ڳولا ۾ آهين؟"

مجذوبه جي اها گفتگو ٻڌي مٿس حال پئجي ويو ۽ نوڪري ڇڏي جهنگ ۾ رهي چلا ڪڍڻ شروع ڪيائين. جڏهن چاليهه چلا .پورا ڪيائين ته شاهه عبيدالله جيلاني اچي کيس پنهنجو مريد ڪيو. اهو

قصو سچل سائين پنهنجي فارسي مثنوي ”رازنامي“ ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

نام جدم مشتهر صاحب دنہ
هم محمد حافظ است در سلسلہ
روز يک مي رفت بيرون از شهر
بود خواجہ بر تماشاي دگر
درميان ڪوتري و ديونہ
ديد يک ديوانہ زن بُودي برهنہ
بيبي بصري بُود ظاهر نام اُو
کس نمي دانست اُو را تار مُو
ناگهان ديوانہ زن پيشش رسيد
گفت با آن خواجہ و آهي ڪشيد
بشنو از راز اي مردِ خدا
آن خدا درڪان تو تُوتاڪجا
بيتها سندي بگفتا از زبان
آن بہ پيش تو همي سازم عيان

—

چري ڪري بصري ڪري تا ڪرنانهن،
وئي پرائي وهاڻ، تنهنجو هينڙو تا هئن ٿيو.

—

جيان گهٽو جڳ ۾، پرجم نہ جيڻ ڏي
باب نہ پڙهج بي، هج آلُودو الف سين

—

ورسان وجهئو ڪاڻ، ڪرسان ڪليو سمهين
آيل! هي اهيڃاڻ، جو ڪڻ چڙي ٿهہ ابهين

—

از شنيدن خواجہ آن بيخودي شده
باز پس گرديد عاشق خود شده
پارچہ عمامہ را از سر ڪشيد
جرعہ از ميخانہءِ الفت چشيد
آمده بشگافت جنگل گوشہ يافت
جز محبت هرچہ بُد رُوي بتافت
چهل چلہ اندر آن بيشہ ڪشيد
دست بيعت شہ عبيدالله رسيد
دست بيعت خواجہ را داد آن زمان
ڪشف بخشيد از مڪان تا لا مڪان

هتي انهيءَ مثنويءَ جو منظوم سنڌي ترجمو ڏجي ٿو جيڪو استاد عطا محمد ’حامي‘ جو ڪيل آهي:

منهنجو ڏاڏو مشتهر صاحب ڏنو
جو محمد حافظ اعليٰ شانُ هو
هڪ ڏهاڙي شهر کان ٻاهر ويو
سير خاطر واٽ ورتيون ٿي ويو
ڪوٽڙي ۽ ڏيوٽي جي درميان
هڪ اگهاڙي مست عورت ٿي عيان
اصل ۾ بصري انهيءَ جو نام هو
جنهن جي حالت کان نہ واقف عام هو
ويجهڙو خواجہ جي بيهي پاڪباز
درد واري دانهن ڪئي هڪ دلنواز
ڏس تہ توکي ڪيئن نہ ساري ٿو خدا
تون خدا کان چو ٿيو آهين جدا
بيت سنڌي ۾ ٻڌايائين ٻہ ٽي
پيش خدمت ٿو ڪريان تن کي هتي
”چري ڪري بصري، ڪري تاڪر نانهن
وئي پرائي وِهاڻ، تنهن جو هينڙو تا هيئن ٿيو
جيان گهٽو جڳ ۾، پرجم نہ جيڻ ڏي
باب نہ پڙهج بي، هج آلُودو الف سان
ورسان وجهئو ڪاڻ، ڪرسان ڪليو سمهين
آيل هي اهيڃاڻ، جو ڪڻ چڙي ٿهہ ابهين.“
هي ٻڌي خواجہ صفا بيخود ٿيو
سربسر عاشق بڻيو الله جو
پنهنجو پٽڪو پاڻ اڇليائين مٿان
مئي محبت جي چکيائين چاهہ مان
بس محبت کان سواءِ سڀ ڪجهہ ڇڏي
جهنگ ۾ ويهي رهيو گوڏا گڏي
چهل چاليها ڪيا جيئن مرد راهہ
پوءِ هلي آيو عبيدالله شاهہ
پاڻ خواجہ کي بڻايائين مريد
لامڪان تائين پڄايائين ديد

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ميان صاحب ڏنو فاروقي همعصر بزرگ هئا ۽ ٻنهي جو پاڻ ۾ نينهن جو ناتو هو. مشهور روايت آهي تہ ميان صاحب ڏنو

جڏهن چلي ۾ هڪ غار ۾ ويٺو هو ته شاهه صاحب اچي ساڻس مليو هو. ڀٽائي سائين ان غار جي منهن وٽ ويهي چيو هو. "هتي پڪل گدري جي بُوءِ ٿي اچي." پوءِ اندر وڃي ساڻس مليو ۽ چيائينس ته، "يار کي لکائڻ نه گهرجي."

هڪ روايت هيءَ به آهي ته: شاهه صاحب ۽ ميان صاحب ڏني گڏجي هڪ کوهي کنئي هئي جڏهن ٻئي بزرگ ان کوهيءَ ۾ هئا، تڏهن ڪنهن کي به اندر اچڻ جي اجازت نه هئي، مگر چنيهه فقير اچڻ، جيڪو ميان صاحب ڏني جو خاص پالڪو هو، سو ان کوهيءَ ۾ گهڙي ويو. جنهن تي شاهه صاحب چيس ته: "تنهنجي نالي مان 'چ' ڪڍي توکي 'نِينهن' بڻائي ٿا ڇڏيون. توکي فقيريءَ جو ويس مان ٿو ڏيان، باقي طلب ميان صاحب ڏني کان وٺ." ان وقت کان وٺي چنيهه فقير ۽ سندس خاندان جو ويس ڀٽائي جي فقيرن وانگر نيرو هلندو ٿو اچي. اها تاريخي کوهي درازن ۾ اڃ به موجود آهي. عقيدت مند اچي ان کوهيءَ جي زيارت ڪندا آهن.

ميان صاحب ڏني کي به پٽ هئا، هڪ سچل سائين جو والد ميان صلاح الدين ۽ ٻيو ميان عبدالحق، جيڪو سندن وفات کان پوءِ گاديءَ تي ويٺو. ميان صاحبڏني ايڪانوي ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي.

صاحب ڏني فاروقيءَ جي نالي سان سنڌ ۾ ٽي شاعر ٿي گذريا آهن. هڪ ميان صاحب ڏنو فاروقي، ٻيو مُلا صاحب ڏنو شڪارپوري، ٽيون صاحب ڏنو بلڙي وارو. ملا صاحب ڏنو مولود ۽ مداح جو شاعر هو. صاحب ڏنو شاهه بلڙي وارو بيت، ڪافي ۽ غزل جو شاعر هو. ميان صاحب ڏني فاروقي بيت، ڪافيون مداحون ۽ معجزا چيا آهن. ان کان سواءِ سندن ڪجهه فارسي ڪلام پڻ ملي ٿو. افسوس جو سندن سمورو ڪلام زماني جي لاهن چاڙهن سبب محفوظ ٿِي نه سگهيو، فقط سندن ڪجهه بيت ۽ ڪافيون ۽ فارسيءَ جا ڪجهه غزل محفوظ رهجي ويا آهن.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ميان صاحب ڏني جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي ۽ ٻنهي روح رهاڻيون ڪيون. خيالن جي ڏي وٺ ٿي ۽ ٻنهي هڪ ٻئي کان فيض پرايو.

ميان صاحب ڏنو پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم، عارف ۽ شاعر هو. پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ ڪٿي پورو نالو 'صاحب ڏنو' ته ڪٿي 'حافظ' تخلص طور آندو اٿس. فارسي زبان ۾ سندس تخلص عارف هو.

ميان صاحب ڏني فاروقيءَ جي وفات 91 ورهين جي ڄمار ۾ سن 1192هه مطابق 1772ع ۾ ٿي. ڪنهن شاعر سندن وفات جو سن "مظهرالاهي" مان ڪڍيو آهي:

گُلِ فردوس رحمت باغ فاروق
ز اسرار فدا واقف کماهي
ولايت اوبود مشهور آفاق
ز فوقِ عرش اعظم تا بماهي
مُحَمد حافظ هادي تولد
سنش کامل نقل مظهرالهي.
1192

ميان صاحب ڏني فاروقيءَ جو ڪلام امن، انسان دوستي ۽ ڀائيچاري جو اعليٰ مثال آهي. ان ۾ اهتري ته فڪر جي گهرائي آهي جو سنڌ جي هڪ وڏي عارف پير محمد راشد روضي ڌڻي پنهنجي ملفوظات ۾ ۽ صوفي بزرگ ۽ شاعر حضرت قادر بخش "بيدل" پنهنجي ڪتاب "سند الموحدين" ۾ سندس ڪلام کي سند طور آندو آهي.

ميان صاحب ڏني فاروقي پنهنجي ڪلام ۾ وحدت الوجود واري نظريي جي پرچار ڪئي آهي، جتي ڪٿي ڪيس جانب جو جلوو نظر اچي ٿو. هُو هڪ عالم ۽ صوفي بزرگ هو، تنهن ڪري سندس ڪلام سَند جي حيثيت رکي ٿو. هُو جو ڪجهه چوي ٿو ان لاءِ قرآن پاڪ يا حديث شريف يا ڪنهن صوفي بزرگ جو قول گواهي طور پيش ڪري ٿو. هُو طالب کي تلقين ڪندي چوي ٿو ته محبوب حقيقي کي ٻاهر نه ڳول، تنهنجي دل ۾ ئي دوست جو ديرو آهي، فرمائي ٿو:

تو ۾ ديرو دوست جو، آهي منجهه ڪتابن
قلب المؤمن عرش الله، چيو پاڻ ڌڻين

ڀٽائي اهو نُڪتو هن ريت نروار ڪيو آهي:

وڃين جو وڻڪار، هت نه ڳولين هوت کي،
لکو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،

بندا ناهه بقاءُ دنيا کي، غافل دم نہ گذار،
صحيح سڃاڻ تہ ساڻ وسئي ٿو، شڪ نہ شبهه شمار،
وَهُو معڪم، اينما ڪنتم، پيهي ڏس پاتار،
من لهُ المولئ، فله الڪل، ڪري نظر نهار،
هوت هڏيو جن ياريگانو، حاصل تن هر ڪار،
ڪڍ ڪشالو سُورم سل تون، مَنُ منجهيئي مار،
ڏکن پٺي سُک سدائين، حق چيو هر بار،
صاحب ڏنا سمجهه صحيح ڪر، پارئون ٿڪر ٽار،
ليس في الدارين الاهُو، پُر نہ پئي ڪنهن پار.

ڪافي

ووڙيان چو وٽڪار،
جيڏيون آهي جيءَ ۾،
صحيح سڃاتم سرتيون،
دل ۾ آ دلدار.
ڪاڪيون آهي قلوب ۾،
ڪيچ ڏٺي ڪوهيار.
ناحق وندر چو وڃان،
پاڪر ۾ پوتار.
ونحن اقرب اوڏڙو،
لڌم لعلن يار.
ساهئون اوڏو سپرين،
ڪوهه پڇان هيو پار.
صاحب ڏني سمجهيو،
تن اندر تڪرار.

ڪافي

ڪريان يا هُويا الله، دل ۾ ڏرين صورت الله،
دل ۾ تڪيو دلدار جو، اونهوبحر اسرار جو.
سُڌ لهه سمجهه سِرُيار جو، ڪرياد يا هُو ياالله،
عاشق سڏائين جي ادا، جند جان ڪر فاني فدا.
تا تون پسين ساجن سدا، ڪرياد يا هُو ياالله،
چو ٿو وڃين پئي پار تون، دل جو دلبر هڪ ڏار تون.
نند نفس مرتد مارتون، ڪرياد يا هُو ياالله،
وٺ پار ۾ جو پيچرو، صحبت ڪنڌءِ سڪ سوجهرو.
ووڙج أتي وٺ ويجهڙو، ڪرياد يا هُو ياالله،
دل مؤن دغائي دور ڪر، من ۾ ذڪر مشهور ڪر.
محبن سندو منڪور ڪر، ڪرياد يا هُو ياالله،
هٿ دوستن جي خوني خنجر، عاشق ڏين ري سانگ سر.
پرُ تا پين ذوقئون زهر، ڪرياد يا هُو ياالله،
سُوريءَ مٿي سُورهيہ وڃن، مانند پرواني جي پڇن.
خطرو نہ سِر جو خوف ڪن، ڪرياد يا هُويا الله،
سنڌرو جنين سچ جو ٻڌو، تن ڪؤن ڪيو سُورن سنتو،
تحقيق تن ووڙي لڌو، ڪرياد يا هُو ياالله.
صاحب ڏني جو سوال تون، راحم ٻڌج احوال تون،
فضلئون رسج في الحال تون، ڪرياد يا هُو ياالله.

غزل (فارسي)

محبوب خود اي عاشق از غير چرا جويي،
اورا هر زو بطلب گر مرد خدا جويي.
ني عرش خبردارد ني فرش اثر دارد،
گر در دل تو نبود ديگر زکجا جويي.
محبوب قرين در تو در خويش نکو بنگر،
در غير نئي آخر از غير چرا جويي.
دنيا طلبد جاهل عقبئ طلبد غاقل،
اي عارف صاحب دل باري تو کرا جويي.

غزل (فارسي)

چو چشم از غير بربندي همہ ديدار او بيني،
ز ذرات جهان تابان هر انوار او بيني.
درون قصر دل در روکہ تا ازوي خبر يابي،
بہ ذرات نکو بنگر کہ تا اسرار او بيني.
زمرات جهان باري توان عکس رخش ديدن،
اگر بي پرده نتواني کہ بر رخسار او بيني.
هوالاول هوالآخر هوالظاهر هوالباطن،
بجيب خود فروکن سر کہ تا انوار او بيني.
تو باري خود شوري عارف کہ ترک مطلق است انيجا،
کہ أورا يار خود داني و خود را يار او بيني.

مددي ڪتاب

(1) مثنوي رازنامہ (فارسي)
(2) رسالو ميان سچل فقير جو- مرزا علي قلي بيگ
(3) نينهن جا نعرا- عطا محمد حامي
(4) تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا دور)- مولانا غلام رسول مهر

# يادگيريون

## قاضي خادم



خادم وطن اخبار ۾ منهنجو پگهار -/120 رپيا ماهانه هو، ۽ چار اوور ٽائيم، سادا ٻارنهن رپين جي حساب سان ملندا هئا. آءٌ اهي پئسا بابا کي ڏيندو هوس جيڪو وري مون کي واپس ڪري چوندو هو ته گهر جي خرچ ۾ ڏي. انهن مان پنج پنج رپيا امان، زال ۽ ڀينرن کي خرچي ڏيندو هوس، جنهن مان هو خوشيءَ وچان ڪونه ماپنديون هيون. وري جو ريڊيو تي اسڪرپٽ لکڻ شروع ڪيم ته مهيني ۾ ٽيهه چاليهه رپيا اتان به ملي ويندا هئا. جيڪا ايڪسٽرا آمدني هئي.

ان وقت ريڊيو ۾ پڪا اسڪرپٽ رائٽر هوندا هئا: مظفر حسين جوش، محمد خان غني، منظور نقوي، مرزا گل حسن احسن ڪربلائي ۽ زيب عاقلي. جيڪي هر مرض جي دوا واري گوري وانگر هر پروگرام لاءِ لکندا هئا.

گيتن غزلن کان وٺي زالن ۽ ٻارن جي فيچرن تائين، هنن کان اسڪرپٽ لکرايا ويندا هئا، مٿان وري شوقيه لکندڙ شاعر ۽ اديب جهڙوڪ بلاول پرديسي، موسيٰ ڪليم، مرتضيٰ ڏاڏاهي ۽ ٻيا اسان جهڙا اچي

جيتري حيرت ڪجي گهٽ آهي، نه سوٽ ٽاءِ تي ڪا وڏائي محسوس ڪيائين، نه وري سلوار ۽ گنجيءَ ۾ منهن گهنجايائين، هر دور ۽ هر حال ۾ خوش رهيو. ٻارن سان پيار، پکين سان پيار، راڳ سان روح رتل، فلمن جو شوقين، اخبار پڙهڻ جو شوقين، ڪنهن ڪنهن وقت پنهنجي دور جون ڳالهيون پيو ڪندو هو ۽ پروفيسر شاهاڻي ۽ ٻناڻيءَ کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙي وهندو هو. هن اسان کان ڪڏهن ڪونه پڇيو ته اسان جو پگهار ڇا آهي؟ بس اها اونِ هوندي هئس ته گهر ۾ هجون، وري جو امان به گذاري وئي ته ڏاڍو وياڪل رهڻ لڳندو هو. ڪچندو ڪونه هو، پر مون هن کي ان وقت اوڇنگارون ڏيندي ڏٺو، جڏهن امان کي آخري آرامگاهه ڏانهن ڪٽي پئي وياسين، اهي مون بابا جون پهريون ۽ آخري اوڇنگارون ڏٺيون ورنه هو صرف پنهنجي پيءُ جو نالو وٺي ڳوڙها ڳاڙيندو هو. ڇو جو بابا هن سان بيحد پيار ڪندو هو، ليڪن نوڪريءَ تي هجڻ سبب سنڌس وفات مهل منهن ڏسي نه سگهيو هو. هن جو جڏهن وقت ويجهو آيو، اسين سڀ سنڌس ڪٽ جي

نڪتا ته ريڊيو به هڪ سماجي ۽ ثقافتي گڏجاڻيءَ جو مرڪز بنجي ويو. هوڏانهن بابا به مختلف ڏنڌا ڪندو رهيو ۽ ريڊيو ۾ تلفظ چيڪ ڪرڻ واري نوڪري (Accent Checker) ڪيائين، ليڪن پنهنجي تيز طبيعت جي ڪري هلي نه سگهيو. هن پنهنجي پينشن هميشه گهر جي ڪم ڪار ۾ ڏني، ايتريقدر جو جڏهن آءٌ چڱيءَ طرح ڪمائڻ لڳس ۽ گهر به ٺيڪ ٺاڪ صورت ۾ اچي ويو، الطاف ۽ منظور به نوڪريءَ ۾ لڳي ويا ته به هر مهيني ڪنڊ جا پئسا هو ڏيندو هو. ٻارن لاءِ شيءِ شڪل آڻڻ ۽ سڀ پئسا خرچين ۾ ڏيڻ ڪان به ڪونه ڪيٻائيندو هو. وقت گذرڻ سان هن جي پينشن سنڌس اصلوڪي پگهار کان به وڌي وئي، ليڪن پئسي جي ڪڏهن پرواهه نه ڪيائين. پنهنجي دور جو تمام فيشنبل هيءُ شخص ايتري ته سادي زندگي گذاريندو رهيو، جنهن تي

هڪ سهڻي سئنيما هئي جنهن ۾ وري پاڪستاني فلمون هلنديون هيون، منهنجو دوست سيميوئل شڪوه اتي نهيل ڪوارٽر ۾ رهندو هو، تنهنڪري اتي به اچ وڃ ٿيندي هئي، ڊاڪٽر تنوير ۽ سندس گهر واري به پهرين اسپتال ان سئنيما جي سامهون هڪ پاندي ۾ اچي کولي هئي، جتي منهنجي ساڻس ملاقات ٿي هئي، پايي قمر کي ان ڪري سڃاڻندو هوس جو سندس ڀيڻ شمس يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي ڪلاس فيلو هوندي هئي.

ان کان اڳتي ٻومڻ واهه روڊ تي سيٺ ڪمال الدين ميمڻ جي شهاب سئنيما هئي، جنهن جو پڙدو ننڍو هو ۽ فلمون به ڪي خاص ڪونه هلائيندا هئا. (هيءَ سئنيما اڄا به آهي ۽ نذير ميمڻ ان کي هلائي پيو) ٻئي طرف عظيم بازار (جيڪا ان وقت ڪانه هئي) جي سامهون نالي جي ڪناري تي نشاط ۽ ڪئپيٽل سئنيمائون هيون، انهن مان ڪيترين سئنيمائن جا نالا پاڪستان کان پهرين پيا هئا. انهيءَ مان نشاط سئنيما ته ميمڻن جي هئي ۽ ڪجهه وقت بابا جي ماروٽ حسن آخوند اتي نوڪري ڪئي ۽ بارا دري جهڙيون فلمون به هلايون، بابا سان به انهن ميمڻ جا سٺا تعلقات هئا، مون پاڪستاني فلم "دروازه" بابا ۽ چاچا الياس سان گڏ ان سئنيما ۾ ڏٺي هئي، ان کان سواءِ دليپ ۽ نرگس جي جوگن ۽ راجپور جي "داستان" آغا سليم، امداد حسيني ۽ سوز ٽڪڙائيءَ سان گڏ ڏٺي هئي. جڏهن ته ڪئپيٽل سئنيما بلڪل محل وانگر نهيل هئي. سائو رنگ هئڻ ڪري سائي سئنيما چوندا هئس، هن ۾ ڪراچيءَ جي پيليس سئنيما وانگر گيلري ڪانه هئي. عمر ماروي به هن سئنيما ۾ لڳي هئي. مون فلم آبِ حيات ۽ ڪيتريون ٻيون فلمون هن سئنيما ۾ ڏٺيون. هن ئي سئنيما ۾ منهنجو دوست غلام مصطفيٰ شهواڻي به پڙهائيءَ دوران ڪم ڪندو هو. گڊس ناڪي تي شاليمار سئنيما جيڪا پهرين پاٽولين ۽ قاضي اڪبر جي پائيواري ۾ هئي، بعد ۾ قاضي ئي مالڪ بڻيا. ماما احمد به هن سئنيما ۾ بڪنگ ڪلارڪ ٿي رهيو ۽ اسان جي وقت ۾ سڪندر عباسي ان جو مئنيجر هو جيڪو پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سوشل ورڪ شعبي جو چيئرمن ٿيو، نيٺ نوڪري ڇڏي سعودي عرب ۾ وڃي ڪم ڪار ڪيائين ۽ هاڻي واپس وريو آهي. بعد ۾ شاليمار کان ٿورو پريرو عالم شاهه وارن اوڊين سئنيما کولي، (عالم شاهه جو ذڪر اڳي به ڪري چڪو آهيان).

گاڏي کاتي ۾ فردوس سئنيما، جيڪا پنهنجي انگريزي مارننگ شو جي ڪري مشهور هئي ته وري ان جي ڪينٽن جي چانهه ۽ پڪوڙا به تمام لذيذ هوندا هئا. هيءَ سئنيما قاضي عبدالمجيد عابد جي هئي، جنهن کي سندس پٽ افضل عابد سنڀاليندو هو، جيڪو هڪ کلمک ۽ يار ويس شخص هو. ان کان سواءِ رسالا روڊ تي راحت سئنيما به قاضي اڪبر جي هئي، جيڪا پهرين خالد اڪبر ۽ پوءِ سعيد اڪبر سنڀاليندا هئا. هنن ۾ خاص ڪم احمد محمد جنهن کي ممدو پائي ڪري چوندا هئاسين، سنڀاليندو هو. نهايت دلچسپ، يار ويس ۽ ايماندار شخص هو. ماما احمد به نيٺ وڃي اتي بڪنگ ڪلارڪ بڻيو هو، هو به حد درجي جو ايماندار هو. هو سڀ هن دنيا مان ويا ته سئنيما به ختم ٿي وئي. هيءَ سئنيما گهريلو فلمن جي ڪري ڏاڍي مشهور هئي، حميده، چوٽي بيگم سلميٰ وغيره. هن ئي سئنيما ۾ هليون، پهرين هن جو نالو پاڪ سئنيما هو ۽ بابا جو ماروٽ حسن آخوند به اتي بڪنگ ڪلارڪ هو، هن جي وقت ۾ اسان هڪ عيد تي دادا مشتاق سان گڏ فلم شبستان ڏٺي هئي. (هيءَ فلم ڪائونٽ آف دي مائونٽي ڪرسٽو جي ڪاپي هئي) هن فلم جو هيرو شيام هو جيڪو فلم ۾ گهوڙي سواريءَ دوران ڪِري مري ويو هو، سندس ڌيءُ سائره بانو، پاڪستان ٽي.وي جي وڏي اداڪاره هئي.

مارڪيٽ ۾ ايلائيٽ سئنيما هئي جيڪا ڪنهن وقت ۾ پريات، پوءِ ڪئپيٽل ۽ آخر ايلائيٽ بڻجي وئي. پاڪستان جون گهڻيون بهترين فلمون ان ۾ هليون، ليڪن هاڻ ميونسپل ۽ هڪ لساني گروهه جي ڦڏي جي ڪري سئنيما کي ڊاهي پٽ ڪيو اٿن.

نيومئجسٽڪ سئنيما پراڻي عيدگاهه وٽ صدر ۾ لالا نورالدين نالي هڪ شخص جي هئي ۽ شايد سيني کان پراڻي به هئي، ان ڪري جو بابا ٻڌائيندو هو

ان کان پوءِ بيناراءِ 'مينار' فلم ۾ ڪم ڪيو جيڪا پڻ پنر جنم تي ٻڌل هئي، ليڪن ان فلم جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪو دم ڪونه هو، حالانڪ وقت جو مشهور هيرو پارٽ پوشن هيرو ۽ پران ولين هو (جيڪو فلم ۾ ته نيڪ ناڪ هو پر پوئين جنم ۾ ولين هو) هن جنم ۾ گانا به يادگار حيثيت حاصل ڪري چڪا آهن. البت انار ڪلي فلم ۾ بينا راءِ پنهنجي عروج تي هئي، هن جي قد ڪاٺ، روپ رنگ خوبصورت انداز ۽ بيحد خوبصورت گانن هن فلم کي هڪ منفرد حيثيت ڏيئي ڇڏي، جڏهن ته مبارڪ ۽ پرديپ ڪمار جي هلڪڙي اداڪاري جي ڪري فلم کي خاص ڪاميابي ڪانه ٿي، مبارڪ، اڪبر بادشاهه ڪان وڌيڪ هڪ مسخرو ٿي لڳو ته پرديپ ڪمار هميشه جيان اوور ايڪٽنگ جو شڪار رهيو. بادل جي "رابن هڊ" پريم ناٿ سان شادي ڪرڻ کان پوءِ، اها اداڪاره جيڪا فلم فيئر، شمع ۽ رومان جي ٽائيٽل تي ڇپجندي هئي، جنهن اداڪاره جي خوبصورت اداڪاريءَ اسان کي عشق ڪرڻ سيکاريو هو، اها آخري ڏينهن ۾ چون ٿا ته چري ٿي پئي ۽ آخرڪار گذر ڪري وئي.

•••

راج ڪپور پنهنجي انٽرويو ۾ فلم کي هميشه تصوير سڏيو آهي، هو چوندو هو ته اسين تصويرون ناهيون ٿا جن ۾ تفريح سان گڏ سماج لاءِ ڪونه ڪو پيغام به آهي. اها ڳالهه سچ آهي، ڪيترين فلمن، خاص ڪري ديوآنند، راجڪپور، وي شانتارام، ڪشور ساهو، بلراج ساهني، موتي لال، سهراب مودي، جون اهڙيون فلمون هيون جن کي ڏسڻ کان پوءِ اسان جي آڏو زندگيءَ جا ڪئين رنگ اچي ويندا هئا. ڏک ۽ سک، بک ۽ بيروزگاري، امير ۽ غريب جو فرق، استحصالي طبقن جا قسم ۽ طريقا، ماڻهوءَ جي اندر جون پيڙائون ۽ محبت جون خوبصورت گهڙيون، معاشري جا ڪئين تضاد، طبقاتي ڪشمڪش، انهيءَ سڀني جون زنده تصويرون سامهون اچي وينديون هيون. ڪئين فلمون ڏسڻ سان اسان جڻ مڪمل ناول پڙهي ڇڏيا هجن، دو بيگهي زمين، آواره، اناڙي، چال، نورنگ، بزدل، جيلر، پتيتا، امر ۽ اهڙيون بيشمار فلمون جن مان هرهڪ ان قابل آهي ته ان تي ڪجهه نه ڪجهه لکجي، ته جيئن موجوده نسل کي خبر پوي ته سماج جي تاجي پيٽي اُٿڻ ۾ فلمن جو ڪهڙو هٿ هو، جنهن تفريح جي پردي ۾ سماجي سڌارن لاءِ وڏو اهم رول ادا ڪيو.

•••

روپ ڪي شوريءَ جون ٽي مزاحيه فلمون، ايڪ ٿي لڙڪي، ايڪ دو تين ۽ دولت تمام مشهور ٿيون. خاص ڪري نوجوانن، ٻارن عورتن کي هنن فلمن ڏاڍو خوش ڪيو، انهن مان ايڪ ٿي لڙڪي ۽ ايڪ دو تين، جو هيرو موتي لعل هو، ۽ دولت جو هيرا جيت هو، باقي هيروئن ٽنهي فلمن ۾ مينا شوري هئي. هوءَ انهن فلمن کان پوءِ لارا لپاگرل مشهور ٿي وئي هئي، حالانڪ هندستان ۾ هن جا تمام گهڻا پرستار هئا پر جڏهن هوءَ پاڪستان فلم انڊسٽري ۾ آئي ته اصلي هلي نه سگهي. سرفروش ۽ اهڙين ڪن ٻين فلمن ۾ ڪم ڪيائين پر آخري عمر ۾ ڪراچي شهر ۾ رشتا ڪرائيندي بيمار ٿي گذاري وئي.

•••

سهراب موديءَ جي تاريخي فلمن کي ڏسبو ته ائين لڳندو ڄڻ ته تاريخ جي ڪتاب مان سبق پڙهي رهيا هجون. هن جي اداڪاري، نهايت حقيقت پسندانه ۽ تصنع کان پري هوندي هئي. "سڪندر" فلم ۾ هن جنهن ريت اليگزينڊر ۽ پورس (پورو پنڊت) جي وضاحت ڪئي آهي ۽ جيئن لڙائيءَ جا منظر فلمايا آهن، ان تي انهي وقت جا فلم شائقين حيراني ڏيکاريندا هئا. بابا چوندو هو ته سڪندر فلم ۾ پورس جي هاٿين واري جنگ ڏيکارڻ ڪو عام ڪم ڪونه هو جڏهن ته جهانسي کي راڻي ۽ بيرم خان ۾ به هن تاريخي حقيقتن تان پردو کنيو آهي ۽ جيڪي وضاحت طلب ڳالهيون هيون، انهن کي سمجهائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون اٿس.

هونئن به "ڪندن" ۽ "جيلر" جهڙيون سماجي فلمون ناهي سهراب موديءَ پنهنجو پاڻ مڃايو هو. ڪندن فلم فرانس جي مشهور ليکڪ وڪٽر هيوگو جي ناول "لامزريبل" جي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل هئي جنهن

حيثيت سان نوڪريءَ جي شروعات ڪئي. ان ڪان پوءِ زراعت کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ رهيو.

اسحاق راهي 1956ع کان وفات تائين، لڳاتار شاعري ڪئي. ڪُهنہ مشق شاعر نشتر ناٿن شاهيءَ جي صحبت ۾ رهيو ۽ مولانا غلام محمد گرامي ٿماهي ”مهراڻ“ وسيلي اسحاق راهي جي شاعريءَ ۾ رهبري ۽ رهنمائي ڪئي. اسحاق راهي سنڌي شاعريءَ ۾ نرالي لهجي، تشبيهن، استعارن، اصطلاحن، ترڪيبن جي استعمال جي منفرد ڏانءَ ڪري پنهنجو نالو مڃايو. سندس شاعريءَ ۾ نہ رڳو دائمي رهڻ واري صلاحيت آهي پر وقت سان گڏ هلڻ جي سگهہ پڻ آهي. سندس شاعري عشقيہ، قومي ۽ مذهبي رنگ ۾ رڱيل آهي.

اسحاق راهي جي شاعري وقت جو آواز ۽



آزاد انور ڪانڌڙو

اپياس

# مگر تون مان نہ هونداسين

## (اسحاق راهيءَ جي شعر جو اپياس)

اسحاق راهي ان سياڳي سَر زمين جو سڳنڌي ٻوٽو آهي، جتي شمس الدين بلبل، مولانا غلام محمد گرامي، ضياءالدين بلبل، نامور سياسي، سماجي، ديني رهنما سيد علي اڪبر شاهہ، خليل جبران کي متعارف ڪرائيندڙ ناميارو اديب ۽ مترجم م.ن محزون، نور محمدؔ سنڌي، اداڪار شيخ سنڌي، ڪالم نويس ۽ ليکڪ صرير پنهور ۽ ٻين جنم ورتو. مٿين شخصيتن ادب جي دنيا ۾ ميهڙ کي خاص جڳهہ وٺرائي آهي.

اسحاق راهي، ميهڙ ۾ 9- اپريل 1935ع تي محمد صالح سومري جي گهر ۾ جنم ورتو. هو پهرين کان ميٽرڪ تائين ميهڙ ۾ پڙهيو. پاڻ پهريون ۽ ٻيو درجو مولانا غلام محمد گرامي ۽ ميٽرڪ مشهور اديب ۽ مترجم م. ن محزون (محمد نواز ٻٽي) وٽ پڙهيو. اسحاق راهي پرائمري استاد جي

پيغام آهي ۽ اهو پيغام اسان کي پنهنجي نئين نسل تائين اهڙي ريت پهچائڻ گهرجي، جيڪو صدين تائين سندن سماعتن ۾ ٻُرندو رهي ٿو ڇو تہ اسحاق راهي هن دؤر جي ۽ هن ڌرتيءَ جِي، وڏي واڪي ڳالهہ ڪئي آهي:

> ڪو متان سمجهي تہ آهيون ويسلا،
> حوصلا ۽ همتون آهن سجاڳ،
> ديس تان صدقي ڪيون سؤ زندگيون،
> عظمتون ۽ غيرتون آهن سجاڳ.

اسحاق راهي هڪ انتهائي سٻاجهو، نيڪ سيرت ۽ درد مند دل رکندڙ انسان هو. هن تي نفيس جذبن، احساسن، مرڪن ۽ نفرتن جو بہ ڀرپور اثر ٿيندو هو، تہ قومي سطح تي ٿيندڙ ننڍين توڙي وڏين زيادتين ۽ ظلمن کان علاوه انساني قتل عام تي ماٺ ڪري نہ ويٺو. هو اظهار جي طاقت کان واقف هو ۽

اسحاق راهي حياتيءَ جي پوئين عرصي ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ جي بنيادي سرگرمي واسطي جيڪا جاکوڙ ڪئي، ان جي ميٺا طور ساڻس 31 مارچ 1994ع تي سنڌي ادبي سنگت ميهڙ پاران هڪ شاندار سرهي سانجهه رچائي وئي، جنهن جي صدارت سنگت جي ان وقت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ۽ شاعر ادل سومري ڪئي، خاص مهمان شاعر مير محمد پيرزادو هو. ان موقعي تي ڪيترا ناميارا اديب شاعر پڻ شريڪ ٿيا.

اسحاق راهي هڪ اشاعتي اداري "سرمد پبليڪشين" جو بنياد پڻ وڌو ۽ ان اداري پاران علامہ مستاني سيوهاڻي (رحمت الله ابڙو) جو ناول "پير جي ڏنگهري"، ۽ هڪ سؤ شاعرن جي تعارف ۽ شاعريءَ تي مشتمل ڪتاب "وڻجارا" ڇپرايو.

اسحاق راهي اهڙي دلفريب شخصيت جو مالڪ هو، جنهن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ نفاست هئي، اٿڻي ويهڻيءَ ۾ شاهاڻو وقار هو. اسحاق راهيءَ جهڙا انسان ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن جيڪي پنهنجي منفرد شخصيت جي ڇاپ صدين تائين دلين تي ڇڏي ويندا آهن.

اسحاق راهي هڪ شفيق دوست بہ هو، بزرگ بہ هو ۽ هڪ اهڙو انسان بہ هو، جنهن جي پر ۾ ويهندي ۽ جنهن سان ڳالهائيندي مون هميشہ پنهنجي سِرَ تي ٿڌي ڇانوَ محسوس ڪئي. ڏٺو وڃي تہ هن دنيا ۾ اهڙا گهڻا ماڻهو آهن، جن کي زندگي گذاري ڇڏي ٿي ۽ اهڙا ٿورا ماڻهو آهن جيڪي زندگيءَ کي گذارين ٿا. مان اسحاق راهيءَ جي وفات (6- جون 1994ع) کان پوءِ ڪيترا ڀيرا سندس مزار تي ويو آهيان. مون کي اتي ڏاڍو سڪون ۽ آرام محسوس ٿيو آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو "مگر تون مان نہ هونداسين." ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي.

◙

## نئون ڪتاب




ڪتاب: لفظن جي خوشبو

شاعر: احسان دانش

موضوع: شاعري

ڇپائيندڙ: ڍاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو 2010ع

سائيز: ڊيمي

صفحا: 144

قيمت: 120 رپيا

.............

شاعري منهنجي نظر ۾ زندگيءَ جي مک تي مرڪ جي لڪير وانگر بہ آهي تہ روح جي پاتال مان ڀُرندڙ سُڏڪي وانگر بہ، جنهن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ هڪ انوکي بصارت ۽ بصيرت جي ضرورت هوندي آهي. ادب ۾ پوسٽ ماڊرن ازم وارو لاڙو ان لحاظ کان اهم آهي تہ ان ۾ تخليقڪار کان وڌيڪ تخليقي سگهہ جي پرک کي اهميت ڏيندي قاري کي ان تخليق جي گهڻ رخي تشريح جو موقعو ڏنو وڃي ٿو.

احسان دانش

مضمون

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

# ساھتيءَ جو وھائُو ستارو

## (ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي)

دنيا جو دستور آهي ته ڪي ماڻهو تاريخ لکندا آهن، ته ڪي عظيم انسان خود تاريخ ۽ تاريخ ساز هوندا آهن. سنڌ جي "ساهتي پرڳڻي" جو ناميارو عالم، محقق ۽ اديب پروفيسر ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي مرحوم به هڪ تاريخ ساز علمي شخصيت هو. سندس علمي شخصيت ۽ قلمي عظمت بابت سنڌ جي علمي دنيا شاهد آهي.

وچولي سنڌ ۾ "ساهتي پرڳڻو" محراب پور، ڪنڊياري، پريا، نوشهري فيروز ۽ موري تعلقن جي سرزمين تي مشتمل آهي. 1912ع کان مني صدي 1989ع تائين هيءُ علائقو ضلعي نواب شاه (شهيد بينظير آباد) ۾ شامل هو. 1989ع ۾ اڳوڻي نواب شاه ضلعي مان سڪرنڊ، نواب شاه، دولت پور ۽ دوڙ تعلقن واري ايراضي ڪي چني، باقي علائقي ڪي انتظامي لحاظ سان "نوشهرو فيروز" ضلعو ناهيو ويو، جو اڳوڻي ساهتي پرڳڻي تي مشتمل آهي.



ڊاڪٽر خانائي مرحوم جو والد بزرگ ۽ ڏاڏو بزرگوار به پنهنجي دور جون وڏيون علمي شخصيتون هيون. انهن بزرگن جو سنڌ جي مشهور علمي خاندانن ۽ شخصيتن سان واسطو هو. جيئن: ڪوٽڙي ڪبير جو روحاني خاندان، موري جو قاضي گهراڻو، راڻي پور- گنبٽ جا جيلاني پير، نوشهري فيروز جا بزرگ، ڪنڊيا ڪاهي جا اهل علم، ديهات جا عالم، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، سيد زمان شاه "ساقي" ٺٽوي، سيد عطا حسين شاه موسوي ۽ سيد عبدالحسين شاه موسوي روهڙي.

### ولادت ۽ ڄم جو هنڌ

قريشي حامد علي خانائي جو جنم ساهتيءَ جي مشهور شهر خانواهڻ تعلقي ڪنڊياري ۾ تاريخ 6 جنوري 1934ع تي ٿيو. سندس خاندان علمي هو. ڪوٽڙي ڪبير جي خالدي قريشي خاندان سان سندس واسطو هو. سندس والد جو نالو حڪيم قاضي محمد يعقوب "صابر" قريشي ۽ ڏاڏي جو نالو قاضي ميان امام بخش قريشي هو.

### تعليم ۽ تربيت

ڊاڪٽر خانائي جي خاندان جي بزرگن جو خانواهڻ شهر ۾ پنهنجو مڪتب مدرسو هلندڙ هو. ان لحاظ سان پاڻ قرآن مجيد، نورنامو، سنڌي ۽ فارسي تعليم پنهنجي ڏاڏي قاضي ميان امام بخش قريشي جي مدرسي ۾ پڙهيو. مئٽرڪ جو امتحان لوڪلبورڊ (هاڻي ايڇ. ايم خوجا) هاءِ اسڪول نواب شاه مان 1954ع ۾ پاس ڪيائين.

تعليمي گهراڻي هئڻ ڪري پنهنجي نوڪري جو آغاز به تعليم کاتي ۾ ايڇ. ايم خوجا هاءِ اسڪول نواب شاه ۾ استاد جي حيثيت سان شروع ڪيائين. سندس علم ۽ قلم سان نينهن ناتو روح ۾ سمايل هو.

ان ڪري لکڻ پڙهڻ سندس محبوب مشغلو رهيو. ابتدا ۾ افسانا به لکيائين ۽ "خادم" تخلص سان شاعري به ڪيائين، پر پوءِ ڊاڪٽر داؤدپوٽي ۽ مولائي شيدائيءَ جي صلاح سان سندس قلم تاريخ ۽ تحقيق ڏانهن موڙ کاڌو، جنهن واهه جو رنگ لاتو. تاريخ ۽ تحقيق جي ميدان ۾ شاهڪار تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکي واهڙ وهائي ڇڏيائين.

اڳتي هلي 1965ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪيائين. 1966ع ۾ ڪنڊڪوٽ خانگي ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو، جتي نوابشاهه شهر جو مشهور اديب قمر شهباز پرنسپال هو. سال 1975ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏئي، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نواب شاهه ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو.

عمل ۽ قلم سان سندس دلي لنئون لڳل هئي. ان ڪري وڏي جدوجهد ڪري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي رهبريءَ ۾ "ساهتي پرڳڻي جا قديم علمي مرڪز" جي عنوان سان تحقيقي مقالو لکي، 1986ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان Ph.D جي ڊگري حاصل ڪري، سنڌي ادب جو ڊاڪٽر ٿيو ۽ قلم جي عظمت جو مانُ مٿانهون ڪيو.

## روحاني سلسلو

ڊاڪٽر خانائي جي والد بزرگ ۽ غالباً ڏاڏي جو روحاني سلسلو گنبٽ جي جيلاني ساداتن سان قادري سلسلي ۾ جڙيل هو. سندس والد حڪيم قاضي محمد يعقوب "صابر" قريشي، گنبٽ جي پير سيد غلام مرتضيٰ شاهه جيلاني جو قادري سلسلي ۾ دست بيعت مريد هو. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر خانائيءَ جا سنڌ جي اڪثر گادي نشينن سان علمي ادبي خوشگوار واسطا رهيا. پر پاڻ به والد بزرگ وانگر قادري سلسلي ۾ داخل هو.

## محسن استاد

پنهنجي تعليم تربيت ۽ جن استادن سندس علمي ادبي رهنمائي ڪئي، انهن مُحسن استادن بابت ڊاڪٽر خانائي کُلي دل سان چوندو هو ته:

"علم ادب ۾ رهبري جي حوالي سان. والد مرحوم قاضي محمد يعقوب "صابر" قريشي" ايچ. ايم خوجا، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، رحيم داد خان مولائي شيدائي، سيد حسام الدين راشدي، غلام محمد گرامي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جو مون تي گهڻو اثر رهيو ۽ مون انهن مهربانن محسنن کان علم ادب ۾ گهڻو ڪجهه پرايو."

## شادي ۽ اولاد

ڊاڪٽر خانائي ٻه شاديون ڪيون. ڪيس ڇهه پٽ ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد ٿيو. سندس پٽن جا نالا هي آهن: مرحوم ڊاڪٽر ممتاز علي قريشي (وفات 1- مارچ 2008ع)، مظهر علي قريشي، ارشد علي قريشي، زاهد علي قريشي (ننڍپڻ ۾ گذاري ويو) راشد علي قريشي (وفات 25- ڊسمبر 1983ع) ۽ محمد يعقوب عرف محمد زبير قريشي.

## تصنيف تاليف

ڊاڪٽر خانائي 1955ع کان ادب، سوانح حيات، تواريخ ۽ آثار قديمه تي تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکندو رهيو. پاڻ ساهتي پرڳڻي جو سدورو فرزند هو، انڪري ساهتي پرڳڻي جي علائقي جو چپو چپو سندس روح ۾ رچيل هو. اهڙي طرح پي ايچ.ڊي جو تحقيقي مقالو به "ساهتي پرڳڻي جا قديم علمي مرڪز" جي عنوان سان لکي، ڄمڻ واري موچاري ماڳ جو حق ادا ڪيائين. ساڳي طرح نواب شاهه ضلعي جي قديم ماڳن مڪانن، نصرپور ۽ روهڙي جي تواريخ ۽ آثارن بابت پنهنجي تحقيق ذريعي انهن علائقن کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيائين.

سندس مضمون ۽ مقالا سنڌ جي مشهور رسالن جهڙوڪ: نئين زندگي، ٽماهي مهراڻ، الرحيم، اخبار تعليم، سنڌ ۽ السنڌ ۾ شايع ٿيندا رهيا. انهن رسالن ۾ سندس ٽي سوکن مضمون ۽ مقالا شايع ٿيل آهن.

ڪيترا سيڪڙاٽ نوجوان اديب سندس تحقيقي مضمون ۽ مقالا پڙهي ان اسلوب ۾ لکڻ لڳا. گهوٽڪي ضلعي جي مشهور اديب پروفيسر محمد پنهل ڏهر ٻڌايو ته: "آءٌ ڊاڪٽر خانائيءَ جا تحقيقي مقالا پڙهي، تاريخ ۽ تحقيق جو گس پيچرو وٺي لکڻ لڳس. ان ڪري ڊاڪٽر خانائي منهنجو ادبي استاد آهي."

سندس تحقيقي مقالن جي حوالي سان علمي دنيا ۾ مشهور آهي ته: ”ڊاڪٽر خانائيءَ جو هر هڪ تحقيقي مقالو پنهنجي جاءِ تي هڪ ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو.“ اها به حقيقت آهي ته پاڻ جنهن به شخصيت، ماڳ مڪان تي قلم کڻندو هو، ته ان جو تاريخي پس منظر، صحيح حالات، مستند واقعات بيان ڪري، صحيح نتيجو ڪڍي پڙهندڙ کي معلومات جي خزاني سان مالا مال ڪري ڇڏيندو هو. اهڙي ريت سندس هر مقالو هر پهلو کان جامع ۽ڀرپور معلومات افزا هوندو هو. اها سندس علم ۽ قلم جي خاص خوبي آهي.

### ڇپيل ڪتاب

وچور هن طرح آهي.

### 1. نوابشاهه ضلعو- تاريخي شهر ۽ شخصيتون

هن ڪتاب ۾ ساهتي پرڳڻي سميت نواب شاهه ضلعي جي تاريخ، تهذيب تمدن، علمي ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتن جو ڀرپور جائزو لکيل آهي. هن ڪتاب جو مقدمو سنڌ جي نامور اديب ۽ محقق ان وقت نوابشاهه ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر عبدالغفار سومري لکيو. هيءُ ڪتاب 1987ع ۾ ڇپيو. هن تحقيقي ڪتاب تي اڪيڊمي ادبيات ۽ سنڌي ادبي سنگت طرفان ڪيس ميجتا ايوارڊ مليا.

### 2. تذڪره ڪوتائي سادات روهڙي

هيءُ ڪتاب سال 1998ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ مغل دور جي وڏي امير، بکر ۽ سيوهڻ جي گورنر نواب سيد مير يعقوب علي رضوي ۽ سندس خاندان جي بزرگن، اميرن، عالمن ۽ شاعرن جو تفصيلي تذڪرو بيان ڪيل آهي. هيءُ ڪتاب 25 ڪتبن ۽ تاريخي تصويرن سان سينگاريل آهي.

### 3. تذڪره پوراني سادات سکر

هيءُ تاريخ ڪتاب سکر هسٽاريڪل سوسائٽي سکر طرفان 2001ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ پوراني سادات (ميرڪي ساداتن، موسوي سادات) جي سنڌ ۾ آمد، ان دور جون تواريخي ۽ سياسي حالتون، موجوده دور تائين ۽ سندن علمي خدمتون بيان ڪيل آهن.

### 4. الزليخا (تحقيق ۽ ترتيب)

اصل ۾ هيءُ ڪتاب سيد حسام الدين راشدي مرحوم ”يوسف زليخا“ جي قصي کي ناوليٽ جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. ڊاڪٽر خانائي هن ڪتاب کي جديد انداز ۾ تحقيق ۽ تربيت سان 74 صفحن جو جامع مقدمو لکي، 2003ع مارئي اڪيڊمي طرفان شايع ڪرايو.

### 5. ايڇ.ايم خوجا- هڪ مثالي استاد

تعليمي ماهر حاجي خان مهر علي خوجا جون نواب شاهه ضلعي ۾ تعليم جي حوالي سان وڏيون خدمتون آهن. خوجا مرحوم، ڊاڪٽر خانائي جو استاد ۽ محسن به هو. ان ڪري ڊاڪٽر خانائي پنهنجي محسن استاد جي ياد کي قائم رکڻ لاءِ خوجا صاحب بابت سنڌي نثر ۽ نظم سان گڏ انگريزي ۾ لکيل مضمون کي مرتب ڪري، يادگار تصويرن سان هيءُ ڪتاب سيپٽمبر 2003ع ۾ مارئي اڪيڊمي طرفان ڇپرايو.

### 6. مقالات خانائي (شخصيات)

ڊاڪٽر خانائي جي مضمونن مقالن جي سيريز بشير احمد هيسباڻي ڏهن جلدن ۾ مرتب ڪري رهيو آهي. هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي ڪڙيءَ جو پهريون جلد آهي. جنهن ۾ سنڌ جي چوند مشاهيرن شيخ هوتي لاڪي کان وٺي علامه غلام مصطفيٰ قاسمي تائين ويهن شخصيتن جو تذڪرو يڪجاءِ ڪيل آهي. شخصيتن جي سوانح ۽ علمي خدمتن سان گڏ، وڏي محنت ڪري ڪن مشاهيرن جا شجرا به ڏنا ويا آهن. هي پهريون جلد سنڌي ادبي بورڊ 2006ع ۾ ڇاپيو آهي.

### اڻ ڇپيل ڪتاب

ڊاڪٽر خانائي تقريباً اڌ صدي تائين قلم سان نينهن نڀايو. سندس مضمونن مقالن جا باقي نوَ جلد سنڌ جي تاريخي ماڳن مڪانن، ڪتبخانن، قديم آثارن، ادب ۽ شاعري تي اڻ ڇپيل صورت ۾ آهن. انهي مٿئين تحقيقي مواد کان سواءِ سندس هينيان ڪتاب قلمي صورت ۾ آهن. اميد ته سنڌ جا علمي ادبي ادارا ضرور هن علمي مواد کي اوليت جي بنياد تي شايع ڪري، سنڌ جي تواريخ محفوظ ڪندا.

**1. ساهتي پرڳڻي جا قديم علمي مرڪز (پي ايچ. ڊي لاءِ پيش ڪيل ٿيسز)**

هيءُ ضخيم ڪتاب ڊاڪٽر خانائي جي زندگيءَ جو سرمايو آهي. هن ڪتاب ۾ ساهتي پرڳڻي جي مڪمل علمي ادبي تواريخ بيان ٿيل آهي.

**2. ظهور نامہ موئي مبارڪ (روهڙي ۾ موجود حضور پرنور ﷺ جي وار مبارڪ جي تواريخ)**

اصل ۾ هيءُ وار مبارڪ جي فارسي زبان ۾ منظوم تاريخ آهي. ڊاڪٽر خانائي هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ نچوڙ، سنڌ ۾ وار مبارڪ اچڻ جي تاريخ ۽ جن بزرگن وٽ وار مبارڪ ملڪيت ۽ حفاظت ۾ رهيو، انهن بزرگن جو احوال ۽ تعليقات لکي، ڪتاب کي جامع صورت ۾ مرتب ڪيو آهي. هيءُ هڪ نهايت شاندار ۽ بهترين ڪتاب آهي. جيئن تہ ڊاڪٽر خانائي هڪ عاشق رسول اهل قلم هو، ان ڪري سندس سٽ سٽ مان عشق رسول جي خوشبوءِ ظاهرَ ٿي رهي آهي.

**3. سنڌ جو دارالمصنفين**

ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي ديني درد رکندڙ عالمن ۽ اديبن "سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد" نالي سان هيءُ ادارو جوڙي علمي ادبي خدمت سر انجام ڏني. هن اداري طرفان سٺن ڪتابن ذريعي مسلمانن ۾ دين اسلام جو روح اجاگر ڪيو ويو. هندستان جي مشهور اداري "دارالمصنفين" جي نموني تي هن اداري پڻ تصنيف تاليف جو بهترين ڪم ڪيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي جي روح روان ميمبرن ۽ شايع ٿيل ڪتابن جو ڀرپور تعارف ۽ تاريخ لکيل آهي.

**4. تاريخ نصرپور**

نصرپور، ڊاڪٽر خانائي جو ساهراڻو گهر هو. ان لحاظ سان اڪثر سندس نصرپور وڃڻ ٿيندو هو. اهڙي طرح نصرپور جي قديم خانوادن سان سندس ڄاڻ سڃاڻ ٿي. پاڻ نصرپور جي رضوي سادات، قاضي خاندان، مغلن ۽ ٻين قديم رهواسين جي ڪتب خانن مان نصرپور بابت مواد چونڊي ڇپوٽي هي ڪتاب تيار ڪيو. هيءُ ڪتاب نصرپور جي مڪمل تاريخ تي مشتمل آهي ۽ ڇپجي رهيو آهي.

**5. سنڌ جا خوشنويس**

هن ڪتاب ۾ سنڌ ۾ خوشخطي ۽ ڪتابت جي تاريخ، ڪاتبن جو احوال ۽ ڪتابت جا نمونا ڏنل آهن.

**6. بکر جا مغل گورنر**

دهليءَ مان مغل دور ۾ جيڪي نواب ۽ گورنر سنڌ ملڪ جي بکر واري علائقي تي مقرر ٿي ايندا هئا. هن ڪتاب ۾ انهن مغل گورنرن جو سربستو ذڪر ۽ تاريخ ڏني وئي آهي.

**7. تذڪره شعراءِ روهڙي**

هيءُ ڪتاب روهڙي جي مشهور فارسي ۽ سنڌي شاعرن جو تذڪرو آهي.

**8. مُرڪ، ٽهڪ ۽ لُڙڪ (آتم ڪهاڻي)**

انسان هن دنيا ۾ جمي ٿو، تہ مرڪون وکيريندو اچي ٿو. جواني ديواني ۾ خوشيءَ ڪري ٽهڪ ڏئي کِلي کُڏي ٿو ۽ پيريءَ ۾ زماني جا ڏک سک ۽ غم گوندر ياد ڪري، حسرت ۽ ندامت جا ڳوڙها ڳاڙي ٿو. ان ڪري زندگيءَ انهن ٽن لفظن جو مجموعو آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر خانائي پنهنجي حياتيءَ جا خود نوشتہ حالات ۽ آتم ڪهاڻيءَ جا واقعات دلچسپ پيرائي ۾ لکيا آهن. هيءُ نهايت دلچسپ، عبرت انگيز ۽ سبق آموز ڪتاب آهي.

**9. خانائي لائبريري**

جيئن مشهور آهي تہ "بنا لشڪر خزاني جي، ٿيڻ سلطان مشڪل آ." تيئن اهل قلم اديب واسطي ڪتاب ۽ ڪتب خاني جو هجڻ لازمي آهي. ڊاڪٽر خانائي جو گهراڻو علمي هو. ان ڪري وٽس ننڍي سٺڙي شاندار لائبريري هئي. ان ۾ وڏن جا عربي، فارسي ۽ سنڌي نسخا، طب ۽ حڪمت جا ناياب ڪتاب موجود آهن. ڊاڪٽر خانائي پاڻ بہ تاريخ، تذڪره، تصوف، دينيات ۽ سنڌي علم ادب جو گهڻو مواد گڏ

کيو. وٽس ڪتابن سان گڏ رسالن جا بہ مڪمل سيٽ آهن. مقصد تہ لائبريري ۾ چونڊ ڪتابن جو عمدو ذخيرو محفوظ آهي. خدا ڪري تہ سنڌ الاجي يا ڪو اهڙو سرڪاري ادارو هيءُ ناياب علمي ذخيرو خريد ڪري محفوظ ڪري!

## همعصر شخصيتون

ڊاڪٽر خانائيءَ جو هوندن تہ سڄي سنڌ ۾ علمي نالو روشن هو، پر سنڌ جي هيٺين ادبي، سياسي مشاهير سان سندس گهاٽو سبنڌ رهيو ۽ سندس همعصر آهن:

مولانا محمد هاشم انصاري، مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"، پير ميان فيض محمد نقشبندي ٻملي، مفتي محمد رحيم سڪندري، الحاج رحيم بخش "قمر" لاکو، مولانا محمد ادريس ڏاهري، مفتي عبدالرحيم سڪندري، پروفيسر علي نواز حاجن جتوئي، لطف الله بدوي، پروفيسر محبوب علي چنا، پروفيسر محمد اڪرم انصاري، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، ڊاڪٽر "اياز" قادري، مولانا عبدالواحد سنڌي، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، ڊاڪٽر نواز علي "شوق"، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ڊاڪٽر هدايت پريم، ڊاڪٽر مدد علي قادري، مولانا غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويو، غلام رباني آگرو، شمشير الحيدري، نفيس احمد "ناشاد"، ڪريم بخش خالد، سيد سردار علي شاهہ "ذاڪر"، شعبان بخت، مير محمد بخش خان ٽالپر، شيخ علي محمد، قاضي فيض محمد، محمد نور عباسي، سيد امداد محمد شاهہ، سيد حسين شاهہ راشدي، محمد يوسف "شاڪر" ابڙو، راج محمد پلي، انيس انصاري، مقبول احمد پٽي، تاج صحرائي، پروفيسر عبدالله مگسي، نجم عباسي، ناصر مورائي، عبدالله ورياهہ، محمد علي حداد، غلام حيدر سولنگي سيوهاڻي، غالب لطيف، دادا سنڌي، مرليڌر جيٽلي، انجم هالائي، حافظ محمد احسن چنہ، تنوير عباسي، استاد بخاري، نياز همايوني، نظر سنڌي، بردو سنڌي، بشير ٻگهيو، قمر شهباز، الطاف عباسي، عبدالحڪيم "ارشد"، مير محمد پيرزادو، پير "ضيا" خاوري، مير عبدالرسول "مير"، جمال الدين "مومن"، محمد خان "غني"، عارف المولیٰ، عبدالقيوم "صائب"، شيخ محمد اسماعيل، معمور يوسفاڻي"، شيخ محمد سومار، انور هالائي، ملڪ نديم، استاد مير حسن لاکو، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، سيد غلام سرور شاهہ.

## شاگرد دوست

ڊاڪٽر خانائي خلوص دل سان ڪيترن علم دوستن جي ادبي رهنمائي ڪئي ۽ ايم.اي، ايم.فل ۽ پي ايڇ.ڊي جي تعليمي سلسلي ۾ ذاتي طور دل کولي سهڪار ڪيو. مواد جا نوٽس ۽ خاڪا تيار ڪري ڏيڻ سان گڏ، مواد تي نظرثاني پڻ ڪري ڏيندو رهيو. علمي ۽ ادبي لحاظ سان سندس شاگردن ۽ دوستن ۾ الطاف عباسي، موهن لعل نچناڻي، ڊاڪٽر سرفراز احمد پٽي، عبدالرحمٰن "عبد" منگيو، تاج جويو، انجنيئر عبدالحسين موسوي. حمد صديق ميمڻ، بشير احمد هيسباڻي، محمد صديق منگيو، محمد انور "منصور" مگريو، خادم حسين چانڊيو جا نالا قابل ذڪر آهن. اهي علم دوست وقت بوقت پنهنجي لکڻين جي حوالي سان ڪانئس علير استفادو حاصل ڪندا رهندا هئا.

اهڙي طرح هيٺين محققن جون پي.ايڇ.ڊي لاءِ پيش ڪيل ٿيسز ڊاڪٽر خانائيءَ جي علمي ڄاڻ، ذهني وسعت ۽ قلمي سخاوت ۽ تعاون جون مرهونِ منت آهن، جيئن: ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر، ڊاڪٽر غلام حيدر برڙو(حيدر سنڌي)، ڊاڪٽر سيد اشفاق احمد بخاري، ڊاڪٽر عبدالرؤف ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو، ڊاڪٽر محمد خان جمالي، ڊاڪٽر غلام قادر سومرو، ڊاڪٽر عبدالرزاق سومرو ۽ ڊاڪٽر عبدالرسول قادري (راقم)

انهي لحاظ سان ڊاڪٽر خانائي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي بي لوث خدمت ڪئي آهي.

ايوارڊ

ڊاڪٽر خانائي جي علمي ادبي خدمتن جي مڃتا طور هيٺين نامور ادارن طرفان ڪيس ايوارڊ مليا.

پنهور سيمينار ايوارڊ 1983ع، سگا سنڌ طرفان پير حسام الدين راشدي ايوارڊ 1986ع، علامہ آءِ آءِ

قاضي ايوارڊ، حمل فقير ادبي ايوارڊ 1997ع، نئين زندگي گولڊن جوبلي سيمينار جي موقعي تي مولانا عبدالواحد سنڌي يادگار شيلڊ 1999ع ۽ پير آغا غلام مجدد متعلوي سرهندي ايوارڊ 2009ع.

آخري دور

ڊاڪٽر خانائي گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه مان 6- جنوري 1994ع تي اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو. رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ ڪاليج جو ڪوارٽر ڇڏي، مهراڻ ڪالوني نواب شاهه ۾ پنهنجي گهر جي جاءِ "خانائي هاؤس" نالي سان جوڙائي ان ۾ رهڻ لڳو. ايچ.ايم خوجا هاءِ اسڪول نواب شاهه جي هيڊماستر محترم احمد خان هيسباڻيءَ جو فرزند بشير احمد هيسباڻي سندس پاڙيسري هو، جيڪو ڊاڪٽر خانائي جو هر حال ۾ همدرد، خدمتگار ۽ مددگار رهيو. هن "خانائي هاؤس" ۾ اول سنڌس لائبريري سيٽ ڪئي. رسالن ۾ سنڌس ڇپيل ٽڙيل پکڙيل مضمون مقالا گڏ ڪيائين. هيسباڻي صاحب اهو سمورو علمي ڪم دلي طرح علم دوستيءَ جي حوالي سان سرانجام ڏنو ۽ مواد مرتب ڪرڻ ۾ پڻ ڀرپور تعاون ڪيو.

**شخصيت**

ڊاڪٽر خانائي سادگي پسند، نماڻو نهٺو، هڏ ڏوکي، اديبن ۽ شاعرن جي دلي طرح رهنمائي ڪندڙ استاد، حساس طبع، شهرت کان دور، مرنجان مرنج، مطالعي جو ڪو ڏيو، نماز روزي جو پابند، دينداز، خدا ترس ۽ عاشق رسول اهل قلم هو.

سنڌس قد وچولو، ڇاپئين سونهاري، صاف سٿرا سادا ڪپڙا قميص سلوار ۽ مٿي تي اڇي يا سنڌي ٽوپي، نوراني چهرو، نماڻيون اکيون، ڳالهائڻ ۾ فهميدو، حسن اخلاق جو مجسمو ۽ فرشته صفت انسان هو.

**حرمين شريفين جو ديدار**

ڊاڪٽر خانائي جي دل ۾ عشق رسول جو ٻج ته ٻهرئائين پوکيل هو. عشق رسول جو اهو ٻوٽو وڏي وڻ ٿيو ۽ سندس دل پلي پار جي ديدار لاءِ تڙپڻ لڳي. الله تعاليٰ سهڻو سبب هيءُ بنايو جو 2007ع ۾ سندس نياڻي ۽ نياڻو ڊاڪٽر جاويد سعودي عرب ۾ رهندا هئا. خوش قسمتيءَ سان انهن ويزا موڪلي، ڪيس پلي پار حرمين شريفين گهرايو. اتي مڪي شريف ۾ ڪعبة الله جو طواف ۽ زم زم جو پاڻي پي دلي سڪون حاصل ڪيائين. مديني جي مير محمد رسول ﷺ جي مٺي شهر مديني منوره ۾ روضو پاڪ ۽ مسجد نبوي ڏسي، درود ۽ سلام پڙهي نيڻ ٺاريائين. حج جي سعادت حاصل ڪري خير سان وطن موٽيو. پاڻ عاشق رسول اهل قلم هو. مديني جي مير سان سندس سچي سڪ هئي. پياري پيغمبر ڪي پرت سان پڪاريندو ۽ دل سان درود سلام پڙهندو رهندو هو. انسان جي ڪاميابيءَ لاءِ اهوئي ڪافي آهي، ته جنهن جي مٺان ڪلمو پڙهي ٿو، ته ان جي عشق ۾ سرشار هجي. جنهن نوري نبي جي صدقي ٻيڙا پار ۽ ٻئي جڳ موچارا ٿيڻا آهن.

**دلي صدمو ۽ وفات حسرت آيات**

هيءُ زندگي صدمن ۽ سورن جو ڏيهه آهي، وفات کان اڳ 2008ع ۾ سندس وڏو پٽ ڊاڪٽر ممتاز علي قريشي ڦوهه جوانيءَ ۾ اوچتو گذاري ويو. اهو اچانڪ صدمو برداشت کان مٿي هو، پاڻ جيتوڻيڪ رب جي رضا تي راضي رهيو ۽ صبر ڪيائين. پر موچي پٽ جي اوچتي وڇوڙي سندس جگر ٽوڙي ۽ جيءُ جهوري وڌو هو. سيني عزيزن قريبن، دوستن شاگردن ڪيس دم دلاسا ڏنا، مگر وڏيءَ عمر ۾ اهو وڇوڙو سنڌائتو جگري ڌڪ هو. شايد انهيءَ وڇوڙي جا وڍ سندس سيني ۾ پئي چڪيا ۽ حياتيءَ جو پويون وقت گهڻو بيمار ۽ اداس رهڻ لڳو. هونئن به جن جا پيارا پرين پرڏيهي ٿين ٿا، انهن کي ئي سُڌ سور جو هوندي آهي.

نيٺ هيءُ علم ۽ عمل جو مجسمو، ديندار ۽ عاشق رسول اهل قلم، ساهتيءَ جو ولهڻو ستارو تقريباً چاهتر سالن جي ڄمار ۾، تاريخ 28- ربيع الاول 1431هجري بمطابق 15- مارچ 2010ع تي سنوري وار سومر جي پوئين رات، ٻين بجي خانائي هاؤس نوابشاهه ۾ وفات ڪري ويو. "اِنا لله وانا اليه راجعون!"

منظوم ترجمو:

تہ اسين آهيون الله جا، سپاهي صرف،
۽ آخر اُن طرف، اسين هرگز هلڻا آهيون!

ڊاڪٽر خانائيءَ جي وفات وقت سندس نياڻي ۽ نياڻو ڊاڪٽر جاويد.... دبئي ۾ رهيل هئا. اهي دبئي مان ئي سومر جي ڏينهن شام جو ساڍي چئين بجي نوابشاهہ پهتا، جن سندس مُنهن ڏٺو. شام جو سوا پنجين بجي خانائي هاؤس ويجهو ”حق مدينہ مسجد“ لڳ سندس جنازي نماز پڙهي، مرحوم خانائيءَ لاءِ بخشش جي دعا گهري وئي. جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد عزيز قريبن، عالمن اديبن، پروفيسرن، استادن، شاگردن ۽ پاڙيسرين سندس مُنهن ڏٺو. سندس چهرو نوراني ۽ مُنهن تي مُرڪ چانيل هئي. حديث پاڪ ۾ بہ آهي تہ: ”مرڻ مهل مومن جي مُنهن تي مرڪ هوندي آهي.“ اهائي ايمان جي نشاني آهي،

فارسي شاعر بہ ساڳي معنيٰ ۾ چيو آهي:

”اي انسان! اهو وقت ياد ڪر، جڏهن تون هن دنيا ۾ آيو هئين، تہ سڀ مٽ مائٽ تنهنجي جمڻ تي خوش ٿي ڪليا پئي، تون وري اوئان اوئان ڪري پئي رنين- پر تون زندگي اهڙي طرح ڪامياب، صاف سٿري ۽ ايمان سلامتيءَ سان گذار، جو جڏهن تون هن دنيا مان مري موڪلائين، تہ تنهنجا مٽ مائٽ، دوست عزيز تنهنجي سهڻي ۽ قابل عمل زندگيءَ کي ياد ڪري روئندا رهن ۽ تون ايمان سلامتيءَ سان مُرڪندو هن دنيا مان موڪلائي وڃين“- (آزاد ترجمو).

مرحيات خانائي جي حياتيءَ بہ حديث نبويءَ ۽ فارسي شعر جي معنيٰ ۽ مفهوم جو قابل عمل نمونو هئي. سندس مٽ مائٽ، عزيز دوست، پيارا ۽ شاگرد روئندا رهيا ۽ پاڻ مرڪندو وڃي مديني جي مير جي مجلس ۾ پهتو ۽ خالق حقيقيءَ سان مليو.

**آخري آرامگاهہ**

مرحوم ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي وصيت ڪئي هئي تہ: ”ڪيس وفات بعد سندس ماءُ جي قدمن ۾ دفن ڪيو وڃي.“ ان وصيت تي عمل ڪندي سندس جنازي نماز ۽ دعا کان بعد شام جو 6 بجي ايمبولنس ذريعي سندس مڙهہ خانواهڻ روانو ڪيو ويو. جڏهن هيءُ غمگين قافلو خانواهڻ پهتو، تہ اتي موجود مٽن مائٽن، عزيز قريبن بہ سندس مُنهن ڏٺو. خانواهڻ ويجهو ”پير قرارو قبرستان“ ۾ سندس مرحوم والد سڳوريءَ جي پُٺيءَ جي پيرانديءَ ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو ۽ اهڙي طرح سندس اها وصيت پوري ٿي. ”پنهل پيراندي، شل نماڻي نصيب ٿئي“ تي عمل ٿيو.

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا. مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا!
**(شاهہ)**

## نئون ڪتاب




ڪتاب: ويڇفا ٿيا وصال ڪي
شاعر: غلام محمد جنجهي
موضوع: شاعري
ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 2010ع
سائيز: ڊيمي
صفحا: 336
قيمت: 275



ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو

مضمون

# ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

## (سنڌ جو خاموش طبع عالم ۽ محقق)

سنڌي علم و ادب ۽ تاريخ جو خاموش طبع عالم، محقق ۽ مؤرخ، منهنجو محسن ۽ استاد سائين ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي 15 مارچ 2010ع تي هن فاني جهان مان هميشه لاءِ موڪلائي ويو! سائين حامد علي خانائي 6- جنوري 1934ع تي ساهتي پرڳڻي جي مشهور علمي مرڪز خانواهڻ ۾ جنم ورتو. سندن وڏا قضا جي عهدي تي فائز هئا، ان ڪري سندن خاندان "قاضي" ڪري سڏيو ويندو آهي. سندن ڏاڏو ميان امام بخش قريشي شهر جو هڪ با اثر ۽ معزز شخص هو ۽ خانواهڻ ۾ سندن ديني مڪتب هو. سندن والد محمد يعقوب قريشي فارسي زبان جو ڄاڻو ۽ سنڌي زبان جو سٺو نثر نويس ۽ شاعر هو. "صابر" سندن تخلص هو. سائين حامد علي جيئن ته علمي، ادبي ۽ مذهبي گهراڻي ۾ اک کولي ان ڪري سندن لاڙو شروع کان وٺي مطالعي طرف رهيو. ان ڏس ۾ کين پنهنجي والد جي شفقت، تربيت ۽ سرپرستي حاصل رهي. علامه ڊاڪٽر دائود پوٽو جا سائين حامد عليءَ جي ڏاڏي ميان امام بخش سان دوستانه مراسم قائم هئا. علامه صاحب جڏهن به تعليمي ۽ انتظامي سلسلي سان اپر سنڌ جي دوري تي ايندو هو، ته اڪثر ميان امام بخش جي مڪتب ۾ ضرور سندن مهمان ٿيندو هو. ته ان دوران سندن ڏاڏي ۽ علامه دائودپوٽي صاحب جي وچ ۾ جيڪا علمي ۽ ادبي ڪچهري ٿيندي هئي، تنهن سائين حامد علي خانائيءَ جي دل ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جو اهڙو ته اُتساهه پيدا ڪيو، جيڪو منجهن سموري زندگي قائم ۽ دائم رهيو. 1954ع ۾ لوڪل بورڊ هاءِ سڪول ۾ اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو، ته درس ۽ تدريس سان گڏوگڏ ادبي، علمي ۽ تحقيقي مقالا لکڻ شروع ڪيا. ان ڏس ۾ کيس سنڌ جي مشهور عالم ۽ محقق مولائي شيدائي ۽ مولانا غلام محمد گراميءَ جي سرپرستي پڻ حاصل رهي. عميق مطالعي جي آڌار ۽ مٿين بلند مرتبه عالمن جي همت افزائيءَ سان سائين حامد عليءَ جي علم ۽ تحقيق جو دائرو وسيع ٿيندو ويو ۽ سندن لکيت ۽ قلم ۾ تيزي ايندي وئي، ۽ جلد ئي سندن شمار سنڌ جي وڏن عالمن ۽ محققن ۾ ٿيڻ لڳو. ناميارو عالم ۽ محقق سيد حسام الدين راشدي نوجوان لکندڙن جي همت افزائيءَ ڪي سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جي ڪنهن موضوع تي ڪنهن نوجوان جو ڪو مضمون ۽ مقالو شايع ٿيندو هو، ته اها سندن دلي تمنا هوندي هئي، ته ڪنهن طرح سان ان نوجوان سان ملاقات ٿئي، ورنه ته گهٽ ۾ گهٽ کيس خط جي ذريعي شاباش ضرور ڏيندو هو. 1961ع ۾ سائين حامد عليءَ جو مقالو "منصوره، سنڌ جو قديم تاريخي شهر" جي عنوان سان شايع ٿيو. اهو مضمون راشدي صاحب ڪي ڏاڍو وڻيو ۽ ان جي پسند پوڻ جو ذڪر مولانا غلام محمد گراميءَ سان ڪيائين. ساڳئي وقت کيس اهو به چيائين ته هن مضمون لکندڙ نوجوان سان ملاقات ڪراءِ. اهڙي طرح سائين حامد علي ۽ راشدي صاحب جي ملاقات سنڌي ادبي بورڊ جي واقع امين منزل آفيس گاڏي کاتو حيدرآباد ۾ ٿي.

ان کان پوءِ سائين قريشي صاحب جو راشدي صاحب سان محبت جو رستو استوار ٿيو ۽ زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين قائم رهيو. سائين حامد علي جو جڏهن ڪو مقالو شايع ٿيندو هو، ته راشدي صاحب کيس ضرور آفرين جو خط لکندو هو، ۽ انهيءَ زماني ۾ شايع ٿيندڙ ڪنهن ادبي ۽ تحقيقي رسالي ۾ ڪو به مضمون ۽ مقالو شايع نه ٿيندو هو، ته راشدي صاحب کيس خط لکي مقالي شايع ٿيڻ جي لاءِ پنهنجي دلي خواهش جو اظهار ڪندو هو. راشدي صاحب کان علاوه سائين حامد علي کي علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي سرپرستيءَ ۾ "ساهتي جا قديم علمي مرڪز" جي عنوان سان تحقيقي مقالو لکي ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪيائين. سائين حامد علي سنڌ جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي دنيا ۾ هڪ منفرد ۽ خاموش طبع شخصيت جو مالڪ هو. ذاتي طور تي نه شهرت جي تمنا ڪيائين ۽ نه وري ڪو حلقو ناهي، ماڻهن ۾ پنهنجي قصيده گوئي کي پسند ڪيائين. 1955ع کان پنهنجي وڏڙن جي علمي ورثي کي اڳتي وڌائيندي، نهايت خاموشيءَ سان پنهنجي محنت، مطالعي ۽ قدرت طرفان عطا ڪيل خداداد صلاحيتن کي استعمال ڪندي، علم، ادب ۽ تحقيق جي ميدان ۾ پير پاتائين. تاريخ و ثقافت، تمدن و آثار قديم، سنڌ جي قديم علمي ماڳن ۽ مڪانن ۾ جنم وٺندڙ صوفي بزرگن ۽ تعليمي ماهرن جي سوانح حيات ۽ علمي ڪارنامن تي تحقيقي ۽ ضخيم مقالا لکي، پنهنجو نالو علم وادب ۽ تحقيق جي محسنن ۾ نمايان ۽ روشن ڪيائين. تحقيقي لحاظ کان سائين حامد علي جي تصنيفات ۽ لکيل مقالن جو جائزو وٺجي ٿو، ته ائين محسوس ٿئي ٿو ته پاڻ موضوع جي مناسبت سان واسطو رکندڙ هر پهلوءَ تي علمي ۽ تحقيقي انداز ۾ روشني وڌي اٿائين ۽ هر زاويي کان ان جو اپياس ڪري، ان کي قلمبند ڪيو اٿائين، سنڌس ٻوليءَ ۾ رواني ۽ شستگي نمايان نظر اچي ٿي. سائين حامد علي جي لکيتن ۾ سڀ کان وڌيڪ نمايان ڳالهه جيڪا نظر اچي ٿي، سا اها آهي ته پاڻ پنهنجي مقالن جي اهميت ۽ افاديت کي وڌيڪ مؤثر ۽ جاندار بڻائڻ لاءِ اڪثر ڪري ضروري معلومات، وضاحتي حاشياءِ فوٽ نوٽ ڏنا آهن، ته جيئن پڙهندڙن جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي. اسان جي راءِ آهي، ته سيد حسام الدين راشديءَ کان پوءِ تحقيق ۽ توضيح جو اهو انداز سائين حامد علي جي مقالن ۾ جابجا نظر اچي ٿو. سندن هر مقالو تحقيق جي اصولن تي هر لحاظ کان پورو نهڪي اچي ٿو. سائين جي تحرير ڪيل مقالن ۾ جيڪي حوالا ڏنا آهن، تن تي نظر ڦيرائڻ سان سندن وسيع مطالعي جو پتو پوي ٿو. ايتريقدر جو جيڪڏهن ڪنهن کان هڪ سٽ جيتري معلومات حاصل ڪئي اٿائين، ته ان جي حوالي ڏيڻ ۾ ڪوبه عار محسوس نه ڪيو اٿائين. انهيءَ محققانه انداز جي ڪري سائين حامد علي خانائيءَ جو شمار سنڌي علم و ادب جي بلند مرتبه عالمن ۾ ٿئي ٿو. اسان هيٺ سندن تحقيقي مقالن جي فهرست ڏيون ٿا، جيڪي ادبي رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن:

(1) منصوره - ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، مارچ 1961ع
(2) سرمد شهيد - روزنامه "عبرت" حيدرآباد، 10 مؤرخ جولاءِ 1961ع
(3) علم طب جي تواريخ - روزنامه "عبرت" حيدرآباد، مؤرخ 11 ۽ 12 آگسٽ 1961ع
(4) سنڌي ادب ۾ ڊراما - روزنامه "مهراڻ"، حيدرآباد 5 جنوري 1962ع
(5) حُسن ۽ فن - روزنامه "عبرت" حيدرآباد - مؤرخ 7 مئي 1962ع
(6) سنڌي نثر جي تواريخ - روزنامه "عبرت" حيدرآباد - مؤرخ 16 ۽ 17 جولاءِ 1962ع
(7) حاجي مهر علي خواجا - ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، آگسٽ 1962ع
(8) خواجه حسن نظام الملڪ طوسي- روزنامه "عبرت" حيدرآباد، 19 نومبر 1962ع
(9) سلميءَ جا سلوڪ - ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، اپريل 1965ع
(10) ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي نثر - ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، آگسٽ 1966ع
(11) ڊاڪٽر دائودپوٽي جي نثر نويسي ۽ اسلوب بيان ماهوار "اديون" ڪراچي، جنوري 1967ع
(12) ڪلهوڙن جي دور جي هڪ ناياب تصنيف- ٽماهي "الرحيم" حيدرآباد. نمبر 1، 1968ع

(13) مولانا قاضي نظر محمد ديهاتي - ايضاً
(14) شاهه عبدالعزيز محمد دهلويءَ جي هڪ ناياب تصنيف - ٽماهي الرحيم حيدرآباد - 2 - 1968ع
(15) قاضي ميان محمد خان واهڻ وارو - ايضاً.
(6) خطاطيءَ جو فن ۽ سنڌ - ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، اپريل 1968ع
(17) ساهتيءَ جا قديم درسگاهه - ماهوار "اخبار تعليم" حيدرآباد، اپريل 1968ع
(18) ڪوٽڙي ڪبير - ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد نمبر - 1، 1968ع
(19) مرزا غازي بيگ ترخان - ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، مارچ 1969ع
(20) مولوي عبدالرحمان جو سنڌي نورنامون- ماهوار ڪراچي - جون 1970ع
(21) سنڌ جي تواريخ جا ماخذ - ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي —ڊسمبر، 1970ع
(22) هالاڻي- ڀلاڻي- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد- نمبر 1 - 2، سال 1970ع
(23) اسلام ۾ عالمن جا لقب ۽ خطاب- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر 3 — 1970ع
(24) در ٻيلو —ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر 4، سال 1970ع
(25) مولوي محمد حسين جي سنڌي - ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، مئي - جون، 1971ع
(26) سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ - ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد نمبر 1 - سال 1971ع
(27) ڪوٽڙي ڪبير جا قديم درسگاهه- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد نمبر 2 سال 1971ع
(28)- ڄام نظام الدين سمون ۽ مهدوي تحريڪ - ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر، 3، سال 1971ع
(29) سنڌي نثر جا ابتدائي اهڃاڻ - ٽماهي "مهراڻ حيدرآباد، نمبر - 4، سال 1971ع
(30) محمد بن قاسم جو آخري انجام- ماهوار "الرحيم" حيدرآباد، اپريل 1972ع
(31) مخدوم آدم نقشبندي - ماهوار "الرحيم" حيدرآباد، فيبروري 1972ع
(32) ممڻ شريف جا درويش پوٽا - ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 2، سال 1972ع
(33) خانواهڻ — ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر - 4، سال 1973ع
(34) سنڌ جي سومرا قوم - ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر - 1، سال 1974ع
(35) ادب ۽ ان جي تواريخي حيثيت- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 3،4، سال 1974ع
(36) مخدوم محمد عاقل سنڌي- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 1، سال 1975ع
(37) سنڌي شاعريءَ تي هندي شاعريءَ جو اثر- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 2،3، سال 1975ع
(38) احمد ابوالعلاء المعري- ماهوار "الرحيم" حيدرآباد، سيپٽمبر- آڪٽوبر 1976ع
(39) شاهوار چاڪر ۾ ٽالپرن جا قبا- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 1،2، سال 1976ع
(40) مولانا غلام محمد گرامي- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 4 ، سال 1976ع
(41)قائداعظم ۽ پاڪستان- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 3، سال 1976ع
(42) سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ سنڌ جا قديم درسگاهه، ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، جون- جولاءِ سال 1977ع
(43) چاچڪ- ماهوار "الرحيم" حيدرآباد، آگسٽ- سيپٽمبر 1977ع
(44) مخدوم محمد جعفر بوبڪاني- ماهوارا "الرحيم" حيدرآباد، آگسٽ - سيپٽمبر 1977ع
(45) ساهتيءَ جا ستارا- ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، جنوري 1978ع

(81) شيخ هوتي لاکو- ماهوار "نئين زندگي" حيدرآباد، اپريل 1986ع

(82) ساهتي پرڳڻي ۾ شاهه لطيف" جا همعصر- ماهوار "لطيف ڊائجسٽ" ڪراچي، مئي 1986ع

(83) ميان نور محمد ڪلهوڙي جا قبا- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 1، 1986ع

(84) تحقيق جو فن- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 2، 1986ع

(85) مير الله عرف مير متارو- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 3، 1986ع

(86) مدرسه هاءِ اسڪول نوشهروفيروز- ماهوارا "الرحيم" حيدرآباد، مئي- جون 1987ع

(87) سنڌي موزون شاعريءَ جا نوان موڙ- ماهوار "پيغام" ڪراچي، جولاءِ- آگسٽ 1987ع

(88) هالاڻيءَ جو جنگي معرڪو- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 1، 1987ع

(89) سنڌ جو شاهنامو- ادبي جائزو- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 2، 1987ع

(90) سلطان الاولياء خواجه محمد زمان جي ڪلام ۾ محبت الاهيءَ جو عنصر- ٽماهي "مهراڻ" نمبر-3، 1987ع

(91) سيد عبدالقادر ٺٽوي/ نصرپوري- ماهوار "نئين زندگي" حيدرآباد،فيبروري، 1988ع

(92) مجازي شاعريءَ ۾ بيدل سائينءَ جو مقام- ماهوار "پيغام" ڪراچي، جون 1988ع

(93) خانقاهه جو سنڌ جي تواريخ ۾ ڪردار- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 3، 1988ع

(94) شهنشاهه اڪبر ۽ دين الاهي- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 2، 1990ع

(95) سنڌ جو دارالمصنفين- سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 3،2، 1991ع

(96) خليفي ميان محمد ٺٽويءَ جي سنڌي- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 3،2، 1991ع

(97) سنڌ جي تاريخ جا ماخذ- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 1، 1995ع

(98) ميان شاهل محمد ڪلهوڙو ۽ بکر جا نواب- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 2، 1995ع

(99) جنگنامه منظوم فارسي سن 1114ھ/ 1702ع ۾ بختاور خان جي بغاوت ۽ ان جو انجام- ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد نمبر- 3، 1995ع

(100) مير معصوم بکريءَ جو اولاد ۽ آثار- وڌيڪ تحقيق جي روشنيءَ ۾ - ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد، نمبر- 1، 1996ع

سائين حامد علي قريشي مٿيون سمورو علمي، ادبي ۽ تحقيقي پورهيو بغير ڪنهن لالچ، لوڀ ۽ سرڪاري سرپرستيءَ جي، انتهائي خاموشيءَ سان سرانجام ڏنو. الله تعاليٰ کيس اعليٰ صفتن سان نوازيو هو. سال 1977ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه ۾ تعليم دوران سائين جي شاگرديءَ جو شرف حاصل رهيو. 1986 ۾ گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه ۾ عمر ڪوٽ ڪاليج مان بدلي ٿي آيس ته سائين جي ڪوارٽر جي پر سان مرحوم عبدالله مگسيءَ سان رهائش ملي، ته صبح ۽ شام سائين سان ويجهڙائپ جو موقعو مليو ۽ آهستي آهستي اهو رشتو سائين جي وفات تائين قبر جي لحد ۾ پهچائڻ تائين، قائم رهيو. سائين جي هڪ اعليٰ ۽ اُتم خوبي اها هئي ته پاڻ علم جي فيض کي عام ڪرڻ ۾ وڏو سخي هو، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو ڪهي وٽس ايندا هئا. سائين وڏي فراخدليءَ سان سندن رهنمائي ڪندو هو. ان لحاظ کان سائين قريشي صاحب هڪ انجمن ۽ ادارو هو. منهنجو استاد ۽ محسن هو. سندن وڇوڙو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي دنيا لاءِ هڪ وڏو سانحو آهي.

◙

سندن طبيعت ۾ نہ ڪو ڏيکاءُ ۽ نہ وري ڪا وڏائي نظر آئي. ساڻن منهنجي اِها پهرئين ۽ آخري ملاقات هئي، اُن بعد وري ساڻن راقم جي ٻي ڪا بہ ملاقات نہ ٿي سگهي. اُن بعد جڏهن بہ هِن جي ويجهي ۽ پياري ساٿي بشير احمد هيسباڻي صاحب سان ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿيندي هئي يا ساڻن ٽيليفون تي گفتگو ٿيندي هئي تہ راقم ٻئي حال احوال سان گڏ ڪانئن خانائي صاحب جي خيريت جو بہ پُڇندو رهندو هو. ايتري تائين جو تاريخ 15 مارچ 2010ع تي ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب راقم کي فون تي اطلاع ڪيو تہ اڄ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي صاحب ڊگهي عرصي بيمار رهڻ ڪانپوءِ وفات ڪري ويا آهن.“ فون تي اِهو ٻڌي منهنجي دِل کي تمام گهڻو ڏک ٿيو. چند گهڙيون صفا سوچڻ ۾ پئجي ويس. ساڻن ٿيل اُها هڪ مختصر ملاقات اکين اڳيان ڦرڻ لڳي ۽ مان سندن يادن ۽ لکڻين تي سوچڻ ۾ گم ٿي ويس.

ٻئي ڏينهن تي اِها دکدائڪ خبر اخبار ۾ بہ پڑهيم، ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ دلي صدمو رسيو، ڇاڪاڻ تہ اڄ اسان کان سنڌ جو هڪ نامور محقق ۽ مؤرخ وڇڙي ويو هو. سندن وفات جي ٻئين يا ٽئين ڏينهن تي مون سندس ويجهي ساٿي بشير احمد هيسباڻيءَ سان تعزيت ڪئي ۽ ڏک جو اظهار بہ ڪيو.

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، سنڌ جي ادب، سوانح، تاريخ، تهذيب، تمدن ۽ آثار قديمہ وغيره جي موضوعن تي سوين مقالا لکيا آهن. سندن تحقيق جو انداز بہ نرالو هو، ڪنهن بہ موضوع تي لکڻ مهل، اُن جو ڪو بہ پهلو پاڙو نہ ڇڏيندا هئا، حتيٰ الامڪان سندن ڪوشش اِها هوندي هئي تہ موضوع سان واسطو رکندڙ تقريباً سمورا ماخذ هٿ ڪري، انهن جو مطالعو ڪري، پوءِ سمورو مواد انهيءَ ۾ شامل ڪندا هئا تہ جيئن سندن تحقيقي مقالي ۾ ڪا بہ ڪمي نہ رهجي وڃي. سندس ڪيل تحقيق سنڌ جي هڪ ٻئي هاڪاري عالم ۽ مؤرخ سيد حسام الدين راشديءَ جي تحقيق جون سڪون لاهيندي هئي. سندن لکيل مضمون ۽ مقالا پنهنجي جاءِ تي وڏي اهميت ۽ افاديت جا حامل آهن. ڪيس سنڌي زبان سان گڏ فارسي زبان تي بہ تمام گهڻو عبور حاصل هئي. انهيءَ ڪري سنڌي ڪتابن ڪان سواءِ چند فارسي ڪتاب بہ ايڊٽ ڪيا اٿن. سندن تحقيقي مقالن ۾ سنڌي ماخذات سان گڏ فارسي ماخذات جي بہ ڀرپور نشاندهي نظر ايندي.

خانائي صاحب کي مطالعي سان حد درجي جو عشق هو، ڪين پنهنجي هڪ عاليشان لائبريري بہ هئڻ. جنهن ۾ هزارين ناياب ڇپيل ڪتابن سان گڏ مختلف موضوعن تي، خاص طور سنڌ جي ادب ۽ تاريخ متعلق ڪيترائي ناياب قلمي نسخا پڻ موجود هئا. سندن مطالعي ۽ تحقيقي شوق کي ڏسي روهڙي جي هڪ علمي ادبي گهراڻي سان تعلق رکندڙ هڪ نوجوان سيد عبدالحسين شاهہ موسوي (ثاني) بہ کين ڪيترائي ناياب قلمي نسخا آڻي ڏنا. اسان جي علمي ادبي ادارن کي گهرجي تہ ڊاڪٽر خانائي صاحب جي انهيءَ ذاتي لائبريريءَ ۾ موجود انهن ناياب قلمي نسخن جو هڪ تفصيلي ڪئٽلاگ تيار ڪرائي شايع ڪرائين، تہ جيئن تحقيق ڪندڙ انهن ناياب قلمي ماخذن کان واقف ٿي سگهن.

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، پنهنجي سموري زندگي سنڌ متعلق ٿي مختلف موضوعن تي تحقيق ڪندو رهيو ۽ لکندو رهيو. هِن پنهنجي اکين جو نور نچوئي ڪيترن ئي تحقيقي مقالن ۽ مضمونن کان علاوه مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ايڊٽ ڪيا.

## ڇپيل ڪتاب

1. ”ضلعو نوابشاهہ تاريخي شهر ۽ شخصيتون“،

حيدرآباد خانہ فرهنگ ايران ۾ مون پنهنجي پي ايڇ.ڊي جو عنوان فارسي سان ڳنڍيل هجڻ ڪري داخلا ورتي ۽ سرفراز بہ ماخذن جي ڪري فارسي سکڻ لاءِ داخلا ورتي. اسان ٻنهي کي ڏسي اسان جي مشترڪ دوست غلام قادر بہ اچي داخلا ورتي. هيءُ 1971ع جو زمانو هو، غلام قادر بجاءِ اصل فارسي تلفظ ڪيڻ جي لفظن کي سنڌي انداز ۾ اُچاريندو هو. سرفراز هوئنئن ڪيس چرچن ۾ "ڏياريءَ جو مشڪرو" سڏيندو هو. هو ڪيس چوندو هو تہ "پرويز بلاتختا و ميخ ميز ساخت" نہ چئبو. بلڪ چئبو تہ "پرويز با تختہ و ميخ ميز ساخت" غلام قادر آخر تائين سنڌي اُچارن ۾ اڙيو رهيو. چوندو هو تہ مڙئي اوهان جو سات ڏيڻو آهي. پي ايڇ.ڊي ڪونہ ڪرڻي اٿم! غلام قادر جدا ٿي ويو، اڄ سرفراز بہ جدا ٿي ويو.

سرفراز پوءِ ايران بہ ويو ۽ سندس فارسي گفتگو جو انداز نج ايراني ٿي ويو. هن پي ايڇ.ڊي هتي ئي ڊاڪٽر هاليپوٽي صاحب جي رهنمائيءَ ۾ ڪئي (نہ ايران ۾) اُتي زبانداني‌ءَ ۾ بهتر ٿيو ۽ ٿيسز جو جيئن عنوان هو، انگريزيءَ ۾ ئي لکيائين، سندس پي ايڇ.ڊي جي رزلٽ جو مون کي سن سال ياد ڪونہ ٿو پوي پر اندازو آهي تہ 1975ع ۾ مون سان گڏ يا ٿورو اڳ پوءِ سندس رزلٽ آئي.

ٿيسز ۽ هڪ ٻئي ڪتاب جي ڇپجڻ جي سلسلي ۾ ساڻس بي انصافيون ٿيون، ان جو ڪيس يقيناً احساس هوندو پر مون کي هميشہ لاءِ افسوس رهيو. ادبي ادارن جي بي حسي ۽ بيپرواهيءَ تي جيترو افسوس ڪجي اوترو گهٽ آهي. سندس ٿيسز هڪ ادبي اداري کي اشاعت لاءِ ڏني وئي. اُها هڪ ميمبر کي راءِ ڏيڻ لاءِ ڏني وئي. اُها راءِ هو ليکڪ جي وفات تائين نہ ڏئي سگهيو. هو اٽڪل ست اٺ سال اڳ گذاري ويو ۽ ٿيسز جو مسودو بہ ليکڪ جي ڪوشش جي باوجود واپس نہ مليو. اُن لاءِ اُن ماهر ميمبر جو اهو رايو هو تہ ڪجهہ تبديليون ڪجن ۽ ماهر ميمبر جي اُن داتا هڪ ٻئي ميمبر جو نالو بہ ڪتاب تي ڇپجي. مزو وري هيءُ هو تہ انهن ٻنهي ميمبرن کي انگريزيءَ جي بہ قابليت نہ هئي.

تفوبر تو اي چرخ گردون!

ٻيو ڪتاب سمن جي دؤر تي هو، اُهو بہ سرفراز نهايت گهڻي محنت ۽ دلچسپيءَ سان لکيو هو. اُهو بہ هڪ ادبي اداري کي اشاعت لاءِ ڏنائين. هيءُ ڪتاب بہ ائين ئي رهجي ويو. بيقدريءَ جا هي بہ مثال ڊاڪٽر سرفراز پنيءَ جي حصي ۾ آيا. هو انهن ڳالهين جي ڪا گهڻي شڪايت نہ ڪندو هو. هن بيقدريءَ سندس ڌيان پڙهائڻ ڏانهن وڌيڪ ڪيو. هُن پڙهائڻ جي سلسلي ۾ گهڻي محنت ڪئي. سرفراز جي تدريس جو عمل ڪنهن دستوري استاد وارو نہ رهيو، بلڪ هڪ عالم استاد وانگر پنهنجا فرض پورا ڪيائين. ڊاڪٽر سرفراز جو مطالعو وڏنڌڙ هو. گهربل ڪتاب خريد ڪندو هو ۽ دوستن سان اُن ڪتاب جي مواد بابت گفتگو ڪندو هو. پنهنجي راءِ کي هرڪو اهميت ڏيندو آهي، پر ڊاڪٽر سرفراز دوستن جي راءِ کي ڌيان سان ٻڌندو هو ۽ قدر ڪندو هو. مون کي پنهنجو تجربو آهي تہ مون ڪان راءِ وٺندو هو. ڪنهن قبول ڪندو هو تہ ڪنهن رد ڪندي دليل بہ ڏيندو هو. هن کي اها تہ خبر هئي تہ آءٌ سنڌي زبان ۽ ادب جو شاگرد هوس تہ بہ تاريخ ۽ اسلاميات، تهذيب ۽ ثقافت جا موضوع بحث هيٺ آڻيندو هو ۽ منهنجي راءِ کي ڌيان سان ٻڌندو هو. ڊاڪٽر سرفراز جو مطالعو پنهنجي ايم.اي ۽ پي ايڇ.ڊي جي موضوع سان گڏ تاريخ ۾ گهڻو هو، اُهو قديم تهذيبن ڪان شروع ٿيندو هو ۽ اسلامي تاريخ ۾ نبوي دؤر، خلافت راشده، اُمير ۽ عباس خليفن ۽ هيڏانهن برصغير هندوپاڪ ۽ ايشيائي مملڪتن ازبڪستان ۽ تاجڪستان وغيره جي تاريخ ۽ تمدن ڪان واقف هو. سوويت يونين ٽٽڻ جي ڳالهہ مون پهرين سرفراز ڪان ٻڌي. مون اُن کي ڪميونزم جي خلاف چاتو ۽ ٻي راءِ ڏني هئم، چين ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ڪري منهنجو اهو خيال هو.

اِن کي چئبو آهي هڪ اسڪالر جي وسيع نظر، اِهو مطالعو هو، جيڪو اِن موضوع منهنجن همعصرن ۽ شاگردن ۾ بہ سٺا استاد آهن، منهنجن همعصرن ۾ هڪڙو ٻيو بہ استاد ڊاڪٽر نجم الاسلام (اردو) هو جيڪو هڪ يگانو عالم بہ هو. منهنجو دوست ۽ مهربان بہ هو. ڊاڪٽر سرفراز جيئن عرض ڪيم تہ هڪ عالم، استاد ۽ دوست هجڻ سان گڏ هڪ پيارو انسان بہ هو. مون کي فخر حاصل آهي تہ پاڻ ۽ محترم مظهرالحق صديقيءَ مون کي سدائين پنهنجو چاتو ۽ مون ڪنهن بہ ڪو ويڇو محسوس نہ ڪيو. اهڙي دوست جو وڇوڙو بہ رت رئاري ٿو. سندس ساٿ جون ڪيتريون ڳالهيون ياد پون ٿيون. قلم کي لکڻ جي طاقت نہ آهي. خدا مٿس رحمت ڪري (آمين)



ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

تاثر

# هي شخص سنڌ ۾ مثال پنهنجو پاڻ هو

موت سان ملاقي ٿيڻ کان هڪ ٻه ڏينهن اڳ آفيس آيا ته ڪچهري ٿي. نه سندن گفتگوءَ مان ڪو گمان ٿيو ۽ نه هلڻ چلڻ ۾ ئي شڪ پيو ته ويراڳي وڃڻ وارا آهن. معمول موجب ڳالهيون ٻولهيون ٿيون، چانهه نوش فرمايائون ۽ سگريٽ ٻه ڇڪيائون. آفيس ۾ شاگردن کي ايندو ڏسي، اٿي هلڻ جي ڪيائون. مون کيس ويهڻ جو زور ڀريو ته چيائون: "ڊاڪٽر ثناءالله صاحب سان ملي ٿو اچان، تيستائين تون ٻه واندو ٿي ويندين." مون چيو: "سائين شاگردن جو وقت قيمتي آهي، امتحانن ۾ رڌل آهن، جلدي فارغ ٿو ڪريان."

بهرحال ويا ته وري نه موٽيا! آءٌ ٻه پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ مگن ۽ محو ٿي ويس. 15- جون 2010ع تي اڳاري جي ڏينهن مهراڻ ٽي.وي چئنل جي اسٽوڊيو ۾ پروگرام رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ وڃڻ وارا هئاسين ته اچانڪ محترم ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب کي ڊاڪٽر ثناءالله ڀٽي جو فون آيو، جنهن کيس ٻڌايو ته، "ڊاڪٽر سرفراز احمد ڀٽي اڄ ٽين وڳي ڪراچيءَ ۾ انتقال ڪري ويو آهي، رات 9 وڳي سندس جنازي نماز کان پوءِ وصيت مطابق باغ حسين ۾ کيس دفنايو ويندو."

سائين قاضي صاحب جي واتان جڏهن مون ٻڌو ته متيون ئي مُنجهي ويون.

> ڪاجا پر پرين، نه سا سُئي نه ٻڌي،
> متيون سڀ مُنجهن، اهڙي ڏٺي قضيي.
> (شاهه)

وفات وقت سندن ڄمار چوهتر ورهيه، چار مهينا ۽ ڏهه ڏينهن هئي. عمر جي اثر ۽ پيريءَ سبب ڪمزوري ته لازم ملزوم هئي، مگر همت ۽ حوصلو سلامت هئا، جنهنڪري پنهنجي هلنديءَ هلڻ جي اصول تي اٽل رهي، گرميءَ توڙي سرديءَ ۾ يا مينهن ۽ واءُ ۾ ٻه يونيورسٽيءَ پيا ايندا هئا. فرض شناسي ۽ فرض ادائگيءَ ۾ ڪڏهن ٻه ڪوتاهي نه ڪيائون. جيڏا باصلاحيت انسان هئا، تيڏائي نهٺا ۽ نماڻا. هرهڪ موضوع تي ڪمال جي ڄاڻ هئڻ باوجود ٻه نه ڪڏهن پاڻ پڌرايائون ۽ نه وري عالم اديب سڏايائون. ڪڏهن سندن ذاتي ۽ شخصي معلومات لاءِ ڪجهه پڇيو هو ته ڳالهه کي بدلائي ڇڏڻ جا جتن ڪندا هئا. مئي مهيني ۾ روز مس ڪري ڪانئس ٻين ڳالهين جي ضمن ۾ ڪجهه سوالن جا جواب وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيس. جنهن مان معلوم ٿيو ته پاڻ اصل گمبٽ ضلعي خيرپورميرس جي ڳوٺ "شاهه جي تڪيي" جو رهواسي هو. اتي ئي 5- فيبروري 1936ع مطابق 11 ذوالقعد 1354هه اربع تي لعل بخش ڀٽي جي گهر تولد ٿيا. پرائمري تعليم گمبٽ مان حاصل ڪري، 1952ع ۾ مراد هاءِ اسڪول خيرپور مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون. انٽر ۽ بي.اي جا امتحان سنڌي ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪري، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم.اي ۽ پي ايڇ.ڊي ڪيائون. پاڻ ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي صاحب جي رهنمائيءَ ۾ Religious Movement in Sindh in the Pre-Akbar Time جي عنوان هيٺ تحقيقي مقالو پيش ڪري سن، 1975ع ۾

سنڌ يونيورسٽي مان اعليٰ سند (پي ايچ.ڊي) حاصل ڪيائون. سن 1962ع ۾ سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد ۾ تقابل اديان ۽ اسلامي ڪلچر جا ليڪچرر مقرر ٿيا. ان کان اڳ ساڳئي ڪاليج ۾ آفيس سپرنٽينڊنٽ هئا. پڙهڻ پڙهائڻ سندن مرغوب مشغلو هو ۽ آخر تائين سنڌ يونيورسٽي ۾ وزيٽنگ پروفيسر رهيا.

سن 1958ع کان علمي، ادبي ذوق سبب لکڻ جي شروعات ڪيائون ۽ نثر سان گڏ نظم تي پڻ طبع آزمائي ڪيائون. شعر شاعريءَ ۾ تخلص "راز" ڪتب آڻيندا هئا. تاريخ، ادب، آثار قديم ۽ فلسفي کان سواءِ مذهبن جو تقابلي مطالعو ته سندس خاص مضمون ۽ موضوع هو، جنهن ۾ گهٽي ۽ گهري ڄاڻ هئن، هرهڪ تي ابتدا ۽ ارتقا ۽ تهذيب توڙي تمدن تي اثر، وڻج واپار، آمد و رفت ۽ علمي ڦهلاءَ جڻ اکين پسيا هئائون. ان ذوق جي ڪارڻ ئي ايران، شيراز، مصر، فرانس، تخت جمشيد، پاساگاد، شوش، عراق ۽ حجاز (مدائن صالح) ويا، مطلب ته انهن جي تاريخ ۽ تهذيب جو عيني مشاهدو پڻ ماڻيو هئائين. انهن سڀني مذهبن ۽ تهذيبن جي تاريخ تي نه فقط سنڌيءَ سڳوريءَ ۾ لکيل ۽ ڇپيل ڪتاب پڙهيائون، پر اردو، انگريزي ۽ فارسي ٻولين ۾ به انهن جو خوب مطالعو ڪيائون. انهن ئي ٻولين ۾ نه رڳو لفظي ڄاڻ تائين قناعت ڪيائون، پر انهن جي لساني لطف ۽ سماجي لهجن جي به لست ورتائون، جڏهن به ڪو فارسيءَ ۾ شعر، ڪا حڪايت ۽ روايت بيان ڪندا هئا، تڏهن ائين محسوس ٿيندو هو ته ڄڻ ڪو حافظ يا سعدي، عرفي يا رومي پيو گوهر افشاني ڪري. ان مهل ته لطف ٽهائين دوبالا ٿي ويندو هو، جنهن مهل ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر سرفراز احمد پٽي، ٻئي گهرا يار ۽ محبتي منٺار فارسيءَ ۾ گفتگو ڪندا هئا. حقيقت ۾ فارسي ڪلام جو مزو به فارسيءَ واري اصل لب لهجي ۾ آهي.

همیخواهم ڪه ازيادت، نباشم يڪ نفس غافل،
بذکر و فکر خود پرداز پنهان و عيانم را.

تحقيق ۽ تجسس ۾ پاڻ ان جي علمي روايتن جي پابندي ۽ پيروي ڪرڻ تي ڪاربند رهندا آيا. جيستائين اصل ماخذن جو مطالعو نه ڪندا، تيستائين ثانوي سورس موجب ڪنهن به بيان يا روايت تي يقين نه ڪندا. چوندا هئا ته پوءِ ريسرچ جو مفهوم ته فوت ٿي ويو، باقي بچيو ڇا؟"

سندس فني ۽ فڪري پختگيءَ سبب لکيل مقالن کي بيشڪ مستند حيثيت حاصل آهي. اهڙيءَ طرح پاڻ جن به ڪانفرنسن ۾ مقالا پڙهيائون، تن کي وڏي مڃتا ملي. سن 1975ع ۾ "بين الاقوامي ڪانفرنس سنڌ صدين کان" ۾ "مهدوي تحريڪ"، ساڳئي سال "بين الاقوامي ڪانفرنس سنڌ يونيورسٽي" ۾ "سنڌ ۾ ارغون دور ۾ ثقافت ۽ تعليم" سن 1976ع ۾ "بين الاقوامي ڪانفرنس پشاور" ۾ "سلاطين سنڌ ۽ خاندان جا تعليمي تعلقات"، "بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس 1988ع سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽيءَ"، "سنڌ ۾ اسماعيلي خاندان"، لاڙ ڪانفرنس: "لاڙ جون ڪي مشهور قومون جت ۽ ميد عربن جي نظر ۾"، لاڙ ڪانفرنس: "سوراشٽر تهذيب جا آثار بدين ضلعي ۾" قابل ذڪر آهن.

ڊاڪٽر سرفراز احمد پٽي سنڌ جا اهي اهلِ علم دورانديش ۽ درويش انسان هئا، جن کي تاريخ جي هر دور ۽ هر پهلوءَ تي گهٽو ۽ گهرو مطالعو هو. مطالعي جي ان وسعت ۽ اثر سبب گنڀير ۽ ڪم گو مزاج رهندا آيا. ڪج بحثي، هل هنگامي يا ضد ڪري پنهنجي ڳالهه مڃائڻ يا قابليت جتائي مداح پيدا ڪرڻ کان گهٽو پري هئا. اهل ذوق جا قدردان هئا. ڪڏهن ڪنهن تاريخ جي موضوع تي گفتگو ٿيندو هو ته گهرج مطابق حيرتناڪ واقعا ۽ حوالا پيش ڪري ڄاڻ ۾ واڌارو آڻيندا هئا. "المسالک الممالک"، "اخبار الاخيار"، "فتوح البلدان"، "معجم البلدان"، "تاريخ فرشته"، "مقدمه ابن خلدون"، "خوان الاخوان"، "رجال السند و هند" ۽ "الملاح الذي يلي الشراع" جهڙن اهم ماخذن کانسواءِ انسائيڪلوپيڊيا ۽ قاموس جي لاتعداد قسمن ۽ جلدن مان واقعا، سندون ۽ معنائون ٻڌائي باخبر ڪندا هئا. فارسي شاعري جو مطالعو، اردو شعر جي اپياس ۽ سنڌي شاعرن جي بلند پروازي ۽ گهرائيءَ جو تقابلي

الائجي کهڙو هو، پر اهو پروگرام به ماڪا صاحب پاران "ساوڪ سنگيت شو" جي نالي سان حيدرآباد جي "هل ٽاپ سئنيما" جي هال ۾ ٿي رهيو هو ۽ جنهن وقت آءٌ بيدل مسرور سان هال ۾ داخل ٿيو هئس، استاد منظور علي خان ان وقت سر مُڪائي، هي ڪلام ڳائي، پُڄاڻيءَ تائين پهچائي رهيو هو.

عمر ديس پنهنجو وسارڻ ڏکيو آ.

ريڊيو ۾ منهنجي استاد محترم ۽ جانِ جگر دوست، مرحوم انور بلوچ هڪڙي پيري ٻڌايو هئم، 1980ع ڌاري، استاد منظور علي خان منجهند ڌاري ٽڪڙو ٽڪڙو ريڊيو تي آيو هو. سُهيَل سنيريل، ڌوتل پوتل، چپن تي تازي ڪاڏل پان جي لالاڻ، بدن تي اڇو پهراڻ اترادي شڪارپوري لهجي ۾، بيٺي بيٺي چيائين: ٽڪڙو آهيان، ڪنهن شاديءَ ۾ ٽاٽي بولا خان پيو وڃان. طبلہ نواز نذير خان جي ٻانهن ڏيوم ته ساڻ وٺي وڃانس. نکو استاد!

انور بلوچ ٻڌايو هئم، نابري واريندي، حجت مان چيومانس، استاد بنا شرط جي، نذير خان، اڄ ته صفا ئي ڪونہ ڏيو!!

چيائين: پوءِ ڏي شرط!

وراڻيومانس: ويندي ويندي ڪو ڪلام رڪارڊ ڪرائيندا وڃو ۽ نذير خان کي خوشي خوشي ساڻ وٺي هليا وڃو. ۽ انور بلوچ صاحب ٻڌايم، دير ئي ڪانہ ٿي، سازندا گڏ ٿي ويا. استاد منظور علي خان هارمونيم تي آڱريون رکيون، مون 'ٽيپ' هلائي ۽ راڳ 'ڪوشڪ ڌنيءَ' ۾ سندس آواز ۾ هيءُ ڪلام رڪارڊ ٿيڻ شروع ٿي ويو:

دلڙي هٽن مان اوچتو،
دلدار منهنجي ويو کسي.

...ڪٿي پڙهيو هوم، ماسٽر چندر، جنهن ڏينهن نوشهري فيروز مان، بمبئي وڃڻ لاءِ لڏيو پئي، پاڻيءَ واري جهاز ۾. هُن جي چپن تي هي ٻول هئا:

هَئہ هَئہ منهنجا اباڻا،
هَئہ هَئہ منهنجا اباڻا.

۽ بمبئي بندر تي جنهن وقت وڃي لٿو هو، تڏهن چون ٿا، اتي جهاز مان لهڻ سان جهونگاريو هئائين:

دل آهي هٽن ۾، ٿو خريدار کي ڳوليان.

عجب اتفاق، 'دل' جي موضوع تي ڪلام ڳائڻ، اسان جي هن استاد منظور علي خان کي به ڪو ڏاڍو وڻندو هو، ۽ پاڻيان ٿو تہ وصال کان پهرين پاڻ جيڪو آخري ڪلام پنهنجي پرسوز آواز ۾ رڪارڊ ڪرايو هو، اهو به اهوئي دل جي موضوع وارو هو:

دلڙي هٽن مان اوچتو،
دلدار، منهنجي ويو کسي.

مرحوم انور بلوچ صاحب ٻڌايو هئم، نائين سيپٽمبر تي شام جو جنهن وقت استاد منظور علي خان جي پنهنجي ٽنڊي آدم واري 'ميوزڪ يونيورسٽي' مان ڏولي ڪنڌي پئي وئي، تڏهن هيڏانهن اسان ريڊيو حيدرآباد تان اِهوئي ڪلام نشر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ ٽنڊي آدم جي مٽيءَ ۾ سپردِ خاڪ ٿيندڙ، هيءُ استاد منظور علي خان سنڌ ۾ گواليار گهراڻي جي تعلق سان موسيقيءَ جو محض هڪڙو اسڪول نہ يونيورسٽي هو، هڪ پورو سمنڊ يا سمونڊ جي وچو وچ بيٺل، لائٽ هائوس، موسيقيءَ جي سمونڊ ۾ ٻيڪي ويندڙن لاءِ روشنيءَ جو هڪ بلند و بالا مينار! ۽ رڳو استاد منظور علي خان ئي ڇا؟ استاد محمد جمن، فدا حسين خان، الهه ڏنو نوناري به سنڌي موسيقيءَ جا مائيل اسٽون هئا. سنڌ ۾ ڪانئن اڳ... سنڌ جا راڳي 'هئپ زردِ' ڳائيندا هئا. 'شُد' سنڌي راڳ ڇا آهي؟ ۽ ان جو نصاب... ڳائڻ جو انداز... انهن ئي راڳين رائج ڪرايو ۽ لوڪ موسيقي ۽ ماضيءَ جي شاندار ورثي مان سنڌي راڳ راڳڻين جا نڪ نقشا، ڳولهي ڦولهي، هنن ئي راڳين ائين چٽا ۽ نروار ڪيا جئن ڪا ماهر دائي مهارت سان آڌي مُکي، ٻارن جا مُک، موهيندڙ ۽ مهتابي بنائي ڇڏيندي آهي.

# شهيدِ جمهوريت بينظير ڀٽو جي 57 هين سالگرهه



صدرِ مجلس مخدوم جميل الزمان چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ ۽ وزير بين الصوبائي رابطه، خاص مهمان پير مظهر الحق وزير تعليم، حميد سنڌي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، گل محمد عمراڻي، سيد زوار حسين شاهه نقوي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، موهن لال ڪوهستاني، زاهد پرڳڙي ۽ ڊاڪٽر سڪندر شورو، سنڌي ادبي بورڊ پاران شهيدِ جمهوريت بينظير ڀٽو جي 57 هين سالگرهه جي موقعي تي سندس شخصيت ۽ سياسي بصيرت تي ويچار ونڊي رهيا آهن.




سنڌي ادبي بورڊ پاران شهيدِ جمهوريت بينظير ڀٽو جي 57 هين سالگره جي موقعي تي اسٽيج تي ويٺل، (ساڄي کان کاٻي) موهن لال ڪوهستاني وزير اقليتي معاملن وارو کاتو، زاهد پرڳڙي وزير فشريز کاتو ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، خاص مهمان وزير تعليم پير مظهر الحق، صدرِ مجلس چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ مخدوم جميل الزمان وزير بين الصوبائي رابطه ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، حميد سنڌي، گل محمد عمراڻي ۽ ڊاڪٽر سڪندر شورو ايم پي اي ڄام شورو ضلعو.



سنڌي ادبي بورڊ پاران شهيدِ جمهوريت بينظير ڀٽو جي ملهايل 57 هين جنم ڏينهن تي، مخدوم جميل الزمان چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ ۽ وزير بين الصوبائي رابطہ، پير مظهر الحق وزير تعليم، پروفيسر قلندر شاھ لڪياري، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني ڪيڪ ڪٽي رهيا آهن.



شهيدِ جمهوريت بينظير ڀٽو جي 57 هين جنم ڏينهن تي چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ ۽ وزير بين الصوبائي رابطہ مخدوم جميل الزمان، وزير تعليم پير مظهر الحق، سنڌ جي هاڪاري دانشور محمد ابراهيم جويو جي، شهيد راڻي تي لکيل طويل نثري نظم 'مارئي،مارو،ملير' جي عنوان هيٺ، سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپرايل ڪتاب جو مهورت ڪري رهيا آهن.

# بدين ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپرايل ڪتاب ”زنبيل“ جو مهورت




ڪتاب ”زنبيل“ جو مهورت ڪندي عبدالقادر جوڻيجو، مصنف ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر سڪندر منڌرو (ايم. پي. اي)



ڪتاب ”زنبيل“ تي خيالن جو اظهار ڪندي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر سڪندر منڌرو، نصير مرزا، طارق عالم، پروفيسر عبدالله ملاح، عبدالقادر جوڻيجو، ڊاڪٽر رفيع شيخ، ڊاڪٽر خالده سڪندر منڌرو، شيخ عزيز ۽ پروفيسر سيد زوار نقوي

## بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نوابشاهه طرفان شهيد جمهوريت بينظير ڀٽو جي 57 هين سالگرهه جي موقعي تي منعقد ڪيل بينظير مشاعري جا ڪجهه ڏيک



ڊاڪٽر محمد لائق زرداري بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نوابشاهه ، سرفراز راڄڙ، سيد جمال مصطفيٰ ڊي سي او شهيد بينظير آباد ضلعو، خان محمد سهتو، پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري رهيا آهن. جڏهن ته احمد سولنگي، علي گل ڀٽي (سگهڙ)، عمران لطيف ۽ وزير فرهاد سولنگي شهيدِ جمهوريت بينظير ڀٽو کي پنهنجي شاعري ۾ عقيدت جا گل پيش ڪري رهيا آهن.

# بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نوابشاهه طرفان صدر اسلامي جمهوري پاڪستان جناب آصف علي زرداري جي 55 هين سالگرهه جي موقعي تي ملهايل سالگرهه تقريب جو ڏيک



ساڄي کان ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ڊائريڪٽر جنرل بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، وزير تعليم پير مظهر الحق ۽ ايم . پي . اي غلام قادر چانڊيو، ان موقعي تي شهيدِ جمهوريت بينظير ڀٽو جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري رهيا آهن.



سالگرهه تقريب ۾ شريڪ معزز مهمان



ڊاڪٽر غلام محمد لاکو



بيدل مسرور "بدوي"



ڊاڪٽر سيد مخمور بخاري



موجوده صورتخطي جوڙڻ وقت ويچار هيٺ آيل لپيون

# تحقيق

## يا خدا- هنن ماڻهن تي رحم ڪر...!

جڏهن سندس هٿ وڍي ڌار ڪيائون، تڏهن مشڪي چيائين ته هن بانديءَ جا هٿ ڪپڻ آسان آهي؛ مگر اُهي بند، جن مون کي حق سان هڏي ڇڏيو آهي، تن کي ڪپڻ ڪٺن آهي. پوءِ سندس ٻئي پير به وڍي ڌار ڪيائون. وري به مشڪي چيائين ته هنن پيرن سان، آءٌ هن دنيا جون مسافريون ڪندو هوس؛ پر انهن پيرن کان سواءِ مون وٽ ٻيا به پير آهن، جن سان آءٌ ٻنهي جهانن جو سير ڪري سگهان ٿو. جيڪڏهن اوهان ۾ سمر ٿي آهي، ته انهن پيرن کي به وڍيو. ان بعد پنهنجي رت ۾ رتل ڪراين مان، پنهنجا ڳل ۽ ٻانهون ڳاڙهيون ڪيائين. ڪنهن پڇيس ته ائين ڇو ٿو ڪرين؟ جواب ڏنائين ته تمام گهڻو رت ڇڏيو اٿم، جنهنڪري مُنهن زردو ٿي پيو اٿم ۽ متان ماڻهو ڀائين ته منهن جي زردائي خوف وچان آهي، تنهن جي ڪري ڳلن کي ڳاڙهو ڪيم. وري پڇيائونس ته ٻلا ٻانهون ڇو ڳاڙهيون ڪييءِ؟ جواب ڏنائين ته عشق جو وضو رت سان ئي ڪرڻ جڳائي. پوءِ سندس اکيون ٻنّي ڪڍيائون. انهيءَ تي ماڻهن جي مجموعي ۾ غلغلو پيدا ٿيو. ڪي زار زار روئڻ لڳا، ته ڪي وري مٿس نئين سر پٿر اڇلائڻ لڳا. جڏهن سندس زبان ڪپڻ تي هئا، تڏهن پُڪاري چيائين ته ذرا صبر ڪريو. مون کي ڪي چوڻو آهي. پوءِ آسمان ڏي منهن ڪري چيائين ته ياخدا، هنن ايذائن ۽ عقوبتن جي صدقي هنن ماڻهن تي رحم ڪر. ڏس ته ڪٿن نه آءٌ هن سوريءَ تي تنهنجو مشاهدو پيو ماڻيان. ان کان پوءِ سندس زبان وڍي ڌار ڪيائون؛ ۽ منصور مشڪيو. نماشام جو وقت هو، جڏهن سندس سِرُ ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو.

- ڊاڪٽر گربخشاڻي
(مقدمہ) شاھ جو رسالو،
ڇپائيندڙ: شاھ لطيف ڀٽ شاھ
ثقافتي مرڪز ڪميٽي
ڇاپو ٽيون، سال 1985ع



تحقيق

ايم. ايڇ. پنھور
ترجمو: غلام محمد لاکو

# سنڌ ۾ فارسي زبان جي زوال جا سبب(1)

(هي معلوماتي مضمون 1970ع ڌاري لکيو ويو، پر ڪتي ٻه ڇپجي نہ سگھيو. پنھور صاحب ٽائيپ ٿيل نسخي جي فوٽو ڪاپي مون کي پاڻ ڏني هئي، جا اڄ ٻہ سندس ڪتبخاني ۾ موجود هوندي جيتوڻيڪ مضمون ۾ شامل مواد جي ڪجھ نڪتن سان اختلاف ڪري سگھجي ٿو. ان هوندي بہ هن ۾ ٿيل گفتگو، فارسي ۽ سنڌي زبان جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿي)

ڊاڪٽر دائودپوٽي جي هڪ مضمون، گھڻن کي چرڪائي ڇڏيو هو تہ، عرب فتوحات وقت (12-711ع)، فارسي سنڌ جي سرڪاري زبان هئي. هيءُ بيان اڄ بہ درست ۽ موزون آهي.

هن بيان جي سچائي ڏسڻ لاءِ، اسين 2500 سال پوئتي هلنداسين. ڪوروش اعظم (Cyrus)، 545-550 ق.م ڌاري، سنڌ جي اڄوڪي بلوچستان جا ڪي حصا فتح ڪيا. دارا اول 519 ق.م ۾، سنڌ ۽ اٽڪل روءِ سجي سنتوماٽر فتح ڪري ايران ۾ شامل ڪئي(2). هن پهلوي (قديم فارسي) زبان کي هن خِطي ۾ سرڪاري زبان طور متعارف ڪرايو. هن جي پُٽ ڪسرڪ (Xerxes) يورپ جي سرزمين تي، يونانين سان وڙهڻ لاءِ سنڌي فوجي ڀرتي ڪيا. سنڌ جو فارسي زبان سان وڌيڪ رابطو پيدا ٿيو. فارسي سرڪاري زبان طور ڪم ڪندي رهي، باوجود ان جي تہ ڪياني خاندان جو اثر گھٽجي ويو، ۽ سنڌ ۾ مقامي راڄ قائم ٿيا. سڪندراعظم جي حملي وقت (326-325 ق.م)، سنڌ ۾ ڪيئي ننڍيون ننڍيون حڪومتون قائم هيون، ۽ ايراني اثر ختم ٿي چڪو هو(3). سڪندراعظم جي موت کان پوءِ، ٽن سالن جي اندر يوناني راڄ ختم ٿي ويو. هندستان جي موريا خاندان جو راڄ 137 سال (184-321 ق.م) جاري رهيو. ان ريت هن خطي ۾ فارسي (پهلوي) کي ڌڪڪو پهتو. پهلويءَ جي جاءِ تي پالي ۽ سنسڪرت مذهبي طور تي اهميت اختيار ڪئي.

موريا خاندان جي زوال کان پوءِ، سنڌ ۽ اولھ پاڪستان (موجوده پاڪستان) ۾ باختر جي يونانين استقامت حاصل ڪئي. اهي يوناني بادشاھ باختر يا بلخ جا هئا، جو ان وقت فارس جو حصو هو. انهن جا سپاهي ايراني هئا. انهن جي سڪن تي يوناني الف-بي (اکر) هئي، پر سپاهي فارسي ڳالهائيندا هئا. بلخ جي يوناني بادشاهن (ڊيميٽرس ۽ مينئنڊر) جو دور مختصر هو ۽ پنجاھ سالن کان پوءِ سٿين (سٿيا) اچي انهن جي جاءِ والاري. سٿين جو تعلق اولھ سيستان جي علائقي سٿيا، يا وري ايران جي ساڪستان حصي سان هو. هن خاندان سنڌ ۽ سنتوماٽر تي اٽڪل روءِ ڏيڍ صدي حڪومت ڪئي. بعد ۾ سنڌن جاءِ

پارٿي خاندان والاري. انهن هتي پنجاهه سال راڄ ڪيو. پارٿين جو تعلق ايران جي خراسان صوبي سان هو. سنڌ ۽ سنتوماٽر تي ايراني گهراڻن جي مسلسل حڪمراني، موجوده سنڌ ۽ اولهه پاڪستان ۾ فارسي زبان کي وڌڻ ويجهڻ جو بهتر موقعو فراهم ڪيو. ٽيهن سالن کان پوءِ پارٿين جي جاءِ تي ڪوشان (ڪشن) اقتدار تي قابض ٿيا. ڪوشان اصل ۾ چين جا يوچي (يوچيهه) هئا، جي ٻن صدين کان مرڪزي ايشيا ۾ آباد هئا. جيتوڻيڪ ڪوشان حڪمران هئا، پر ائين ٿو ڏسجي ته سنڌ ۾، سنڌن پاران پارٿي ئي گورنر رهيا. ان پس منظر ۾ موريا خاندان جي زوال کان پوءِ، سنڌ ۾ فارسي زبان ئي حاوي رهي(4).

پنجين صدي عيسويءَ جي پهرئين اڌ ۾ سنتوماٽر کي وري هڪ ٻئي ايراني خاندان حڪمرانيءَ ۾ آندو. اهي ساساني هئا. ابتدا ۾ شايد سنڌ جي راءِ خاندان سنڌن تابعداري ڪئي، پر بعد ۾ اهي مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿيا(5). انهن (راءِ) فارسيءَ کي سرڪاري رابطي ۽ رڪارڊ جي لاءِ ڪتب آندو. ان ماجرا ۾ تعجب نه ٿيڻ کپي ته، عرب فتوحات وقت فارسي سرڪاري رتبي تي هئي، جيئن ڊاڪٽر دائودپوٽي بيان ڪيو آهي. سنڌ ۽ سنڌي زبان سان فارسيءَ جو لاڳاپو، ان وقت تائين 1250 سال پراڻو ٿي چڪو هو. ان ريت سنڌي زبان تي پائدار اثر پيو.

712ع ۾ سنڌ جي عرب فتح سان فارسيءَ جي جاءِ عربي زبان والاري. فارسي زبان لاءِ هي وڏو ڌڪو هو، ۽ ان کي وري هي رتبو حاصل ڪرڻ لاءِ صديون لڳي ويون. عربي سرڪاري ٻولي مقرر ٿي ۽ ايران ۾ به ان کي هي مرتبو حاصل ٿيو. جيتوڻيڪ عباسي دربار ۾ ايراني امير، وزير ۽ عالم ڇانيل رهيا، پر پوءِ به عربي سرڪاري يا رابطي جي ٻولي رهي. ڏهين صدي (عيسوي) ڌاري عباسي خلافت جي زوال جي آغاز سان، فارسي زبان متبادل طور ابرڻ شروع ڪيو. سنڌ ۽ ملتان ۾ ڏهين صديءَ جي عرب جاگرافي دانن (يا سياحن)، عربي ۽ سنڌي ٻولين کي عربن توڙي سنڌين ۾ رائج ڏنو. پر 951ع جي هڪ لکت موجب، ڪٿي ڪٿي عربيءَ بجاءِ فارسي به مستعمل هئي. عرب فتوحات کان پوءِ جي ٻن صدين جي بي آرامي، فارسي زبان کي گهڻو نقصان ڏنو. نتيجي ۾ سنڌي ادب کي اُسرڻ جو موقعو مليو.

هي چوڻ درست ٿيندو ته فارسي زبان کي فتح ڪيل علائقن ۾ محمود غزنوي متعارف ڪرايو. ائين ٿو ڏسجي ته اهل فارس هجڻ ڪري، هن پاڻ عربي بجاءِ ٻيهر فارسي زبان کي اڳتي وڌايو ۽ ترقي وٺرائي.

فارسي زبان 1025ع ڌاري سرڪاري (انڊس ويلي) زبان بنجڻ شروع ٿي. فوجي بغاوت جي ڪري 1053ع ۾ سنڌ ۽ ملتان تان غزنوي قبضو ختم ٿي ويو. پر پوءِ به فارسي هتي جي سرڪاري ٻولي رهي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته عربي بجاءِ آهستي آهستي فارسي ٻولي سرڪاري درجو حاصل ڪرڻ شروع ڪيو. عباسي خلافت جو خاتمو شروع ٿيو ته، پرانهن صوبن سياسي قوت حاصل ڪرڻ جو آغاز ڪيو ۽ عربيءَ جو رفته رفته زوال فارسي زبان لاءِ فائديمند ثابت ٿيو(6).

يارهين صديءَ جي شروع ۾ سومرا خاندان حڪومت ۾ آيو. انهن جي اڳواڻ خفيف کي محمود شڪست ڏني. پر پوءِ به گهٽ ۾ گهٽ هيٺين سنڌ تي (سيوهڻ کان)، بغير ڪنهن شراڪت داريءَ جي، سومرن ساڍا ٽي سؤ سال حڪومت ڪئي. سلاطين دهلي تيرهين صدي (عيسوي) جي آغاز کان اتر سنڌ تي حملا شروع ڪيا. جيئن ئي حملي آور ڪمزور ٿيندا هئا، يا وري پوئتي هٽندا هئا، مقامي حڪمران وري آزادي حاصل ڪري وٺندا هئا. سومرا خاندان جي جاءِ سمن ڄامن والاري. سمن 1351ع کان 1520ع تائين حڪومت ڪئي. ابتدا ۾ انهن هيٺين سنڌ تي حڪومت ڪئي، پر پوءِ اتر ۾ سنڌي علائقن تائين راڄ ڪيائون. تيرهين صديءَ جي شروع کان چوڏهين صديءَ جي پهرئين اڌ تائين، دهلي سلطنت سياسي مقصدن لاءِ سيوهڻ، بکر ۽ اچ تي قبضو برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي.

منگولن موجوده بلوچستان جي جابلو علائقن تي، ديره غازي خان ۽ اچوڪي صوبي سرحد سميت، سنڌو درياهه جي اٽڪل روءِ سڀني اولهه وارن علائقن تي قبضي جي ڪوشش پئي ڪئي. انهن کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ خاطر، مٿي ذڪر ڪيل ٽن مکيه ماڳن کي دهلي پنهنجي ضابطي ۾ رکڻ چاهيو ٿي. ان پس منظر ۾ ئي محمد تغلق ۽ فيروز تغلق، هيئين سنڌ تي قبضي جي ڪوشش ڪئي، ۽ ضد ڪيو ته جنگ جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ منهبي سفارتڪاريءَ ذريعي، مسئلي جو ڪو دوستاڻو حل ڪڍيو وڃي. فارسيءَ جا ڄاڻو ۽ ماهر ٺٽي ۾ گڏ ڪيا ويا. منگول اسڪالر به ان وقت سنڌ جي دربار ۾ موجود هئا. ان ريت سنڌ ۾ فارسيءَ جي ڄاڻ بابت اطلاع ملن ٿا(7).

ليڪن 1520ع ۾ فارسي زبان کي وڏو صدمو پهتو. شاهه بيگ ارغون ۽ شاهه حسن ارغون مسلسل حملا ڪري سنڌ کي فتح ڪيو. سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڦرلٽ، قتل عام ۽ مار ڌاڙ وڏي تباهي آندي. انڪري سومرن جي دور کان جيڪو فارسي ۽ سنڌي علم ادب پيدا ٿيو هو سو ختم ٿي ويو. 1520ع کان 1600ع تائين وڏي تعداد ۾ عالمن، شاعرن ۽ صوفين سنڌ کي ڇڏي گجرات، برهانپور ۽ مڪي شريف ڏي لڏپلاڻ ڪئي. عام ماڻهن لاءِ ته نهيو پر اهل علم ماڻهن لاءِ ماحول وڌيڪ تنگ ٿي ويو. سنڌي آسانيءَ سان ڌارين جي قبضي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. شاهه حسن انهن جي مزاحمت ۽ بغاوت کي بي رحميءَ سان ڪُچليو. ڳوٺن کي ساڙيو ۽ ماڻهن کي بي دريغ قتل ڪيو. هن کي اجا به تسڪين نه ٿي هئي. همايون جي سنڌ ۾ آمد (1542-1540ع) وقت، ان لاءِ (همايون) ملڪ کي نه رهڻ جي لائق ۽ ويران ڪرڻ جو سوچيو ويو. رٿابندي هن ريت ڪئي وئي: ٻهراڙين کي ساڙيو وڃي، فصلن کي ناس ڪيو وڃي، ۽ ننڍين شهرن کي به ويران ڪيو وڃي. البت همايون کي سوڙهو ڪرڻ لاءِ، موجود ڪوٽن ۽ قلعن کي، ختم ڪرڻ بجاءِ محفوظ (مضبوط) ڪيو ويو(8).

سومرن ۽ سمن جي پنجن صدين جي دور ۾، پيدا ٿيل فارسي ۽ سنڌي ادب کي ختم ڪيو ويو. ڪن شاعرن جا سنڌي شعر ۽ فارسيءَ ۾ لکيل ڪي ڪتاب مثال طور ”چچ نامه“ وغيره محفوظ رهجي ويا.

جيڪڏهن ڪو ادبي ذخيرو بچي ويو هو ته اهو ٺٽي ۾، جو سنڌ جو تختگاهه هو. شاهه حسن جي موت تي سندس بکر واري گورنر (سلطان محمود)، ۽ ترخانن ، پورچوگيزن کي ٺٽي تي حملي ڪرڻ ۾ مدد ڏني. پورچوگيزن جي ڪاهه سان ارغونن جو اڌورو رهيل ڪم مڪمل ٿي ويو. ٺٽي تي انهن جي حملي، ڦرلٽ ۽ باهيون ڏيڻ سان، هتان جو بچي ويل علمي ذخيرو بُري طرح مجروح ٿيو(9).

البت 1520ع-1600ع واري عرصي ۾، مرڪزي ايشيا مان فارسي ڄاڻندڙ عالمن جو هڪ هُجوم سنڌ طرف لڏي آيو. شاهه حسن سڀني منگول حاڪمن وانگر، ظالم هجڻ سان گڏ عالمن جو قدردان به هو. سنڌ ۾ فارسي اديبن جو وڏو انگ پهتو، جن علمي دنيا ۾ پيدا ٿيل خال کي پريو. بدقسمتيءَ سان انهن پنهنجي شعر ۾ ”گل“ ۽ ”بلبل“ کي اهميت ڏني، جي سرزمين سنڌ لاءِ اجنبي هئا. انهن پنهنجي آسپاس جي ماحول تي نه لکيو. انهن جا لکيل ڪتاب موجود آهن. پر انهن سنڌي علم (شعر) جي واڌاري لاءِ ڪجهه به نه ڪيو.

سلطان محمود سن 1574ع ۾ فوت ٿيو، تڏهن بکر جو قلعو پاڻ مرادو اڪبر جي لشڪر کي ملي ويو. بعد ۾ 1592ع ۾ ٺٽي کي به مغلن فتح ڪيو. ان کان پوءِ مغل گورنرن جو سلسلو شروع ٿي ويو(10).

1600ع- 1700ع جو دور سنڌ جي وڃايل آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ، ڀرپور جدوجهد جو زمانو ٿي گذريو. فارسي علم اڃا تائين اجنبيت ۽ ڌاريائپ جي ماحول مان نڪري نه سگهيو هو. البت ڪجهه لکندڙن هتي جي ماحول کي پنهنجو ڪيو هو. مثال طور مير معصوم

بکري ۽ کي ٻيا لکندڙ. سنڌي شاعري پنهنجي طور تي وڌڻ شروع ڪيو، ۽ ان ۾ سنڌي سماج مکمل طرح سان موجود آهي. وطن دوستيءَ جو واڌارو آخرڪار شاهه لطيف جي شعر ۾، طاقتور قوم پرستيءَ جي عنصر طور ظاهر ٿيو. ان عرصي ۾ فارسي علم ادب به پيدا ٿيندو رهيو. رڳو ٺٽي ۾ 1699ع ڌاري، هيملٽن 400 ڪاليج (درسگاهون) ڏٺا هئا(11).

سواءِ ڪنهن خوف جي 1701ع کان 1843ع واري دور ۾، فارسي علم ادب آزاد ماحول ۾ ترقي ڪئي. 1740ع جو سال البت سنڌ ۾ فارسي زبان لاءِ نقصانڪار هو. نادر شاهه جو پاڻ به هڪ ايراني هو، دهليءَ جي محمد شاهه کان هڪ معاهدي تحت، سنڌ کي ايراني بادشاهت ۾ شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. ميان نورمحمد هن تبديليءَ کي قبول نه ڪيو ته نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪيو. ملڪ جي خزاني مان ڳري رقم ۽ سون کان سواءِ، سنڌ جو ڪتبخانو به پاڻ سان کڻي ويو. ان صورت ۾ هتي جي علم ادب جو وڏو نقصان ٿيو(12). هي حملو فارسي زبان لاءِ هڪ عارضي نقصان هو، سو به هڪ ايراني ذريعي ٿيو هو.

ارڙهين صديءَ ۾ سياسي بهتري ۽ خوشحاليءَ سبب، سنڌ ۾ وڏي تعداد ۾ فارسي ادب پيدا ٿيو. ان دور ۾ پيدا ٿيل فارسي ادب، گڏيل ٻن صدين جي لکيل ڪتابن جي پيٽ ۾ مختلف ڏسجي ٿو.

انگريزن 1843ع ۾ سنڌ کي فتح ڪيو، ۽ پنجاب کي 1849ع ۾ قبضي ۾ آندو. ان بعد پوري ننڍي کنڊ ۾ فارسي زبان جي سرڪاري اهميت ختم ٿي.

انگريز بهترين سياسي تجزيہ نگار هئا، ۽ اڍائي صدين کان هندستان جي باري ۾ گهڻو ڄاڻندا هئا. انهن کي مختلف هندستاني علائقن جي انتظام جو هڪ سؤ سالن جو تجربو هو. اهي سمجهي چڪا هئا ته هندستان تي مسلمانن جو اٺن صدين جو راڄ، ۽ فارسي زبان سان سنڌ جو اڍائي هزار سالن جو تعلق، اهو سنڌ جي عام ماڻهن تائين نه پهتو هو. انڪري سنڌ جي ڪمشنر سربارٽل فريئر 1853ع ۾، سنڌي الف- بي کي معياري بنائي، پنجيتاليهه امتحاني مرڪز کولڻ جو حڪم ڏنو، جتي سال ۾ ٻه ڀيرا سنڌيءَ جو امتحان ورتو ويندو هو، ۽ هر مرڪز تان پهريان ٽي نمبر حاصل ڪندڙ کي، وظيفا ۽ سرڪاري ملازمت جي آڇ ڏبي هئي.

نتيجو هي نڪتو ته سنڌي زبان کي ڪجهه سالن اندر، هينئين انتظامي سطح تي فارسيءَ جي جاءِ والارڻ ۾ ڪاميابي ٿي. مٿين انتظامي سطح تي انگريزي ٻولي استعمال ۾ آئي. پنجيتاليهه امتحاني مرڪزن مان پاس ٿيندڙ ۽ اسڪالرشپ حاصل ڪندڙ، انگريزي تعليم طرف وڌيا ۽ ڪلرڪ يا ٻيا ننڍا سرڪاري عُهدا حاصل ڪرڻ لڳا. ان طرح فارسي زبان جو استعمال گهٽ ٿيندو ويو(13).

ان هوندي به انگريزن کي احساس هو ته، ماضيءَ جو ڪلچر ۽ تاريخ فارسيءَ ۾ لکيل آهي. اهي ڪتاب هندستاني ننڍي کنڊ ۾ لکيا ويا هئا. وارن هيسٽنگز (1785-1774ع) ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال جو بنياد رکيو. هن اداري ۽ رايل ايشياٽڪ سوسائٽي لنڊن، فارسيءَ مان ٽڪرا (ترجمو) ڇاپڻ شروع ڪيا، ۽ پڻ فارسي ڪتابن جا مڪمل انگريزي ترجما تيار ٿيڻ لڳا. اوڻيهين صديءَ جي وچ ڌاري اصل فارسي ڪتاب ڇاپڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. هي ڪم ببلوٿيڪا انڊيڪا سيريز تحت ٻنهي سوسائٽين ڪيو. 1947ع تائين ٻنهي جماعتن اڪثر فارسي متن (ڪتاب) ۽ ڪيئي رياستي (صوبائي) سطح جا ڪتاب پڻ ڇاپي پڌرا ڪيا هئا.

انگريزن مشرقي ٻولين جي اڀياس ۾ دلچسپي برقرار رکڻ لاءِ، ميٽرڪ تائين فارسي زبان کي ٻي ڌاري ٻوليءَ طور ڪورس ۾ شامل ڪيو. سنڌ ۾ 95% هندو ۽ مسلمان شاگردن، فارسيءَ کي ميٽرڪ تائين مضمون طور کنيو. سنڌ واسين ان مان وڏ فائدو ورتو. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي پڻ فارسي زبان جي مرهون منت آهي. 1850-1947ع تائين هندن ۽ مسلمانن جي پيدا

ڪيل ادب ۾، آزادي ۽ فراوانيءَ سان فارسي اکرن/ لفظن جو استعمال ڏسجي ٿو. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ هندو استاد ۽ پروفيسر فارسي پڙهائيندا هئا. ڊاڪٽر دائودپوٽو، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر سدارنگاڻي، عربي ۽ فارسي ٻولين جا وڏا عالم هئا ۽ ڊاڪٽريٽ جون ڊگريون به ان حوالي سان ورتائون. ڊاڪٽر سدارنگاڻي ته سنڌ جي فارسي گو شاعرن تي ڪم ڪيو(14). ائين فارسي سنڌ ۾ زنده رهي. ان جو ڪارج ۽ مقصد اڄا موجود هو. اها سنڌ جي تاريخ، ٻولي ۽ ڪلچر جي واڌاري لاءِ مفيد ثابت ٿي رهي هئي. ڪيئي اهڙا ڪتاب لکيا ويا هئا، جي اسان جي هڪ هزار ساله تاريخ، جاگرافي، قديم آثارن ۽ سماجي حالتن جي مواد تي مبني آهن. فارسيءَ ۾ تصوف تي به وڏو مواد موجود آهي، جو مسلمانن توڙي هندن لاءِ قابل قبول آهي.

سال 1947ع ۾ قيام پاڪستان سان، اردو ٻولي سرڪاري ٻولي مقرر ٿي. اها انتظامي سطح تي انگريزيءَ جي جاءِ والاري نه سگهي. فني تعليم ۾ به اردو لاڳو نه ٿي سگهي آهي، ڇو ته ان ۾ ايتري سگهه ڪونهي. انڪري انگريزيءَ جي سرڪاري پوزيشن برقرار آهي. اردو رڳو نالي ۾ سرڪاري زبان آهي.

تعليمي ميدان ۾ اردوءَ کي گهڻي اهميت ملڻي هئي. البت تعليمي ماهرن شاگردن تي پونڊڙ بوجهه جي ڪري ان کي محدود ڪري ڇڏيو. اردو ۽ اسلاميات کي نون مضمونن طور متعارف ڪرائڻو هو. جڏهن ته فارسي سيني ڪان وڌيڪ آسان مضمون هو.

بدليل حالتن ۾ سنڌي ٻولي پنهنجي ترقيءَ لاءِ، فارسي بجاءِ اردو زبان ڏي واجهايو. سياسي سببن جي ڪري وطن دوستيءَ جي لهر پيدا ٿي. سنڌي ۽ اردو جو ميل جول وڌي نه سگهيو. فارسي ته اڳ ۾ ئي پاڪستان ۾ زوال پذير ٿي چڪي هئي.

سنڌ ۽ پاڪستان ۾ فارسي قلمي نسخن جو وڏو مقدار موجود آهي. انهن جو تعلق مقامي تاريخ ۽ ڪلچر سان آهي. سنڌي ادبي بورڊ هيل تائين ويهه عدد فارسي ڪتاب ڇپيا آهن. باقي ملڪ ۾ ان جي اڌ جيترا به فارسي ڪتاب ڇپجي نه سگهيا آهن. انگريزن هڪ صديءَ ۾ جيترو ڪم ڪيو، هتي ٽيل ڪم ان جي ليکي ۾ ڪجهه به نه آهي. گذريل پندرهن سالن ۾ سنڌي ادبي بورڊ صرف ٽن فارسي ڪتابن جو سنڌي ترجمو ڇاپي سگهيو آهي(15). هن وقت فارسيءَ جي عالمن جي کوٽ آهي، جي لن ڪم کي هٿ ۾ ڪٽن. حقيقت ۾ يونيورسٽين ۾ فارسي زبان جا سٺا اسڪالر پيدا نه پيا ٿين. اسان کي پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ گذريل تاريخ کي سمجهڻ لاءِ اڄ به فارسي ۽ ان جي ڄاڻ جي ضرورت آهي. البت اسان فارسيءَ کي ادارن تي مڙهي نه ٿا سگهون. ان جي هتي گهڻي استعمال جي گنجائش به ڪونهي. ان ڪري فارسي کي لازمي مضمون طور متعارف ڪرائڻ لاءِ به ڪو سبب ڪونهي.

ان سڄي ماجرا ۾ به اسان کي هڪ اهڙو ادارو ڳاهٽو پوندو، جيڪو اسان جي ثقافتي ورثي ۽ تاريخ جي مطالعي لاءِ هجي. هي ادارو هر قسم جا فارسي قلمي نسخا گڏ ڪري. انهن جو مطالعو ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري ڇپرائڻ سان گڏ، فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما پڻ شايع ڪجن. ان صورت ۾ اسان فارسيءَ کي زنده رکي سگهون ٿا، ۽ پڻ ان جي افاديت ۽ ورثي کي جياري سگهون ٿا.

وضاحتي حاشيا (مترجم پاران):

1، جيتوڻيڪ هن مضمون جي لکجڻ جو سال معلوم ڪونهي. البت متن ۾ ڳچ جاين تي اولهه پاڪستان جو نالو ملي ٿو. اولهه پاڪستان يا ون يونٽ 01- جولاءِ 1970ع تي ختم ڪري، سنڌ جي صوبائي حيثيت بحال ڪئي وئي. ٻيو ته ايران جي شهنشاهت جي اڍائي هزار ساله جشن بابت به اشارا ملن ٿا. هي جشن 1-1970ع ۾ ملهايو ويو. پنهور صاحب جو هيءُ مضمون پڻ ان نسبت سان لکيو ويو، ۽ شايد خانه فرهنگ ايران لطيف آباد (حيدرآباد) جي ڪنهن علمي مجلس ۾ پڙهيو ويو. ان پس منظر ۾ اندازو آهي ته هيءُ مضمون 1970ع جي شروع واري دور ۾ لکيو ويو.

2، پروفيسر مقبول بيگ بدخشاني: "تاريخ ايران" جلد اول، اردو، ص 96، مجلس ترقي ادب لاهور 1967ع بدخشاني صاحب واقعي جو سال 512ق.م ڏنو آهي جو درست ڪونهي. درست سال 519ق.م آهي جيئن پنهور صاحب لکيو آهي.

3، ايچ.ٽي.ليمبرڪ: "سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ" (سنڌي)، باب پنجون، سڪندراعظم جي ڪاهه، مختلف صفحا، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1984ع.

4، سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ، باب پنجون، ڇهون، ستون، مختلف صفحا.

5، سنڌ تي ساساني حملن ۽ اثرات لاءِ ڏسجي .اين.ايم. بليموريا جو مقالو "سنڌ ۾ ساساني" (انگريزي)، جنرل آف دي سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، جلد 5، نمبر2، جون 1941ع.

6، برصغير هند- پاڪ ۾، فارسي زبان کي حقيقي طرح غزنوي دور ۾ روشناس ڪرايو ويو، بعد ۾ آهستي آهستي هي زبان ادبي ۽ سرڪاري رتبو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي (ڊاڪٽر محمد رياض ۽ ڊاڪٽر صديق شبلي: فارسي ادب جي مختصر ترين تاريخ، اردو، ص 151-158، سنگ ميل پبليڪيشنز لاهور، 1987ع).

7، سنڌ ۾ فارسي زبان ارغون دور (1520ع کان) ۾ درباري ۽ علمي درجو حاصل ڪيو (محمد صديق ميمڻ: "سنڌ جي ادبي تاريخ"، ص 38-39 [گڏيل ڇاپو]، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2003ع).

8، تاريخ معصومي، ارغونن پاران سنڌ تي ڪيل ظالمن جا داستان قلمبند ڪيا آهن. ڏسو مختلف ايڊيشن، ارغون دور بابت لکيل حصو.

9، ميجر جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" (ص 99، 1894ع، نئون ڇاپو 1972ع) ۾ ٺٽي تي پورچوگيزن جي حملي جو سال 1555ع ڏنو آهي. جڏهن ته ڪجهه ٻين ذريعن موجب، ٺٽي تي پورچوگيزن جي حملي جو سال 963هه/1556ع تسليم ڪيو وڃي ٿو.

10، مغل دور ۾ سنڌ جي جاگرافيائي حالات تي ڊاڪٽر انصار زاهد خان ڀرپور بحث ڪيو آهي. (هسٽري اينڊ ڪلچر آف سنڌ، ص 68 ۽ ص 103-108، رايل بڪ ڪمپني ڪراچي، 1980ع).

11، ايچ.ٽي.سورلي: "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" ص 211، 1940ع، سنڌي ڪتاب گهر ڪراچي 1989ع.

12، ميان نورمحمد عباسي: "منشور الوصيت و دستور الحڪومت" ايڊٽ: سيد حسام الدين راشدي، ص 15-16، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1964ع.

13، ايم.ايچ.پنهور: "جاگيردارانه راڄ خلاف سنڌ جي شاندار جدوجهد" (انگريزي)، سنڌالاجيڪل اسٽڊيز 1979ع، اونهاري وارو پرچو.

14، ڊاڪٽر دائودپوٽو سنڌ جو پهريون اسڪالر هو، جو ولايت ويو ۽ ڊاڪٽريٽ (Ph.D) جي ڊگري ورتائين. ان بعد ڊاڪٽر گربخشاڻي پڻ لنڊن ويو ۽ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري وٺڻ ۾ سوڀارو ٿيو. ڊاڪٽر سدارنگاڻي بمبئي يونيورسٽيءَ مان هي اعزاز حاصل ڪيو. ٽنهي عالمن جون ٿيسز هن ريت ڇپيون آهن:

(i) Dr. U.M. Daudpota: The influence of Arabic poetry on the development of Persian poetry, Bombay, 1934.

(ii) Dr. H.M. Gurbaxani: Mysticism in the early nineteenth century poetry of England, Poona, 1984.

(iii) Dr. H.I. Sadarangani: Persian Poets of Sindh, Sindhi Adabi Board Hyderabad, 1956.

15، سنڌي ادبي بورڊ هن مضمون ۾ ڄاڻايل تعداد جي پيٽ ۾، ڪجهه وڌيڪ فارسي ڪتاب شايع ڪيا آهن. جڏهن ته بورڊ گهڻن فارسي تاريخي ڪتابن جا سنڌي ترجما پڻ ڇپيا آهن.



آساني خاطر ”انگريزي- سنڌي ڊڪشنري“ پڻ ترتيب ڏيئي رهيو هو. ڊڪشنريءَ ۾ مدد لاءِ هن هڪ منشي پنڊت براهم سچا نند ۽ سنڌي- انگريزي ڊڪشنري لاءِ هن پنڊت چينا رام کي رکيو هو(1). جڏهن ٻئي ڪم راس ٿيا ته سرڪار کي خط لکيائين ته ٻئي ڪتاب حڪومتي بندوبست سان شايع ڪيا وڃن ۽ ان مقصد لاءِ مقرر ڪيل منشي پنڊت سچانند جو معاوضو پڻ ڏنو وڃي. حڪومت سندس خدمتن کي ساراهيندي، کيس اجازت ڏني ته هو منشي/ پنڊت لاءِ گهربل رقم سرڪاري فنڊ مان حاصل ڪري، جڏهن ته سندس ٻئي ڪتاب بمبئي مان 1849ع ۾ شايع ٿيا. حڪومت ڊڪشنري جي قيمت 2 رپيا اٺ آنا مقرر ڪئي ۽ ان جون 250 ڪاپيون خريد

تحقيق

آفتاب ابڙو

# موجوده صورتخطي جوڙڻ وقت ويچار هيٺ آيل لپيون

انگريزن جي دور ۾، سنڌ ۾ جديد تعليمي نظام جو تحرڪ صحيح معنيٰ ۾ حيدرآباد ضلعي جي ڪليڪٽر راٿ بورن (Rath Born) جي آگسٽ 1845 واري خط سبب ٿيو، جنهن ۾ هن گورنر وسيلي مرڪزي سرڪار کي ليٽر لکي زور پريو ته کيس 3000 رپيا سالياني گرانٽ منظور ڪري ڏني وڃي ته جيئن هو پنهنجي حدن اندرانگريزي سکيا لاءِ اسڪول قائم ڪري سگهي. ڪانئس پڇيو ويو ته جديد تعليم پڙهائڻ لاءِ وٽس ڪيترا استاد دستياب آهن، جنهن جو هو ڪو جواب ڏئي نه سگهيو البت حڪومت اندر هڪ نئون موضوع کلي پيو، جنهن تي حالتن جي گهرج مطابق حڪومت سوچڻ شروع ڪيو.

ٻئي طرف ڪيپٽن اسٽئڪ بنا ڪنهن تحرڪ، حڪومتي ترغيب ۽ هدايتن جي پنهنجي ليکي سنڌي ٻوليءَ بابت گرامر تي ڪم شروع ڪري ڏنو. ان سان گڏ، هو يورپي عملدارن جي ڪري سنڌ ريجن ڏانهن موڪليون. اسٽئڪ ڄئي ڪتاب ديوناگري لپيءَ ۾ هئا.

ڪيپٽن اسٽئڪ جي انهن ٻنهين ڪتابن جي اشاعت سان، انگريز عملدار، جيڪي گهٽي قدر بمبئي، مدراس، ميرٺ مان سنڌ ۾ آيل هئا تن سمجهي ورتو ته سنڌي ٻوليءَ جي اصل صورت اهائي آهي؛ ڇاڪاڻ ته هو انهيءَ لپيءَ کان چڱي طرح واقف هئا، بلڪ انهن پرڳڻن ۾ هو مڪاني طور اهو خط استعمال ڪندا هئا.

سنڌ مان آيل سرڪاري لکپڙهه جي موٽ ۾، بمبئي صوبي جي گورنر سر جارج ڪلرڪ (Sir George Clerk) اپريل 1848ع ۾ هڪ حڪم جاري ڪيو، جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته سنڌ ۾ سنڌيءَ کي دفتري ٻولي بنايو وڃي. حڪم نامي جا لفظ هن ريت آهن:

“We should introduce the language of the Country (namely Scindhee) as medium of official

ڪي رجوع ڪيو ويو. هوڏانهن گورنر فاڪ لينڊ ٻه فريئر جي پرزور حمايت ڪئي، هو ان جي صلاحيتن کان چڱي طرح واقف هو. فيصلو بارٽل فريئر جي حق ۾ ٿيو، جنهن نهايت ڦڙتائيءَ سان سنڌ ۾ تعليمي ۽ ترقياتي ڪم ڪرڻ شروع ڪيا. سڀ کان پهريائين هن ڪراچي پورٽ ٺاهڻ تي ڌيان ڏنو ۽ سنڌ ۾ سروي جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو(4). تعليم سندس ترجيح ۾ شامل هئي. هن صاحب سنڌ ۾ ٻيا به ڪيترائي ڳڻائڻ جوڳا ڪم ڪيا، پر هتي اُهي ٻڌائڻ غير موزرون ٿيندا.

ان دور ۾ يعني 1848ع- 1853ع، ان موضوع تي ڪم ڪندڙن خاص طور ڪيپٽن اسٽئڪ ۽ رچرڊ برٽن تفصيل سان هيٺين لپين جو ذڪر ڪيو آهي. جن جي اپٽار ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ۽ ڪن ٻين عالمن ڪئي آهي.

اسٽئڪ پنهنجي ڪتاب A Grammar of Sindhi Language ۾ سنڌ ۾ رائج هيٺين لپين جو ذڪر ڪيو آهي:

1. خداوادي (Khuda wadi )
2. شڪارپوري (Shikar puri)
3. ساڪرو ( Sakhro)
4. ٺٽائي(Thatai) هن جا ٻه قسم: لهاڻن وارو خط ۽ ڀاٽين وارو خط
5. لاڙائي (Larai)
6. ونگائي (Wangai)
7. راجائي (Rajai)
8. خواجڪو (Khuwaja's)
9. ميمڻڪو ( Memon's) هن جا ٻه قسم: ٺٽائي ۽ حيدرآبادي
10. سيوهاڻي ٻبرا (Sewhani Bhabra's) ڊاڪٽر غلام علي الانا ان کي ٻاٻڙڪو ۽ اسٽئڪ جي گرامر تي "ٻاٻڙا" لکيل آهي. ٻئي طرف ان موضوع تي ڪم ڪندڙ ڪيپٽن رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" ۾ هيٺين خطن جو ذڪر ڪيو آهي:

1. خداوادي/ خدا آبادي يا واڻڪا اکر
2. ٺٽائي جنهن جا ٻه قسم آهن: (الف) لوهاڻا ۽ (ب) ڀاٽيه آئيوڻا
3. سرائي، جي اتر سنڌ ۾ ڪم ايندا آهن.
4. خواجن جا اکر
5. ميمڻ جا اکر
6. پنجابيءَ جو اُچڪو نمونو (سرائڪي)
7. پنجابي جي لاهندي صورت
8. گرمکي

اسٽئڪ توڙي برٽن پاران ڄاڻايل سنڌ ۾ رائج لپين مان ڪن مکيه لپين جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

## ديوناگري لپي

سڀئي عالم ان راءِ جا آهن ته ديوناگري لپي ۽ ڀارت جي ٻين لپين جو جنم براهمي/برهمي لپيءَ مان ٿيو آهي. لسانيات جو ماهر سنيتي ڪمار چٽرجي ۽ ٻين ڪن عالمن جي راءِ ۾ براهمي جو بنياد موهن جي دڙي جي لپي مان مڃڻ گهرجي. براهمي لپي جي حرفن ۾ واڌارو اتر ڀارت ۾ چوٿين - پنجين عيسوي صدي ۾ "گپت لپي" جي روپ ۾ ٿيو، جنهن ۾ گپت گهراڻي جي راجائن جا شيلا ليک ۽ سڪا ملن ٿا. ڇهين- ستين صدي عيسوي ۾ گپت لپي جي ڪي قدر تبديل ٿيل روپ کي "سڌ ماترڪا" يا "سڌ لپي" سڏيو ويو. ڪي ان کي "ڪُٽيل لپي" جو نالو ڏين ٿا.انهيءَ لپيءَ اٺين کان ڏهين عيسوي صدي واري عرصي ۾ چٽي طرح "ديوناگري لپي" جو روپ اختيار ڪيو. هر هڪ اکر مٿان، اڳيان يا پٺيان ماترائون (يعني سر- آوازن جون نشانيون) لڳائڻ هن تحرير جي مکيه خاصيت آهي.

ديوناگري لپيءَ لاءِ ڪاڪو ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته:

"سنسڪرت ٻولي، جنهن لپي يا آئيوڻا ۾ لکجي ٿي، تنهن کي ٻه نالو ڏنائون "ديوناگري" يعني ديوتائن جي ننگر يا شهر جي آئيوڻا ۽ اهو نالو اڄ تائين هليو اچي.

ديوناگري اکر اڳ هڪڙي نموني لکندا هئا ۽ هينئر ٻئي نموني لکڻ ۾ اچن ٿا. قديم ديوناگري اڳي "براهمي" سڏبي هئي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي برهما ملڪ (برهم لوڪ) جي آئيوڻا(5)."

ان سلسلي ۾ لسانيات جو ماهر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته:

"جهڙي طرح ڀارت براهمي ۽ گپت لپين جو ڦهلاءُ سڄي ديش ۾ ٿيو، تهڙي طرح ڏهين صدي عيسوي کان وٺي هاٽوڪي ذور تائين ديوناگري لپي جو ڦهلاءُ ڀارت جي قومي لپي جي صورت ۾ ٿيو. انهيءَ جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته موجوده سنڌ جي حدن اندر مڪاني سنڌي لپيءَ سان گڏوگڏ ديوناگري اکرن جو به استعمال ٿيندو هو. ان جي تصديق يارهين صدي عيسوي ۾ مشهور مؤرخ البيروني جي بيان مان پڻ ٿئي ٿي. هو لکي ٿو ته:

"ارڌ ناگري (سڌ ماترڪ ۽ ديوناگري جي ميل واري لکاوٽ) لپي جو استعمال ڀاٽيه (جيسلمير) ۽ سنڌ جي ڪجهه حصن ۾ ٿيندو آهي. اهو خط لڳاتار سنڌ جي ڪيترن ئي ڀاڱن ۾ استعمال هيٺ رهيو.علمي ۽ ڌرمي ڪتاب ان ۾ لکجڻ ۾ آيا. سنڌ جي صوفي سنتن قاضي قادن (1465ع- 1551ع) ۽ دادو ديال جو ڪلام ديوناگري خط ۾ مليو. ان کان بعد جون لکاوٽون گجرات، ڪڇ، جيسلمير ۽ ٻين ڀاڱن ۾ مليون آهن. ان خط جي مقبوليت کي محسوس ڪندي، ڪيپٽن اسٽئڪ پنهنجو گرامر ۽ ٻئي ڊڪشنريون ان خط ۾ لکيون. عربي- سنڌي لپي تسليم ٿيڻ کانپوءِ به سنڌي هندن جي زوردار گهُر تي سرڪار ڪئي ڪتاب ديوناگري ۾ شايع ڪيا. ورهاڱي کان پوءِ راڄ نيتي جي لحاظ سان ڀارت جا هندو هاٽي ان خط ۾ پستڪ لکن ٿا ۽ اڄ جو نوجوان ان خط طرف وڌيڪ لاڙو رکي ٿو(6)."

رچرڊ برٽن ديوناگري لاءِ لکي ٿو ته "ديوناگري جا سيني کان وڌيڪ علمي آئيوڻا آهي ۽ اها اسان جي الف- ب سان مشابهت رکي ٿي. ديوناگري لپي، لغتن، گرامرن ۽ اهڙن ٻين پستڪن لاءِ ڏاڍي موزون آهي، جي يورپي ماڻهن کي ڏيهي ٻولي سيکارڻ لاءِ تيار ڪيا وڃن ٿا. ساڳئي وقت ان ۾ ڪيترين ڪوتاهيون پڻ آهن. گهٽ ۾ گهٽ ويهن اکرن کي سڃاڻپ جون نشانيون ڏيٽيون پونديون، نه ته سمجهه ۾ نه ايندا. تنهن کان سواءِ، جيتوڻيڪ اهي اکر ڇپيل ڪتابن لاءِ موزون آهن، پر اهي سرڪاري لکپڙهه ۾ اهنجا ۽ اوکا لڳندا، ماڻهو به اهي آسانيءَ سان ڪونه سکي سگهندا. هن وقت هو انهن کان غير واقف آهن. هي اعتراض تمام وزنائتو آهي ته هڪڙي عام فهم الف - بي ڪڍي، ان جاءِ تي ٻي نئين آئيوڻا مڙهڻ هڪ تمام ڪٺن ۽ بيسود ڪم آهي(7)."

ديوناگري لپي بابت سنڌ جو ڪمشنر مسٽر بارٽل فريئر بمبئي سرڪار ڏانهن تعليم کاتي سان ڙاڳيل ڊپٽي ڪليڪٽر مسٽر ايلس برو جي تيار ڪيل "سنڌ ۾ تعليم بابت رپورٽ" ۾ پنهنجي راين (comments) جي پيرا نمبر 13 ۾ لکي ٿو ته:

"ان اسڪرپٽ جي سرڪاري وهنوار ۽ اشاعتي ڪمن لاءِ اڃا وقت لڳندو. اها اڃا هندو ڪميونٽي عام استعمال هيٺ نه آندي آهي. اها عربي لپي کان به مشڪل آهي. ان ۾ علت وارن حرفن کي شامل ڪرڻو پوندو، ڪاش! اڄ وشوناٿ نارائڻ سنڌ ۾ هجي ها ته سندس صلاحيت ڏاڍي ڪارآمد ثابت ٿئي ها. ان مشڪل مسئلي کي حل ڪري سگهجي ها(8)."

عربي- سنڌي رسم الخط رائج ڪرڻ وقت انگريزن وٽ هڪ سبب اهو به هو ته سنڌ جي آبادي جو 70 سيڪڙو مسلمان هئا. ان راءِ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي ڏيارام وسڻ مل پنهنجي هڪ مضمون "سنڌي ٻولي ۽ ديوناگري لپي" ۾ لکي ٿو ته "بنگال ۾ مسلمانن جو انداز هندن جيترو ئي رهندو پئي آيو آهي، تڏهن به اتي سڀ مسلمان بنگالي ٻولي ڪم آڻين ٿا، جا "ديوناگري" جهڙي لپيءَ ۾ آهي. ساڳي طرح دکني مسلمان ۽ يهودي مرهٽي ٻوليءَ ۽ ميمڻ، ڪڇي ۽ پارسي گجراتي

اسڪرپٽ سرڪاري طور پڌري ٿي چڪي هئي. انڪري سندس راءِ ڪي وزن ڏنو ويو:

1. نسخ، 2. نستعليق، 3. گرمکي،
4. خواجڪي، 5. ديوناگري، 6. خداوادي.

1. نسخ

موجوده خط نسخ جي صورت تمام گهڻو پوءِ وجود ۾ آئي. ان کان اڳ خط ڪوفي رائج هو، جيڪو عراق، ڪوفي، بصره ۾ هلندڙ هو. ان دور ۾ مکي مديني جو ڪو تصور ڪونه هو. خط ڪوفي ۾ نقطا ڪونه هئا، انڪري پڙهڻ ۾ مشڪل هو. پر عربن لاءِ مشڪل نه هو، عرب ان خط ۾ لکيل هر لفظ يا سٽ آساني سان پڙهي ويندا هئا. اسان وٽ نئي جي هڪ اديب عالم رسول بخش تميمي سيرت تي ڪتاب "محمد رسول الله" بنا نقطن جي لکيو، جنهن تي ڪيس 1996ع ۾ صدارتي ايوارڊ پڻ مليو. ساڳي طرح جيئن اسان پٽ، لفظ جملي جي استعمال سان پاڻهي سمجهي ويندا آهيون. (پَٽُ= ميدان، پَٽ= ريشم، پٽ= پُٽ، پُٽر. خاص طور جڏهن اسلامي فتحن سبب ڪافي ملڪ اسلام جي دائري ۾ ايندا ويا ته ان وقت ان شيءِ جي ضرورت محسوس ٿي ته عربي لفظن جي چٽائيءَ لاءِ حرفن تي نقطن سان گڏ اعرابون ڏنيون وڃن. اهڙي طرح لفظن جي صحيح سڃاڻپ لاءِ سن 65 هه هجريءَ ۾ حجاج بن يوسف جي هدايتن مطابق خاص طور مذهبي ڪتابن تي زيرون زبرون، پيش، شد مد وغيره جون علامتون ڏنيون ويون.

نسخ جي لفظي معنيٰ آهي: ٻي شيءِ ان جي جاءِ تي آڻڻ (ابن فارس). ان جي وڌيڪ وضاحت ۾ پرويز صاحب لکي ٿو ته اڳين صورت پلي موجود هجي پر ان جي جاءِ تي ٻيءِ شيءِ جي استعمال کي "نسخ" جي معنيٰ ۾ ڏنو وڃي ٿو. وضاحت ۾ هن ڪن قرآني آيتن جو مثال پڻ ڏنو آهي(14). خط نسخ اچڻ کان پوءِ ٻيا خط محض رسمي يا خوش خطي خاطر لکجڻ ۾ اچڻ لڳا. ڪي ڪاتب پنهنجي فن جي مظاهري لاءِ مختلف خط لکي پڙهندڙن کي متوجهه ڪندا هئاآهن.

رچرڊ برٽن جنهن جي راءِ کي حڪومت گهڻي اهميت ڏني، ان خط جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي. اها به حقيقت آهي ته برٽن کي عربي خطن جي مختلف قسمن جي چڱي ڄاڻ هئي. هو عربي زبان فصيح نموني رواني سان ڳالهائي ويندو هو . اسان به برٽن سان متفق آهيون ته نسخي خط مفهوم، ادائگي توڙي تحرير ۾ منفرد ۽ بهترين آهي.

هيٺ ان خط جي وڏي وڪيل برٽن جي بيان جو تنقيدي اپياس پيش ڪجي ٿو. هو لکي ٿو ته "مطلب ته اُهي (نسخي اکر) ٻي ڪنهن به الف- ب کان گهٽ نه آهن. انهن جي خوبيءَ جي ثابتي اها آهي ته جنهن زبان لاءِ ٺاهيا ويا آهن، تنهن جو هر هڪ آواز چڱي طرح ظاهر ڪري سگهن ٿا. پر اهو سمجهي سگهجي ٿو ته جيئن اهي اکر عربي کان پري ٿيندا، تيئن زياده ڪرندا ويندا. هن وقت سنڌي لکڻ لاءِ انهن ۾ ٽڪڙي ڦير گهير ڪري، انهن جو روپ بدلايو ويو آهي. اعرابون منجهائيندڙ آهن ۽ حرف ڏکيا ۽ منجهائيندڙ لڳن ٿا. پر انهن جي ذاتي خوبي ڪانه ويئي آهي ۽ اها قائم رکي سگهجي ٿي. جيئن تعليم ترقي ڪندي ويندي، تيئن انهن کي سڌارڻ جا اُپاءَ ورتا ويندا. هندستاني ماڻهن تازو نستعليق خط لکڻ جي طريقي ۾ ڪيترين ڦيرين ڦارين ۽ سڌارا ڪيا آهن". هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

"سنڌي ٻولي آواز، بناوٽ ۽ اعرابن جي تعداد ۾ اهڙي ته پيچيدي آهي، جو ان لاءِ هڪ وڌيڪ مڪمل الف-ب (Script) جي ضرورت آهي. جيئن عام ماڻهن جو عمل ڏيکاري ٿو. سنڌ جي سمورن تعليم يافته ماڻهن کي به ڏيهي ٻيتن پڙهڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. اها تڪليف دور ٿيندي يا نه، سو مان زبان جي ماهرن تي ڇڏيان ٿو(15)."

50 کان مٿي دنيا جي اهم زبانن جي ماهر رچرڊ برٽن صاحب پنهنجي تجزئي ۾ لساني لحاظ کان پنج نهايت اهم نقطا بيان ڪيا آهن. جن تي بنهه سنجيدگيءَ سان سوچڻ جي اڄ به خاص ضرورت آهي. هن جو پهريون نقطو آهي ته:

1- عربي حرف جنهن ٻولي لاءِ ٺاهيا ويا آهن، تنهن جو هر هڪ آواز چڱي طرح ظاهر ڪن ٿا. پر اهو سمجهي سگهجي ٿو ته جيئن اُهي اکر عربي کان پري ٿيندا، تيئن زياده ڪرندا ويندا.

بنيادي نقطو ٺي اهو هو، جنهن تي غور ڪرڻ گهربو هو! عربي جي بنيادي حرفن ۾ هيٺان مٿان اضافي نقطا يا انگڙيون ڏيڻ سان اهي اکر پنهنجي صوتي حيثيت گم ڪري ڇڏيندا آهن. شروع ۾ اهي پنيون پڙهايون پئي ويون ته عربي خط اختيار ڪرڻ سان، سنڌي ٻولي جي حيثيت اوچي ٿي ويندي ۽ ان جو ڦهلاءُ مسلمان ملڪن ۾ عام جام ٿي ويندو. پر ڳالهه ان جي ابتڙ ٿي. اسان چيلينج سان ٿا چئون ته جن مسلمان ملڪن جو برٽن ذڪر ڪيو آهي، اتان جو ڪوبه هڪ ماڻهو هترادو وڌايل نقطن وارا حرف جهڙوڪ: ٻ، ٺ، ٿ، ج، ڄ، ڃ، ڊ، ڏ، ڍ، ڙ، ڦ وغيره، پڙهي ڏيکاري! اها ڳالهه نه صرف لساني بلڪ عقل کان به پري آهي. ڪو خط نسخ، نستعليق، ثلثي، ريحان، جو ماهر به مٿان حرف پڙهي ڪو نه سگهندو، بلڪ اهڙا ابتا سبتا حرف ڏسي هو تحرير پڙهڻ جي تڪليف به نه ڪندو. سنڌس ٻيو نقطو هو ته:

2- هن وقت انهن ۾ (عربي حرفن ۾) تڪڙي ڦير گهير ڪري، انهن جو روپ بدلايو ويو آهي. اعرابون منجهائيندڙ آهن ۽ هڪ هڪ حرف کي ڪيترا آواز آهن، تنهن ڪري اُهي حرف ڏکيا ۽ منجهائيندڙ آهن.

اها ڳالهه اسان مختلف مقالن ۾ بار بار پئي ورجائي آهي ته حرفن ۾ ڦير ڦار بنهه تڪڙ ۾ ڪئي ويئي. انهن جي مٿان/ هيٺان نقطا ڏيڻ وقت ڪوبه دليل نه ڏنو ويو. مختلف ليکڪن پاران پنهنجي سهوليت لاءِ اختيار ڪيل غلط روايتن کي به تسليم ڪيو ويو. اعرابن لاءِ ڪو طريقو نه اختيار ڪيو ويو. نتيجي ۾ اهي حرف ڏکيا ۽ منجهائيندڙ ٿي پيا، جيڪي اڄ به ان صورت ۾ موجود آهن. سنڌس ٽيون نقطو هو ته:

3- انهن حرفن جي ذاتي خوبي ڪاڻ ويئي آهي ۽ اها قائم رکي سگهجي ٿي. جيئن تعليم ترقي ڪندي ويندي. تيئن انهن کي سڌارڻ جا اپاءَ ورتا ويندا.

منهنجي تحقيق جو بنهه مکيه نقطو اهو آهي. برٽن صاحب جو اهو ڪتاب 1975ع ۾ مون جڏهن پڙهي پورو ڪيو ته ان وقت به مان ان ويچار جو هيس ته انهيءَ لپيءَ جو رچيندڙ خود اعتراف ڪري ٿو ته جيئن جيئن بنيادي حرفن ۾ ڦيرڦار ڪبي تيئن تيئن اهي اصل کان الڳ/ پري ٿي ويندا ۽ جڏهن هن (سنڌي) ٻولي جا ماڻهو ٻوليءَ جو علم يعني لسانيات/ صوتيات پڙهندا ته هو ان مطابق وقت آهر ان کي سڌارڻ جو سعيو ڪندا پر اسان ته ان ڏس ۾ ڪجهه به ڪين ڪيو آهي. انهن اکرن جي بنيادي خوبيءَ کي قائم رکڻ لاءِ انهن ۾ سڌاري جي اڄ به ضرورت آهي، بلڪ ائين چئجي ته اهو اهم نقطو هو، جنهن ان وقت کان وٺي مون ۾ هڪ علمي تڙپ پيدا ڪئي ته هاڻي اسان جا عالم مٿي ڄاڻايل بنيادي علمن ۾ خاص ڄاڻ حاصل ڪري چڪا آهن. انڪري ان نقطي کي بنياد بنائي صورتخطي کي سڌاري سگهجي ٿو. سنڌس چوٿون نقطو هو ته:

4- هندستاني ماڻهن تازو نستعليق خط لکڻ جي طريقي ۾ ڪيترين ڦيريون ڦاريون ۽ سڌارا ڪيا آهن.

واضح رهي ته مرڪزي انگريز سرڪار علائقائي زبانن (Regional Languages) جي صورتخطيءَ لاءِ ڪي اصول جوڙيا هئا ته جيئن اهي ٻوليون پڙهڻ ۾ يورپي ماڻهن کي گهڻي دقت نه ٿئي. ان ۾ هڪ قاعدو اهو به هو ته جن حرفن مٿان فارسي واري ”ط“ اچي ٿي جيئن ڙ، ڻ، ڊ، انهن حرفن مٿان چار نقطا ڏنا وڃن. ملاحظ ڪريو، ان دور جي ڊڪشنري جا ڪجهه ورق جن ۾ اردو الفاظن لاءِ حرفن مٿان چار نقطا ڏنا ويا آهن. ان کان سواءِ شروع واري دور ۾ 50- 60 سالن تائين اردو نسخ ۾ لکي ويندي هئي. اردو

چپائي پتري ڪئي. ان مطابق وسرڳ حرف ٻھ، ٺھ، ڇھ وغيره تجويز ڪيا ويا هئا. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ان جي حمايت ڪندي، پنهنجي پاران جوڙيل لپي ۾ ان طرز جا وسرڳ ٺاهيا هئا. جنهن ۾ هن 1866ع ۾ "شاهه جو رسالو" شايع ڪرايو، جيڪو اڄ تائين ان لپي ۾ موجود آهي. تازو سنڌ ثقافت کاتي ان جو ٽيون ڇاپو ساڳي لپيءَ ۾ شايع ڪيو آهي.

3. گرمکي

ان بابت به اسان اڳ وضاحت ڪري آيا آهيون ته گروگ نٿ کي مڃڻ وارا سنڌ ۾ به ڪافي هئا. ان ڪري اها ٻولي پوڃا پاٺ کان سواءِ علمي لک پڙهه ۾ به ڪتب ايندي هئي. ساڳئي فرقي وارا پاٺ ۾ لکپڙهه ان خط ۾ ڪندا هئا. هندن ۾ ديوناگري سان گڏ اهو خط به عام هو. ان خط ذريعي عورتن کي گهرو وهنوار، دين ڌرم، ۽ زماني جي سکيا ڏني ويندي هئي. 1930ع-1940ع واري دور ۾ حيدرآباد ۽ شڪاپور مان رسالا ۽ ڪتاب گرمکي ۾ شايع ٿيندا هئا. ان کان علاوه جيئن اسان اڳ ذڪر ڪري آيا آهيون ته سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعر سامي جي شاعري جا بيت ان لپي ۾ لکيل هئا. ڀڳت ڪنور رام به ان خط ۾ چنيون ڇپا ٽيون لکندو هو.

صوتي اعتبار کان اها لپي، برڻن چواڻي: پنجابي ٻوليءَ لاءِ موزون آهي. اوير پنجاب ۾ اُها پنجابي لاءِ اختيار ڪئي ويئي البت اولهه پنجاب يعني پاڪستان واري حصي ۾ ان کي مذهبي بنيادن تي قبول نه ڪيو ويو ۽ اُها لپي ڄٽڪ سکن لاءِ مخصوص ٿي ويئي.

سنڌ ۾ ڪافي ڪلاسيڪي لٽريچر ان لپيءَ ۾ لکيل مليو آهي. اها لپي به سرڪار وٽ پيش ڪئي ويئي هئي. اسٽئڪ ان جي حامي به ٻري هئي. سندس خيال هو ته جي خداوادي خط قبول نٿو ڪيو وڃي ته پوءِ گرمکي ۾ ضروري اضافا ڪري، ان کي رائج ڪرڻ گهرجي، ان جي بيهڪ ۽ صوتي خصوصيت سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندي.

## 4. خواجڪي

خواجڪي سنڌي خط جو به وڏو پس منظر آهي. اهو خط لوهاڻڪي خط ۾، جيڪو صدين کان سنڌ ۾ رائج هو. ان ۾ ضروري واڌارا ۽ سڌارا ڪري، پير صدرالدين پنهنجي پيغام لاءِ استعمال هيٺ آندو. پير صاحب سومرا دور (1050ع-1351ع) جو مُصلح شاعر ٿي گذريو آهي. جنهن جا گنان سنڌ کان سواءِ ڪڇ، پڇ، گجرات، ملتان، لاهور جا ڪجهه حصا ۽ هندستان جي ڪن علائقن ۾ پڙهيا ۽ سمجهيا ويندا هئا. خاص طور انهن علائقن ۾ جتي پير صدرالدين جا اسماعيلي خواجه مريد ۽ معتقد رهندا هئا.

اهو خط ديوناگري طرز جو هو، جنهن جا آثار لوهاڻا خط، جنهن جو ذڪر اسٽئڪ به ڪيو آهي، ان ۾ سنڌي ٻولي جي صوتياتي ضرورتن مطابق ڪجهه ماترائون شامل ڪري ان کي چاليهه اکرن تي آندو ويو. انڪري هن لپي کي "چاليهه اکرن" واري لپي به چيو ويو. ان ۾ اٺ حرف علت (Vowels) باقي 32 وينجڻ (Consonants) آهن، جيڪي رواجي طور سنڌي ٻوليءَ جون ضرورتون پوري ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. انهن اکرن جي صورت ۽ وضاحت سنڌ جي ناميا ري عالم ڊاڪٽر خواجه غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب "سنڌي صورتخطي" ۾ ڏني آهي(16).

تاريخي طور اها روايت رهي آهي ته مختلف دورن ۾ مذهبي پيشوائن/پيغمبرن پنهنجي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ گهٽي قدر ڪنهن نه ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٿورين گهڻيون ترميمون ڪري، ان کي پنهنجي پيغام ڦهلائڻ لاءِ استعمال پئي ڪيو آهي. سنسڪرت ان جو وڏي ۾ وڏو مثال آهي. ان کانپوءِ پاليءَ ٻوليءَ تي "ٻڌ ڌرم" وارن هٿ رکيو ته اها ڏکڻ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي زبان استعمال ٿيڻ لڳي. اهڙي ريت عبرانيءَ پنهنجي دور ۾ پيغمبر حضرت عيسىٰ، موسىٰ، هارون وغيره، منتخب ڪئي. اڳتي هلي عبراني ۾ ڦيرڦار ڪري عربي زبان جوڙي ويئي،

جنهن کي اسان جي پيغمبر حضرت محمد ﷺ استعمال ڪيو. ساڳي روايت کي پير صدرالدين رائج ڪري، هتي سنڌي ڪنڊ ۾ پنهنجي پيغام کي ڦهلايو. خاص فڪر ۽ مذهبي فلاسافيءَ سبب اهو خط سنڌي ڪنڊ جون سرحدون پار ڪري، اڄ اهو خط پاڪستان، هندستان، برما، سيلون ۽ آفريڪا ۾ رائج آهي. مٿي ڄاڻايل ملڪن ۾ اڄ به اسماعيلي فرقي جا پوئلڳ سنڌي طرز جا گنان پڙهن ٿا(17). ان حوالي سان اسماعيلي خواجه سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي بيهڪ کان ڪافي واقف آهن. ڪراچي ۾ مون ڪافي اهڙا اسماعيلي ڏٺا، جيڪي سنڌي آرام سان سمجهي ٿي ويا. البت ڳالهائڻ ۾ ڪين ٿوري دقت پئي ٿي. ان حوالي سان سنڌي ٻولي ۽ تاريخ جو ڄاڻو ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته: "مسلمان حاڪمن ڪڏهن به ڪنهن کي عربي خواهه فارسيءَ سکڻ لاءِ ٻڌل نه رکيو هو. جنهن صورت ۾ خواجه/ميمڻ اڄ تائين هندو- سنڌي اکر پيا ڪم آڻين، تنهن صورت ۾ انهن ۾ لاڪنائون ياماترائون گڏي، اهي چالو ڪرڻ ڪپندا هئا. جيئن ڪيپٽن اسٽئڪ منڊ ۾ صلاح ڏني هين(18).

اهو خط به سنڌي ٻولي جي لپيءَ لاءِ پيش ڪيو ويو. پر جيئن ته ان جي وضاحت/ وڪالت يا نمائندگي ڪرڻ وارو ڪو انگريز حڪمران ڪونه هو. ان ڪري ان تي وڌيڪ غور ويچار نه ٿي سگهيو هو. حالانڪ رچرڊ برٽن چاليهه اکرن واري پٽيءَ جي حمايت ڪري چڪو هو، جنهن مان سندس مراد خواجڪي خط واري نه به هجي. پر سندس خيال هو ته لپيءَ ۾ بنيادي طور 40 اکر ٿين ٿا، جن ۾ ڏهه سُر (Vowels) ۽ باقي وينجڻ (Consonants) ٿين ٿا.

## 5. ديوناگري

جڏهن انگريزن هند کان پوءِ سنڌ تي قبضو ڪيو ته ان وقت پوري سنڌي ڪنڊ ۾ علمي لپي ديوناگري هئي، جيڪا فارسيءَ سان گڏ لک پڙهه ۽ سرڪاري رڪارڊ لاءِ ڪتب ايندي هئي. بلڪ حقيقت اها آهي ته ديوناگري جو دائرو اڃا وسيع هو. اها لپي براهمي خط مان اسري، جنهن جون پاڙون قديم خط موهن جي دڙي تائين رسن ٿيون. ان لپيءَ جي شاندار روايتن ۽ علمي واهپي کان انگريز اڳ ئي چڱي طرح واقف ها. اهو ئي مکيه ڪارڻ هو جو اسٽئڪ پنهنجا ٻئي ڪتاب سنڌي گرامر ۽ سنڌي- انگريزي ڊڪشنري انهيءَ لپي ۾ لکيا. خود برٽن ان لپي لاءِ لکي ٿو ته: "ديوناگري، جا سيني کان وڌيڪ علمي آئيوٽا آهي ۽ اها اسان جي الف- ب سان مشابهت رکي ٿي. ديوناگري: لغتن، ويا ڪرڻن ۽ ٻين اهڙن پستڪن لاءِ ڏاڍي موزون آهي، جي يورپي ماڻهن کي ڏيهي ٻولي سکارڻ لاءِ تيار ڪيا وڃن ٿا(19)." خود سنڌ تي قبضي کان اڳ، انگريزن بائيبل جو سنڌي ترجمو ديوناگري لپيءَ ۾ 1819ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ڪرايو(20).

اسان جي خيال ۾ برٽن جو اهو رايو ڪوتاهه نظري تي آڌاريل آهي، جيڪا لپي گرامرن ۽ لغتن لاءِ موزون آهي سا ڪيئن رواجي لکڻ پڙهڻ لاءِ ناموزون هوندي! برٽن جو واضح نمونو اشارو اسٽئڪ جي تيار ڪيل سنڌي گرامر ۽ سنڌي لغت ڏانهن آهي. جڏهن ته اسٽئڪ گرامر واري ڪتاب جي آخر ۾ انهيءَ خط ۾ سنڌ جون اوائلي ست لوڪ ڪهاڻيون به لکيون هيون، جيڪي نثري لکت جو سٺو مثال هيون. اُهي آکاڻيون دهلي مان موجوده لپي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي "سنڌ جون اوائلي لوڪ ڪهاڻيون" جي نالي سان شايع ڪيون آهن.

ديوناگري لاءِ اسٽئڪ جو رايو هو ته:

"هن ڪم جي شروع ڪرڻ وقت، اول سوچڻو پيو ته ديسي لفظ ڪهڙي خط ۾ لکان، پنهنجي انتخاب لاءِ منهنجي نظر ۾ رومن، پارسي خط، گرمکي خط ۽ ديوناگري خط هئا. پارسي خط کي انهيءَ ڪري ترڪ ڪيم، جو منهنجي اڳيان "واٿن جو گرامر" (Wathen's Grammar) ۽ ٻيا سنڌي ڪتاب موجود هئا. پارسي خط مقرر ڪرڻ

ڪان اڳ ڪيترن ئي نج سنڌي آوازن لاءِ نيون صورتون مقرر ڪرڻيون پون ها. جن جا آواز پارسي خط لاءِ انوکي حيثيت رکندڙ هئا. مون محسوس ڪيو تہ اهو خط سنڌين لاءِ بلڪل ايئن ٿيندو جيئن رومن خط، جنهن ۾ اکري صورتن جا اضافا يا تبديليون ڪجن ها، جيڪي پارسيدانن کي جيڪر عجيب لڳن ها. جڏهن تہ ديوناگري خط کان يورپي عملدار بخوبي واقف آهن ۽ هيءُ خط (Script) سنڌي زبان لاءِ بنيادي خط آهي(21).“

حقيقت ۾ اها آهي تہ اهو هڪ عالماڻو خط هو، جيڪو پوري هند ۽ سنڌ ۾ رائج هو. هن خطي جا ماڻهو ان خط مان چڱي طرح واقف هئا. علائقي جي حوالي سان، ان ۾ ٿوريون گهڻيون تبديلون بہ هيون، جيڪي ماڻهو سمجهي ويندا هئا. جئين ان تيَ آڏاريل گجراتي لپيءَ مٿان ليڪ نہ ايندي آهي، جڏهن تہ بنگالي خط ۾ بہ ٿوري گهڻي تبديلي آهي، جيڪا عام ماڻهو بہ سمجهي ويندا آهن. جيڪڏهن سنڌي ان خط ۾ رائج ٿئي ها تہ هوند ان جي پڙهندڙن جو انگ تمام وڏو هجي ها. يقيني طور شاهہ، سچل ۽ سامي جي عظمت ۽ انساني محبت جا درس ۽ سنڌي ثقافت جون نراليون وصفون پوري ننڍي کنڊ ۾ پيون ڳائجن ها. ان سان گڏ اسان جي جديد شاعرن شيخ اياز، تنوير عباسي، استاد بخاري، تاجل بيوس وغيره جا ڪتاب هزارين نہ بلڪ لکن جي تعداد ۾ ڇپجن ها. سنڌ جي تهذيب جا پڙاڏا جيڪي ان دور ۾ انگريزي ٻولي وسيلي پرڏيهہ پڌاريا، سي اڄ دنيا ۾ پيا ڳائجن ها. ان سوچ کي نظر ۾ رکندي، مون ثقافت کاتي وارن کي تجويز ڏني هئي تہ مانواري محقق شاهہ جي پارکو ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي کي گذارش ڪئي وڃي تہ هو شاهہ جي رسالي کي ديوناگري لپي ۾ آڻي، تڏهوڪي ڊائريڪٽر ڪلچر منظور قناصري منهنجي راءِ کي مان ڏنو. منهنجي تجويز تي ڊاڪٽر موتي لال 50 سالن کان پوءِ شاهہ جي 262 عرس تي 20 مارچ 2006ع ۾ آيو ۽ هن ديوناگري لپي ۾ رسالي کي آڻڻ لاءِ ڪم بہ شروع ڪيو. رسالي جو 80 سيڪڙو ڪم راس ٿيو، جو جوتواڻي صاحب پرلوڪ پڌاريو. اميد تہ ڪو ٻيو جوتي اهو ڪم مڪمل ڪري اتي ڇپائيندو يا وري هيڏانهن موڪليندو.

## 6. خداوادي خط

خداوادي خط جو بہ وڏو پس منظر آهي. هيءُ اهو خط آهي، جيڪو براهمي خط وسيلي وڃي موهن جي دڙي جي لپيءَ سان ملي ٿو. اڻويهين صديءَ ۾ جڏهن سنڌ جي لپي تي ويچار ڪيو پئي ويو تہ ان دور ۾ هر لحاظ سان بهتر لپي اها ئي هئي، جيڪا سنڌي صوتين ۽ آوازن سان بنهہ ٺهڪي ٿي آئي. ان خط جي قدامت، اهميت ۽ افاديت بابت ڪافي وقت کان هند ۾ تحريڪ هلي رهي آهي، جنهن جي سرواڻي سنڌي ڪري رهيا آهن. خاص طور اُهي جيڪي هن خط جي اهميت کان چڱي طرح واقف آهن. سنڌي ٻوليءَ جي ماهر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو والد صاحب ڪشنچند ٽوپڻ لال جيٽلي ان خط جي اهميت بابت بہ ڪتاب لکيا آهن، جن جو ذڪر ڊاڪٽر مرليڌر پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻولي جون لپيون“ ۾ پڻ ڪيو آهي. مون اُهي ڪتاب هٿ ڪري، ان لپي جي اهميت کان آگاهي حاصل ڪئي آهي. مانوارو ڪشنچند ”هٽ واڻڪا لپي“ ڪتاب جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو تہ ”جنهن کي اسان هٽ واڻڪا اکر (خداوادي خط) چئون ٿا. اهو حقيقي معنيٰ ۾ سنڌي ٻولي جو اصل خط آهي، جنهن جا تفصيل هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جڏهن عربي لپيءَ تي جهيڙو هلي رهيو آهي تہ تمام ضروري آهي تہ ان قديم ۽ اصل لپي کي اختيار ڪرڻ گهرجي؛ ڇاڪاڻ تہ ان جون گهڻي قدر نشانيون (لکت) قديم براهمي، ڪروشني ۽ موهن جي دڙي واري لپي سان ملن ٿيون. اهي نشانيون (Symbols) 5000 سالن اڃا ان کان بہ قديم آهن. انڪري اها لپي سنڌي ثقافت جو هڪ حصو آهي. ان ۾ سنڌي آوازن/صوتين

مسئلي جو آسان حل اهو آهي. ان کان پوءِ اسين چئي سگهنداسين ته ڪيپٽن اسٽئڪ ۽ رچرڊ برٽن بئي درست هئا. پيرا نمبر 46 ۾ چئي ٿو ته: جيتري اڳيرائي عربي- سنڌي خط ۾ ڪتابن جي ڇپائي بابت ٿي آهي، اهڙي اڳيرائي خداوادي خط ۾ نه ٿي آهي. حقيقت ۾ ان لپي ناهڻ ۾ به ڪا ڪوشش ڪا نه ورتي وئي آهي ته جيئن ان کي استعمال هيٺ آڻي سگهجي. عربي جي پيٽ ۾ ان تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي(26).

اهو خط سنڌي ٻوليءَ لاءِ نهايت موزون هو، جنهن جي وڪالت ان دور جا محقق ۽ ان موضوع تي ڪم ڪندڙ عالم ۽ حاڪم به ڪري رهيا هئا. جيئن اسان اڳ ۾ برٽن ۽ اسٽئڪ جا حوالي ڏيئي آهيون. البت اڄ جي دور جا اسڪالر ۽ ماهر لسانيات ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي به ان کي سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق سمجهن ٿا. گهرائي سان ڏسجي ته مانواري جارج اسٽئڪ کان هڪ وڏي غلطي سرزد ٿي. هن خداوادي خط جي حمايت به ڪئي ۽ وڏي ڪوشش ڪري ان لاءِ گهربل ماترائون ۽ سُرَ (Vowels)جوڙي ورتا ۽ مڪمل الف – بي واري پٽي ڪمشنر کي ڏياري موڪلي ۽ پنهنجي رپورٽ ۾ هن وڌيڪ اهو به ڄاڻايو ته جيڪڏهن ڪوبه سنڌ واسي ڪيس ان خط ۾ عرضي لکندو يا رڪارڊ طور دستاويز ان خط ۾ لکيو ويندو ته هو ان کي قبول ڪندو پر هن جڏهن پنهنجا بئي ڪتاب گرامر ۽ ڊڪشنري لکيا ته انهن لاءِ هن ديوناگري خط استعمال ڪيو. جيڪڏهن هو ساڳيا ڪتاب ان لپي ۾ لکي ها ته شايد انگريز سرڪار جو فيصلو ڪجهه ٻيو هجي ها!

حقيقت اها آهي ته جيڪڏهن عام سنڌ جي عالمن ۽ اديبن کان رايا گهرايا وڃن ها ته فيصلو ڪجهه ٻيو هجي ها. اسڪرپٽ بابت جيڪا آخر ۾ ڪاميٽي جوڙي وئي (جنهن جي ڪارگردگي تي تفصيلي بحث ڪنهن ٻئي مضمون ۾ ڪنداسين، اها صرف خانه پري هئي) فيصلي وقت صرف رچرڊ برٽن ۽ اسٽئڪ جي راين کي نظر ۾ رکيو ويو. ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جو ڪم صرف اڳ ڇپيل ۽ ڪن قلمي نسخن ۾ استعمال ڪيل مختلف حرفن جي صورتن جون پٽيون ناهڻ هو. انهن مان چونڊ به ايلس پاڻ ڪئي. حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي رائج ڪرڻ؛ انگريزن جي انتظامي مجبوري هئي، انگري آبادي ۽ امڪاني فسادن کان بچڻ خاطر ڪميشن رچرڊ برٽن جي حمايت ۾ رپورٽ مٿي موڪلي ورنه هو ان ڳالهه کي ڪا خاص اهميت ڪونه ڏيئي رهيا هئا.

بمبئي جي گورنر لارڊ فاڪ لينڊ، سنڌ جي ڪمشنر وٽان آيل سمورين تجويزن جي آڌار تي هڪ تفصيلي رپورٽ ”ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڊائريڪٽرس“ ڏي لکي موڪلي، جنهن ۾ هن عربي- سنڌي لپي بابت ويچار ڪندي، خداوادي خط جي به تعريف ڪئي؛ ڇاڪاڻ ته اهو خط بهرحال، سنڌ جو پنهنجو هو. ڪمپنيءَ کي اها رپورٽ جيئن ملي ته سڀني پهلوئن تي ويچارڻ کان پوءِ 8 ڊسمبر 1852ع تي هنن هيٺئين ريت فيصلو ڏنو:

الف: سنڌ ۾ ”عربي- سنڌي“ خط اختيار ڪيو وڃي. پر ان لاءِ مڪاني عالمن جي هڪ مختصر ڪاميٽي مقرر ڪري ضروري سڌارا ڪيا وڃن.

ب: سنڌ ۾ ديوناگري/ خداوادي خط اختيار ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي. جيڪڏهن ڪو ان لپي ۾ پڙهڻ گهري ته ان کي ڪا جهل نه هوندي.

ج: سنڌ ۾ سرڪاري خرچ سان اسڪول کوليا وڃن.

## حوالا


(1) B. H. Ellis. "Sindhi- English Dictionary" Preface, reprinted by Sindhi Language Authority Hyderabad 2010

(2) - Aitken, E.H. "Gazetteer of Sind", Indus Publication 1986, P. 472

(3) -Yousuf Mazhar, 'Selected Writings' Institute of Sindhology, 2008.P.9

(4) - Aitkin, "Gazetteer of Sindh" Indus Publication 1986, P. 146

(5) هڪڙو انور فگار "سنڌي ٻولي بابت مقالا ۽ مضمون." سنڌي لينگويج اٿارٽي، حيدرآباد سال 2007ع، ص 77-78

(6) ٽلي مرليڌر "ٻولي جو سرشتو ۽ لکاوٽ" اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه دهلي 1999ع، ص: 12-111

(7) برٽن رچرڊ "سنڌ ۽ سنڌي ماٿري ۾ وسندڙ قومون" سنڌي ادبي بورڊ 1971ع، ص: 144

(8) B.H. Ellis "Report On Education In Sindh" Bombay Education Society Press - 1856

(9) هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون" سنڌي لينگويج اٿارٽي 2007ع، ص 182

(10) جيٽلي مرليڌر "ٻولي جو سرشتو ۽ لکاوٽ" اکل ڀارتيه سنڌي ساهيتہ دهلي 1999ع ص: 114 -15

(11) برٽن رچرڊ "سنڌ ۽ سنڌي ماٿري ۾ وسندڙ قومون" سنڌي ادبي بورڊ 1971- ص 144

(12) جيٽلي مرليڌر ڊاڪٽر "ٻولي جو سرشتو ۽ لکاوٽ" اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه دهلي 1999ع ص: 115

(13) جيٽلي مرليڌر ڊاڪٽر "ٻولي جو سرشتو ۽ لکاوٽ" اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه دهلي 1999ع ص: 123-24

(14) پرويز غلام احمد "لغات القرآن" طلوع اسلام ٽرسٽ لاهور 2000ع ص: 1606

(15) برٽن رچرڊ "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون" سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1971ع، ص ص 46- 145

(16) الانا غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي صورتخطي" سنڌي زبان پبليڪشن، ٽيون ڇاپو 1969ع ص: 26

(17) الاناَ غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي صورتخطي" سنڌي زبان پبليڪشن ٽيون ڇاپو 1969ع، ص 25

(18) آڏواڻي ڀيرومل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" سنڌي ادبي بورڊ، ٽيون ڇاپو 1972ع، ص 268

(19) برٽن رچرڊ "سنڌ ۽ سنڌي ماٿري ۾ وسندڙ قومون" سنڌي ادبي بورڊ 1971ع، ص 143

(20) ٻٽ الهہ رکيو ڊاڪٽر "1819 کان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو جائزو" ٽہ ماهي مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سال 1995ع، ص 112

(21) Stack. G. "Grammar of Sindhi language" American Press, Bombay 1849-P:1

(22) Jetly Kishanchand. T. "The Date of Sindhi Hat vanka" Script Akhil Bharatiy Sindhi Sahitya Pune 1985. P:2

(23) Platt Jhon. "Urdu, classical Hindi & English Dictionary", 2nd Ed. Sang-e-Meel Publication Lahore, 1983 P:1173

(24) صديقي عبدالغفار "تختگاهہ خداآباد" سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ڪراچي 2004، ص 84

(25) هدايت پريم،"تختگاهہ خداآباد" سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ڪراچي 2004، ص 130

(26) B.H. Ellis "Report On Education In Sindh" Bombay Education Society Press - 1856

بيدل مسرور بدوي

تحقيق

# فقير بشير احمد "بشير"



فقير بشير احمد "بشير" سن 1930ع ڌاري، مرحوم حاجي رسول بخش اوڍي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سندن اصل ڳوٺ محمدپور اوڍو آهي، لعل پور جي اسڪول مان سنڌيءَ جي تعليم ورتائين، ۽ فارسي پنهنجي والد کان سکيائين، سندس والد مولانا عبدالغفور همايوني "مفتون" عليه رحمة (1844—1919ع) جو شاگرد به هو ۽ جيئن ته عام گفتگو به فارسيءَ ۾ ڪندو هو، ان ڪري "ابوالفارسيءَ" جي لقب سان مشهور به هو، ۽ حضرت خواجه نبي بخش عليه رحمة نقشبندي فضلي مجددي حنفيه باگڙجيءَ واري جو خليفو به هو. سندس والد مرحوم رسول بخش پاڻ به نهايت وڏو ۽ سٺو شاعر ٿي گذريو آهي، ۽ مولانا عبدالغفور همايوني "مفتون"عليه رحمة جو همعصر رهيو آهي. شاعريءَ جي علم جي سکيا به پاڻ مولوي صاحب کان ورتي هيائون، ۽ سندس تخلص "مفتون" جي حوالي سان پاڻ "مقتول" تخلص ڪندو هو. سندس ڪلام به مولوي صاحب جي ڪلام جيان نهايت پڪو پختو چيل آهي:

تنهنجي چال چلت تان مَور بَلڪ،
فدا هنج هزارين يار ڪَبڪ،

تقرير سندي تلقين ٿئي، ارغب ذهين نشين ٿئي،
امين به خود آمين ٿئي، مضامين رنگين شيرين نمڪ.

جبين ۾ تون جڏي چين وجهي، نه چين، ماچين ڪو چين ڏجي،
بلڪ هين به هين زمين ڏڏي، هئي گردش ۾ گردون فلڪ.

تنهنجو رخ مبين مهين بدر، آئين متين آ شمس و قمر،
غمگين حزين، "مقتول" نگر، ادراڪ ڪري تنهن ۾ ڪين درڪ.

فقير بشير احمد "بشير" جو خاندان، بعد ۾ محمدپور اوڍي مان لڏي اچي پهرين شڪارپور ۽ پوءِ ڳڙهي ياسين ۾ رهائش اختيار ڪئي. شڪارپور ۾ سندن گهر هاٿي در جي اندران (اوير پاسي) پير ڪامل شاه واري گهٽيءَ ۾ هو. 1978ع ڌاري فقير بشير احمد "بشير" جي.او.آر ڪالوني حيدرآباد ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو، اجان تائين اتي ئي رهي ٿو. سندس والد مرحوم حاجي رسول بخش اوڍي جو شاعراڻو اثر، پنهنجي لاڪيٽي فرزند فقير بشير احمد "بشير" کان علاوه سنڌيءَ جي معروف شاعر مرحوم ساجد لعل پوري تي به هو، جيڪو سندس ڏوهٽو ۽ فقير بشير احمد "بشير" جو ڀاڻيجو هو.

فقير بشير احمد ”بشير“ جو ابتدا کان سندس ذوق شوق شاعريءَ سان رهيو آهي، پاڻ ڪيترين ئي صنفن تي ڪلام چيو اٿس، جن ۾ ٽيهه اکريون، مولود، ڪافيون، غزل ۽ بيت شامل آهن. ٽيهه اکريون فقير بشير احمد جي باطني روئداد جو بهترين اولڙو آهن، جن جي ٻولي به نهايت سلوڻي ۽ عجز نياز سان ٽمٽار آهي، ته ان ۾ جذبن جي رواني‌ءَ ۽ شاعراڻي آهنگ جو امتزاج به نهايت دلپذير آهي:

دال: دائم تو جدائيءَ، جو اندر دونهون دکي،
سور شايد هن نماڻي، جي پيا آهن پُکي،
ڦٽ فراقن جو اندر ۾، چاڪُ ٿو هردم چڪي،
سوز ۾ سينو سڙي پيو، جان ساري پئي جُکي،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا دک دور ڪر.

هي: هدايت هاشمي ڏي، ۽ زيارت ڪر نصيب،
تون رهين جنهن جاءِ تي، سا عطر عنبر کان عجيب،
ٻاجهه ڪر تون ٻاجهه وارا، عرب ۾ پنهنجي غريب،
تو سوا سردار سهڻا، ڪر نه ايندو ڪو قريب،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا دک دور ڪر.

هڪڙي ٽيهه اکري ته سنڌيءَ ٻوليءَ جي منفرد ٽيهه اکري آهي، جنهن ۾ مهيني جي ٽيهن ڏينهن جي حوالي سان سسئي وارا سور ۽ اوسيئڙي جا عذاب اظهاريا اٿس:

پلٽيا پهرين ڏينهن کان، پور مٿي پور،
سدا سناسين جا، سيني اندر سور،
اٿان اٿي نه سگهان، ويهان تان وهلور،
چاڪن ڪيو چور، ويٺي ورهه وسائيان.

ٻارهين رات پروچن جو، ٻانيڻ ڪي ڪو ٻاڻ،
منهن تي ڏڪ هٽي، ۽ وار پٽي پاڻ،
هيڪل جت چڙي ويا، پنهل نيائون پاڻ،
اڳ ئي هئي اٽجاڻ، ويتر ٿي وئي ويسلي.

سورهينءَ سوڙهو آ ڪيو، سسئيءَ کي سورن،
عاجز ۽ اٽجاڻ ڪئي، پنهل جي پورن،
اندر اڌما پيو ڏئي، دٻائي دردن،
من ڪوڪ پوي ڪا ڪَن، چوريءَ هن ندوريءَ جي.

ويھين واويلا ڪري، وينگس چوڙي وار،
منھن ڪٽي سينو پٽي، ڪيڏي پنھونءَ جا پار،
لڳس ھوت بلوچ جي، لونءَ لونءَ ۾ تہ لغار،
بيوس آ لاچار، جا اڙي دلِ "اوڊو" چوي.

اٺيھين اٺن جا، ڪٽي پير ھلي،
سرتين ساھيڙين جي، جھل ۾ ڪين جھلي،
پنھل جي تہ فراق ۾، جيرو. ويس جلي،
وڃين نيٺ ملي، پنھل پنھنجي يار سان.

ٽيھين ٽڪاڻو ٿيو، تڏھين نتر ڪي،
ڳولھي ڳولھي سسئي، لڌو ھو ور ڪي،
"بشيرا" نہ ڇڏ تون، دوست جي در ڪي،
صدقي ڪر سر ڪي، تڏھن پسندين پرينءَ ڪي.

فقير بشير صاحب جي اظهار ۾ لفظن جي وسعت جو بہ ھڪ انوکو ميدان موجود آھي، سندس لکيل ٽيھ اکرين ۾ سنڌ جي عروضي دور واري ٻوليءَ جي چاشني بہ آھي جا خاص ڪري ٽيھ اکرين جي وراڻيءَ جي مصراعن ۾ اسلوب جي ھڪ نرالي سونھن پيدا ڪري بيٺي آھي، مثال طور واقعي ڪربلا جي حوالي سان نواسئہ رسول حضرت امام حسين ﷺ بابت لکيل ٽيھ اکريءَ جي بندن جون وراڻيون ھن ريت لکيون اٿس:

- تطھيرا تلقين الاھي شان ميڏي حيدر دي،
  ڪران بيان مين ڪربل والا ڳالھ شبير شبر دي.

- ظلم امت دي ڪيتي چوڙيس ون اپڻا ملڪ مدينہ،
  روضہ چوڙيس ناني والا ستم ڪيتا بي دينا.

- واويلا آواز آيا ھا عرش ڪنون ماتم دا،
  ماتم حوران پريان دي وچ ھا تہ حسين صنم دا.

- ھي تہ خدا دي لعنت يارو بار ھزار يزيد اتي،
  لعنت ھي ڪل حبداران دي شمر پليد عبيد اتي.

ٽيھ اکرين جي حوالي سان سندس ڪجھ ٽيھ اکريون اڻپوريون بہ آھن، عمر خضريءَ سبب ھاڻي سندس رجحان شاعريءَ بجاءِ ذڪر فڪر ڏانھن وڌي ويو آھي، تازو بہ پيرا مڪي پاڪ ۽ مديني شريف جي زيارت جي سعادت بہ حاصل ڪري آيو آھي، جنھن لاءِ پنھنجي مولودن ۾ سدائين پيو دعائون گھرندو ھو:

توکي سنپاريان، توکي ٿو ساريان، توکي پڪاريان، منا مُحَمَّد
دانهن ٻڌي تون هيڪل نہ ڇڏ تون نحيف نوڪر، گهراءِ مديني.

فقير بشير احمد بنيادي طور مذهبي شخص آهي، روزي نماز جي پابنديءَ سان گڏ نقشبندي مسلڪ سبب قلبي ذڪر ۽ مراقبي ۾ گذاريندو آهي، سندس ظاهري باطني رغبت ديني تبليغ ۽ ٻنهي جهانن جي سردار مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جي عشق ادب ۽ تصور سان تمام گهڻي آهي، جنهن جي اظهار ۾ نهايت انمول خيالن جو اظهار ڪيو اٿس:

هڪ زليخا آهہ "بشيرا" يوسف تي مشتاق اٿئي،
مير محمد جي تہ مٿان ڏس، روءِ زمين افلاڪ اٿئي،
ڏس "ادا" تون دلربا کي، ڪر طواف بيت الله.

مولود جي صنف خالص سنڌي صنف آهي، جيڪا سرڪار دوجهان حضرت مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جن جي ڄمڻ مبارڪ ۽ سندن ثنا ۽ صفت سڳوريءَ جي بيان سان وابستا آهي. سنڌ ۾ هن صنف کي ڳائڻ جو بہ هڪ خاص انداز آهي، جيڪو عام محفلين، شادين مرادين کان سواءِ جنازي جي پويان بہ ڇپيا ويندا آهن. هن صنف تي فقير بشير احمد جو مضمون نہ رڳو منفرد آهي پر ان ۾ ڪم آندل استعارا بہ ڏاڍا عمدا آهن، جهڙوڪ:

رخ پرينءَ جو ٿيهہ سيپارا، ابرو ڏس تون بسم الله،
زير زبر زلفان وهہ وهہ، شد مد پڙهہ تون ڪلام الله.

فقير بشير احمد جي پسنديده صنف غزل آهي، سندس غزل تي روايتي رومانويت جو تمام گهڻو اثر آهي، جنهن ۾ تصوف جي ابتدائي پوڙيءَ يعني مجاز جو ذڪر ڪجهہ وڌيڪ آهي. فقير صاحب جي ٻولي نهايت ٻاجهاري ۽ لوڪ ڪلاسيڪي آهي:

- آ حال منهنجو ابتر، دلبر تہ ڏسي وڃ،
  ويو جسم جلي سارو، اخگر تہ ڏسي وڃ.

- توکان سوا نہ منهنجي ساعت سري سري،
  تون خوش رهين ٿو، هتڙي مانڊو مري مري

- تنهنجا وار گهنڊيدار، سيهہ مار سي آهن،
  وڄهن ونگ هڻن ڏنگ، زهردار سي آهن.

- حسنين ڪاڻ دم دم دلڙي سڄڻ ٿي ساري
  شب و روز تنهن صنم لئہ گوندر گذاري

- جنهن کي عشق لڳو پڇ ان کان خبر،
  اهو آڳ آهي، ساڙي جان جگر.

سندس غزل جي وزن بحر جو امتزاج بہ ڏاڍو پلو ۽ وڻندڙ آهي، جن مان طرح مصرع ۽ عقيدت ۾ چيل سندس غزل جو انداز پنهنجو مٽ پاڻ آهي:

خواب وانگر محب دلبر، منهن ڏيکاريون ويو هليو،
تير پنبڙين ساڻ قاتل، مفت ماريون ويو هليو.
رند مستغرق محو حقيقيءَ جي راز ۾،
مون مست رهان ٿو هردم عشق مجاز ۾.

فقير بشير احمد پنهنجي فقيراڻي نماڻي طبيعت سبب عام طور تي ادبي مشاعرن کان گهڻو پاسيرو رهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، پر شاهہ سائينءَ چواڻيءَ تہ:

نينهن نهائينءَ جان، ڍڪيو ڪونہ ڍڪي،
جَرَ جيري چڏي، تہ ڪيئن پچندا ٿانءَ،
سندي ڪنياران، ڪِنِ ڪريجا ڳالهڙي.

ان حوالي سان فقير صاحب نينهن جي نينڍ تي ڪجهہ ٿورن مشاعرن ۾ شرڪت ڪئي آهي، پر جن مشاعرن ۾ شرڪت ڪئي اٿائين تہ داد بہ بيحد ورتو اٿائين. جنهن جي نشاندهي سندس طرحي غزلن ۽ اولياء ڪرام جي عقيدت ۾ چيل ڪلام مان بہ ٿئي ٿي. خاص طور بزرگن ۽ درويشن جي ورسين تي باطني ڪانڌ سمجهي حاظري ڀرڻ، سندس مسلڪ بہ رهيو آهي، ان حوالي سان پاڻ حضرت ڀڏل فقير عليہ رحمة (1) ۽ فقير عبدالرحمان مست عليہ رحمة (2) جي ورسين تي بہ پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو اٿس.فقير بشير احمد صاحب، حضرت ڀڏل فقير عليہ رحمة جي درگاهہ تي ٿيل طرحي مشاعري ۾ سندس عقيدت ۾ هن ريت قلم طراز آهي:

جهوليون جهلي تو در اڳيان ٿا نهارن جو فقير،
سبق هاديءَ جو اهو توڪل رکو الله تي.
دائما رحمت وسي ٿي ڀڏل جي درگاهہ تي.

ساڳيءَ ريت فقير عبدالرحمان مست عليہ رحمة جي ورسيءَ تي ٿيل مشاعري ۾ فقير بشير احمد پنهنجي عقيدت جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

مست جي ٿي هڪ نظر ڦيري چڏي تقدير ڪي،
آ ڏني قدرت ڏٺي، پيرِ مغان هن پير ڪي.

عبد جو چولو اٿس، رحمان جو آ رازدان،
علم ڪلي يار لدني هو مليل مهمير ڪي.

حضرت مولانا عبدالغفور همايوني "مفتون" عليہ رحمة (3) جو هڪ غزل سنڌ ۾ نهايت مشهور ۽ معروف آهي:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي شاهي دسترخوان مٿي، مهمان هزارين مان نہ رڳو.

ان غزل جي تتبع تي فقير بشير احمد "بشير" بہ ڪلام لکيو آهي:

تنهنجي تير نگاهہ نيشان ڪيا، انسان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي ناز مٿان قربان آهن، ڪيئي خان هزارين مان نہ رڳو.

ساڳيءَ ريت فقير صاحب، سچل سائينءَ جي ڪافي:

لک ڪيان مان زاري الا، تہ بہ يار چوي تون ڪهڙو،

جي طرز تي نهايت پيارو ڪلام لکيو آهي:

ڏوهہ ڪيان مان هزار تہ بہ يار چئي تون منهنجو،
ٿو دوست چوي تون منهنجو.
نہ واندو آهي وار تہ بہ يار چئي تون منهنجو،
ٿو دوست چوي تون منهنجو.

فقير بشير احمد کي مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي شهادت تي تمام وڏو صدمو رسيو هو، جنهن بابت سندس جذبات هن ريت ملن ٿا:

شهادت رات حضرت قائدِ عوام هو تنها،
يزيدي لشڪر لاءِ مقابل چار هو تنها.

ڪجهہ عرصو اڳ"شعلهءِ عشق" جڏهن پهريون ڀيرو شايع ٿيو هو تہ ان ۾ رڳو سندس چار عدد "ٽيهہ اکريون" شامل هيون، جن ۾ هڪڙي حضرت مُحَمَّد مصطفىٰ صلي الله عليه وآلهِ وسلم جن جي شان ۾ تہ هڪڙي مولاءِ ڪل، دامادِ رسولِ اڪرمﷺ شافيءِ محشر حضرت علي ڪرم الله وجهُ جن جي شان ۾، هڪ شهِ ڪربلا، نواسهٔ رسول حضرت امام حسين رضي الله تعالىٰ عنه ابن علي ڪرم الله وجهُ ۽ واقعهٔ ڪر بلا جي حوالي سان (سرائڪي) تہ هڪ شهنشاهہ ولايت وارث الاولياء اولاد علي فخر رسول ﷺ، پيرانِ پيرحضرت سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني غوث الاعظم دستگير رحمت الله تعالىٰ عليه جي شان ۾ شامل هيون.

فقير بشير احمد "بشير"جون چيل اهي مذڪوره چار عدد ٽيهہ اکريون ڪجهہ عرصو اڳ فقير نادر علي شيخ نقشبندي مجددي اويسي خيرپوري حال ڪراچيءَ جي ڪيل تمام سهڻي ڪيليگرافيءَ ۾ شايع ٿيل آهن، جن جا ڪجهہ بند هت ڏجن ٿا:

حضرت مُحَمَّد مصطفىٰ صلي الله عليه وآلهِ وسلم جن جي شان ۾

صواد: صادق سر فدا، "بشير" جي جان ڦري،
بحر بر ۾ يا مُحَمَّد ، يا مُحَمَّد ٿو ڪري،
سيگهہ ۾ لهہ سار مدني، تنهنجو عاشق ٿو مري،
يا مُحَمَّد ڪر نہ تنهن کي، پاڻ کان پاسي پري،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا ڏک دور ڪر.

ضواد: آ ضامن ظعيفن، ۽ اڙين آڌار تون،
گنبذِ خضرا منجهان، بر خيز اي سردار تون،

نامِ خدا جي سرورا ڏي، سيگهه مان ديدار تون،
سنڌ مان هن کي سڏي، وٺ نئي مديني مار تون،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا ڏک دور ڪر.

طوئي: طبيب حاذقن، مون کي ٻڌايو لادوا،
منهنجو مالڪ ۽ وسيلو ڪونہ آ تو ڪون سوا،
مرض منهنجي جي حبيبا، آ اوهان جي هٿ شفا،
دور ڪر امراض منهنجا، صحت بخشي ڪر عطا،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا ڏک دور ڪر.

ظوئي: ظاهر ڪين ڪي، امراض الفت جا سلا،
سور جا گويا، اندر ۾ زلزلا ۽ ولولا،
جانب جدائيءَ ۾ جيئڻ، جيئن آ نسوري ڪربلا،
وصل ڏي تون يا مُحَمَّد ، مُصطفىٰ صلي علىٰ،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا ڏک دور ڪر.

عين: عربي ڏي دلاسو، وصل جو بهرِ خدا،
تڙپندي ٿو وقت گذري، اي نُبي نورالهدا،
تو مٿان قربان "نادر" ۽ "بشيرو" ٿئي فدا،
ڏين ٻهاري ليهه سان، ايوان تنهنجي کي سدا،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا ڏک دور ڪر.

قاف: قدرت من وهائي، بخت بهتر جو قلم،
دور ٿي منهنجي مٿان، شل هي وڇوڙي جو الم،
ڦٽ فراقن جي مٿان، رک سيدا هٿ مان ملم،
عرب ۾ ايمان سان ڪر، تون خدا مان کي ختم،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا ڏک دور ڪر.

ميم: مرسل آهي جنهن کي، شوق تنهنجو صبح وشام،
دهن تي صَلوات تنهنجي، ورد آ جنهن کي مَدام،
جنهن پڙهي صلوات توتي، تنهن مٿان دوزخ حرام،

پاڻ پرور آ ڪيو تو، ساڻ اهڙو ئي انجام،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا ڏک دور ڪر.

نون: ناهي ڪو ٻيو، تنهنجي شرف ۾ همسري،
اول ۽ آخرت، تنهنجي آهي پيغمبري،
مرسل مڙني مٿان، سالار تنهنجي سروري،
مشتاق ٿيڙا سڀ نبي، تون مڙني کان آ برتري،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا ڏک دور ڪر.

واءُ: والي آ وڏايو، هر صفت ۽ شان ۾،
هرجاءِ تنهنجي شان جو، آ ذڪر پڻ قرآن ۾،
شرف وارو ۽ پلو، جن و ملڪ انسان ۾،
نالان تنهنجي وئي لنگهي، عرش برين بالان ۾،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا ڏک دور ڪر.

هي: هدايت هاشمي ﷺ ڏي، ۽ زيارت ڪر نصيب،
تون رهين جنهن جاءِ تي، سا عطر عنبر کان عجيب،
ٻاجهه ڪر تون ٻاجهه وارا، عرب ۾ پنهنجي غريب،
تو سوا سردار سهڻا، ڪم نہ ايندو ڪو قريب،
التجا عاصيءَ سندي، اي مُصطفىٰ منظور ڪر،
دانهن دردن جي ٻڌي، اي سَيدا ڏک دور ڪر.

مولاءِ ڪل، دامادِ رسولِ اڪرم ﷺ شافيءِ محشر حضرت علي ڪرم الله وجهُ جن جي شان ۾:

الف: الله پاڪ جو، نالو وٺج تون بار بار،
بعد تنهن جي تون، مُحمّدي مُصطفىٰ ڪر يادگار،
تنهن پڄاڻان مير مرسل، جا پيارا چار يار،
پنجتن ڪي تون ”بشيرا“، روز پيو هر هر پڪار،
شاهِ مَردان شير يَزدان، قُوّتِ پروردگار،
لافتىٰ الا علي، لا سيف الا ذوالفقار،

بي: برابر آ دلاور، ۽ بهادر مرتضىٰ،
جي ڏسين مشڪل نہ سڏ تون، جلد ڪي مُشڪل ڪشا،
سڏ ڪرڻ سان يار ايندو، دير ٿيندي ڪانہ ڪا،

علم جو آ شهر مُرسل، ۽ عَلي پڻ باب آ،
شاهه مردان شير يزدان، ڦوّتِ پروردگار،
لافتيٰ الیٰ علي، لا سيف الا ذوالفقار،

جيم: جلوو آ ڪيو، ڪفار تي جنهن ابتدا،
ڪفار تي حملو ڪندي، ۽ ڪيائين انتها،
قيد ٿيا ڪافر گهڻا، ميدان ڪيو آ تنهن صفا،
جيڪي علم بردار ها، ابو جهل جهڙا سڀ ڪنا،
شاهه مردان شير يزدان، ڦوّتِ پروردگار،
لافتيٰ الیٰ علي، لا سيف الا ذوالفقار،

حي: حيدر نام ان جو، حيدري نعرو هڻي،
بدر جي جنهن جنگ ۾، ڪفران ڪيا پُرزا پٽي،
سڏ مدني ات ڪيو، موليٰ عَلي تون اچ ڪٽي،
بوسو ڏنائين عَليءَ کي، ۽ پيار مان ياڪر ڪٽي،
شاهه مردان شير يزدان، ڦوّتِ پروردگار،
لافتيٰ الیٰ علي، لا سيف الا ذوالفقار،

ري: ته رهبر آ علي، ٿو پُلن کي راهون ڏسي،
آ ابر رحمت جو علي، سڀ جي مٿان ٿو هو وسي،
نجف اشرف ۾ ادا، روضو انهيءَ جو ، جو ڏسي،
جنت الفردوس ۾ هو، ٿو رسي، هو ٿو رسي،
شاهه مردان شير يزدان، ڦوّتِ پروردگار،
لافتيٰ الیٰ علي، لا سيف الا ذوالفقار،

شين: شاهه مرتضيٰ جو، مدح خوان مان ٿو رهان،
مون سدا صلي عَلیٰ، آلِ نبي تي ٿو ڪهان،
صلوات جي ئي ڪري، جاءِ جنت ۾ لهان،
سنڌ ۾ مظلوم آهيان، بار دک جا ٿو سهان،
شاهه مردان شير يزدان، ڦوّتِ پروردگار،
لافتيٰ الیٰ علي، لا سيف الا ذوالفقار،

غين: غالب ٿيو علي، ڪافرن تي مغلوب آ،
مَوليٰ عَلي مُشڪلڪشا، الله جو محبوب آ،
بي وسيلن جو وسيلو، يار سنگتي خوب آ،

الف: اول ثنا مين، آکان خالق اکبر دي،
پالڻهار پليندا جڳ کون، مهر اُوهين پرور دي،
سڪ اوهين کون آڻ پيٽي، پيدائش نبي سروردي،
شوق کنون معشوق بڻايس، اذن ڏتس کوثر دي،
تطهيرا تلقين الاهي، شان ميڏي حيدر دي،
کران بيان مين کربل والا، ڳالهه شبير شبر دي.

بي: مين بات کهين کون آکان، بات نهين آکڻ دي،
قلر غريب کون کيهي طاقت، صدمي سخت لکڻ دي،
بشير غريب کون کيهي قوت، لکي ڳالهه کسن دي،
کنهن کون هوندي خبر ايها، تقدير رباني بڻندي،
تطهيرا تلقين الاهي، شان ميڏي حيدر دي،
کران بيان مين کربل والا، ڳالهه شبير شبر دي.

تي: تان تکڙا کاغذ آيا، مير مرسل طرفون،
ڳهن حُسين پيا چمندا اهون کون، پڙهندا حرف بحرفون،
بيعت دي هن وعدي ڏيندي، کوفي تنهن اطهر کون،
آکدين هن قربان کرون، شبير اتون سرگهر کون،
تطهيرا تلقين الاهي، شان ميڏي حيدر دي،
کران بيان مين کربل والا، ڳالهه شبير شبر دي.

ثي: تان ثابت صدق رکيندي، آل نبي اطهر دي،
حب زياده دل وچ رکيندي، آل عَلي حيدر دي،
نندان وڏان کون سڪ زياده، پنجان ثنان دي گهر دي،
بلڪل سڪ تنهان کون هي تئين ماهه منير بدر دي،
تطهيرا تلقين الاهي، شان ميڏي حيدر دي،
کران بيان مين کربل والا، ڳالهه شبير شبر دي.

جيم: جڏان کاغذ آيا، مهر لڳل مسلم دي،
پڙهه کي حال سڻاون سڀ کون، ملفوضات رقم دي،
آؤ تان هڻ ويسون کوفي، دير کرو نا دم دي،
سمجهه نه هاٿي کنهن کون، يارو قدر قضا قلم دي،
تطهيرا تلقين الاهي، شان ميڏي حيدر دي،
کران بيان مين کربل والا، ڳالهه شبير شبر دي.

حي: حال کيتا اظهار ويرڻ، دربار نبي اکرم دي،
گنبذ خضرا جوش آيا، مخلوق پئي وچ غم دي،

نون: نہ ھا کو ساٿي سنگتي، فقط حسين اڪيلا،
اڪبر، اصغر، قاسم دا ول، ٿيسي محشر ميلا،
ڍال اتي تلوار چاتس، ميدان آيا اربيلا،
گريہ زاري حوران دي وچ خيمي وچ واويلا،
بار هزار هي لعنت ابدي، شمر عبيد پليد اتي،
جن ملڪ انسانا دي هي، لعنت اهين يزيد اتي.

واءُ: ولي الله آيا، ميدان علي چايا،
نعري مار تي ڪفر ڪنبايس، مرد ميدان ملهايا،
گرز گرداني هٿ وچ تنهندي، رب دا سر سايا،
تلوار تکي دي نال يزيدي، لشڪر ڪون تہ ڪنبايا،
بار هزار هي لعنت ابدي، شمر عبيد پليد اتي،
جن ملڪ انسانا دي هي، لعنت اهين يزيد اتي.

هي: تان هدايت ڏيندا، لوڪان دي وچ ظاهر،
نہ ول کهندا عيوض ميڏي، نہ ول ڏوهہ ڪو مادر،
بي ناحق مظلوم ماريو وي، قاسم اڪبر اصغر،
جواب ڏيسو ڪيها ناحق، قتلان دا وچ محشر،
هي تہ خدا دي لعنت يارو، بار هزار يزيد اتي،
لعنت هي ڪل حبداران دي، شمر پليد عبيد اتي.

لام: لڳي تہ هزار خنجر هن، جسم حسين سهاري،
چوطرف تلوار تيراندي، مينهن وانگي وسڪاري،
هوش ڪنون بيهوش هوئي آ، لٿي نهر ڪناري،
ڏيک بيهوشي سيني تي چڙهہ، خنجر شمر الاري،
هي تہ خدا دي لعنت يارو، بار هزار يزيد اتي،
لعنت هي ڪل حبداران دي، شمر پليد عبيد اتي.

الف حمزه: اي شمر صبر ذرا ڪر، سجده ڪران خدا دا،
واجب هي هر مومن اتي، سجده پڻ موليٰ دا،
ماءُ پيءُ ميڏي قضا نہ ڪيتي، وقت قضا پردا آ،
رب دي سامهون ڪينوين ڏيسان، ايهو قصاص قضا دا،
هي تہ خدا دي لعنت يارو، بار هزار يزيد اتي،
لعنت هي ڪل حبداران دي، شمر پليد عبيد اتي.

يا: يار دا سر ها سجدي دي وچ خنجر لعينان ماري،
جن ملائڪ حوران پريان رو رو زار و زاري،

واويلا آواز آيا ها، عرش ڪنون ماتم دا،
ماتم حوران پريان دي وچ، ها تہ حسين صنم دا.

ظوئي: تان ظاهر ظلم ايهو ها، پاڻي بند ڪيتو ني،
طرحين طرحين صدمي ڪوفيان، سرور ڪون تہ ڏتوني،
زر دي خاطر يارو اپڻا، دين ايمان وڪيو ني،
طوق لعنت دا ڪوفيان، پئي گردن وچ گهتيو ني.
بار هزار هي لعنت ابدي، شمر عبيد پليد اتي،
جن ملڪ انسانا دي هي، لعنت اهين يزيد اتي.

قاف: قيامت صغرا هوئي، هئي ڏينهن حشر دي
بند پليتان پاڻي ڪيتا، ها تہ فرات نهر دي،
عطشان دا آواز آيا ها، دهن عَلي اصغر دي،
ٿيا انهان دا بندش پاڻي، حقدار ٿئي ڪوثر دي،
بار هزار هي لعنت ابدي، شمر عبيد پليد اتي،
جن ملڪ انسانا دي هي، لعنت اهين يزيد اتي.

ڪاف: ڪميني ڪنهن نہ ڏتا، پاڻي علي اصغر ڪون،
سيد چا اصغر ڪون آيا، آکيس آڻ شمر ڪون،
اهين معصوم ڪون پاڻي ڏيوو، روندا شام سحر ڪون،
تير چوڙيا بي پير يزيدا، آ ڳلي لڳا نينگر ڪون،
بار هزار هي لعنت ابدي، شمر عبيد پليد اتي،
جن ملڪ انسانا دي هي، لعنت اهين يزيد اتي.

لام: لڳي جنگ ڪربل دي وچ، راتيان ڏينهان جاري،
ڪافر ڪسندي دوزخ ويندي، مومن بهشت بهاري،
جيڪي ڪسندي سيدا طرفون، انهان بهشت تياري،
جيڪي ڪسندي شمري طرفون، سي هن دوزخ ناري،
بار هزار هي لعنت ابدي، شمر عبيد پليد اتي،
جن ملڪ انسانا دي هي، لعنت اهين يزيد اتي.

ميم: محبان ماهہ محرم، نا وين ڪل پرواني،
دين ايمان تي ڪلمي اتي، سڀ دي فاتح خواني،
شڪر ڪريندي صبر ڪريندي، شاهي مرد شاهاني،
ڪوڪي ٻيئي مرد بهادر، باغ ارم ڪاشاني،
بار هزار هي لعنت ابدي، شمر عبيد پليد اتي،
جن ملڪ انسانا دي هي، لعنت اهين يزيد اتي.

آلِ علي آلِ نبي اوهان جو آ نسب،
خوار آ بيڪار آ، جو آ اوهان جو بي ادب،
پهچ جلدي هاشمي تون سواز لينليءَ جا امير،
دستگير دستگير دستگير دستگير.

دال: دولهه درد مان جو ٿو اوهان کي سڏ ڪري،
وقت فوراً جوان جيلاني پڌو پيڙو تري،
سڏ سٽي ٿو سائلن جا پنڌ اوهان کي نا پري،
هڪل ۾ ڪو هاشمي وهلو وري وهلو وري،
پهچ جلدي هاشمي تون سوار لينليءَ جا امير،
دستگير دستگير دستگير دستگير.

ظوئي: ظاهر يا باطن راز افشاني اٿوَ،
ڪيفيت ساري سموري جوان جيلاني اٿو،
اي سَيدا پنهنجي مريدن جي نگهباني اٿو،
مشڪل اوهان کي ڪين سڀ ڪار آساني اٿو،
پهچ جلدي هاشمي تون سوار لينليءَ جا امير،
دستگير دستگير دستگير دستگير.

عين: عبدالقادرا نامِ خدا جي واسطي،
ڪر مدت اي سَيدا تون مُصطفيٰ جي واسطي،
سوال سڻ سائلن جا صَلِ اعليٰ جي واسطي،
مشڪلاتون دور ڪر مشڪل ڪشا جي واسطي،
پهچ جلدي هاشمي تون سوار لينليءَ جا امير،
دستگير دستگير دستگير دستگير.

غين: غوث العالمين مشڪلاتون دور ڪر،
مغموم دل کي سيدا نامِ خدا مسرور ڪر،
ڪين ماڻهن جي اڳيان اي هاشمي مجبور ڪر،
سوال سائلن جا سٽي سيدا منظور ڪر،
پهچ جلدي هاشمي تون سوار لينليءَ جا امير،
دستگير دستگير دستگير دستگير.

الف حمزه: اچ عراق کان بغداد جا والي تون سگهو،
جي سوالي در اوهان جي سي نہ ڇڏ خالي سگهو،
منحوس منڪر کي ڏيو پڙ ملڪ نيڪالي سگهو،

پوءِ رنگ ۾ هو رچي ٿو، پتنگ جان سڙي ڏس.

هي عشق نہ سهانگو، بلڪل آهي مهانگو،
هي برھ آهہ اٿانگو، سر جو تون لاھ سانگو،
نروار ٿيءُ نانگو، پوءِ يار ڏي وري ڏس.
تنهنجو نفيءَ ۾ چاهي، اثبات ڏي نظر ڪر،
ڪڻ لا سندي ٻهاري، ايوان کي عطر ڪر،
"بشير" تون اوجر ڪري، دل جي ڪولي دري ڏس.

★

عاشق منزل ڪاهي ڪاهي، وڃي رسيا سبحان کي،
لاڳاپا پڻ لاهي لاهي، هو مليا رحمان کي.

لنگ لاهوتي ڪين لاهن، سر تي پيوتي وار،
ڪپڙي ڪاڏي ويجها ناهن، يار مٺي جي تار،
هتي انهن جو چاھہ چاهي، رسيا عرش ايوان کي.

منهن انهن جو پيلو زردو، عاشق جو آثار آ،
عشق مٺان مان گهور ٿيان، جو پاڻ نہ ڪيو نروار آ،
عشق جي الفي ٻائي پائي، تن ڏنو مئيخان کي.

سنڌس موضوعن ۾ الله پاڪ جي وڏائي ۽ ان جي فضل ۽ ڪرم جي اميد، الله پاڪ جي پيارن جي واکاڻ ۽ انهن جي واسطي وسيلي دعائيہ سلسلو، وصل جي سوغات سان پرپور باغ بهار، قريبن ۽ رقيبن جا قول قرار، الفت ۽ ڪلفت جون ڪاروايون، عشق جي عنايتن جا اعلان، عشق ۽ مشڪ جا غمزه، حقيقت جا هوڪا، مجاز جا مامرا، مطلب تہ خوب کان خوب تر آهي سنڌس ڪلام. حالانڪ فقير"بشير" تعليم جي ڊگري حاصل ڪيل نہ آهي پر سنڌس شاعريءَ ۾ عربي، فارسي ۽ سنڌي لفظ نهايت عمدي اسلوب سان استعمال ٿيل آهن، سنڌس ڪلام جا ڪجھ مثال هن ريت آهن:

ادا مون فرض سمجهان ٿو، ڪرڻ خدمت حسينن جي.
خدا جو راضپو پائنج، سلامي مھ جبينن جي.
گهرين جي مان ۽ عزت، تہ گولو ٿي گذارج تون،
ڪري شوخي اگر سهٽو، نماڻو ٿي نهارج تون،
ٻيا سڀ ڪم وسارج تون، سنگت وٺ نازنينن جي.

انهن وٽ نياز ۽ نوڙت، ڪرڻ ايها عبادت آ،
نمائڻ ڪنڌ اڳيان سهڻن، عشاقن جي تہ عادت آ،
اها اڪبر سعادت آ، ڪرڻ نوڙت حبيبن جي.

★

پهتو جي. ساهہ برلب، تہ بہ توڏي مان ايندس،
تنهنجو در نہ ڇڏيندس،
قدمن تي گسائي سر، دم پوءِ مان ڏيندس،
تنهنجو در نہ ڇڏيندس.

پنبڙين سندا ڪان، ۽ ڀالا تہ ڪٽي ٿو،
سينن ۾ تفنگ تير، پارئون پار هٽي ٿو،
سينو آ سپر منهنجو، حملو نہ هٽائيندس،
تنهنجو در نہ ڇڏيندس.

★

سهڻن ۾ صنم منهنجو سو بي نظير آهي.
دلدار دردمندن جو، دلپذير آهي.

گفتار تنهن جي سهڻي رفتار تنهن جي سهڻي،
اطوار تنهن جي سهڻي، سڀ ڪار تنهن جي سهڻي،
سڀ جسم يار سهڻا، سڀ جو سرير آهي.

آسر و جان تہ قامت، سرهو هجين سلامت،
تنهنجي نظر ڪرامت، باطن فقير سهڻو، ظاهر امير آهي.

آهو ختن جو بلبلو آ چمن جو، شمشاد آ بدن جو،
موتي آ عدن جو تنهنجو اسم گرامي، بدر منير آهي.

مشغول منجهہ ڪتابت، وهواهہ عجب ديانت،
سهڻي سندس لياقت گولو غلام تنهنجو "اوڊو بشير" آهي.

★

عاشق نام سڏائين تون ٿو، عشق کي ڇو بدنام ڪيو ٿي،
ڀڻڪي سارو ڏينهن ڳلين ۾، ڪوبہ سٺو ڪم ڪين ڪيو ٿي.

ننگ پراوا روز تکين ٿو، ڪر رڳو شيطان سندا،
وات ۾ توکي ڪوڙ سدائين، دوست ڪيا ٿي سي بہ گندا،
سلفيءَ ۾ ٿو چرس جلائين، نشو صبح شام ڪيو ٿي.

جيب ۾ توکي پئسو ناهي، گهر جا ٿانو اڌارين ٿو،
سچ چوي ٿو جو پي توکي، ڏندو ڪٽي الارين ٿو،
بيهودا تو پاڙي ۾، ايڏو چو خنام ڪيو ٿي.
نشي واري جي عزت ناهي، عاشق چون ”اڌا بشير“
ڦرلٽ آهي پيشو تن جو، زاني ٿيا هو داداگير،
تون نہ جڏ ،حمان ڪي، هن يار وجي پوءِ رام ڪيو ٿي.

★

ڪٽي اکيون ڪاريون مٽي، عقل ويو پرواز ٿي،
رمز سان تون وئين لٽي، زوري ڪري شهباز ٿي.

چا جرات گن گن ڪي آ، تير تفنگ تنهنجا اٿا،
نشان تو اهڙا چٽيا، مون زندگيءَ ۾ نا ڏٺا،
مرڪ تنهنجي آ موهيو، مٺا وري پيو ناز ٿي.

پئي نظر آ اوچتو، دل ڪنبي وئي آ منهنجي،
ڏي دلاسو دوست تون، ڪر نظر مون تي پنهنجي،
شمس قمر چا تاب سهي، وڌ مٺا انداز ٿي.

ڪيئي مٺان مشتاق توتي، اکيون نماڻيون ٿو ڪٽين،
وري پائين ٿو ڊار ڪجل جي، ويتر مٺا مون کي وٽين،
راهہ ويندڙ ٿو بهارين، چا الائي راض ٿي.

ناز پريا نيڻ تنهنجا، گهور اکين جي گهائيو،
ڪين ڪمانا تير مژگان، اندر ۾ سٽڪايو،
قسم ”بشير“ جو توکي آ، لاهہ نقاب ايلاز ٿي.

★

هڪ وار سان تلوار جي، غازي شهيد ٿئي ٿو،
خنجر نظر سان عاشق، هر هر مري جيئي ٿو.

صيفن جا وار سر تي، سيني ۾ گهاءَ گهائن،
گن گن مٿان آ گهيرو، عاشق سر گنوائن،
پنبڙين جي وار سان منهن، عاشق سر ڏئي ٿو.

اکڙين جا تاب اهڙا، بجليءَ جا پڇي ٿي،
ريفل مان نڪري گولي، ان کان وجي اڳي ٿي،
ديدان دناليون چوڙي، پيهر وري پري ٿو.

اکڙين ۾ فوج آهي، ڏس مزگان ڪن امارا،
پالا بڙڇيون بيحد، جنگي اڇن تيارا،
طوفانِ وانگي توبون، چڙ بدل مٿان وسي ٿو.

پيڙ باهه عشق جا ”اوڏا“ اندر پرن ٿا،
رئندي ڏسي ”بشير“ کي، سڏڪا ٻيا پي پرن ٿا،
جيرا بڪيون ته چاهن، سارو جسم ٻري ٿو.

*

هوش عقل سڀ پلي وياسي، عشق اندر ۾ آيو يار،
برهه اندر ۾ آيو يار.

ڪتاب سارا رک تون قاضي،
عشق ڪتاب پڙهايو يار.

محبن تان مستان ٿياسي،
درسن دوست ڪرايو يار.

باهه برهه جي پڙڪا ڏئي ٿي،
اڃي چو نه اجهايو يار.

عشق جي منزل اوکي آهي،
سمجهه سان هٿڙو لايو يار.

”بشير“ ڪجهه به نه ڄاڻي،
هاديءَ سبق پڙهايو يار.

غزل

تنهنجا وار گهنڊيدار، سيهه مار سي آهن
وجهن ونگ هڻن ڏنگ، زهردار سي آهن.

ڪڪوريل ڪيف، ابرو سيف، ڪن سڪار سيني ۾،
مزگان تير سينو چير پارئون پار سي آهن.

رخ جو نور نوراني، قمر ۽ شمس قرباني،
آهي هي يار لاثاني، نڪي همسر سي آهن.
حسن جمال چاهي مجال، ڪنهنکي ڪمال جو آ،
”بشير“ ڪر خيال، نہ ٿئي ملال، ابرو هلال سي آهن.

حيرت رڳو ان ڳالهہ جي ٿئي ٿي تہ سنڌ ۾ ڪهڙا ڪهڙا نہ گوهرِ ناياب موجود آهن، جن ڏانهن اسان جي جديد علم ادب سان واسطو رکندڙ همعصرن جو ٿورو بہ ڌيان نہ ٿو وڃي، بهرصورت مان پنهنجي اٿاهہ عقيدت وچان سندس ڪلام ڪي گڏ ڪيو آهي، چاڪاڻ تہ سندس ڪلام، نہ رڳو فقير بشير احمد ”بشير“ جي باطني ڪيفيت جو اظهار آهي پر هر اهلِ دل جي بہ اندر جو اوراڻو بہ آهي.

حوالا:

(1) حضرت بيدل فقير عليہ رحمة (1865ع کان 1924ع) سنڌ جو ناميارو صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. سندس والد جو نالو فقير عبدالواسع انڙ عرف وسيو فقير هو، جيڪو پاڻ بہ وڏو درويش هو. شڪارپور شهر کان ڏهہ ڪلوميٽر اتر، شهيد الله بخش اسٽيشن (لوڊا) کان چار ڪلو ميٽر اوپر طرف، بخشي انڙ جي بستيءَ ۾ سندس مزار آهي.

(2) فقير عبدالرحمان مست عليہ رحمة جو جنم اٽڪل 1890ع يا 1891ع ۾ ٿيو، سندس خانداني پيشو طب هو، پهرين سائين صالح شاهہ عليہ رحمة راٽيپور واري جو مريد ٿيو هو بعد ۾ اٽڪل 45 سالن جي عمر ۾ حضرت بيدل فقير عليہ رحمة جو مريد ٿيو، وڏي پهچ وارو مست فقير هو، سندس وصال 22 مارچ 1971ع مطابق 22 محرم تي ٿيو، پر سندس ورسي شوال جي مهيني ۾ شڪارپور ۾ سندس مزار مبارڪ تي ٿيندي آهي، جنهن ۾ محفل مشاعرو ۽ راڳ رهاڻ پڻ ٿيندي آهي.

(3) حضرت مولانا عبدالغفور همايوني ”مفتون“ عليہ رحمة ولد مولانا محمد يعقوب پيچوهو ڳوٺ همايون تعلقي شڪارپور ۾ ستين مارچ 1844ع ۾ پيدا ٿيو، پاڻ وڏو اهلِ دل بزرگ، عالم ۽ شاعر هو. فقہ جي علم ۾ سندس ڪو ثاني نہ هو- پاڻ فارسي نثر ۾ هزارين فتوائون لکيون اٿس جيڪي ”فتاويٰ همايوني“ جي نالي سان ٻن جلدن ۾ شايع ٿيل آهن. ان کان سواءِ ”فرهنگ همايوني“ (ٻن جلدن ۾) طب تي سندس لازوال تصنيف آهي. پاڻ سنڌي، فارسي، عربي، سرائڪي، هندي ۽ اردو جو بلند پايہ شاعر هو، سندس سنڌي غزلن جو مجموعو ”ديوان مفتون“ بہ شايع ٿيل آهي، سندس سچو ڪلام رسول ڪريم ﷺ جن جي عشق ۾ چيل آهي، جنهن مان سندس هڪ غزل گهڻو مشهور آهي:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي شاهي دسترخوان مٿي، مهمان هزارين مان نہ رڳو.

مولانا همايوني صاحب 21 جون 1918ع تي وفات ڪئي، همايون جي جامع مسجد لڳ ئي دفنايل آهي.

پڙهندڙن لاءِ هي ڳالهه يقينن دلچسپيءَ جو باعث بڻبي ته ان ڪلام جي مشهوريءَ سبب، ان تتبع تي پوءِ شيخ اياز (2- مارچ 1923ع — 29 ڊسمبر 1997ع) به غزل لکيو هو:

جي موت مئا، تو لاءِ ڪُٺا، انسان هزارين مان نه رڳو.

مددي ڪتاب:

(1) "شعله عشق" ترتيب: فقير نادر علي شيخ نقشبندي مجددي اويسي خيرپوري حال ڪراچي.

(2) فقير امير احمد شر ۽ سندس برادر فقير عرفان احمد شر جن وٽ سانديل قلمي ڪلام.



عبد جو چولو اٿس، رحمان جو آ راز دان.
علم ڪلي يار لدني هو مِليل مهمير کي.

(فقير بشير احمد بشير)

ڪوڙائين ۽ وڏيون مڇون رکائڻ به منع آهي. ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي به سخت منع آهي.

هندن کي منع ٿي ڪجي ته پنهنجي وڏن ڏينهن جهڙوڪ: هولي يا ڏياري وغيره تي ڪلي عام جاءِ تي ساز سرود نه وڄائين، نه وري ڪنهن ڪلي جاءِ تي ئي پڳت وغيره ڪن. دهل ۽ ناقوس وغيره نه وڄائين ۽ مسلم عوام سامهون ڪليل جاين تي بتن کي سجدو نه ڪن ۽ درياءَ تي وڃي عام تڙن تي ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ درياءَ جي پوڄا ڪرڻ، جنهن مان ماڻهن ۾ اشتعال ۽ بدنظمي پيدا ٿئي يا اعتراض شروع ٿئي يا ڪي انهن کي ڏسي براين جا مرتڪب ٿي پون، اهڙين ڳالهين ۽ هر حرام ۽ بدعت جي منع آهي. اوهان کي تنبيهه ٿي ڪجي ته مسلمان پنهنجي دين جي حڪمن، روزي، نماز، زڪواة، مال ۽ جان جي عبادتن کي بجا آڻين. سخت هدايت ۽ تاڪيد ٿو ڪجي ته هن حڪمنامي ۾ ڄاڻايل ڳالهين تي اهڙي طرح عمل ڪرايو وڃي جو هڪ به شخص ڪنهن گناهه جي ڪم جو ارتڪاب ڪري نه سگهي. جهڙي طرح هيءُ پروانو لکجي ٿو، ان تي پوريءَ طرح عمل ڪيو وڃي. هر آفيسر هن کي پنهنجو ذمو ڪري سمجهي، نه ته ان جي جوابدهيءَ لاءِ خود ذميدار رهندو (تاريخ 2 شعبان 1172هه)(6)."

آخري ڪلهوڙا حڪمران ٽالپر اميرن کي مارائڻ ۽ سنڌ جي حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن جوڌپور جي راجائن جو سهارو ٿي ورتو ته ڪڏهن قنڌار مان مدد خان پٺاڻ جهڙي ظالم ڌورو کي پاڻ سان گڏ وٺي ٿي آيا. اهڙي ريت سنڌ تي ٽالپر حڪمرانن جي حڪومت جو آغاز 1783ع ۾ ٿيو(7). پر سنڌ جي سياسي حالتن ۾ ڪا خاص تبديلي نه آئي، ٽالپر حاڪمن جي اندروني اختلافن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ ٽي جدا جدا رياستون قائم ٿيون. اهڙي طرح ملڪي وحدت يڪجا ٿيڻ بجاءِ ورهائجي وئي ته ٻئي طرف ميرن اميرن جا پاڻ ۾ ننڍا وڏا اختلاف چوٽ چڙهيل هئا. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ ٽالپر حڪمرانن جي حڪومت ڪڏهن مضبوط نه رهي ۽ اهو ئي سبب هو جو ڏارين حڪمرانن ڪڏهن فرنگي

ته ڪڏهن شاهه شجاع جهڙو افغانستان جو تخت وڃايل حڪمران به هنن لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻيل رهيو. سنه 18 جولاءِ 1808ع تي انگريزن حيدرآباد جي ميرن سان پهريون عهدنامو صحي ڪرايو. اهڙي ريت 22 آگسٽ 1809ع تي ٻيو ۽ 9 نومبر 1816ع تي ٽيون عهدنامو پڻ صحي ڪرايو ويو(8)، جيڪي سنڌ جي آزاد حڪومت جي سالميت لاءِ انتهائي نقصان ڪار هئا. اهڙي ريت سن 1831ع ۾ انگريزن خيرپور جي حڪمران مير رستم خان ڪان عهدنامو صحي ڪرايو، جنهن موجب انگريزن طرفان سنڌ ۾ پهريون ڀيرو درياءَ جي رستي پنجاب جي سک حڪمران راجا رنجيت سنگهه کي گهوڙا ۽ تحفا پهچايا ويا(9). ميرن حڪمرانن جون تخت تان پاڻ ۾ ٿيل جنگيون ۽ مير علي مراد جو ڪمزور ثابت ٿيڻ ۽ پاڻ لاءِ حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ انگريزن لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ ٽالپر حڪمران جو انگريزن کي بار بار پنهنجو دوست مڃڻ تائين اڻ ڳڻيل واقعن جي نتيجي ۾ هڪ آزاد رياست سنڌ، فرنگين جي قبضي هيٺ اچي وئي. سچل سرمست پنهنجي زندگيءَ ۾ اهي سمورا واقعا ڏٺا ۽ ٻڌا. حڪمرانن پاران تخت لاءِ ڪشمڪش جي نتيجي ۾ ڪيترائي اڻ وڻندڙ واقعا رونما ٿيا.

سنڌ جا صوفي، بنيادي طور انسان دوست ۽ وطن دوست رهيا آهن. انهن هميشه جابر حڪمرانن ۽ مذهبي مت ڀيد کي ننديو آهي توڙي جو سياست ۾ مذهب کي شامل ڪرڻ وارو رجحان، اسان کي تاريخ جي ورقن ۾ گهڻي عرصي ڪان نظر اچي ٿو. سچل سرمست باشعور ۽ دورانديش شاعر هو. هن پنهنجي شاعري ڪان تلوار وارو ڪم ورتو. هن جي شاعري جو ڪلم ڪلا وارو انداز رائج حڪومتي نظام ڪان بغاوت وارو آهي. ڇاڪاڻ ته سچل سرمست جو سمورو دور سياسي ۽ سماجي حوالي ڪان ڪو سک شانتي وارو دور نه رهيو.

مٿي پيش ڪيل سچل جي دور جي مختصر جهلڪ مان بخوبي اندازو ڪري سگهجي ٿو ته، هتان جا حڪمران پنهنجي حڪومت بچائڻ خاطر پاڻ ۾ ئي وڙهندا رهيا؛ اهڙي حالت ۾ سنڌ جي عوام جي سماجي

۽ معاشي حالتون ڇا هونديون، ان جو احساس آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. عام طور سچل جي شاعريءَ کي صوفيانه رنگ ۾ ئي ڏٺو ويو آهي، پر هو پنهنجي شاعري ذريعي ملڪي حالتن بابت اسان کي بار بار باخبر ڪندو رهي ٿو. هن جي نظر ۾ هڪ خودمختيار، خوشحال ۽ سرسبز آزاد رياست جو خواب هو، جنهن ۾ ماڻهو کي مڪمل مذهبي، سياسي ۽ سماجي آزادي ميسر هجي. هو بنيادي طور مذهبي مت ڀيد جي خلاف هو.

وقت اها ٿئي وير دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪڍ مذاهب من مان ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿيئي اويل اولهه سج نه الهي.

سچل، ملڪ تي ايندڙ تڪليفن، مصيبتن جي مدنظر سيني ماڻهن کي هڪ ٿيڻ جي تلقين ڪري چئي رهيو هو، ته وري ٻئي طرف اهو به چئي ٿو ته ”مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا“ ۽ پنهنجي پاڻ کي فرقن جي حصار مان آجو ڪندي چئي ٿو: ”نا مين شيعه، نا مين سني، صوفي برهه دي مني.“ اڃان به وڌيڪ خبردار ڪندي چئي رهيو آهي:

اتي ڪفر نه اسلام، آهي سيني کي سلام،
مذهب مور نه مڃان، آهٔ مشرب منجهه مدام.

سچل پنهنجي دور جي اٿل پٿل کي ڏسي رهيو هو، هو ان سلسلي ۾ خاموش نه هو. بلڪ هن پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي هندو مسلم- اتحاد جي ڳالهه ڪئي. هن جي سامهون فرنگين جا ٽالپر اميرن سان ٿيل عهدنامه به هئا، جن سان وري فرنگين وقت اچڻ تي پاڻ ڇا ڪيو. هڪ عهدنامي مان جڏهن فائدو وٺي بيٺا ته وري ٻيو عهدنامو ۽ اهڙي ريت ٽالپر، انگريزن جي حيلن ۽ حرفتن کي سمجهي نه سگهيا پر سچل ان وقت ۾ چئي رهيو آهي:

• پني ۾ پيغام لکي مڪا سڄڻين،
سي نه سمجهڻ عام، جي آهن منجهه اشارتين.

• ڪي جو لکيائون، پني منجهه پريت جي،
اهي پسي آئون، بيخود ٿيڙس سرتيون.

• جو نامن منجهه لکيو، سا هَئي ڇيري جي ڇر،
منجهان سڀ شهر، واڇيندڙ ڪو ليي.

اڃا اڳتي سرمست سائين جو هڪ بيباڪانه انداز، جنهن ۾ ڇٽِي طرح انگريز دوستي کي دوکيبازي چئي رهيو آهي:

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نه وٽي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ٻٽي نه ٻٽي.

۽ هڪ ٻي جاءِ تي ملاح کي باخبر ڪندي چئي رهيو آهي:

مڪڙي ڏنر موج ۾، تنهن ۾ مير ملاح،
مڇيون مارين اوچتي، بانڪابي پرواهه،
لهر بحر جا حاڪم جاڻي شوريا وتن شاهه،
هند سنڌ تي فلڪ نه آٽن، مارن ملڪ سپاهه،
واڻڙا رکن تن مٿان، ويچارا ويساهه،
آسرو آڏين جا، آهن منجهه الله،
ڏيئي پاند پناهه، رکي وننڊو راڄ کي.

سچل سرمست پنهنجي سنڌي ۽ سرائڪي شاعري ذريعي عام کي باخبر ڪيو آهي. ههڙيون سٽون چئي هن عام ۾ مزاحمت جو روح ڦوڪيو آهي:

• پني ڄڄ مَ ڄُل، منجهه تماشي نه پوين.
• ڇوڙ گمان گدائي والا، شملا چا ٻڌ شاهي دا.
• ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئي مردانو
• مار نغارا اناالحق دا، سولي سر چڙهيجي
• هڪ جُوءِ ٻي جوءِ، مرد نه ڇڏن مينڌرا
• هڪ جُوءِ ٻي جوءِ ڇڏن ڪين جوان،
اهي به انسان، جي ننگن تان نثار ٿيا.

سچل جنهن دور ۾ ماڻهن کي باخبر ڪري رهيو آهي، ته ان وقت جي حڪمرانن جي ڏر ٻنيل مُلان ۽ قاضين وقت ۽ حالتن کان بي نياز ٿي پنهنجي علميت ۾ محو هئا، ۽ ڪنهن به مُلان ۽ قاضيءَ کي حالتن کان باخبر ڪرڻ يا وقت جي حاڪم

كي درست كردار ادا كرڻ لاءِ خبردار نہ كيو. سچل سرمست انهن كي مخاطب ٿي چئي رهيو آهي:

- قاضي سچ چوان مان توكي، ڇڏ مسائل مصلا،
  آءُ تہ پيئون پڪ پريمي، مر نہ ٿج تون ملا،
  سچل حق نہ حاصل تن، بني راهہ انهي كان پلا.
- مُلا ڇڏ كتابن پچر، مي جي پيالي پي.

تہ وري ساڳئي وقت پنڻ معيار ركندڙن بابت ڏاڍي بيباڪ انداز ۾ چئي ٿو:

چا جو كعبو، چا جو قبلو، هي سڀ بهانا،
ناقص نيت كعبي واري، مرد گهمن ميخانا،
سچل ستگر ائين آكيو، حق لهن مستانا.

سچل جتي سنڌي سرائكي شاعريءَ ۾ اهڙا خيال پيش كري هڪ طرف عوام كي باخبر كري رهيو هو، تہ ٻئي طرف سركاري زبان فارسيءَ ۾ هن پنجٽيهن بندن جو هڪ طويل غزل چيو، جنهن ۾ ڀرپور انداز ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن كان ماڻهن كي آگاهہ كيو اٿس. سچل سائينءَ جو اهو غزل "ديوان آشكار" ۾ شامل آهي. هت اسان ان فارسي غزل جو سنڌي ترجمو پيش كنداسين.

سچل سرمست پنهنجي هن پنجٽيهن بندن جي غزل ۾ ملڪ جي بگڙجندڙ سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن جو واضح اظهار كندي، ملڪ تي ڌارين حكمرانن جي قبضي جي ڳالهہ كري ٿو. عمر كمال خان، سچل جي ان غزل كي "شهر آشوب" سڏيندي لکي ٿو:

"...... سندس فكري، دور انديشي ۽ اعليٰ ادراڪ جي سبب ان دور جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ اخلاقي صورتحال جي عكاسي ان جي كلام مان بخوبي ٿئي ٿي، معاشري ۾ جتي بہ هن كا ناانصافي يا برائي ڏٺي تہ هكلم ان تي پنهنجي شاعريءَ ۾ رد عمل پيش كيو. سندس هڪ ئي فارسي غزل ۾ اهڙو ڀرپور اظهار موجود آهي. جنهن جي مطالعي مان سچل سرمست جي سياسي سوچ ۽ اعليٰ سماجي شعور جي نشاندهي ۽ ان دور جي اهم واقعن تي سندس راءِ بہ ظاهر ٿئي ٿي.

............ صنف شاعريءَ جي حوالي سان هيءُ غزل "شهرِ آشوب" جو درجو ركي ٿو(10)."

شاعرن جو شهر آشوب لکڻ كا نئين روايت نہ رهي آهي. فارسي ۽ اردو ۾ هي موضوع مسدس، مخمس، مثنوي، رباعي ۽ قطعي جي صورت ۾ پيش كيو ويو آهي. پر سچل سرمست هن موضوع كي غزل جي انداز ۾ پيش كيو. آشوب حقيقت ۾ شاعريءَ ۾ مرثيي جيان موضوع آهي جيكو خاص طور كنهن شهر جي دكدائڪ واقعن ۽ بگڙجندڙ حالتن كي نظر ۾ ركي پيش كيو ويندو آهي. سچل سرمست جي هن غزل كي موضوعاتي طور تي ٽن حصن ۾ ورهائيندي عمر كمال خان لکي ٿو:

"پهرئين حصي ۾ اهي ست بند اچن ٿا جيكي ان وقت جي حكومتي كاروهنوار جي متعلق آهن، ٻئي حصي جا چار بند ان دور جي ماڻهن جي اخلاقي حالتن جي ترجماني كن ٿا. اهڙي ريت هن غزل ۾ ست بند اهڙا آهن جيكي شاعر جي دور جي سياسي، سماجي ۽ تاريخي واقعن جي نشاندهي كن ٿا(11)."

سچل سائين پنهنجي هن غزل ۾ پنهنجي دور جي سماجي، معاشي، اخلاقي، مذهبي ۽ سياسي حالتن جو ذكر كيو آهي تہ، ان سان گڏ سنڌ تي ڌارين حكمرانن جي قبضي جا بہ واضح اشارا ڏنا اٿس. سچل سرمست جي هن غزل جي مطالعي مان خبر پئي ٿي تہ هي غزل پنهنجي آخري ڄمار ۾ چيو. ڇاكاڻ تہ هن غزل ۾ پيش كيل واقعن مثال طور: مير سهراب جو پنهنجي پٽ مير رستم جي حق ۾ سنہ 1811ع ۾ حكومت تان دستبردار ٿيڻ، 1815ع ۾ شاهہ شجاع جو شكارپور پهچڻ، 1818ع ۾ ملتان تي سكن جي قبضي ٿيڻ جو ذكر موجود آهي. جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سچل سرمست هي غزل سن 1818ع كان پوءِ پنهنجي وفات يعني سن 1827ع جي وچ

ڏاري لکيو. ان وقت سچل سرمست جي چمار اسي ورهين کان مٿي ٿي چڪي هئي.

سچل سرمست جي ڀرپور سياسي بصيرت واري هن فارسي غزل جو سنڌي ۾ ترجمو پيش ڪجي ٿو. هن غزل بابت هن وقت تائين سواءِ سرائيڪي ۽ اردو جي نامور محقق ۽ اديب عمر ڪمال خان ”آشڪار“ ۾ گفتگو ڪئي، پر مڪمل غزل پيش نه ڪيو آهي. هت هن غزل کي پيش ڪرڻ جو خاص مقصد اهو به آهي ته بيباڪ صوفي شاعر سچل سرمست جي سياسي بصيرت واري پهلوءَ کي اجاگر ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ ته عام طور سچل سرمست تي فقط وحدت الوجود جو فلسفو بيان ڪندڙ شاعر طور گفتگو ڪئي ويندي آهي(12).

| فارسي غزل | سنڌي ترجمو |
|---|---|
| مجلس حاڪمان را ديدم<br>مو جهاي عمان را ديدم | مون بادشاهن جون مجلسون ڏٺيون، ته هن زماني جي گردش کي به ڏٺم. |
| بر غريبان ظلم صد تعدي<br>حڪمراني شهان را ديدم. | مون غريب ۽ مفلسن تي ظلم ٿيندي به ڏٺو ته ڪمزور کي طاقتور ٻڌجندي به ڏٺم. |
| در فرح عيش اغنيا سيرنده<br>ڪار سازي جهان را ديدم. | دولتمند عيش عشرت ۾ مست آهن دنيا جو ڪاروبار ڪيئن هلي ٿو مون اهو ڏسي ورتو آهي. |
| ڪيسه پُر زر شوند خلي دسته<br>ناتوان وتوان را ديدم. | غريبن تي ظلم ۽ انهن سان لاتعداد زيادتيون، بادشاهن جي حڪمراني جا انداز به ڏٺم. |
| شه گدا و گدائي سُلطان شد<br>گردش اين زمان را ديدم | مون بادشاهن جو ڪچهريون به ڏٺيون ته دريا عمان جون موجون به ڏٺيون آهن. |
| حافظان ورد خوان بي عمل اند<br>بيخبر قاضيان را ديم | مون قرآن جي حافظن کي بي عمل ڏٺو آهي ۽ وقت جو قاضي حالتن کان بي خبر آهي. |
| راه آن مستقيم ڪس نگرفت،<br>همچنان گمراهان را ديدم | سڌي راهه (صراطِ مستقيم) تي ڪوبه نه ٿو هلي مون گمراهن کي به ڏٺو آهي. |
| گر بپرسي بگير راه يقين،<br>هم شڪ و گمان را ديدم | جيڪڏهن مون کان پڇو ته يقين بي راهه اختيار ڪيو، مون سمورن شڪ شبهات کي ڏٺو آهي. |
| همه اشراف در غم و اندوه<br>خرمي ناڪسان را ديدم | سڀ شريف ماڻهو پريشان ۽ غمناڪ آهن، نااهل ماڻهن کي مون خوش ڏٺو آهي. |
| هر ڪسي بر دروغ بست ڪمر،<br>راستي رهروان را ديدم | هر ماڻهو ڪوڙ جو سهارو ورتو آهي، مون درست رستي تي هلڻ وارن کي به ڏٺو آهي. |
| هر ڪسي مانده است در پندار<br>محويت عارفان را ديدم | هر ماڻهو پاڻ کي ڪا وڏي شيءِ سمجهي ٿو، مون درويشن جي استغراق واري حالت کي به ڏسي ورتو آهي. |
| از لڪد ڪو بي فلڪ آزاد<br>مگر آن عاشقان را ديدم | مون زماني جي مسئلن مان فقط عاشقن کي آزاد ڏٺو آهي. |
| طوق زرين مرصع از ياقوت<br>هم بگر دن خران را ديدم | مون هيرن موتين سان جڙيل سنهري گلوبند گڏهن جي ڳچي ۾ ڏٺا آهن. |
| بردر حاڪمان خراب و خجل<br>زاهدان عابدان را ديدم | مون وقت جي حاڪمن جي در تي نيڪوڪارن کي ڏٺو آهي. |
| شڪو هلمي ڪنند گرسنگي<br>حلت اين منعمان را ديدم | مون اهڙن اميرن ۽ دولتمندن کي ڏٺو جيڪي هميشه بک جي شڪايت ڪن ٿا. |

14. هيءُ اشارو شايد خراسان جي صوبي هرات ڪي سنہ 1856ع ۾ ايرانين پاران ٻيهر حاصل ڪرڻ ڏانهن آهي . پر هيءُ واقعو سچل سرمست جي وفات کان لڳ ڀڳ اوڻٽيهہ سال پوءِ جو آهي. شايد ان وقت جي سياسي حالتن جي گهري نگاهہ جي سبب سچل سائين ائين سمجهي رهيو هو تہ جلد هرات تي ايرانين جو ٻيهر قبضو ٿي ويندو. ياد رهي تہ هرات ساساني دور ۾ هرات جو حصو رهيو ۽ گهڻو پوءِ نادر شاهہ جي وفات بعد احمد شاهہ ابدالي هرات کي افغانستان ۾ شامل ڪيو.

(اردو دائره معارف اسلاميہ، جلد8، (حزب- خمس) دانش گاهہ پنجاب لاهور 1973ع، ص907-906.

15. سچل سرمست جي يونانين مان مراد شايد انگريز آهي جيڪي سنڌ تي قبضي کان اڳ برصغير جي ڪيترن ئي علائقن تي قبضو ڪري چڪا هئا.

16. هيءُ اشارو افغانستان جي حڪمران شاهہ شجاع الملڪ ڏانهن آهي جيڪو 1815ع ۾ پنهنجو تخت وڃائي شڪارپور ۾ اچي ويٺو جتان پوءِ لڌياڻہ طرف روانو ٿي ويو. اهڙي ريت هو دربدر ڦرندو رهيو ۽ مختلف وقتن تي سنڌ بہ ايندو رهيو. سنہ 1833ع ۾ شاهہ شجاع الملڪ ۽ ميرن جي وچ ۾ ڪرڙي جي جنگ پڻ لڳي.

(سيد رشد الله شاهہ، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ص48-47-46، Ph.D ٿيسز).

17. سچل سرمست هن شعر ۾ خالصہ سرڪار پاران فتح ملتان جو ذڪر ڪيو آهي.

سنہ 1818ع ۾ لاهور جي سک حڪمران راجا رنجيت سنگهہ جي فوج ملتان فتح ڪيو. تمام گهڻي تعداد ۾ سکن هٿان قتل و غارت ٿي ڪيترائي مسلمان شهيد ٿي ويا. ملتان جو نواب مظفر خان بہ پنهنجن ٽن پٽن سميت شهيد ٿيو. سکن فتح بعد ملتان ۾ ڦرلٽ ڪئي ۽ ڪيترن ئي مسلمانن توڙي هندن کي ڦريو لٽيو ۽ ماريو ويو. سکن جي فوج هن کان اڳ بہ ملتان تي حملو ڪري چڪي هئي. (ڪنهيا لال هندي ، تاريخ پنجاب، مرتب: ڪلب علي خان فائق، ص259، تخليقات لاهور).

18. هن شعر ۾ پڻ ملتان ۾ قتل و غارت جو ذڪر آهي. ملتان ۾ ٿيل ظلم جو داستان بيان ڪندي تاريخ پنجاب جو مصنف لکي ٿو تہ:

”سکن شهر فتح ڪري گهر گهر ۾ ڦرلٽ شروع ڪري ڏني، هزارين باپرده عورتن سان سکن زيادتيون ڪيون ۽ ڪيترين ان حالت کان خودڪشي ڪري ڇڏي. هنن شهر ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي بيدرديءَ سان قتل بہ ڪيو. (تاريخ پنجاب، ص260-259)

19. هيءُ اشارو ٽالپر اميرن ڏانهن آهي. مير پاڻ کي حضرت امير حمزي جو اولاد چوارائيندا هئا. ميرن جي انگريز دوستي سنڌ کي مصيبت ۾ وڌو. مير حڪمران هجڻ باوجود انگريزن جي هر چار ۾ آسانيءَ سان ڦاسندا ويا، جڏهن تہ هتان جو عوام سمجهي چڪو هو تہ انگريز سنڌ تي قبضو ضرور ڪندا. ميجر جنرل ڊبليو.ايف.بي نيپيئر پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي فتح“ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:

”افسوس! سنڌ هاڻ هلي ويئي، ڇاڪاڻ تہ انگريزن درياهہ ڏسي ورتو آهي، جيڪو فتوحات جي عظيم شاهراهہ آهي.“ اهو هو هڪ جملو، جيڪو ٺٽي جي قريب هڪ سيد جي وات مان نڪتو. (ص56)

مولائي شيدائي ’جنت السنڌ‘ ۾ لکي ٿو تہ :

”سنہ 1812ع ۾ هڪ انگريز مئڪن توش پنهنجي اخبار ۾ لکيو تہ ميرن کي سنڌ جي هڪڙي هندو واپاري درياني مل صاف لفظن ۾ چئي ڏنو هو تہ انگريز جيڪي دوستاڻہ معاهدا ڪري رهيا آهن سي ڪو نہ پاڙيندا ۽ هو پس و پيش سنڌ تي قبضو ڪندا (ص637).“

سچل سرمست هن شعر ذريعي سنڌ تي انگريزن جي قبضي کان سترنهن سال پهرئين چئي ويو هو تہ سنڌ ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسڻ واري آهي.

غلام محمد گرامي

# سنڌ

انگريزن جي دؤر ۾، دهليءَ ۽ بمبئيءَ ڪي ”هندستان جا دروازا“ سڏيو ويندو هو. انهن جا آثار دهليءَ ۾ ’India Gate‘ ۽ بمبئيءَ ۾ ’Gateway of India‘ انگريزن ٺهرايا هئا. پر جي اصل تاريخي ۽ قديم تهذيبي حقيقت ڪي ڏسجي ۽ پرکجي ته پوءِ ائين چوڻ ۾ ڪوبه مبالغو ناهي، ته برصغير هند و پاڪ جو جهوني ۾ جهونو دروازو اسان جو سنڌو ديس آهي. پر افسوس آهي ته ان قديم ۽ مستحڪم حقيقت متعلق اسان وٽ ڪوبه تاريخي يادگار ڪونه آهي. اصل ۾ ’سنڌ‘ هاڻوڪي محدود ۽ چند ضلعن تي مشتمل ”سنڌ“ نه هئي. اها تاريخ ۽ تهذيبي ”مها سنڌ“ تمام وسيع ۽ زرخيز صوبن ۽ علائقن تي مشتمل هڪ مستقل مملڪت هئي. جنهن ۾ هاڻوڪو سارو پنجاب، مشرقي پنجاب سوڌو، سارو ڪشمير، افغانستان جو سرحدي اڌ، بلوچستان، لسٻيلو ۽ مڪران، ڪڇ ۽ راجپوتانا جو سرحد وارو اڌ حصو، اچي ٿي ويا. محقق مڃين ٿا ته عيسوي سن کان اٽڪل 25 صديون اڳ، آريه لوڪ، وچ ايشيا جي ويران پوٺن مان لهي، گهٽي ياڳي، ايران جي رستي، ان عظيم سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿيا هئا، جنهن کي ”سپت سنڌو“ (ست نديون) به ڪوٺيندا هئا، جنهن مان هاڻوڪي پنجاب جون پنج نديون موجوده سنڌو درياءَ ۽ ستين سرسوتي ندي وهندا هئا. سرسوَتي اڳتي هلي سُڪي ويئي. تاريخ شاهد آهي ته انهن ندين جي ڪنارن تي ئي اوائلي زماني ۾ آرين اچي ڏيرا وڌا ۽ گهڻو پوءِ مڌيه ديس ۽ اوپر هندستان ڏانهن پکڙجي ويا. پادري هيرس جي سَنَد موجب، سنڌو درياءَ کي ”سنڌو“ نالو آرين کان به گهڻو اڳ، دراوڙن ڏنو هو، جن جي ٻوليءَ ۾ ”سند يا سندو“ جو مطلب هو درياءَ آرين ان کي ڦيرائي ”سنڌ“ يا ”سنڌو“ ڪيو. ان تصرف وچان جنهن سموري آباديءَ مان اهو درياءَ لنگهيو ٿي، تنهن تي نالو پئجي ويو ”سنڌ“.

اڳتي هلي ايراني واپارين ۽ سياحن، ”سنڌ“ جو اُچار ڪيو ”هند“، جنهن مان هاڻوڪو ”هندستان“ ٿيو آهي. ان کان پوءِ رومي سياحن ۽ جنگي ماڻهن ان کي به ڦيرائي ڪيو ”انڊ“. اهو ”انڊ“ اڳتي هلي ٿيو- ”انڊيا“. اهو نالو به ديسي آهي ۽ نه پرديسي، جيئن عام ماڻهو سمجهن ٿا. هندستان تي ”ڀارت“ جو نالو سرڪاري طرح سان، تقسيم کان پوءِ پيو. تنهنڪري ڏسبو ته سڄي ملڪ هندستان کي نالوئي اسان جي ”سنڌ“ کان نصيب ٿيو ۽ سنڌ جي قديم سڀيتا (Indus Civilization) اسان جي ”سنڌ“ مان ئي هندستان کي فيض پهچائيندي رهي آهي. اسلام جي دؤر ۾ ”سنڌ“ کي ”باب الاسلام“ چوڻ به ان تاريخي دعويٰ جي تصديق ڪري ٿو. تاريخ جو اهو عجيب الميه آهي جو ”هندستان“ پنهنجي اصل نسل ”سنڌ“ کي وساري اڄ ”ڀارت“ پيو سڏائي ۽ پاڻ کي سنڌ جي قديم تهذيبي ورثي ۽ فيض کان جدا تصور پيو ڪري. ”مها سنڌ“ اڄ سُڪڙجي سوڙهي ٿي وڃي يارنهن ضلعا رهي آهي. جيڪب آباد، خيرپور، نوابشاهه، سانگهڙ، ٿرپارڪر، حيدرآباد، ٺٽو، ڪراچي، دادو، لاڙڪاڻو ۽ سکر! وري به غنيمت آهي جو ”سنڌ“ جو مقدس نالو موجود ته آهي! ورنه سڄي ۽ سچي ”مها سنڌ“ ته ڪا ٻي چيز هئي!

**ثقافت:**

”ثقافت ۽ هڪ نهايت وسيع معنيٰ وارو لفظ آهي، جنهن ۾ انساني زندگيءَ جي جملي ظاهري توڙي باطني آراستگيءَ ۽ اصلاح جي مفهوم جي گنجائش موجود آهي. مختصر لفظن ۾ ”ثقافت“ مان مراد آهي انسان جي انفرادي توڙي اجتماعي، ذهني توڙي جسماني عمل جو اهو جملي ثمر جيڪو مجموعي طرح سندس تمام زندگيءَ کي زياده آسان، بهتر ۽ پاڪيزه بنائي ٿو. قومي ثقافت جي دولت کي انهيءَ معنيٰ ۾ ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) قوم جي پنهنجي ذاتي عملن جي پيداوار، (2) اهي عمل جيڪي هوءَ ٻين قومن کان سِکي ٿي، جن کي هوءَ پنهنجي طبيعت ۽ ضرورتن مطابق پاڻ لاءِ پسند ڪري، پنهنجو بنائي ڇڏي ٿي.

”اهو ظاهر آهي تہ هر قسم جي ثقافت جون ٻہ حيثيتون لازمي آهن: (1) پهرين ثقافت جي ”معنوي حيثيت“، يعني ان جو بنيادي مواد يا مغز، جنهن کي بين الاقوامي يا انساني حيثيت چئي سگهجي ٿو: (2) ٻي ان جي آئيني يا ”تفصيلي حيثيت“ يعني ان جي هيئت يا ظاهري صورت جنهن ۾ سندس معنوي حيثيت جو ظهرو ٿئي ٿو. ثقافت جي صرف هيءَ پوئين حيثيت ئي قومي ثقافت جو درجو ۽ امتياز بخشي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ثقافت جي هيءَ امتيازي قومي حيثيت نہ صرف ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ قائم رهي ٿي. بلڪ قوم جي زندگيءَ لاءِ مناسب ۽ موزون پڻ آهي. تنهنڪري ان جي اهميت مسلم آهي، ۽ ان جي تحفظ کي ”قوم“ پنهنجو فرض سمجهي ٿي.

”شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو شعر يا شيڪسپيئر جو شعر، معنوي لحاظ سان بين الاقوامي حيثيت رکن ٿا، مگر ”شاهہ جو رسالو“ توڙي ”ڪليات شيڪسپيئر“ ٻنهي قومن جي پنهنجي پنهنجي قومي ثقافت جون غيرفاني نعمتون آهن، جن کي ڇڏڻ لاءِ ”سنڌي“ توڙي، ”انگريز“ ڪنهن بہ قيمت تي تيار نہ ٿيندا.“

”قوم جي ثقافتي دولت کي هڪ معنيٰ ۾ هيٺين ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(1)ثقافت جا مادي خزانا، جيڪي عالم مڪان جي دائري ۾ هئڻ سبب ظاهر ظهور ڏسي وائي سگهجن ٿا، ۽ انسان جي جسماني زندگيءَ جي بقا، آسائش ۽ آرائش لاءِ ضروري آهن، جهڙوڪ: هر قسم جا اوزار، ڪاڏا، ٻيڙيون، جڳهيون، لباس، فرنيچر، مالداري، زراعت ۽ صنعت جا طريقا، وغيره وغيره.

(2)ثقافت جا روحاني خزانا، جن جو صرف ذهني آراستگيءَ ۽ اصلاح سان واسطو آهي، جهڙوڪ قديم روايتون، رسمون ۽ رواج، قصا ۽ ڪهاڻيون، علم ۽ ادب، رقص، موسيقي، مصوري، وغيره. قومون پنهنجي ثقافت جي مادي خزانن جي بچاءَ لاءِ هڪ ٻئي سان وڙهنديون آهن تہ جيئن اهي سندن تصرف مان نڪري ٻين جي قبضي ۾ نہ اچي وڃن. ان جي برعڪس قومون پنهنجي ثقافت جا روحاني خزانا پنهنجي رضا خوشيءَ سان، هٿ وٺي، وڏي فخر سان هڪ ٻئي کي آڇينديون وتنديون آهن، ڇو تہ پنهنجي زندگيءَ جا مادي وسيلا هڪ وقت صرف هڪ ئي قوم استعمال ڪري سگهي ٿي. ليڪن ثقافت جي روحاني خزانن کي، پنهنجي پنهنجي قومي رنگ ۾ رڱي، هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ قومون پڻ استعمال ڪري سگهن ٿيون.، البت جيڪڏهن هڪ قوم کي سندس پنهنجي ثقافت. جي روحاني نعمتن کان زوريءَ محروم ڪرڻ ۽ ان جي عيوض مٿس ڪنهن ڌارين ثقافت جي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي- انهيءَ لاءِ تہ اها قوم پنهنجو مستقل امتيازي شان وساري، ڪنهن ٻيءَ جابر ۽ غاصب قوم جي ثقافتي وجود ۾ مدغم ٿي وڃي- تہ پوءِ انهن ٻن قومن جي وچ ۾ تضاد لازمي آهي.

[تماهي ”مهراڻ“، 3- 1970ع تان کنيل]

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهه گذارشون

1. "مهراڻ" جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سنڌن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نه سمجهڻ کپي.
2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اِها خاطري ڄاڻائڻ لازمي آهي ته اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن به رسالي يا اخبار کي نه موڪليل آهن.
3. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڄاڻائجي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.
4. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪونه ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانه ڪئي ويندي.
5. مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي ته هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ بہ کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشه قائم رکن.
6. مواد سمجهه ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نه وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي ته اُهو بہ لکجي. (نئون نڪور فوٽو موڪلڻ نه وسارجي).
7. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻَڌل نه رهندو.
8. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهه جو خيال رکيو ويندو ته جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.
9. نظرثاني کان سواءِ ۽ تڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو ته ٻئي طرف درستين لاءِ ٻنهه گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي ته مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.
10. اهو ضروري ڪونهي ته ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. ڇونتہ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نه ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻَڌل نه رهندو.

■


TASSCO
The Shining Star Of Private Seed Sector In Pakistan
The First Research Based Seed Company In Pakistan
One Of The Biggest Seed Company In Pakistan
The Name Of Trust In Pakistan
Tassco seed farm
assco Seed Focused on a Common Goal of Reliable,
Productive, Highqualiety, High Yielding Seeds of
otton, Wheat, Cauliflower, Barassica And Rice Crops.
BRASSICA
TSB - 202
TASSCO SEED CORPORATION
Deluxe
TASSCO
TASSCO SEED CORPORATION
Classic
COTTON SEED
TASSCO SEED CORPORATION
Nett: 50 Kg.
WHEAT SEED
KIRAN-95 - کرن
TASSCO SEED CORPORATION
®TASSCO SEED CORPORATION
PH: 022-3890422 MOBILE: 0300-3086370
E-mail: tasscoseeds@yahoo.com web: www.tasscoseeds.itgo.com